# كوالالمپور كجھ كوھ



## الطاف شيخ



سيني سنڌي دوستن کي سلام .........

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سسلو شروع ڪيو آهي ان سلسلي جو هي **يارهون** ڪتاب **محترم الطاف شيخ** جو سفرنامو **"ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه"** دوستن سان ونڊ ڪجي ٿو.

مان ٿورائتو آهيان پياري دوست ۽ سنڌ سلامت جي سرگرم ساٿي عبدالحفيظ لغاريءَ جو جنهن رات ڏينهن جي محنت ڪري هن اهم ۽ ڇاڻ واري ڪتاب کي اڪيلي سر ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت جي سٿ اڳيان پيش ڪيو. خاص ٿورا سائين الطاف شيخ صاحب جا پاڻ نہ فقط هن ڪتاب جي ڊجيٽل ايڊيشن آڻڻ جي اجازت ڏنائون پر ان سان گڏ نئين سر پيش لفظ لکي موڪليائون.

اوهان سيني دوستن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين ، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.



سنڌ سلامت پاران مئي 2011 ۾ محترم الطاف شيخ کي سچل ڳوٺ ۾ ڪرايل هڪ تقريب ۾ ميتا اوارڊ ڏنو ويو

**محمد سليمان وساڻ**

**مينيجنگ ايڊيٽر**

**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

salamatsindh@gmail.com

www.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com




## عبدالحفيظ لغاري (هن ڪتاب جو ڪمپوزر) الطاف شيخ سان گڏ (سچل ڳوٺ)

سنڌسلامت ڊاٽ ڪام ۾ آئي مون کي سال ڏيڍ مس ٿيو آهي پر منهنجي تمام ٿوري بلڪ نہ هجڻ برابر ڪم تي بہ انتظاميا جيترو همٿايو آهي انهي کي بيان ڪرڻ منهنجي وس ناهي. ڪجھ وقت پهرين منهنجي پياري دوست، ڀاءُ ۽ محسن محمد سليمان وساڻ (مئنيجنگ ايڊيٽر سنڌسلامت) اها خواهش ڏيکاري تہ سنڌسلامت اي_بوڪ سيريز آڻجي جنهن ۾ اهي ناياب ڪتاب ڪمپوز ڪري انٽرنيٽ تي آڻجن جيڪي هن وقت تائين ناهن اچي سگهيا. مون انهي وقت ئي واعدو ڪيو تہ گهٽ ۾ گهٽ هِڪ ڪتاب ڪمپوز ڪرڻ جو ذمو آئون پنهنجي سِر ڪٽان ٿو. انهي سلسلي ۾ هن ڪتاب جي چونڊ نہ رڳو انهي ڪري ڪيم تہ الطاف شيخ صاحب پاران سندس ڪتاب ڪنهن بہ صورت ۾ ڪٽي آڻڻ تي پابندي ناهي پر انهي ڪري بہ هي ڪتاب انتخاب ٻڌيو جو واقعي هي ڪتاب ناياب آهي. سيپٽمبر 2011 ۾ هڪ سمپوزيم ۾ حصو وٺڻ ڪوالالمپور وڃڻ ٿيو. مون هي ڪتاب انهي سفر کان پهرين پڙهڻ پئي چاهيو. پر ڪاٺياواڙ اسٽور اردو بازار کان وٺي گاڏي کاتي جا ريڙها ڦلهوريم پر نہ مليو. اتفاق سان گذريل مهيني پنهنجي ڳوٺ جي هڪ لائبريري ۾ مليو. ۽ اسڪين ڪرائي ورتم. 27 مارچ تي ڪمپوزنگ شروع ڪري 27 اپريل تي پوري ڪيم. توڙي جو سنڌي ڪمپوزنگ اسپيڊ ايتري سٺي ناهي پر هي ڪتاب ايترو دلچسپ انداز ۾ لکيل آهي جو اهو ڪم وقت سِر نبري ويو. منهنجي سيني دوستن کي گذارش آهي تہ هن ڪم ۾ پنهنجو حصو وٺدينڌي گهٽ ۾ گهٽ هِڪ ڪتاب ڪمپوز ڪري انٽرنيٽ تي آڻيو.

سدائين گڏ – دعائن جو طالب

**عبدالحفيظ لغاري (سچل ڳوٺ، ڪراچي)**

## ليکڪ پاران:

منهنجي لاءِ اها بيحد خوشيءَ جي ڳالھ آهي تہ سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام وارا منهنجو ملائيشيا جو هڪ اوائلي سفرنامو ”ڪوالالمپور ڪجھ ڪوھ“ انٽرنيٽ تي آڻي رهيا آهن. نيٽ تي آڻ سان ڪيترائي پڙهندڙ بنا ڪنهن خرچ جي پڙهي سگهندا. منهنجي پبلشرس کي جيتوڻيڪ اها ڳالھ پسند ناهي جو هنن جي خيال مطابق هنن جي ڇپايل ڪتابن جو وڪرو گهٽجيو وڃي پر آئون اهو ئي چاهيندس تہ منهنجيون لکڻيون، منهنجا خيال، منهنجي مهيا ڪيل ڄاڻ ۽ پنهنجي تجربي جي آگاهي گهڻن کان گهڻن تائين پهچي. خاص ڪري هي سفرنامو ان ڪري اهم آهي جو اڄڪلھ اسانجي ملڪ جا جيترا ماڻهو پڙهائي، نوڪري، پورهئي، بزنيس ۽ گهمڻ لاءِ ملائيشيا وڃن ٿا اوترا يورپ بہ نہ ٿا وڃن. اڄ ڪلھ منهنجا ملائيشيا بابت ٻہ تازا سفرناما ”هليو آ هليو آ، ملائيشيا“ ۽ ”ملاڪا کان ڪنتنگ ۽ لنگڪوي“ ڇپائي هيٺ آهن پر اڄ کان ويهارو سال اڳ جي هن سفرنامي جي پنهنجي حيثيت آهي ۽ پڙهندڙ لاءِ هي ڪتاب سفرنامي سان گڏ تاريخ بہ ثابت ٿيندو.

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام هڪ مشهور ويب سائيٽ آهي جنهن جو نوجوان ايڊيٽر محمد سليمان وساڻ پنهنجو ٽائيم ۽ پئسو خرچ ڪري هن سائيٽ کي ڪافي عرصي کان هلائيندو اچي ۽ پڙهندڙن جي خدمت ڪرڻ سان گڏ اسان ليکڪن جو تعارف بہ ڪرائيندو اچي. پاڻ ويبسائيٽ هلائڻ جو بہ ايڪسپرٽ آهي ۽ سالن کان اسان کي هر سال خوبصورت جنم ڏينهن جا ڪارڊ اي ميل ڪندو اچي. آئون ساڻس گڏ عبدالحفيظ لغاري جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن بنا معاوضي جي محنت ڪري هي سڄو ڪتاب ڪمپوز ڪيو آهي هي ڪتاب وڏي عرصي کان مارڪيٽ ۾ موجود ناهي ۽ ملائيشيا ويندڙ ڪيترائي ماڻهو مون کان ان ڪتاب بابت پڇندا رهيا ٿي جن مان عبدالحفيظ پاڻ بہ هڪ آهي جنهن کي گذريل سال هڪ سمپوزيم ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڪوالالمپور وڃڻو پيو. پر هن کي هي ڪتاب نہ ملي سگهيو هينئر هن کي هي ڪتاب ”ڪوالالمپور ڪجھ ڪوھ“ هڪ لائبريري مان ملي ويو آهي جنهن جي اهميت سمجهي هن ان کي سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام پاران سيني سنڌين لاءِ ڪمپوز ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ تہ جيڪڏهن هو همت ڪري سگهي تہ ان جو هڪ ٻيو جوڙي وال ڪتاب ”مڪلي کان ملاڪا“ بہ ڪمپوز ڪندو تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو ۽ ملائيشيا وڃڻ لاءِ فائيديمند ثابت ٿيندو. هڪ دفعو وري سليمان وساڻ کي جس ڏيندس تہ هن ”سنڌ سلامت اي بوڪ سيريز“ جو هي سلسلو شروع سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪئي آهي.

دعاگو

**الطاف شيخ**

ملاڪا_ملائيشيا



www.sindhsalamat.com

انتساب

پياري ڀيڻ

سلطانھ صديقي نالي



آپا سلطانھ جون ڪجھ Plus Points جن جو قدر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو: هو بيحد محنتي آهي. هر ڳالھ صاف ۽ ڪري چوي ٿي، چاهي ڪنهن کي پسند اچي يا نھ_منافق ناهي. هوءَ Self Made ماڻهو آهي. هن جي سوچ انفرادي ناهي. هوءَ خود غرض ناهي ۽ هر وقت ڀين جو خيال بہ رکي ٿي. هن نھ رڳو قول سان پر فعل سان پڻ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ انسان جي قسمت ڏاهڻ ۾ هن جو هٿ پڻ رهي ٿو ۽ الله بہ انهن جي مدد ڪري ٿو جيڪي پاڻ بہ سچي دل سان ڪوشش ڪندا رهن ٿا. پاڻ پنهنجن ڏکن کان وڌيڪ ڀين جا ڏک پنهنجا سمجهي ضرورتمندن جي مدد ڪري ٿي. هن وقت الله جي فضل سان هوءَ پئسي ڏوڪڙ عزت، مان، درجي ۽ نوڪريءَ ۾ ڪيترن کان مٿاهين آهي پر سندس وهنوار اڄ بہ غريب توڙي امير سان اهوئي ساڳيو آهي جيڪو پهرين هو. سلطانھ پنهنجي والدين ۽ ڀائر ڀينرن وانگر بيحد Religious آهي ۽ سندس دل ۾ هر وقت خدا جو خوف رهي ٿو. ٺيڙي، مغروري، وڏ ماڻهپي جهڙين شين کان هر وقت پري رهي آهي ۽ بيحد Humble قسم جي عورت آهي. Face Value ۾ يقين رکي ٿي پر ساڳي وقت ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي پرک پڻ اٿس. نيڪ ۽ محنتي ماڻهن جو قدر ڪري ٿي.

آپا سلطانھ سان منهنجي ڏيٺ ويٺ تڏهن کان آهي جڏهن کان هن جي شادي بہ نہ ٿي هئي ۽ چاچي امداد قاضيءَ جي ڌيءَ يا اسان کان سال بہ ننڍي دوست جهانگير صديقي جي ڀيڻ سڏبي هئي. هو حيدرآباد جي گاڏي کاتي ۾ رهندا هئا. منهنجي ناني جو گهر بہ اتيئي هو. هندو عام فئملين بعد حيدرآباد جي گاڏي کاتي جون ڪجھ سنڌي مسلمان فئمليون پڻ بيحد



www.sindhsalamat.com

Disciplined سمجهيون ويندڀون هيون جن جي ٻارن اڳتي هلي تعليم توڙي واپار وڙي ۾ نالو پئدا ڪيو. اسان جي نانيءَ جو ڀاءُ مرزا عبدالرحمان (جسٽس حامد علي مرزا جو والد صاحب)، ٽنڊو جام جو چاچو ماسٽر محمد يعقوب ميمڻ (سراج ميمڻ، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ منهنجي ڪلاس ميٽ صلاح الدين جن جو والد صاحب)، چاچو محمد صالح ميمڻ (خالد، طارق، ڊاڪٽر فهميده_مسز اقبال جماڻي جن جو والد صاحب)، علي حسن قادري صاحب، ان ڪان علاوه ڊاڪٽر قمر گانگا ڪالاجسٽ، سنڌ سيڪريٽريٽ ماهتاب (چنه)، ٽي وي جو فنڪار فريد نواز بلوچ وغيره وغيره جهڙن مشهور شخصيتن جا والدين پڻ اتي ئي رهيا ٿي. آپا سلطانه وارن جي فئملي پڻ انهن مان هڪ هئي. اهي سڀ نه گهڻي ملڪيت وارا هئا نه ڪين مهل بنگلا هئا ۽ سڀ نهايت سادگيءَ سان رهيا ٿي. منجهن ڪنهن به قسم جو ڏيک يا شوبازي نه هو. ۽ نه هنن ڪنهن جي دل آزاري ڪئي ٿي. هنن لاءِ اولاد جي تعليم ۽ تربيت ڏي ڌيان سڀ ۾ اهم هو.

پاڙي جي ٻين مسلمان عورتن وانگر آپا سلطانه وٽ پڻ ڪي يونيورسٽي جون ڊگريون ڪٿي نه هيون، پر علم، اخلاق ۽ مذهبي چاڻ ۾ هوءَ پڙ هئي. هن پنهنجي اولاد ۾ هر سٺي ڳالهه ڏسڻ چاهي ٿي. هن، هنن جي اٿڻي وهڻي، ڳالهائڻ ٻولهائڻ تي نظر رکي ٿي. هنن ڪي پابندي سان، روزانو اسڪول مان موٽڻ ۽ ماني کائڻ بعد هوءَ پنهنجين نظرن هيٺ وهاري ڪين پڙهڻ لاءِ چوندي هئي. مُنو(ايئر ڪموڊور منور) ته تمام ننڍو هو. پهرين يا ٻئي ۾ پڙهندو هو، راجا (جهانگير)، ڪِڪي (ڊاڪٽر خورشيد) توڙي سلطانه ۽ شمس ٽيبل تي جي چوڌاري گڏ ٿي ويهي پڙهندا هئا.

”ان مان اهو فائدو ٿيو“ سلطانه اڄ به مڃي ٿي، ”ته ڪڏهن هوم ورڪ نه هوندو هو ته به وقت گذارڻ لاءِ ڪجھ نه ڪجھ پڙهڻو پوندو هو. ساڳي وقت ڪا ڳالهه سمجھ ۾ نه ايندي هئي ته اتي موجود وڏي ڀاءُ يا ڀيڻ کان پڇي وٺبي هئي.

سلطانه جي وڏي ڀاءُ مظهر صديقي ائين محنتون ڪري، ملڪ جا اعلي امتحان پاس ڪري صوبائي ۽ فيڊرل سيڪريٽري ٿيو، وائيس چانسيلر ٿيو ۽ هينئر پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين آهي. اهڙي طرح ٻيو ڀاءُ ڊاڪٽر قمر صديقي نه فقط ڊاڪٽر ٿيو پر شروع کان محنتي، هوشيار ۽ نيڪ سمجهيو ويو ٿو. ماڻهو چون ٿا ته قدرت هن جي هٿن ۾ شفا رکي آهي. منهنجي خيال ۾ قدرت سندس هٿن ۾ تڏهن ئي شفا ڏني آهي جڏهن هو ايماندار ۽ محنتي آهي. غريبن جو هڏ ڏوکي آهي. هو غلط دوائون ۽ سُيون هڻي پئسا ڦري شراب ڪواب ۽ ناچ گانن پنيان نٿو وڃائي. پئسي جي لالچ نه اٿس ۽ نيت صاف اٿس. ها ڊاڪٽر قمر توڙي آپا سلطانه جي ٻين ڀائرن ڀينرن لاءِ اهو چيو وڃي ٿو ته هو سخت طبيعت يا شوخ مزاج جا آهن جيڪا سندن وڏ ماڻهپي يا ٽيڙي ناهي پر هو، جيئن مٿي لکي آيو آهيان، ننڍپڻ کان هڪ Discipline زندگي ۾ رهيا آهن ان ڪري پاڻ به ان ئي قسم جو Discipline چاهين ٿا. چيڳرائي يا ٽرڙپائي کي پسند نٿا ڪن. هنن وٽ هر ڳالهه سٺائي ۽ خرابي تي پرکي وڃي ٿي. سچ سچ آهي ڪوڙ ڪوڙ آهي. ادا مظهر صديقي کان ٿي سگهي ٿو ڪجھ پنهنجن کي شڪايت به هجي ته هن انهن جا ڪم نه ڪياهجن. هن اهي ضرور نه ڪيا هوندا جو اهي انصاف موجب ڪرڻ جهڙا نه هوندا. ۽ جي ڪرڻ جهڙا هوندا_سچ تي مبني ته پوءِ هن ڌارين جا به ڪيا هوندا. سٺي ڳالهه کي هو سٺوئي چون ٿا پوءِ اها سٺي ڳالهه ڪٿي ڪنهن به چئي هجي. هندو مسلمان، سنڌي مهاجر پنجابي يا شيعو سني پنهنجي جاءِ تي پر جيڪو نيڪ ۽ سچار آهي، هنن ان جي گڻن کي ضرورو مڃيو ۽ ساراهيو هوندو. هو هميشه سٺيون ڳالهيون پنهنجو پاڻ ۾ ۽ پنهنجن ۾ پئدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هنن ڪڏهن به انسان ذات يا زبانن سان نفرت نه ڪئي آهي. ائين جي هجي ها ته سندن هڪ ڀيڻ آپا شاهجهان ڪڏهن به غير سنڌين مان شادي نه ڪري ها. ۽ چا اها حقيقت نه آهي ته سندس مڙس اقبال جعفر ڪيترن ئي ضرورتمند سنڌين جي مدد ڪئي هوندي جيڪا ڪنهن پنهنجي سنڌي وڏيري، پير، ايم اين اي به پنهنجي علائقي جي غريب عوام سان نه ڪئي هوندي.



www.sindhsalamat.com



سلطانہ ٽي وي تي هڪ وڏي عهدي تي پهچڻ کان علاوه ڪيترن ئي فلاحي ادرن ۾ پڻ ڪم ڪري ٿي. پاڻ سنڌ گرئجوئيٽ (SGA) جي عورتن جي شاخ جي وائيس پرزيڊينٽ آهي. سگا جي عورتن جي برانچ هن سال ئن ۾ جيڪڏهن گهٽو نہ تہ مردن جي مقابلي ۾ ڪم ضرور ڪيو آهي. ان تان مون کي ياد ٿو اچي تہ جڏهن سگا ٺاهي وئي هئي تہ شروع ۾ ڪراچي جهڙي شهر ۾ بہ عورتن جو فقط نالو هو. ميٽنگ يا فنڪشن اٽينڊ ڪرڻ وارا هوندا فقط مرد هئا. ڳالهہ هرڪو ڪندو هو پر ڪو بہ ٻارن ٻچن کي وٺي نہ ايندو هو. پوءِ ماحول ڪجهہ ڪجهہ اوطاق وارو ٿيڻ لڳو هو. ڪجهہ ڪم جون ڳالهيون ٿينديون هيون تہ باقي چرچا پوڳ_جيڪي چرچا گهٽ گارگند، گلا ۽ Loose Talk وڌيڪ هئا. ظاهر آهي تہ اهڙين محفلن ۾ (يعني تن ڏينهن ۾، ستر جي شروع وارن سالن ۾) ڪو بہ فئملي سان اچڻ سنو نہ سمجهندو هو ساڳي وقت ڪيترا دوست هئا_شمشير حيدري، ڊاڪٽر سليمان، نذير چنا، بخش علي لاکو، محمد بخش شاهاڻي، خان محمد پنهور، حضوربخش آزاد جتوئي جهڙا جيڪي هميشہ ”مليل گڏجاڻين“ جي وڪالت ڪندا هئا پر جڏهن بہ دعوت ٿيندي هئي تہ هر ڪو اڪيلي سر ايندو هو.

ان قسم جي هڪ دعوت، 1976ع جي لڳ ڀڳ، ڪراچي جي هوٽل انٽر ڪانٽيننٽل (هاٽوڪي پرل) ۾ ٿي. ان ۾ پنجاهہ سٺ کن سگا جي ميمبر هئا. عورت ڪابہ نہ هئي. دستور موجب هڪ ملاڪرو متل هو.اڄ ڪو مڃي يا نہ پر مون کي چٽي طرح ياد آهي تہ ميٽنگ شروع ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر سليمان سيخ روسٽروم کي رکي رکي بيدرديءَ سان ڪُٽي رهيو هو تہ جيئن هال ۾ ماٺ ٿئي. ايتري ۾ ادا مظهر صديقي حال ۾ داخل ٿيو. ساٿس گڏ سندس زال _ ياچائي اختر _ ۽ ڀيڻ سلطانہ هئي. هال ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. ميٽنگ شروع ٿي. پڪ اٿم تہ مون وانگر ڪيترا احساس جرم محسوس ڪري رهيا هوندا تہ ادا مظهرکي شاباس هجي جيڪو فئملي سان آيو آهي ۽ دعوت هوندي بہ اسان مان ڪوبہ فئملي وٺي نہ آيو. منهنجي پرسان، ان وقت، لاڙڪاڻي جو اختر عباسي (پي پي جي وزير حاجي منور عباسي جو ڀاءُ) ويٺل هو تنهن مون کي آهستي چيو: اسين سنڌي جيسين سچي گهر جي سوچ ۾ تبديلي نہ آڻينداسين تيسين اسان جو اڳتي وڌڻ ڏکيو آهي. اسان مان هر سنڌي کي رڳو پنهنجو پاڻ کي وڏيرو نہ سمجهڻ کپي. عورتن کي بہ اهميت ڏيڻ کپي جيڪي اڳتي هلي اسان کان بہ وڌيڪ بهتر رول ڪري سگهن ٿيون، پيو نہ تہ پنهنجن ٻارن جي ئي بهتر رهنمائي ڪري سگهن ٿيون. اڄ ادا مظهر وڏي همت ڪئي آهي“

پر ان ڏينهن ادا مظهر کان وڌيڪ همت آپا سلطانہ ڪئي جنهن ميٽنگ ختم ٿيڻ ۽ ڇانهن پيئڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ وقت اڳيان وڏي اچي سيني کي شرمايو تہ ” هي گڏجاڻي جڏهن فئملي گڏجاڻي هئي تہ پوءِ منهنجا ڀائر پنهنجين زالن ۽ ڀينرن کي ڇو نہ وٺي آيا.......؟“ وغيره. سندس تقرير جادوئي اثر ڪيو. ان ئي وقت پر ۾ ويٺل ڊاڪٽر سليمان ۽ هڪ ٻن ٻين مائيڪ ذريعي اعلان ڪيو تہ هو وعدو ٿا ڪن تہ آئندي سلطانہ صديقي جي ڳالهہ تي عمل ڪندا.

سلطانہ جي مٿين مختصر تقرير، نصيحت يا ٽوڪ بہ ثابت ٿي ۽ اسان جي سوچن ۾ انقلاب آندو جو ٻي ميٽنگ کان مون ڏٺو تہ سگا جي ميٽنگن ۾ عوتن جو تعداد وڌندو رهيو. اسان جا ويندي اهي ميمبر جن جون زالون ڏورانهن ڳوٺن کان ڪراچي جهڙي شهر ۾ پهريون دفعو آيون هيون انهن بہ اچي شرڪت ڪئي. ۽ اهو سلسلو وڌندو رهيو. اڄ ويهارو سالن بعد اهو معلوم ڪري خوشي ٿي ٿئي تہ انهن عورتن مان ڪيترين سگا لاءِ_يعني پنهنجي ضرورتمند ڀيڻن لاءِ، زندگي جي ڪيترن ئي شعبن ۾ خدمتون ڏنيون آهن. تعليم جي ميدان ۾، صحت جي ميدان ۾ ۽ ٻين سماجي ڪمن ۾. اڄ اسان جي پيڙهي_يعني سندن اولاد پڻ نيڪ ڪمن ۽ سوچن ۾ اڳيان اڳيان آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين، سلطانہ وقاصي، ماهتاب راشدي، زبيده ميتلو، شيرين قريشي، شبنم موتي، عاليہ سومرو، حميده مارئي وغيره شروع جي ۽ بعد جي ميمبرن مان ڪجهہ مثالي سخصيتون آهن. سو سگا جي پراڻن ماڻهن جي اڄ بہ ملاقات ٿيندي آهي تہ سلطانہ صديقيءَ کي سٺن لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو آهي.



www.sindhsalamat.com

سلطانہ صديقي سگا ڪان علاوه ڪراچي جي آرٽس ڪائونسل جي بہ نہ فقط ميمبر آهي پر سالن کان ان جي ميٽنگ ڪاميٽي تي آهي ۽ ملڪ جي اديبن، شاعرن، آرٽسٽن ۽ فنڪارن جي همت افزائي ۾ سندس هٿ رهيو آهي. پاڻ پهرين سنڌي عورت آهي جيڪا بزنيس اينڊ پروفيشنل وومين ائسوسيئيشن جي ميمبر تي جيڪا عورتن جي هڪ بين الاقوامي ائسوسيئيشن آهي. سندس ميمبر ٿيڻ کان اڳ هن اداري جي سنڌ ۾ ڪابہ شاخ نہ هئي. هاڻ سڄي سنڌ ۾ ان جون برانچون آهن جن کي قائم ڪرڻ ۾ سلطانہ لڳاتار جاکوڙ وني ڪاميابي حاصل ڪئي.

سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪرڻ بعد سلطانہ پيڻ جي شادي ٿي. ڪجهہ عرصي بعد 1973ع ۾ اسان سندس علحدگي جي بڌڻ نيوز پڙي. آئون اها وڪالت ڪرڻ نٿو چاهيان تہ آيا آپا سلطانہ صحيح هئي يا غلط. هي معاملا ۽ اڻ ٻڌيون اسان جي معاشري جو هڪ حصو آهن. اها ٽرئجڊي ڪنهن جي بہ پيڻ يا ڌي سان ٿي سگهي ٿي. ان ۾ ڪنهن کي خدائي فوجدار ٿي پنهنجا چڙواڳ رايا ۽ فيصلا نہ ٿافڻ کپن. سلطانہ توڙي هن جي مائٽن ان قسم جي صدمي واري ڳالهہ کي برداشت ڪري ان کي وساري ڇڏڻ ئي چاهيو ۽ هن کي ذهني طرح مشغول رکڻ لاءِ ٽي وي وغيره تي ڪم ڪرڻ لاءِ همٿايو. آئون سلطانہ کي اهم، دلير، قابل تعريف ان ڪري ٿو چوان تہ هن سان اها بدقسمتي ٿي پر منهنجي نظرن ۾ هوءَ ان ڪري هڪ اهم شخصيت آهي جو هن پنهنجي ان بدقسمتي لاءِ ڪنهن کي بہ ڏوهاري ٺهرائي دنيا جهان سان لڳ لڳاپا نہ لاٿا. هن جنهن همت سان پنهنجو پاڻ سنڀاليو، ماڻهن ۽ معاشري کي منهن ڏنو ۽ Single Parent جي حيثيت سان ٻارن جي تعليم ۽ تربيت ڏي ڌيان ڏئي ڪين وڌو ڪيو اها اسانجي معاشري جي عورت لاءِ هڪ مثالي ڳالهہ آهي. علحدگي وقت سندس ننڍو پٽ دريد ٻن سالن کن جو مس هو ۽ اڄان هاڻ اسڪول وڃن شروع ڪيو هئائين. اڄ سندس ٽئي ٻار تعليم پوري ڪري وڏا ٿي ويا اهن. وڏي پٽ شنيد قريشي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي مان انڊسٽريل انجنيئرنگ ۾ B.E ڪئي ۽ سڄي يونيورسٽي ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ آيو ۽ هينئر پنهنجو بزنيس ڪري ٿو. (پاڻ العباس شگر مل جو مئنيجنگ ڊئريڪٽر آهي). ٻيو پٽ جنيد قريشي گذريل ڏهاڪو سالن کان آمريڪا (USA) ۾ آهي جتان ڪمپيوٽر انجنيئرنگ (Hard Ware) ۾ تعليم پوري ڪري هاڻ پنهنجو ڪاروبار هلائي ٿو. ۽ ننڍي دريد هاڻ MBA ڪئي آهي ۽ هو بہ پرائيويٽ بزنيس ڪري ٿو. شنيد جي شادي ڪجهہ سال اڳ اسان جي اديب دوست اشفاق قاضي جي ڌي ۽ ابرار ۽ امتيازقاضيءَ ڀائٽي مومل سان ٿي ۽ ڪيس ٽي ٻار آهن: شاهہ مير، شاهزيب ۽ ڌيءَ شانزيح. جنيد ۽ دريد جي شادي هن سال ٿيڻ واري آهي.

سلطانا صديقي کي ڪيترائي قومي ۽ بين الاقوامي قسم جا ايوارڊ (انعام) ملي چڪا آهن. ڪجهہ، جيڪي هن وقت منهنجي ڌيان ۾ آهن:

_پي ٽي وي ميوزڪ ايوارڊ.

_گرئجوئيٽ ايوارڊ.

_پي ٽي وي سلور جوبلي ايوارڊ.

_سنڌ گرئجوئيٽ ائسوسيئيشن گولڊ ميڊل.

_جرمن ٽي وي اسپيشل ايوارڊ وغيره.

الطاف شيخ 2_مئي 1998ع



www.sindhsalamat.com

## ملئي زبان جي ڪجھ لفظن جي سمجهاڻي

هن ڪتاب ۾ ڪيترائي ملئي زبان جا لفظ اچي ويا آهن جن مان ڪيترن جي معني يا سمجهاڻي اتي جو اتي لکي اٿم. بهرحال پڙهندڙن جي دلچسپي ۽ سهولت لاءِ هتي انهن سيني لفظن ۽ ملائيشيا سان وسطو رکندڙ ڪجھ شين/ڳالهين جي معني/مطلب هتي ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو:

رنگٽ: ملائيشيا جي رپئي کي ڊالر به سڏجي ٿو ته رنگٽ (Ringgit) به. هڪ رنگٽ ۾ هڪ سئو سينٽ ٿين جن کي ملئي زبان ۾ ۾ سين (Sen) سڏجي. ڪو زمانو هو جو ملائيشيا، برونائي ۽ سنگاپور جو ڊالر هڪ ٻئي جي برابر هو پرهاڻ برونائي ۽ سنگاپور جو ڊالر مهنگو ٿيندو ٿو وڃي. اها ٻي ڳالھ آهي ته ملائيشيا جو جو رنگٽ اسان جي رپئي کان مهنگو ٿي ويو آهي. 1968ع تائين ملائيشيا جو ڊالرُ اسان جو روپيو برابر هو. ان بعد اهو ٻه رپيا ٿيو. 1978ع ڌاري چار رپيا ٿيو. 1983ع ۾ جڏنهن آئون نوڪري لاءِ پهتس ته اهو پنجين روپئي ڪن هو ۽ 1990ع ۾ ملائيشيا ڇڏڻ وقت هنن جو ڊالر اسان جي نون رپين برابر هو جيڪو وڌندو وڌندو 1996ع تائين ارڙهن رپيا ڪن وڃي بيٺو آهي.

بهاسا (Bahasa): معني ”زبان“ جيڪو ڀاسا لفظ مان شايد نڪتو آهي. بهاسا ملايو يا بهاسا ملائيشيا معني ملائيشيا جي زبان- جنهن کي پاڻ ملئي سڏيون ٿا.

جالان: ملائيشيا پهچي توهان کي ”جالان“ سان واسطو پوي ٿو. جالان معني رستو. اهو لفظ هر روڊ تي لڳل بورڊ تي نظر ايندو. جالان تنڪو عبدالرحمان، جالان سلطان احمد، وغيره. هونءَ جالان معني ”هلڻ“ به آهي. خدا حافظ چوڻ مهل گهر جا ياتي ويندڙ کي ”سلامت جالان“ چوندا آهن معني رستي جي جي سلامتي هجنئي. ملئي زبان ۾ لفظن جي اڳيان PER, BER ۽ MEN ۽ پٺيان KAN ۽ AN ڳنڍڻ سان ٻيا به لفظ ٺاهي سگهجن ٿا. جيئن ته Perjalanan معني سفر، مسافري

Perjalanan dari Singapura ke kuala lumpur mengambi masa 6 jam.

(سنگاپور کان ڪوالالمپور تائين جو سفر چار ڪلاڪ وٺي ٿو)

ملئي زبان ۾ سنگاپور کي سنگاپورا سڏين ٿا. ۽ ڪلاڪ کي جام سڏين ٿا. پيٽرول پمپن تي اڪثر وڏن اکرن ۾ لکيل هوندو آهي. 24JAM يعني چوويھ ڪلاڪ کليل آهي. ان تي هڪ ڪارٽون ڇپيو هو ته يورپ جي هڪ ٽوئرسٽ ان جو مطلب اهو سمجهي ته هتي 24 قسمن جو جئمون وڪامن ٿيون. پيٽرول پمپ واري کي چوڻ لڳو:

“Please show me some jams”.

ڪمپونگ (Kampong): معني ڳوٺ، گهر، چار ديواري، ڪمپونگ بارو معني نئون ڳوٺ، ڪمپونگ لاما معني پراڻو ڳوٺ.

نگارا- ڪوالالپمور ۾ نگارا لفظ به گهڻو ٻُڌڻ ۾ ايندو. نگارا (Negara) معني قومي. مسجد نگارا معني قومي مسجد، زور نگارا معني قومي ڇڙيا گهر، اهڙي طرح بئنڪ نگارا، ميوزم نگارا، وغيره.

ٽُن، داتڪ وغيره- اهي هتي جي بادشاھ طرفان ماڻهن کي مليل خطاب آهن. جيئن خانبهادر، راءِ بهار، سر وغيره.

تمن- باغ، چمن.

آير-پاڻي.

آيرباتو- برف جو ٽڪرو. باتو معني پٿر.

آير باتو چمپور (Air batu Campor) گڏيا ڪلفيون.

ناسي (Nasi) معني ڀت. سڪل چانورن کي Beras سڏجي ٿو.

ناسي ايام معني ڪڪڙ ڀت، ناسي ڪوسونگ معني معني ٿلهو ڀت.

ڪوسونگ- ٻڙي، صفر، خالي.

ڪوسونگڪان— (Kosongkan) معني خالي رکو. پارڪنگ جي جاين تي ڪن ٽڪرن تي لکيل هوندو آهي. معني اتي گاڏيون نہ بيهاريو. شروع جي ڏينهن ۾ مون سمجهيو تہ ڪوسونگ فقط انگ آهي ٻڙي (زيرو) آهي. ڪار پارڪنگ ۾ ڪوسونگ ڪان لفظ پڙهي تعجب لڳندو هو تہ ان جو مطلب ڇا ٿي سگهي ٿو. ٻڙي ڪريو- ! ڇو تہ ملئي لفظ جي آخر ۾ kan وجهڻ سان معني ائين ڪريو. پوءِ شايد هڪ ڏينهن پوليس واري چالان ڪيو، تڏنهن خبر پئي تہ ڪوسونگ معني خالي پڻ آهي. ۽ ان هنڌ تي گاڏي نہ بيهارڻي آهي. هڪ ٻيو لفظ آهي ماتي (Mati) معني موت. ۽ ملائيشيا جي هر پيٽرول پمپ ٻاهران لکيل نظر ايندو آهي Matikan Injin جنهن جي لفظي معني ٿي انجڻ کي ماري ڇڏيو- موت ڏئي ڇڏيو. يعني پيٽرول وٺڻ مهل انجڻ کي بند رکو.

روٽي-ماني، اوڦراٽو.

روٽي ٽلور-بيضي واري روٽي.

روٽي ڪوسونگ-رُکي روٽي، خالي ماني (بنا بيضي يا ڀاڄيءَ جي).

منڊي- (Mandi) معني وهنجڻ.

Tiap Tiap Pagi Saya Mandi

(روز روز صبح جو آئون وهنجان ٿو.)

بِلڪ– ڪمرو.

بلڪ منڊي- وهنجڻ جي جاءِ.

بلڪ دودڪ- وِهڻ جو ڪمرو، ڊرائنگ روم.



www.sindhsalamat.com

دودوڪ-وِهڻ. آفيس يا گهر ۾ ملڻ لاءِ ڪو مهمان ايندو آهي ته ملئي ماڻهن جي ”دودوڪ“ ”دودوڪ“ شروع ٿي ويندي آهي. جيئن پاڻ چوندا آهيون: سائين وهو وهو.

هري آيا- وڏو ڏينهن-يعني عيد.

هري- (Hari) ڏينهن.

رايا- بنگارايا (وڏو گل)، جالان رايا (وڏو رستو)

سُوسو- کير.

سمپايانگ- (sembhyang) نماز

پئاسا- (Sarong) گوڏ وهاٽي جي چوَ بندوق جو پوش- ويندي ڪنڊوم لاءِ سرونگ لفظ استعمال ٿيئي ٿو.

ٽنڊاس- سنداس، ڪاڪوس

وقتو- (Waktu) وقت.

آپا- ڇا. آپا خبر معني ڇا خبر. آپا وقتو (ڇا وقت آهي)

سبانگ- هيرو. ڪئالالمپور جي هوائي اڏي جو نالو سبانگ ايئرپورٽ آهي.

باگوس- خوش، سٺو، سهڻو، بهتر.

آيرٽيبو- (Air Tebu) ڳني جو رس.

ساتي- (Satey) پوٽي ڪواب. پر هتي جي ساتي ۾ ڪنڊ به پرڪين.

مرتباڪ– قيمي وارو اڦراٽو.

ڪندوري-دعوت.

ناسي گورينگ- فراءِ ٿيل چانور.

ايام گورينگ- فراءِ ٿيل ڪُڪڙ.

بيف ريدانگ- پُڳل پوڙ (ڳائي جو).

ادِانگ-ڳانگٽ.

ادانگ چوچو- ننڍيو ڳانگٽ (چوچو- پوٽو ڏهٽو).



www.sindhsalamat.com

مي، بي هون- سَوِين ۽ اسپاگهيٽي جا قسم.

منگو- هفتو. منگو- اني (هي هفتو)

ٽنگال-رهڻ (ٽنگالڪان- رهي پوڻ)

Saya Tinggal di Sini

(آئون هتي ئي رهان ٿو)

پسانگ-ڪيلو. پسانگ اِماس (سون ورنو ڪيلو)

ناناس- اننناس

بوليح- يلي، ائين ڪري سگهين ٿو.

Boleh Cakap Melayu

(ڇا تون ملئي ڳالهائي سگهين ٿو).

UMNO = يونائيٽيڊ ملئي نئشنل آرگنائيزيشن (ملئي ماڻهن جي سياسي پارٽي)

داتنگ- اچڻ.

سلامت داتنگ- ڀلي ڪري آيائو.

ڪوالا-ندي.

لمپور- گپ واري.

اورانگ- ماڻهو.

هُتان-جنگل.

چپات- جهٽ ڪر.

تاق ماهو- سچو لفظ ”تيداق ماهو“ آهي معني ”نہ کپي“.

انتوق ڪيراٽا اندا- توهان جي ڪار لاءِ.

ديوان نگارا- نئشنل هائوس (سينيٽ).

باجو- قميص.



www.sindhsalamat.com



باجو ڪورونگ- زناني قميص، چولي جو قسم.

صديقت- ٿوري ٿوري. (سڪت سڪت پڙ چون)

جنگن- متان، هرگز نہ.

درپپادا- ڪان From

ڪپادا- ڏانهن To

سنڌ سلامت



www.sindhsalamat.com

## ڪوالالمپور جي هڪ رات

آفيس ۾ چانهه تي ڳالهه اچي نڪتي مسافري ۽ پرديس ۾ رهڻ جي. اسان جي پاڪستاني ڪئپٽن فاروق چيو:”اڄ چنچر آهي هڪ بجي جيئن ئي موڪل ٿيندي ته ڊاڪٽر نرگس (زال) کي ملاڪا اسپتال مان کڻي، ڪار ذريعي سنگاپور هليو ويندس. ڪيس چئي آيو آهيان ته رستي تي ڪاٿ لاءِ سئنڊوچون وٺي چڙهي.“

انڊيا جي ڪئپٽن جئپال چيو:”اهو ته اجايو آهي. ملائيشيا ۾ رستي تي هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ هوٽلون آهن جتي هر قسم جو کاڌو ۽ شئي شڪل ملي ٿي- خاص ڪري روٽي چنائي (اُفراٽو) ته عام آهي- جيڪو رکو به ڪائي سگھجي ٿو ته ڪنهن پوڙ يا چانهه سان به.“

”پر فاروقيءَ کي اُفراٽا يا ڀي ڪا اهڙي گيهه واري شئي نه ٿي وڻي.“ آصف ٻڌايو. آصف جهاز جو چيف انجنيئر آهي ۽ اهو پڻ ملاڪا جي اڪيڊمي ۾ اسان وانگر پڙهائي ٿو.

پوءِ اهو واقعي مسئلو ٿيو. ڪئپٽن مُڪريءَ سان به سفر ۾ اهو ئي مسئلو آهي. هو ته هوٽل ۾ صفا رهي نه ٿو سگهي. هر وقت گهر جي ماني کائي. ان ڪري ٻئي شهر ۾ وڃڻ جو سانگو تڏهن ڪندو آهي جڏهن پڪ هوندس ته ان شهر ۾ سندس ڪو پاڪستاني يا هندوستاني دوست رهي ٿو. جيئن هن جي گهر ماني کائي سگهي.“ دربيلي جي ڪئپٽن مخدوم چيو.

”پر يار اسان کي وري ڪنهن جي گهر رهڻ ۾ سخت مونجهه ٿئي ٿي.“ ڪئپٽن تيجپال چيو.”چاهي ڪنهن دوست جو هجي يا مٽ مائٽ جو. ان کان هوٽل جو ڪمرو وڌيڪ سهوليت وارو آهي.“

ان تي مون به ڪيس وارو وترائيندي چيو:”واقعي يار هوٽل ۾ رهڻ ۾ آزادي آهي. وڏي ڳالهه ته پاڻ هاڻ سڀ اهڙي عمر جي پيٽي ۾ اچي ويا آهيون جو پاڻ مان هر هڪ جنهن جنهن نموني سان رهيو آهي اهو ئي هن کي بهتر لڳي ٿو ۽ ان تي هو هريل آهي.“

پوءِ ڪلندي مون پنهنجي ويجهڙائي جو هڪ تجربو کين ٻُڌايو:

ٻه هفتا کن اڳ ڪوالالمپور ويو هوس.ان کان اڳ جڏهن به اڪيلو يا فئملي سان ويو آهيان ته هوٽل ۾ ئي رهڻ ٿيو آهي. جيتوڻيڪ هاڻ ڪوالالمپور ۾ ڪيترائي چاڻ سڃاڻ وارا آهن پر انهن وٽ رهڻ کان نٽائيندو آهيان. خاص ڪري هڪ ملئي فئملي ته ڏاڍو چوندي آهي ته هوٽل ۾ رهي اجايو ٿو خرچ ڪرين- جيڪو واقعي گهڻو اچي ٿو ۽ هڪ ڏينهن جا سئو ڊالر ڏيندي ڏک به ٿيئي ٿو سو به هوٽل ۾ رات جا چند ڪلاڪ گذرڻا ٿا پون. باقي وقت شهر ۾ ڪمن ڪارين پنيان گذري ٿو.

هڪ دفعي ته ڪوالالمپور چڙهڻ وقت هن فئمليءَ جو گهر به ڏسي آيس ته جيئن ٻي دفعي هوٽل ۾ رهڻ بدران سندن گهر رهي پوان. سندن گهر بين عام ملئي گهرن کان وڏو هو- اٽڪل چار ڪمرا هئس ۽ فئمليءَ ۾ زال مڙس ۽ پنج کن ٻار هئا. پاڻ ڏاڏيون منتون ڪيائون ته ڪين ڪا به تڪليف نه ٿيندي جو هڪ ڪمرو ته هميشه خالي رهي ٿو. ٽئن ڪمرن مان هڪ ۾ هو زال مڙس رهن ٿا. هڪ ۾ ٻئي وڏيون ڌيئرون جن مان هڪ ڪنهن آمريڪي انشورنس ڪمپنيءَ ۾ ۽



www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪام

بي ايئر انڊيا جي آفيس ۾ نوڪري ڪري ٿي ۽ ٽين ڪمري ۾ ٽيئي پٽ رهن جيڪي اڃان اسڪول وڃن ٿا ۽ هونءَ به ڇوڪرا ته ڊرائنگ روم ۾ وڇايل گلم تي سمهي سگهن ٿا.

پر ان هوندي به مون کي اهو خيال پئي رهيو پئي ته متان کين ڪا تڪليف ٿئي. گذريل مهيني پاڪستان ايمبيسي ۽ ٻين آفيسن ۾ ڪم سانگي ڪوالالمپور اڪيلو وڃڻ جو پروگرام ٿيو ۽ سوچيم ته هوٽل ۾ رهڻ بدران هنن جي گهر رهي ڏسان. جي کين واقعي تڪليف نه ٿيئي ته پوءِ ٻئي دفعي فئمليءَ سان به ڪوالالمپور هنن وٽ ئي رهبو. بلڪ ڪڏنهن ڪڏنهن ڪنهن ڏورانهين سفر تي پينانگ يا الور اسٽار وڃڻو ٿيو ته ڪوالالمپور هنن وٽ رات ترسي، وڏيڪ سفر لاءِ ٻئي ڏينهن صبح جو نڪربو- جو مٿيان شهر ملاڪا کان پنج ۽ ست سئو ڪلوميٽر پري آهن ۽ يڪ ساهيءَ اتي پهچڻ ڏکيو آهي.

ڪوالالمپور وڃڻ کان ٻه ڏينهن اڳ هن ملئي فئمليءَ کي اطلاع طور هتان ملاڪا کان فون ڪيم. فون مسز سفوران ئي کنيو. دراصل منهنجي پهرين ملاقات به سفوران سان ئي ٿي هئي. ملائيشيا پهچڻ کان پوءِ پهريون دفعو ڪوالالمپور ۾ اچڻ وقت هڪ سنڌيءَ جي ڊپارٽمينٽ اسٽور- گلوب سينٽر ۾ ساڻس ڪڏجاڻي ٿي هئي. سندس عمر پنجيتاليهه سال کان پنجاهه سال ٿيندي. ساڻس گڏ پندرهن سورنهن سالن کن جو ڇوڪرو هو. سندن مڙس جو واپار ڪوالالمپور ۾ آهي ان ڪري ڪوالالمپور جي ئي هڪ علائقي ڪمپونگ- پاندان ۾ رهن ٿا.

ملاڪا موٽڻ بعد پاڻ هڪ ٻه دفعو فون به ڪيائين پر ڪيس انگريزي جو هڪ لفظ به نه ٿي آيو ۽ مون کي اڃان ملئي زبان نٿي آئي جو ساڻس ڳالهائي سگهان. سندس مڙس مسٽر ذوالقفيءَ کي پاڻ ٿوري گهڻي انگريزي آئي ٿي يا وري وڏي ڌيءَ رحيما کي. ان ڪري اهي ترجمو ڪري خيريت پڇندا رهندا هئا. ۽ سال اندر سٺي فئملي دوستي ٿي وئي هئي. هنن کي هر وقت اهو خيال رهندو هو ته آئون پرديسي ٿي هوٽل ۾ ڇو ٿو رهان. جڏنهن ته هنن جو گهر ڪوالالمپور ۾ موجود آهي. سو چاڻ سڃاڻ کي سڄو سال گذرڻ بعد ان ڏينهن فون تي مسز سفوران کي خوشخبري ٻُڌايم ته اربع ڏينهن ڪوالالمپور اچان پيو ۽ رات توهان وٽ رهي ٻي ڏينهن ملاڪا موٽندس.

”سو سائين ڪوالالمپور ويس ۽ رات رهي ٻئي ڏينهن وريس.“

ڪئپٽن تيجپال پڇيو ته پوءِ ڇا ٿيو.

”پوءِ ڇا ٿيو- ؟“ مون وراڻيو. ”ٿيو ته ڪُجهه ڪونه. ٻين ملئي ماڻهن وانگر هي به تمام سادا ۽ مهربان هئا ۽ هنن ويچارن ته منهنجي تمام گهڻي ٽهل ٽڪور ڪئي پر سائين مون لاءِ ته ڄڻ سزا ٿي پئي، ۽ آئندي لاءِ توبهه ڪري واپس ملاڪا اچي نڪتس ۽ سوچيم ته ڪنهن هوٽل، سي مئن ڪلب يا واءِ ايم سي وغيره ۾ رهبو، يا ته انهي ڏينهن موٽي اچبو، باقي ڪنهن گهر ۾ نه رهبو.“

”جو يلا- ؟“ آصف پڇيو.

”بس چڪر اهوئي عادت جو. مثال طور منهنجي عادت سوير سمهڻ جي پر منهنجي وندر لاءِ هي ويچارا ويٺا ڪچهري ڪن يا ٽي وي هلائين- اڃان ته کين وي سي آر جي فلم نه ملي جيتوٽيڪ منهنجي لاءِ ڪري هنن پنهنجي وڏي پٽ بحرالدين کي گهٽو ڊوڙايو ته ڪتان پي- راملي‌ءَ جي فلم جو وي سي آر ڪئسٽ وٺي اچ. آئون گهٽو ئي چوان ته مون کي فلم ناهي ڏسڻي پر هو ويچارا سمجهن ته شايد مون کي ڏسڻي آهي پر تڪلف پيو ڪريان. بهرحال خير ٿي ويو جو گهٽا ٽٽا دڪان



www.sindhsalamat.com

بند ٿي ويا هئا ۽ پي- راملي ۽ جي اهافلم جيڪا هنن گهرائڻ چاهي ٿي اها ملي نه سگهي نه ته ان خوف ۾ هوس ته جي فلم هٿ اچي ويئي ته ۾ ادائي ڪلاڪ ٻيا ٻه جاڳڻا پوندا. (پي- راملي ملئي فلمن جو وڏو اداڪار ٿي گذريو آهي جيئن ننڍي کنڊ ۾ دليپ ڪمار مشهور آهي. دليپ ته وري ٻه فقط ائڪٽر آهي پر پي- راملي صاحب ائڪٽر هجڻ کان علاوه ڳائڻو، گانا لکڻ وارو، گانن جي ميوزڪ ٺاهڻ وارو، ڊائريڪٽر، هيرو ۽ مسخرو ٿي گذريو آهي. سندس نالي ڪوالالمپور ۾ هڪ رستو پڻ آهي.)

هن ملئي فئيملي جو گهر ته وڏو ئي هو پر عام ملئي گهرن وانگر سڄو ڪاٺ جو ٺهيل هو جيڪو بنا ڪنهن شڪ جي هتي جي موسم لاءِ آئيڊيل گهر آهي جنهن ۾ نه گهڻي گرمي ٿئي ٿي ۽ نه سيءُ. سيءُ ته هتي چا خاڪ ٿي سگهي ٿو جو هنن ٽراپيڪل ملڪن ۾ ٻارهو ئي سج چوٽي وٽي لنگهي ٿو ان ڪري گرمي رهي ٿي پر هر وقت جهڙ ۽ گهڻي مينهن پوڻ ڪري ڏينهن جو ڳپل حصو، موسم سٺي رهي ٿي. خاص ڪري مينهن جي وسڪاري بعد ٿوري دير هلڪي ٿڌڪار ٿئي ٿي جيڪا هتي جي ماڻهن لاءِ چڻ ٿڌ ۽ سردي ٿي. ان وقت يڪدم سئيٽر نڪري ايندا. نڪ ۽ ڇاتين تي وڪس يا ٽائيگر بام پيو لڳندو ته متان ٿڌ نه لڳي. متان ڇاتي نه وٺجي. يعني اسان وٽ سيارو سال بعد اچي پر هتي هر هفتي ٻه اچي سگهي ٿو ته ڪڏنهن ڏينهن ۾ ٻه دفعا ٻه- مينهن وسڻ بعد. هتي ملائيشيا ۾ ڪڪر ته هر وقت آسمان ۾ رهن ئي رهن ٿا ۽ جهڙ ڪري ظاهر آهي ايڏي گرمي نه ٿي ٿئي- خاص ڪري ماڻهو جيڪڏنهن اندر ڪمري ۾ ويٺو آهي ته موسم وڻندڙ لڳي ٿي. پر ايتري ٿڌڪار به نه ٿي ٿئي جو پنکو به نه هلائجي. پر هتي جا رهاڪو بنا پنکي جي عادي ٿي ويا آهن. ان ڪري ڪنهن ڪنهن گهر ۾ ڊرائنگ روم ۾ ڪٿي پنکو هوندو جيڪو ڏينهن جو گهرج موجب- ڪڏنهن ڪنهن کي گرمي محسوس ٿئي ته — هيڏانهن هوڏانهن ريڙهيو وڃي ٿو. سو اهڙيءَ طرح ڪوالالمپور جي هن گهرن ۾ ٻه- جنهن ۾ آئون مهمان ٿي رهيس پٽ کان پٽ تائين غاليچا، ٽي وي، وي سي آر ۽ ٻيون سهوليت ۽ آسائش جو سامان ته ضرور هو پر پنکو فقط ڊرائنگ روم ۾ هو. سو ٻه وچ تي رکيل ڊائننگ ٽيبل جي متان. يعني ويهڻ لاءِ صوفا سيٽ جيڪي پري پٽ سان لڳل هئا تن تائين پنکي جي هوا جو پهچڻ محال هو. گهر جي ماڻهن کي ته گرمي نه پئي ٿي پر پر مون کي سو ان ڏينهن ڪجهه زياده ئي لڳي رهي هئي جو ملاڪا ۾ سڄو سال ايئر ڪنڊيشنڊ آفيس جي ٿڌي ڪمري ۾ ويهڻ ڪري عادتون خراب ٿي چڪيون هيون. اسان جي ملاڪا واري گهر ۾ جيتوڻيڪ ايئر ڪنڊيشنڊ جهڙي شئي لڳل نه هئي پر اهو ملاڪا نار جي ڪناري تي ۽ مٿاهينءَ تي اڏيل هجڻ ڪري سخت گرميءَ ۾ به ٿڌو رهي ٿو. سو اهو ئي سبب هو جو هتي مون کي ڪجهه زياده ئي گرمي لڳي رهي هئي ۽ ذري ذري پٽ جي پاسي ۾ رکيل صوفن تان اٿي وچ تي رکيل ڊائننگ ٽيبل جي ڪرسين تي اچي ٿي ويٺس- جنهن متان ڇت جو پنکو شايد ٻن يا ٽن انگن واري ڍري رفتار تي ادل چاڪيءَ جي گهاٽي ۾ جوٽيل ڍڳي وانگر آهستي آهستي گول ڦري رهيو هو.

گهر جيئن ته ڪاٺ جو هو- يعني ڇتيون پٽيون ته سڀي پر پٽ به ڪاٺ جو هو- ڇڻ گهر نه هجي پر پراڻي زماني جو سلطاني ٻيڙو- جيڪي ائين ڪاٺ جا ٺهيل هوندا هئا ۽ درن متان ۽ درين تي ڳاڙها، آسماني ساوا بيلجمي شيشا لڳل هوندا هئا. اهڙن ٻيڙن مان ڪجهه اڃان تائين ڪن ڪن بندرگاهن ۾ نمائش طور موجود آهن. جهڙوڪ هانگ ڪانگ ۾، اسپين جي بندرگاهه بارسلونا ۾، آمريڪا جي بندرگاهه نيو اورلينس ۾. سو ان ڪاٺ جي فرش تي هلڻ وقت گهر جا ڀاتي ته پير ڪپائي ڪپائي آهستي هليا ٿي يا ته سندن ننڍي قد ۽ گهٽ تور ڪري ايترو آواز نٿي ٿيو پر مون ڏٺو ته منهنجي هلڻ ڪري هڪ ته آواز ڪجهه گهڻو ٿيو ٿي ۽ فرش ڪمزور ڪاٺ جي بند وانگي لڏيو ٿي ۽ پيو ته منهنجي هلڻ وقت گهر جي سڀني ڀاتين جو ڌيان مون ڏي ڇڪجي ويو ٿي. جيڪي ڳالهين ۾ مشغول هئا سي ٻه منهنجي هلڻ وقت ماٺ ڪري مون کي ڏسڻ لڳا ٿي. ٽين ڳالهه ته گهر جيتوڻيڪ ڪو گهڻو پراڻو نه هو پر ڪاٺ جي فرش ۾ ڪٿي ڪٿي اڏوهي لڳڻ

يا پور ٽيڻ ڪري اهي هنڌ ڪمزور ٿي چڪا هئا. گهر جا ڀاتي ته انهن هنڌن کان ائين واقف هئا جيئن گهر ۾ عورت پنهنجي رڌڻي مان اوندهه ۾ به لوڻ مرچ ڳولي ڪڍي اچي. سو آٽوميٽيڪلي صحيح هنڌن تي پير رکي هلي رهيا هئا پر مون کي نه خبر نه هئي ۽ نه ڏسي سگهيس ٿي جو فرش مٿان غاليچو وڇايل هو. سو جيئن ئي منهنجو پير انهن ڪمزور ٽڪرن تي آيو ٿي ته سڄو جهڪي ٿي ويس ۽ انهن اڌوهي کاڌل هنڌن جو ڪاٺ چيچاٽ ڪري وڌيڪ چيٽيون چيٽيون ٿي ٽيو- جنهن جو افسوس مون کي هينئر به ٿي رهيو آهي. (هڪ ڳالهه هتي ٻُڌائڻ ضروري چاهيان ٿو ته ملئي اسٽائيل جي ڪاٺائي گهر جو پٽ زمين کان ٿي فوٽ کن مٿي رکيو وڃي ٿو جيئن مينهن ۽ ٻوڏ جو پاڻي هيٺيان لنگهي وڃي.)

ڪولالمپور ملاڪا کان سئو ميل کن مس آهي. ملاڪا ۽ ڪوالالمپور جي اڌ تي سريمبان شهر آهي. سريمبان کان ڪوالالمپور تائين رستو پنهنجي سپر هاءِ واءِ وانگر آهي_بلڪ ان کان به ويڪرو ۽ اينڊز ويندڙ گاڏين لاءِ الڳ الڳ رستو اهي. باقي ملاڪا کان سريمبان تائين جيڪو رستو آهي اهو هڪ ته ٿڌو ناهي، ساڳي رستي تان گاڏين جي اچ وڃ آهي، ان ڪري ايترو تکو نه ٿو هلي سگهجي. رستو به سڌو هجڻ بدران ور وڪڙ وارو آهي ۽ ٽن چئن ڳوٺن مان ٿيندو وڃي ٿو: جهڙوڪ: لبوڪ، چينا، لنگي، رتنائو وغيره. سو ڳوٺن مان لنگهڻ ڪري ڪار خيال سان هلائڻي پوي ٿي. بهر حال ٻن ڪلاڪن ۾ ملاڪا کان ماٺهو ڪوالالمپور پهچي وڃي ٿو. آئون ڪوالالمپور پهچي ڪجهه شهر جا ڪم ڪار لاهي منجهند جي ماني به هوٽل تان کائي پوءِ هن ملئي فئملي وٽ ٻي بجي ڌاري پهتس. منهنجو ارادو هو ته سنڌن گهر پهچي کين اطلاع به ڪريان ته آئون ڪوالالمپور ۾ ئي آهيان ۽ جي موقعو لڳي ته اڌ ڪلاڪ کن اتي آرام ڪري پوءِ ٻين ڪمن لاءِ شهر ڏي نڪران جو ٻين عادتن سان گڏ منجهند جو ڪلاڪ نه ته ڏهه منٽ، ننڊ ڪرڻ جي عادت اهڙي ته پيل آهي جو بس. پوءِ آفيس ۾ به روزانو ٽيبل تي مٿو رکي ڏهه منٽن لاءِ اها ننڊ ضرور ڪرڻي پوي ٿي. ويندي جهاز هلائڻ واري ڏينهن ۾ ۾ باٿ روم جو بهانو ڪري ڪنڊ پاسي ۾ ڪنهن بند ٽيل انجڻ يا پائيپ تي، يا جهاز جي ڇڄ تي ٽهيل ٻنوڙي تي مٿو رکي اها ڏهه منٽ ننڊ ضرور پوري ڪرڻي پوندي هئي. بهرحال گهر پهتس. مسز سفوران پاڻ ته ڪمري ۾ ستي پيئي هئي. سندس ننڍي پٽ کي سمجهايم ته ڪيس اٿاري نه. آئون وري پوءِ ايندس. پاڻ مون کي منهنجو رهڻ وارو ڪمرو ڏيکاريائين جيڪو گهر ۾ گهڙڻ سان پهريون در وٽ هو.

آندل هڪ وڳو، ٽوال، شيونگ جو سامان، پنهنجي ملڪ جي ايمبيسيءَ مان ڪنيل پراڻيون جنگ، نواءِ وقت ۽ مشرق اخبارون ڪار مان ڪڍي ٽيبل تي رکيم ۽ رب جا ٿورا مڃي دل ئي دل ۾ خوش ٿيس ته ڏکهي ڪيڪار ڪڙيءَ کان جان بچي ۽ هاڻي ائين ئي پينٽ ۾ ئي ٿوري دير لاءِ منجهند جي ننڊ ڪري وٺان ٿو. پر ايتري دير ۾ سفوران جو پٽ، جيڪو مون جهڙي ولائتي مهمان کي ڏسي خوشي ۾ اهڙو ته ڪو منجهي پيو جو وڃي پنهنجي ماءُ کي اٿاري منهنجي اچڻ جو ٻڌايائين. (پاڻ وٽ گذريل ٻن صدين تائين يورپ ۽ انگلينڊ جا ماڻهو ٻاهر نڪرڻ ڪري اهي ولائتي ۽ فارينر سڏبا هئا پر هاڻ جڏهن اسان جهڙي ٽين دنيا جي غريب ملڪن جا ماڻهو پورهئي ڪارڻ هيڏانهن هوڏانهن نڪرڻ شروع ٿيا آهن ته اهو ولائتي ۽ فارينر جو لفظ جو استعمال_صحيح معني ۾ استعمال ٿيڻ لڳو آهي ۽ نائيجيرين توڙي انڊين کي، سري لنڪن توڙي اسان کي ڌارين ملڪن ۾ فارينر، ولائتي_يعني ڌاريون سڏيو وڃي ٿو) بلڪ هاڻ ته يورپين کان وڌيڪ اسان جهڙن ملڪن جي ماڻهن جي نڪرڻ ڪري فارينر سان ڏيان ۾ ڪو گورو نه پر اسان جهڙو ڪارو اچي ٿو.

ماٺس ويچاري مهمان جو ٻڌي ٽپ ڏيئي اٿي ۽ هٿ منهن ڌوئڻ تي به وقت وڃائڻ بدران سڌو مون ڏي "هيلو! هيلو! سلامت داتنغ" (ڀلي ڪري آئين) چوندي آئي. ۽ آئون لاچار سمهڻ جو ارادو لاهي ٻاهر ڊرائنگ روم ۾ اچي ويٺس_جنهن جي اولهه ۾ منهنجو ۽ ٻيا بيڊ روم هئا. پنج ڏهه منٽ هوءَ خبر چار پڇندي رهي ۽ ڪيس مون ڀڳل سڳل ملئي زبان ۾ پنهنجو سڄو پروگرام سمجهايو ته شهر جا ڪم ڪار لاهي آيو آهيان. هينئر وري شهر ٿو وڃان ۽ شام جو پنجين ڇهين بجي ڌاري موٽي هتي اچي رهندس. ملاڪا وپس سڀاڻي ويندس.



www.sindhsalamat.com

ماني لاءِ بڊايومانس ته هينئر هينئر پاهران ڪائي آيو آهيان ۽ هوءَ رات جي مانيءَ جو به منهنجو فڪر نه ڪري.

”نه ائين وري ڪيئن ٿي سگهي ٿو. تون پنهنجي گهر ۾ رات جي مانيءَ ۾ ڇا ڇا ڪائيندو آهين ته ڪوشش ڪري اهو هتي به تيار ڪريون.“

ڪيترا ماڻهو ڪاڏي پيتي جا شوقين ٿيندا آهن. ان ڪري ڪين پرديس ۾ رهڻ ۾ به ڏکيائي ٿيندي آهي. ويندي مانيءَ جي وقتن جا به پابند هوندا آهن ۽ هڪ ويل به بنا پوڙ مانيءَ جي رهي نه سگهندا آهن. مون سان ائين ناهي. پر هن وقت ڪين جيڪڏهن بڊائيندس ته مون مست جي نه ماني مقرر آهي ۽ نه مانيءَ جا وقت ته هوءَ هر گز يقين نه ڪندي. مون لاءِ ست رڃي يا ٿلها آراڙا پيڙا ڳالهه ساڳي آهي. پر هتي هنن کي ڪجهه ٻڌائڻ ٿي چاهيم جيئن گهڻي تڪليف ۾ نه پون.

”آئون گهر ۾ ناسي (چانورن) يا ٿلهي روٽي ڪوسونگ (هتي ملندر ٿيهه چاليهه سينٽن جو اڦراٽو) ڪائيندو آهيان.“

”روٽي ڪوسونگ (ٿلهو اڦراٽو) يا روٽي تلور بيضي وارو اڦراٽو) ته هتان به ملي ويندو_پر واري گهٽيءَ ۾ هوٽل آهي. منهنجي وڏي ڌي رحيمان ڏني آهي. اها وٺي ايندي.“

مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ته اهاڙا ميزبان سٺا جيڪي هڪ ئي دفعو ڳالهه ٻڌي سمجهي ۽ مڃي وڃن.

”پلا هينئر ڪجهه ته ڪاءُ_“

”هينئر بلڪل ضرورت ناهي.“

”پلا مندي_؟“ (مندي ملئي زبان جو لفظ آهي_معني وهنجڻ).

”ها.“ ان لاءِ انڪار ڪرڻ خرب ڳالهه ٿيندي.

ملئي ماڻهن ۾ وهنجڻ ايترو عام ۽ گهڻو آهي جو اسان رڻ پٽن جي رهاڪن کي ته حيران ڪندڙ ۽ حسرتن ۾ وجهندڙ آهي. قدرت طرفان پاڻي ايترو گهڻو مليل اٿن جنهن جو ڪو ڪاٿو ئي ناهي. هڪ ته سڄو ڏينهن آسمان مان پاڻي ٿو وسي، پيو بنا ڳڙ ۽ مٽيءَ جي ندين نارن جو شفاف پاڻي. گهڻو ڪري پهاريءَ بدران به پاڻيءَ جي پائيپ سان گهر کي ڊوئي ڇڏيندا آهن. صبح ۽ سج لٿي مهل ته هر هڪ لاءِوهنجڻ (Mandi_مندي) چڻ ضروري آهي. سج لٿي کان ٿورو اڳ تائين هر ڪو ٽوال جهليو بيٺو هوندو. پڇبو ڪيڏانهن_؟

وراڻيندو:”مندي.“

۽ وهنجڻ به ڪو اهڙو تهڙو. هڪ اڌ بارديءَ مان نه پر گهٽ ۾ گهٽ هڪ اڌ وڏي درم کي خالي ڪري وٺندا ۽ هتي جا ماڻهو وهنجڻ وقت جنهن ڪري سان پاڻي نائين ٿا سا به اسان جي ڪريءَ کان ٽيڻي چئوڻي ٿيندي_(يعني ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه يا ٽي ليٽر پاڻي اچي ٿو). ان سان جڏهن وهنجندا آهن ته اوڙي پاڙي ۾ پاڻي جو شپڪو ٻڌبو آهي. اسان جهڙا ماڻهو جيڪي ننڍي هوندي سنڌ جهڙي وارياسي علائقي ۾ رهيا يا جهاز تي_جتي هر وقت مٺي پاڻيءَ کي قدر جي نگاهه سان ڏسڻ سيکاريو ويو ۽ ڦڙو به ضايع ڪرڻ تي پاپ جو دپ ڏنو ويو. اتي هي حال ڏسي اسان جهڙا وائڙا ڪيئن نه ٿين.

هڪ ٿڪاوٽ ڪري پيو هتي جي رسم ڪري مون ان گهڙيءَ اهو ئي مناسب سمجهيو ته مندي لاءِ انڪار ڪرڻ هتي ملائيشيا ۾ اهڙو گناهه جو ڪم آهي جهڙو پاڻ وٽ اَن نُور يا ڪير پير ڪو ڏئي ته موٽائي ڏجيس. گرمي ته مون کي

ڪجھ زياده لڳي رهي هئي ۽ ڪجھ ان خيال کان تہ منهنجا مهربان ميزبان اهو نہ سمجهن تہ آئون ڪنهن اڻ سڌريل ملڪ جو آهيان. گهٽ ۾ گهٽ موهن جي دڙي تائين سنڌي وهنجڻ جا ايڏا سوقين هئا جو جپانين وانگر ڪين هر پاڙي ۾ ڪميونٽي باٿ (عام تالاب) پڻ هو. اها ڳڻ ڳوٺ ڪري ٽوال ڪلهي تي رکي وهنجڻ جاءِ ۾ گهڙيس. جيڪا گهر جو نقشو ٺاهيندڙ انجنيئر سڄي گهر ۾ فقط هڪڙي ٺاهي هئي ۽ سا بہ گهر جي آخري ڪنڊ ۾. بلڪ اهو هتي جي جاين جو عام نقشو آهي جيڪو هتي جي واڊن جي دماغ ۾ ئي موجود هوندو آهي، جنهن لاءِ بشير ميمڻ جهڙي انجنيئر جي ضرورت نہ ڪي ڊي اي کان پاس ڪرائڻ جو الڪو هوندو آهي. ملائيشيا جي انهن گهرن جي، انگريزي دوائن وانگر، هڪ Patent ڊزائين ٿئي ٿي.

ملائيشيا جا گهر ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. هڪ تہ سچا ڪاٺ جا ٺهيل. جن جو ڪاٺ جو پٽ زمين تي هجڻ بدران ٽي فٽ کن مٿي ڪاٺ جي پيل پاين تي ٿئي. ان مان اهو فائدو آهي تہ نانگ بلائون ۽ جيت جڙا جيڪي هتي گهڻا ٿين ٿا انهن کان بچاءُ رهي ٿو ۽ ٻيو سخت مينهن جي ڪري وهندڙ پاڻيءَ کان مٿانهون رهي ٿو ۽ گهر هيٺيان ڇڏيل اها جاءِ اسٽور روم يا ٻُهري طور بہ ڪم اچي سگهي ٿي. يعني ڪاٺيون، ڪوڏر، سُپ، دبا، ڏوپ ڇٽيون وغيره اتي رکي سگهجن ٿا ۽ ملائيشيا جا اهي ڪمپونگ_هائوس (ڳوٺاڻا_گهر) آهن.

ٻيا اوچي درجي جا، شهرن ۾ پاڻ جهڙا پڪا گهر ٿين_يعني بنگلو ٽائيپ ڪٿي نہ بہ هجن پر سرن جا، يا پٿرن جا يا ڳچ ۽ گاري جا ٿين_يعني منجهن ڪاٺ تابوت وانگر استعمال ٿيو ٿئي. ٽيان وچولي درجي جا ٻنهي جو مڪسچر ٿين_جهڙو هي گهر هو جنهن ۾ آئون مهمان ٿي آيو هوس. اهڙن گهرن جي وچ وارو حصو يعني ڪمرا مٿاهين تي ٿين ۽ ان حصي جو فرش پڻ ڊرامي جي اسٽيج وانگر مٿاهون ۽ ڪاٺ جي تختن جو ٿئي ۽ پويون حصو هيٺاهون ۽ پٽ جي ليول تي ٿئي. اهو هيٺاهون پٽ سيمنٽ ٽائلن يا سرن جو ٿئي. اڳين حصي ۾ ڇپر، گلن جون ٻاريون ۽ ڪار يا سائيڪل بيهارڻ جي جاءِ پڻ ٿئي. پويان اسٽور روم، رڌڻو، ڪاڪوس_وهنجڻ جاءِ ٿئي. سڄي پاڙي جي گهرن وانگر هن گهر جي بيهڪ پڻ ڪجھ ان قسم جي هئي. مين لوهي_گيٽ مان گهڙي ڪار بيهاري، چنمپل يا بوٽ اتي ئي لاهي اندرين گهر ۾ گهڙڻ لاءِ ٽي يا چار کن ڏاڪا چڙهڻا ٿي پيا_جن مٿان مينهن کان بچاءُ ڪارڻ اڏاوت هئي. اندرين گهر جو در پٽڻ سان وڏو ڊرائينگ_ڊائيننگ روم هو ۽ ڪاٻي پاسي وار پٽ ۾ ريل گاڏيءَ جي ڊبن وانگر قطار ۾ ٽي ڪمرا هئا. جن جي آخر ۾ هڪ ڏاڪو هيٺ لهڻ سان وري هڪ وڏو ڪمرو ۽ هال هو جنهن ۾ گهر جي ڀاتين جي روزمره جي استعمال لاءِ هڪ ٻيو ڊائيننگ ٽيبل رکيل هو. پاسي کان ڪبٽن ۽ تختن تي ٿام چيني، جست شيشي، چيني مٽي ۽ پلاسٽڪ جا ڪيترن ئي قسمن جا ٿانوَ_رڪيبن_ڪوپن، ڪرين کان وٺي ننڍن وچولن وڏن ديڳڙن ۽ ٽفن باڪسن تائين، جيڪي روزمره جي رڌ پچاءُ ۽ ڪندورين کان شادين مرادين ۽ هري راياڻ (عيد جي ڏينهن) تي ڪتب آڻڻ لاءِ رکيل هئا. ان قسم جي ٿانون جا ڍير ۽ اهري طرح ڪاٺ جي منڊن تي سينگاري رکيل اسان جي ڳوٺ ۾ فقط ماسي زليخان جي گهر هوندا هئا يا وري ملائيشيا جي سيني ڪمپونگ_هائوسن (ڳوٺاڻن_گهرن) ۾.

ان بعد بہ يا ٽي ڏاڪا کن هيٺ لهڻ تي وڏو شاهي رڌڻو ۽ ساڄي پاسي باٿ روم آيو ٿي. رڌڻي ۾ بہ ٿانوَ ٿپا ۽ ديڳڙا بلڪ ديڳڙن جو فئمليون يعني ننڍيا وڏا ۽ تمام وڏا ديڳڙا ۽ تختن تي سيڌي جو سامان: چانور، داليون، ڀاڄيون، ائنڪر ڊچ ليدي، نيسپري ۽ ڪلم ڪير جا ڀريل يا خالي دبا (يا منجهن ڪو ٻيو اَنُ مصالحو پيل)، ڪافي، مائلو، مارجرين ۽ ڪيڪن ٺاهڻ جو سامان ۽ ٻيون رڌ پچاءُ جون سنهيون ٿلهيون شيون رکيل هيون. باٿ روم ۽ ڪاڪوس هڪ گڏيل نموني جو هو ۽ سڄي گهر کي Serve ٿي ڪيائين. سندس پٽيون ۽ فرش اوچين اچين سرن (ٽائيلن) جو هو. ٽب ڪموٽ پڻ جپاني ۽ اوچا

نتيجي ۾ جيئن ئي ملو ٻانگ ڏي ته هي مصلو ۽ گوڏ کڻيو منهنجي اڳيان رکن ته "اقتوُ سمبهيانغ"_معني وقت نماز جو ٿي ويو. ملئي زبان ۾ نماز کي سمبهيانغ (Sembahyang) چون.

پتلون ۾ نماز پڙهڻ جي عادت اسان کي نه. ۽ سنڌ ۾ جيڪي گوڏيون استعمال ٿين ٿيون اهي هڪ ته ڊگهيون آهن ۽ ٻيو وچ تان کليل ٿين_ٽوال يا چادر وانگر. جن جي پوڇڙن کي چوڌاري ورائي ڳنڍ ڏيئي سگهجي ٿي. ۽ پوءِ گوڏ کلڻ جو امڪان ٿي نه ٿو سگهي. پر هي ملئي يا بنگالي گوڏيون هڪ ته پڙن وانگر گول سبيل ٿين ۽ ٻيو ٻَر ۾ ننڍيون ٿين. سو جي چڱي طرح ڳنڍ ڏيئي ٻڌ ته گوڏ بنھ لنڊي ٿيو گوڏن تائين ڪڇيو وڃي. ٻي صورت ۾_ يعني ڳنڍ نه ڏي ته وري ذري ذري کلڻ جو انديشو رهي ٿو. بهرحال گهر جا ڪپڙا_شلوار قميص ته آندي هيم سو هڪ وقت ۾ جيئن تيئن ڪري هتي گوڏ (سارونگ) ۾ ڪمري جو در ٻيڪڙي نماز پڙهيم پر پوءِ جيئن ئي نماز جو وقت ٿئي ته ٻيو ڪو پڙهي يا نه پڙهي پر گوڏ ۽ مسلو مون کي ڏيئي چون "وقتو سمبهيانغ". وچين نماز (عصر) نماز جي ٻانگ آئي ته به وقت سمبهيانغ چئي مون کي اٿاريائون. ۽ پوءِ شام جو سفوران جو مڙس_ذوالقفلي به اچي ويو سو سانجهي (مغرب) نماز تي مون سان گڏ هن جي حوالي به هڪ مصلو ڪيو وي ته وقتو (Waqtu)_ سمبهيانغ ٿي ويو. دل ۾ آيو ته سفوران ي ذوالقفليءَ کان پڇان ته هن گهر ۾ فقط مرن لاءِ نماز فرض آهي ڇا؟

هونءَ اها ڳالھ ضرور آهي ته ملائيشيا جا ملئي ماڻهو (جيڪي سڀ مسلمان آهن) نماز روزي ۾ اسان کان گهڻو پابند نظراچن ٿا. ۽ ڳوٺن ۾ ته گهر گهر ۾ ننڍو وڏو نماز ۽ قران پڙهي ٿو. منهنجي پنهنجي سروي ۽ مختلف ماڻهن کان ورتل انٽرويو مطابق هتي ماڻهن جو مذهب ڏانهن رجحان ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي. پوڙهن سان گڏوگڏ نوجوان ٿهي پڻ نماز روزي جهڙين ڳالهين تي گهڻو مائل آهي. جيڪا هھڙي مکسڊ سوسائٽيءَ ۾ وڏي ڳالھ آهي. هتي جي شهر، هر ڳوٺ ۾ اڌواڌ غير مسلم ماڻهو: چيني ٻڌ، ڪرسچن ۽ انڊين هندو رهن ٿا. جيڪي رمضان ۾ به هلندي چلندي يا آفيس دڪانن تي کائيندي پيئندي ۽ سگريٽ ڇڪيندي نظر اچن ٿا. پر ان هوندي به ملئي مسلمان روزي جا پابند آهن. مرد ۽ ڇوڪرا ته ڇا پر ننڍي عمر جون ڇوڪريون پڻ_جيتوڻيڪ هتي جي موسم ڪا اهڙي مهربان به ناهي، جنهن ڏينهن يا جنهن وقت مينهن نٿو پوي، ۽ آسمان تان ڪڪر غائب آهن يا گهٽ آهن ته ٽراپيڪل سج جا ڏرتيءَ تي سڌا ايندڙ ڪرڻا جسم کي ساڙين ٿا. ۽ هتي جو روزو اسان جي اونهاري جهڙو ڪٺي سخت ناهي پر ته به ايترو سولو به ناهي جيترو اسان وٽ سياري ۾ ٿئي ٿو.

ڪيترن ملئي گهرن جا ڀاتي جماعت سان نماز پڙهن ٿا. گهر جو وڏو امام ٿي بيهي يا وري سڀ مسجد ۾ پڙهن. زالون به مردن سان گڏ مسجد ۾ وڃن. هو اڇن برقعن جهڙين سفيد چادرن سان پاڻ کي ڍڪي، پاسي کان ڌار صفون ٺاهي، نماز پڙهن. پر هن گهر ۾ اهو ڏسي ڪل به پئي آئي ته گهر جو ٻيو ڪو به ڀاتي نماز پڙهي يا نه پڙهي پر سڄو زور رڳو مون تي ۽ ذاولقفليءَ تي. بهرحال سهماڻي (عشاء) جي نماز لاءِ اٺڻ جي موڊ بلڪل نه هئي سو وقت سمبهيانغ (Waqtu-Sambahyang) ٻڌي به ماٺ ۾ هوس. اڌ ڪلاڪ رکي وري ٻيو دفعو جڏنهن چيائون ته محسوس ڪيم ته رات جي ماني سامهون ٽيبل تي لڳائي سڀ منهنجو انتظار پيا ڪن ته نماز پڙهان ته ماني شروع ڪجي. نتيجي ۾ هن دفعي ماٺ ڪرڻ بدران چيومان ته پوءِ ٿو پڙهان.

منهنجو اهو چوڻ، سڀ ماني کائڻ لاءِ اٿي ڪڙا ٿيا ۽ مون کي دل ئي دل ۾ افسوس ٿيو ته اهري خبر هجي ها ته اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ پهريون دفعو پڇڻ تي ئي کين ٻڌايان ها ته منهنجي ڪري سپني کي ايترو انتظار ڪرڻو نه پوي ها. پوءِ ياد آيم ته واقعي اهو سڄو اڌ ڪلاڪ رکي رکي سڀ مون ڏي ٽيڏي اک سان ڏسي رهيا هئا ته ڪنهن وقت اٿي نماز ٿو پڙهان جيئن پوءِ ماني شروع ڪجي.




www.sindhsalamat.com

نماز ته ڪنهن کي پڙهڻي هئي ڪنهن کي نه. يا ڪنهن کي اڳ ڪنهن کي ٿوري دير بعد. پر منڊي(وهنجڻ) ته هر هڪ ننڍي وڏي لاءِ اهم هو.اچڻ مهل ته تڪل ۾ پگهريل هوس سو وهنتس پر شام جو وري موٽيس ته ان وقت مسز سفوران جو مڙس ذوالقفليءَ منڊيءَ لاءِ مون کان پڇيو. ڪيس انگريزيءَ چڱي آئي ٿي سو انگريزي ۾ ئي ٻڌايومانس ته اڃان هاڻ ٻاٿ ورتو اٿم. سو پاڻ وهنجڻ لاءِ مون کي ”ايڪسڪيوز مي“ چئي اٿيو ته جوڙس سفوران_جيڪا ان وقت پنهنجين پاڙي وارين سان در وٽ ويٺي ڪچهري ڪري رهي هئي تنهن ڪيس ملئيءَ ۾ چيو ته پهرين هن مهمان کي ته وهنجڻ ڏي.

”پر الطاف چيو ته هو اڃان هاڻ وهنتو آهي“. ذوالقفليءَ ڪيس ٻڌايس.

”نه. هاڻ ته نه وهنتو آهي. منجهند مهل جڏهن آيو هو ان وقت وهنتو هو. شايد تڪلف ٿو ڪري.“ سفوران سمجهايس.

اهو ٻڌي زال مڙس ٻئي مون کي ٿوال ڏيئي وهنجڻ لاءِ زور پرڻ لڳا. ڪين چا سمجهايان ته هنن وٽ ته آهي اڻ ميو پاڻي_ سو به گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهر گهر ۾ موجود. ان ڪري ننڍي هوندي کان گهڻو وهنجڻ جا عادي ٿي ويا آهن. آفريڪا ۾ وچ اوير جي وارياسين ملڪن کان وٺي پاڪستان جي سنڌ بلوچستان ۾ هندوستان جي راجستان تائين ته ڪنهن کي وهنجڻ لاءِ هفتي ۾ هڪ دفعو پاڻي ملي وڃي ته به هو خوشنصيب آهي ۾ اسان جون وهنجڻ جو عادتون به ننڍي هوندي کان ان مطابق ٿي ويون آهن اسان پڙهي لکي پيا آهيون ۾ شهرن ۾ رهون ٿا ۾ هاڻ ويهين صديءَ جي آخر ۾ اسان جي ڳوٺن ۾ به لائيٽ ۾ پاڻي جا نلڪا لڳا آهن ته ڪو روز وهنجڻ نصيب ٿئي ٿو_سو به وهنجڻ مهل به پوري خيال سان نل هيٺان ٿي وهنجو پوي ٿو يا ننڍي ڪريءَ سان پاڻيءَ جي لار مٿي کان اوٽي پوي ٿي جيئن ٿوري کان ٿورو پاڻي گهٽي کان گهٽو جسم ڇهي پوءِ پٽ تي وڃي ڪري. هنن وانگر وڏا ٽب ۾ ناديون پري اڌ ٻاردين جيڏين ڪرن سان اڌ پاڻي جسم تي اڌ پاڻي جسم مٿان هوا ۾ اوتڻ جو ته خيال ۾ به سوچي نٿا سگهون.

بهرحال ان وقت وهنجڻ کان آخرڪار نٽائي ويس ۾ هڪ هڪ ٽي گهر جو ياٽي وهنجندو رهيو. پر سانجهي نماز کان ٿوري اڳ منڊي (وهنجڻ) هتي نه فقط ضروري سمجهيو وڃي ٿو پر هڪ رسم ۾ ڪلچر به آهي جيڪو صدين کان نه فقط هتي ملائيشيا ۾ هلندو اچي پر ڏور اوير جي ٻين ملڪن:ٿائليند ۾ ٽائيوان کان وٺي جپان ڪوريا جي مسلمان توڙي ٻڌن، ڪرسچنن ۾ ڌرين ۾ آهي. ان کان انڪار ڪرڻ معني هاڻ پنهنجي ۾ پنهنجي ملڪ جي گلا ڪرائڻ. اسان لاءِ ته اها ڳالهه جيئن ته مٿي لکيو اٿم ته ڪا اهميت نه ٿي رکي. اڃان به صبح جو وهنجڻ وڌيڪ اهم سمجهيو وڃي ٿو. پر هنن ملڪن ۾ سمهڻ کان اڳ نه وهنجڻ نه فقط گدلائي ليکيو وڃي ٿو پر پنهنجي ملڪ لاءِ اهو ”اميج“ چڱو ٿيو ته پاڪستان جا ماڻهو ڪيترو نه پنتي پيل آهن جن مان هڪ ڪي هو پهرين دفعو ڏسي رهيا آهن. هونءَ هتي جا ماڻهو اسان جي ملڪ جي ماڻهن کان تمام گهڻو متاثر آهن. ڪين خبر آهي ته اسان جي ملڪ جا ماڻهو ڪارون ۾ جهاز پيا ٺاهين، اسان جي ملڪ جا ڊاڪٽر دلين ۾ دماغن جون ڪامياب آپريشنون پيا ڪن. اسان جي ملڪ جا انجنيئر دريائن مٿان ۾ سمنڊن اندر بريڪ واٽر پيا ٺاهين. اسان جي ملڪ جا ماڻهو سائنس، ٽيڪنالاجي ۾ ادب ۾ نوبل پرائيز کان لينن پرائيز پيا کڻن_پاڙي جا طاقتور ملڪ ڊڄن پيا ته هي ماڻهو ائٽم بم نه ٺاهين_ پر اها ڪهڙي ترقي ۾ جديد پٽو چئبو جو هو سمهڻ کان اڳ وهنجڻ جهڙي اهم شيءِ نه سکيا آهن. اهڙا ماڻهو ڪيئن چاڻ وارا ۾ سڌريل چئي سگهجن ٿا.

ٿوري ٿوري دير کان پوءِ جيڪي پاڙي واريون ملئي عورتون مسز سفوران سان در وٽ ملڻ پئي آيون ۾ جن کي جڏهن خبر ٿي پيئي ته ڪو ڏاريئن ملڪ جو مهمان سندن پاڙي ۾ آيو آهي ته ويندي وقت پيرن جي پڻ تي ويهي هنن درىءَ مان ليئا پائي مون کي ڏٺو ٿي. اهي ٻئي ڏينهن منهنجي وڃڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي ساهيڙي سفوران کان پڇنديون ته پاڪستاني ماڻهو ڪيئن آهن ته پڪ سفوران کين اهو ٻڌائي تعجب ۾ وجهندي ته عجيب ماڻهو آهن جو ڏينهن ۾ به چار دفعا نه ٿا وهنجن پر سمهڻ مهل به نه ٿا وهنجن. خبر ناهي ننڊ ڪيئن ٿي اچين.



www.sindhsalamat.com



سو سائين سانجهيءَ مهل جيئن ئي مون کي منديءَ لاءِ چيائون ته پڌل دل سان ٽوال هٿ ۾ جهلي بنا ڪنهن بحث ۽ وقت وڃائڻ جي، پنهنجي ملڪ جي مڙني ماڻهن تي ٽڌو تورو ڪرڻ ڪارڻ اٿي ڪڙو ٿيس. ۽ تختن جي ڪمزور پل جهڙي ڪاٺائي فرش تان هلندو اچي وهنجڻ جاءِ تائين نڪتس ۽ اڌ باردي مٿان نائي آنگ لاٿم_ جيئن پوءِ گهر جا باقي ڀاتي وارو وٺن. پر پوءِ صبح جو جڏهن اٿڻ سان وري مندي منڊي ڪيائون ته مون وري ڪين وٺ نه ڏنو ۽ چيومانَ ته سامان ڪار ۾ رکي چڪو آهيان ۽ "سايا باليق ملاڪا"_ آئون ملاڪا پيو موٽان.

"چو چو. ترس ته سهي. نيرن به نه ڪائي ويندي چا_؟" سيني ڪورس انداز ۾ چيو. پر مون کين ٻڌايو ته آئون ڪوالالمپور جلد ڇڏي ملاڪا وقت تي پهچڻ چاهيان ٿو جيئن ڊيوٽيءَ تي وڃي چڙهان ۽ اڄوڪو ڏينهن موڪل ۾ نه سارجي.

"پر تو ڪالهه چيو هو ته اڄ موڪل وٺي آيو آهين هتان آرام سان ڏهين بجي ڌاري نڪرندين. ائين ته نه ڪر." هو مون کي زور ڀرڻ لڳا.

"ها، اهو صحيح آهي جو مون سوچيو هو ته مٿان اک دير سان کلي. پر جيئن ته سوير ئي سجاڳ ٿيو ويو آهيان ان ڪري اڄوڪو ڏينهن اجايو وڃائڻ نه ٿو چاهيان ۽ ڊيوٽيءَ ڪري اڄوڪو ڏينهن بچائي ٿو وٺان جيئن هڪ ڏينهن وڌيڪ وري موڪل ڪري سگهان." مون کين سمجهايو.

هتي هر هڪ سال ۾ پندرنهن ڏينهن موڪل ملي ٿي ۽ هر ڪو ڪوشش ڪري موڪل جا ڏينهن بچائي گڏ ڪندو آهي جيئن سال جي آخر ۾ ڪيڏانهن پري_ پينانگ، ڪيداح، پيراق، ترانگانو وڃي سگهي. يا ويندي پر وارن ملڪن: انڊونيشيا، ٿائيلينڊ، سنگاپور، برما ۾ اهي موڪلون گذاري سگهي. ڪين اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي پر ان هوندي به پڪ ڪيائون ته مون کي سندن گهر ۾ چڱيءَ طرح ننڊ ته آئي يا نه.

ڪين اهو ته مون يقين ڏياريو ڇڏيو ته واهه جي گهاٽي ننڊ آئي ۽ هڪ اهو به سبب آهي جو تازو ۽ نئوبنو محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ ڊرائيونگ ڪري ملاڪا تائين پهچڻ ۽ ڊيوٽي ڪرڻ ۾ ڪو به ٿڪ محسوس نه ڪندس. ملائيشيا جيتن جٿين جو ملڪ آهي. جيتوڻيڪ شهرن ۾ ايترا نه آهن پر ته به اسان لاءِ ته تمام گهڻا آهن جو اسان جي ملڪ جي ڳوٺن ۾ به ايترا جيت نه هوندا. پر هتي جا ماڻهو جيتن ۽ انهن جي چڪن ۽ آوازن جا ايڏو عادي ٿي ويا آهن جو در درين تي ڄاريون هڻن بنا به سمهيو رهن. پر اسان جي ملڪ جي ماڻهن لاءِ هتي جي هيڙين هالتن ۾ رهڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. ان ڪري ڪوالالمپور ويندي وقت پاڻ سان ڄاري ۽ جيتن ڀڄائڻ جو اليڪٽرانڪ هيٽر ڪٽي نڪتو هوس. پر منهنجن مهربان ميزبانن اهو اڳهين ئي سوچي مون واري ڪمري جي دريءَ وٽ "چڪري" ٻاري ڇڏي هئي جيئن مڇر يا جيت جٿيا مون کي نه ستائين. سو ظاهر آهي مون واري ڪمري ۾ جيت يا مڇر ته بلڪل نه هو پر چچيون سي ضرور هيون_ جيڪي پٿين ۽ ڇتين تي هلي رهيون هيون. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪيترن کي چچيءَ ڏسڻ سان ڪراهت ٿئي ٿي_ خاص ڪري هتي ٿلهين ٽنيرين ۽ هيڊين چچين کي ڏسي. پر چچي ڪا اهڙي شئيءِ ناهي جيڪا ستل ماڻهوءَ کي مڇرن ۽ هتي جي جيتن وانگر چڪ هڻي. پر پنهنجي ملڪ ۽ هتي جي چچين ۾ فرق آهي. ملائيشيا جو چچيون ڏيڏر وانگر زوردار رڙڪو ٿيون ڪن جو ستل اٿاريو ڇڏين.

ملائيشيا اچڻ تي اسان کي پهريون ته سچو مهينو سمجهه ۾ نه آيو ته رات جو اهو آواز ڪير ٿو ڪري. مون سمجهيو اهو پڪ ڏيڏر جو آواز هوندو. اسان جي هٿي پاڪستاني دوست چيف انجنيئر آصف غيور پڪ ڏيکاري ته اهو ٽڏ جو آواز آهي. گهر جي هڪ هڪ ڪنڊ ڪري ڳوليسين ته ڪا ٽڏ وغيره هجي ته ڀڄائجي پر رات جو وري ساڳي ٽر ٽر. پوءِ چا ٿيو جو هڪ فنڪشن ۾ ڪوالالمپور کان اسان جو پاڪستاني ظفر زبيري آيو. هو هتي ملائيشيا جي شپنگ ڪارپوريشن ۾ ٿي



www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪام

سال کن ڊائريڪٽر رهي چڪو آهي تنهن هتي جي جيت جڻ جي آوازن ۽ چڪن جي ڳالهه ڪندي چيو: ڏسو ته صحيح هتي جي چڇي ڏيڏر وانگر ٽر ٽر ٽي ڪري ڏيڏر ڏيکي وانگر." پوءِ اسان هڪ هڪ ڪري سيني چڇين کان گهر کي صاف ڪري ڇڏيو. پر هاڻ هتي هن گهر ۾ ٻين ملئي گهرن وانگر چڇيون هيون. نه فقط هيون پر تمام گهٽيون هيون. جن رکي رکي اهڙي ته ٽر ٽر ڪئي ٿي جو اسان جهڙن ماڻهن لاءِ_ جن کي بهترين حالت ۾ به ننڊ تمام ٿوري ۽ هوائي قسم جي اچي ٿي_تن لاءِ اهڙي حالت ۾ سمهڻ نا ممڪن هو. موني چڇين کي هُش هُش ڪري هڪلڻ سان هنن ڪلاڪ ڏيڍ ماٺ ڪئي ٿي ۽ ائين ئي ڪيم پئي ته جيئن ڪلاڪ ڏيڍ سمهي سگهان_ جيڪا ننڊ مون لاءِ تمام گهٽي ڪٽي نه ته ٻه چڱي خاصي ٿي سگهي ها پر اسان جي ميزبان مون واري ڪمري ۾ ماڻهوءَ جي قد جو جيڏو گهڙيال رکي ڇڏيو هو جنهن جو گرجا گهر واري گهڙيال جي گهنڊن جهڙو آواز ميلن کي ٻه چاڙهيو ٿي. منهنجي ميزبانن کي جي خبر هجي ها ته اهو گهڙيال مون کي ڊسٽرب ڪندو ته هو ڪڏهن به مون واري ڪمري ۾ نه ٽنگين ها ۽ هن ڊرائنگ روم يا ٻئي هنڌ جتي اصل رکيل هو اتي ئي رهڻ ڏين ها. پر هنن منهنجي ڪمري کي سهڻو ڏيکارڻ لاءِ اهو شو پيس (Show-Piece) رکيو هو_جيڪو پيس ته نه هو پر سڄي ساري آفت هئي. ٻيا گهڙيال ڪلاڪ بعد گهنڊ هڻن پر هن اڌ ڪلاڪ بعد به هنيا ٿي. ياد اٿم اسان جي ڳوٺ واري گهر ۾ ڪنهن زماني ۾ هڪ گهڙيال هوندو هو جيڪو پڻ لڏڪڻي (Penduleum) وارو هو. اهو هر اڌ ڪلاڪ کان گذرڻ تي اوترا ڌڪ هڻندو هو. پر اڌ ڪلاڪ بعد فقط هڪ ڌڪ هڻندو هو_ يعني خبر پوي ته اڌ ڪلاڪ گذري ويو. پر هن گهڙيال ته اڌ ڪلاڪ گذرڻ تي ته خبر ناهي ڪيترا ٽڪاءُ ٿي هنيائين. چوِ جو ڏهن، ٻارهن ۽ ٻارنهن تي به هڪ ٻئي پويان لڳاتار ايترا ته گهنڊ هنيا ٿي جو ڳڻڻ محال هو. پر ساڍن ٻارهن کان پوءِ هڪ تي فقط هڪ ۽ ٻن تي فقط ٻه نه پر شايد اوترا ڊزن ٽڪائن جا ڪيا ٿي. سو چڇين کان علاوه گهڙيال جي ٽڪائين به منهنجي ننڊ ڦٽائي هئي.

وقت گذارڻ يا ننڊ کي ميڙڻ لاءِ مون هڪ دفعو ٻيهر ٻاري ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو ٿي. پر ڏٺم ته ڇت ۾ ٻرندڙ بلب جي روشني نه فقط منهنجي ڪمري کي پر پر وارن سيني ڪمرن کي روشن ڪري ٻين جي ننڊ ڦٽائي رکي. چو جو هتي جي هيٺن گهرن جون ڀتيون اسان جي گهرن وانگر پٽ کان وٺي ڇت تائين نه ٿين پر ڇتين کان فٽ ڏيڍ کن هيٺ تائين ٿين ۽ اهي ڇت کي ٽيڪ يا ٽيپي ڏيڻ بدران فقط ٻن ڪمرن جي وچ ۾ پارٽيشن جو ڪم ڏين ٿيون. ان ڪري هڪ ڪمري جي روشني ۽ آوز ٻي ڪمري جي وچ ۾ پارٽيشن جو ڪم ڏين ٿيون. ان ڪري هڪ ڪمري جي روشني ۽ آواز ٻئي تائين هليو وڃي. بتي ٻرڻ ڪري ٻارن ۽ وڏن جي ننڊ ڦٽي ۽ مون بتي ڪني وسائي ڇڏي. پوءِ صبح تائين ائين جاڳندو رهيس.

مانيءَ لاءِ جيتوڻيڪ مون نه ٿي چاهيو ته ميزبانن کي ڪا به تڪليف اچي ۽ مون کي ڪو کاڌي جو شوق آهي. ان ڪري منجهند جي ماني ته ٻاهران ئي کائي آيو هوس. پر رات لاءِ به ايندي وقت کان ڪوشش ڪيم ته هو مون لاءِ ڪجھ خاص نه ڪن. پر ان هوندي به هنن ويچارن پنهنجي پر ۾ مون لاءِ ٽي چار مختلف ڊش ڪٽي تاهيا ۽ اصول مطابق مون لاءِ هر هڪ مان ڪجھ نه ڪجھ چکڻ ضروري هو پر بدقسمتيءَ سان انهن ۾ هڪ ٻه ته مڇيءَ جا ٻوڙ هئا. جيڪا الرجيءَ ڪري مون کي کائي نه هئي. ۽ ٻيا اهي ملئي ڊش هئا جيڪي سال سوا ملائيشيا ۾ گذارڻ بعد به اجان انهن جو ذائقو ٻانءِ نه پيو آهي. بهرحال خوش قسمتيءَ سان ٽيبل جي هڪ ڪنڊ تي آمليٽ ۽ ڊبل روٽي به رکي هئي جنهن جو Status ٻين ڊشن جي مقابلي ۾ جيتوڻيڪ ٻين لاءِ هيٺاهون هو پر منهنجي پسند جي شيءِ هجڻ ڪري مون ان کي ريڙهي پاڻ اڳيان ڪيو. ميزبانن جي زور ڀرڻ تي ناريل جي کير ۾ رڌيل ٻوڙ ۽ ڪنهن وڻ جي پنن ۾ ٻاڦيل ڀت جهڙين شين مان گرانهه به ضرور چکيم پر پنهنجي دل ڪچي ڪرڻ ۽ سندن دل رکڻ ڪارڻ.



www.sindhsalamat.com

ملاڪا موٽڻ وقت اهو ئي سوچيندو آيس تہ منهنجي پنهنجي عادتن ۽ رهائش جي اڍنگي اسٽائيل ڪري ميزبان ويچارن کي ڪيتري تڪليف رسي ۽ هاڻ آئيندي ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ بدران، ماٺ ميٺ ۾ ڪنهن هلڪي سلڪي هوٽل ۾ رات گذاري اچبي يا وري رات جو ئي موٽي واپس پنهنجي ڪکن ۾ رهڻ لاءِ ملاڪا موٽي اچبو.

## ڪوالالمپور پهچي ڇا ڏسجي؟

ملائيشيا گهمڻ لاءِ هرڪو ڪوالالمپور ضرور اچي ٿو. ڪوالالمپور ملائيشيا جي گاديءَ جو هنڌ آهي. وڏو ۽ مکيہ شهر آهي. سبانگ نالي بين القوامي هوائي اڏو توڙي پورٽ ڪلانگ نالي بندرگاهہ اٿس. منجهس ڪيترين ئي يونيورسٽيون، ڪاليج ۽ ٻيا تعليمي ادارا آهن. ڌارين ملڪن جا سفارتخانا توڙي هوائي ڪمپنين جون آفيسون ۽ ڪيترين ئي وڏيون هوٽلون پڻ ڪوالالمپور شهر ۾ آهن، ۽ ڪوالالمپور شهر هوائي اڏي ۽ سامونڊي رستي دنيا جي ملڪن سان ڳنڍيل آهي. ان کان علاوه ڪوالالمپور جو شهر ريل گاڏي ۽ بسن ذريعي نہ فقط ملائيشيا جي مختلف شهرن سان ڳنڍيل آهي پر پر وارن ملڪن: سنگاپور ۽ ٿائيليند جي ڪيترن ئي شهرن سان پڻ مليو پيو آهي. ڪوالالمپور جي ريلوي اسٽيشن تي ۽ پودورايا واري بس اسٽاپ تي سنگاپور ۽ ٿائلنڊ جي شهرن: حاديا، سونگ ڪلا، پٽايا ۽ بئنڪاڪ لاءِ بس جون ٽڪيٽون ائين عام وڪامن ٿيون، جيئن ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تي يا حيدرآباد جي پٺاڻ ڪالوني واري بس اسٽاپ تي ڄامشورو، پيٽارو، ٻڍاپور، سيوهڻ لاءِ. اهوئي سبب آهي جو ڪوالالمپور ۾ آيل مسافر مونجهہ ۽ تڪليف محسوس نہ ٿا ڪن. هنن جي چر پر تي آزادي ۽ رهائش لاءِ هر قسم جون هوٽلون موجود آهن. سياسي ۽ سماجي حالتون پڻ بهتر ۽ سڌريل آهن. ان ڪري دور دراز کان ماڻهو ٻي ڊپا تي ڪوالالمپور اچن ٿا. پوءِ ڪي خاص هلي ملي فقط ڪوالامپور گهمڻ لاءِ اچن ٿا. ڪي سنگاپور يا بئنڪاڪ ويندي واٽ تان ڪوالالمپور مان بہ ٿيندا وڃن ٿا. ڪي سرڪاري طرح ميڊيڪل، انجنيئرنگ، فئنانس، مئنيجمينٽ وغيره جون ڪانفرنس/ ميٽنگون اٽيند ڪرڻ لاءِ اچن ٿا ۽ ڏينهن ٻن جي مختصر رهائش دوران شاپنگ بہ ڪن ٿا تہ ڪجھ ڪجھ گهمڻ ڦرڻ بہ پسند ڪن ٿا.

هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڪوالالمپور ۾ ڏينهن ٻن لاءِ آيل همراهہ ڪي ڪوالالمپور جون ڪهڙيون شيون ڏسڻ ڪپن. هتي جا نقشا ۽ گائيڊ بڪ تہ ڪيترين ئي شين لاءِ لکن ٿا. پر ڪي جايون اهڙيون آهن، جيڪي اسان ايشيائي رهاڪن کي مزو ڏين ٿيون تہ ٻيون وري يورپ آمريڪا کان آيل همراهن کي. ايشيا جا ڪيترائي ملڪ آهن ۽ وري هر ملڪ جي مختلف صوبن جي ماڻهن کي جدا جدا جايون مزو ڏين ٿيون. مثال جي ڳالھہ آهي انڊيا کان آيل هڪ مدراسيءَ يا سري لنڪا کان آيل ڪنهن سلونيءَ کي ڪوالالمپور ۾ اچي رڍ جي پوک ڏسڻ مان ڪهڙو مزو ايندو ڇو جو اها هن لاءِ نئين ڳالھہ ناهي. اها تہ ڏکڻ هندوستان ۽ سريلنڪا ۾ بہ عام جام آهي. پر هندوستان جي علائقن يا يورپ آمريڪا کان آيل همراهن لاءِ اها نئين ڳالھہ آهي تہ ڪيئن صبح سوير عورتون وڻ جي ٿڙ کي ڇيهڪ ڏين ٿيون ۽ کير ٽيپو ٽيپو ٿي هيٺ ٽنگيل وٽيءَ ۾ گڏ ٿئي ٿو ۽ پوءِ اهي سڀ وٽيون هڪ وڏي ڊرم ۾ وجهي ان مان رٻڙ جون اڇيون چادرون ٺاهيون وڃن ٿيون_جيڪي پوءِ رٻڙ جي مختلف شين ٺاهڻ ۾ ڪم اچن ٿيون.

ساڳي طرح ڪوالالمپور شهر کان ٿورو پري سطح سمند کان ڇهہ هزار فوٽ کن مٿي جبلن جي چوٽيءَ تي Genting Highland نالي هڪ جڳھہ آهي گهٽو مٿي هجڻ ڪري هتي تمام گهٽو سيءُ رهي ٿو. جيتوڻيڪ هيٺ سڄي ملائيشيا ۾ سڄي سال ۾ ڪو هڪ اڌ ڏينهن بہ ٿڌڪار نہ ٿي ٿئي. هيءَ جڳهہ ايڏو مٿي آهي جو عمارتن جي چوڌاري ڪڪر ترندا رهن ٿا. (ان ڪري اتي ٺهيل هڪ جوا جي اڏي کي (Casino in Cloud) ”ڪڪرن ۾ جوا خانو“ سڏجي ٿو.)



www.sindhsalamat.com



گنتنگ هاءِ لئنڊس تي متي هڪ ننڍڙي ڍنڍ ۽ باغيچو پڻ آهي. ملائيشيا جا ماڻهو هتي گهڻو ڪري پڪنڪ لاءِ اچن ٿا. يا وري ٻارن جي ونڊر لاءِ_ جو اتي ٻارن جون ڪيترين ئي رانديون آهن. ويندي ٻارن جي چڙهڻ لاءِ مني ٽرين ۽ هلائڻ لاءِ ڪارون پڻ. سو هي جڳهه اهڙي آهي جيڪا بنا ڪنهن شڪ شبهي جي هتي جي ماڻهن جي لاءِ ته بيحد دلچسپ ۽ عجيب آهي، جو هو هتي ئي اچي سيءُ محسوس ڪن ٿا ته سيءُ ڇا آهي، پر هڪ ٻئي ملڪ جي يورپي انگريز لاءِ ويندي اسان جي ڪوهه مري، ڪوئيٽا، ايوبيه، گلگت واري همراهه لاءِ هيءَ جاءِ ڪجهه به حيثيت نٿي رکي جو اتي جي ماڻهن ان ڪان به اتاهن جبلن تي وستيون ڏٺيون آهن ۽ ان کان به وڌيڪ سيءُ ۾ گذاريو آهي.

سنڌ ۾ رهي اسان به سياري ۾ ته سيءُ جو زور چکيو آهي. سو ويندي اسان لاءِ به سيءُ ڪو نئين ڳالهه ناهي. پر هاڻ هتي لڳاتار ٻه اڍائي سال کان مينهوڳيءَ واري موسم ۾ رهي رهي ٿڌڪار ۽ سيءَ لاءِ تانگهه واري حالت ۾ جڏهن اتي پهتس ته برابر مزو آيو ۽ پنهنجي ملڪ جي سڪ ۽ ياد ويتر وڌي وئي. هوا ۾ اهو ئي هڳاءُ محسوس ٿيڻ لڳو جيڪو هلڪن سيئن ۾ سنڌ ۾ ٿيندو آهي. صبح کان وٺي شام تائين ويٺو هوس. دل ۾ چيم ته ڪوالالمپور ۾ سڀ ۾ هيءَ جاءِ معشوق آهي. ويتر مون لاءِ ته جبل جي ايڏي اتاهينءَ تي رهڻ جو به هڪ نئون تجربو ٿي لڳو. ٿي سگهي ٿو ٿڌي ملڪ جو ڪو باشندو يا ڪو اهڙو پاڪستاني جيڪو ڪوئيٽا يا گلگت کان آيل هجي، ان ڪي ڪوالالمپور ۾ هي شيءِ_ گنتنگ هاءِ لئنڊس ٽڪي جو مزو نه ڏئي پر آئون ته جڏهن کان گهمي آيو آهيان تڏهن کان چوندو وتان ته ڪوالالمپور ۾ ڪا شيءِ آهي ته اها گنتنگ هاءِ لئنڊس ئي آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو جڏهن ڪئپٽن وسطڙو مون وٽ ملاڪا ۾ گهمڻ آيو، ته ڪيس ۾ به گهمائڻ لاءِ جبلن جا ور وڪڙ اڪارائي متي گنتنگ هاءِ لئنڊس تي وٺي آيس. مون کي پڪ هئي ته سئيڊن جي مالمو يونيورسٽي کان آيل هي همراهه ڪوالالمپور جي اتاهين سرد جاءِ ڏسي مون وانگر خوش ٿيندو پر جڏهن پچيومانس ته هي جاءِ ڪيئن لڳي ته بنا ڪنهن تعجب يا تعريف جي وائڙن وانگر پڇڻ لڳو: ”هتي مون کي ڇو وٺي ڇو آيو آهين؟“

شڪي ٿيندي چيومانس: ”اهوئي ته هتي سيءُ ڪيڏو آهي ۽ جبل پڻ.“

ڪمال آهي هن ڳالهه جو مطلب سمجهي وراڻيو، ”سيءُ ۽ جبلن ڪري ته سئيڊن کان پڇي هفتو ٻه موڪل لاءِ هتي آيو آهيان، ۽ تون اجايو هيڏو تيل ساڙي هتي وٺي آيو آهين.“

ان وقت مون کي احساس ٿيو ته واقعي هي همراهه ٻن سالن کان، هن کان وڌيڪ وڏا جبل ڏسي رهيو آهي، ۽ هن لاءِ ته هي سيءُ ڪجهه به ناهي جو هن وقت هي مون وٽ ڳوٺ ۽ پوسٽ آفيس ”مچر“ ضلع ”نوشهروفيروز“ کان نه پر دنيا جي ٿڌي ۽ جابلو ملڪ سئيڊن کان پيو اچي ۽ هن سيءَ کان وڌيڪ سيءَ ته سئيڊن، ناروي، ڊئنمارڪ پاسي اونهاري ۾ ٿئي ٿو.

سو ضروري ناهي ته هر ماڻهو ۽ ڪوالالمپور جي هر هڪ شيءِ سٺي ۽ ڏسڻ لائق هجي. بهرحال مون کي گنتنگ هاءِ لئنڊس کان پوءِ ٻئي نمبر تي هتي جي Batu-Caves (باتو غارن) متاثر ڪيو. هي غارون ڪوالالمپور کان ڏهه ڪلوميٽر کن ٻاهر جهنگل جي وچ ۾ آهن. سڀ کان وڏي غار ۾ هندن جي ديوتا سبرانيم جو مندر آهي. رستي تي پولڙن ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيل ٽوئرسٽن جا انبوهه. ٻارن لاءِ ٽڪيون چاڪليٽ، پولڙن لاءِ چونئرا پڳڙا ۽ ديوتائن کي آڇڻ ۽ پاڻيڻ ٻائي جي صحت وڌيڪ سڌارڻ لاءِ مختلف مال پڙا وڪڻڻ وارا جام ملندا.

ڏاڪڻين جي هيٺيان ڪيترائي مدراسين جا دڪان آهن جن تي ملڪي ۽ غير ملڪي ماڻهو انڊين کاڌا_ خاص ڪري ڏکڻ هندوستان جا: دوسا، ادلي، وادلي، ڪيلي جي پن تي پت، دال گوبي، پالڪ ۽ گوشت جو چڊو پوڙ رکي کائيندا نظر ايندا. هر دڪان، هوٽل اڳيان ساون ۽ پڪل نارين جا ڍير نظر ايندا. آيل زيارتي ڪچن نارين جو کير (پاڻي) ۽ ملائي پنهنجي کائڻ



www.sindhsalamat.com

لاءِ وٺن ۽ پڪل سڄا ناريل مٿي غار ۾ رکيل ديوتائن جي مورتين اڳيان رکن. چوڏاري هندو مرد ۽ عورتون گوڏين ۽ ساڙهين ۾ ايترا تہ ڏسڻ ۾ ايندا، جو هي ٽڪرو ملائيشيا جو نہ پر بنارس جو حصو لڳي ٿو. ڏاڪا چڙهي مٿي اونهي غار ۾ بہ ڪجھ اهڙو ئي ماحول لڳي ٿو. ٻاوا ٻانيڻ آيل زيارتين کان پئسا، مٺايون ۽ ناريل وٺي پٿر جي مورتين اڳيان ڦيرائي، پنهنجي زبان ۾ ڪجھ منتر ڦيٽا پڙهي ان بعد هڪ ڦار ناريل ۽ ڪيلي جي وَٽَ طور همراهن کي واپس ڪرڻ ۾ مشغول نظر اچن ٿا.

غار ۾ چوڌاري اوندھ ڪري ڏيئا ٻرن. مٿي ڇت ۾ ٽارچ هڻڻ سان ڪئين هزار چمڙن جو ڳاڙهيون موتين جهڙيون اکيون چمڪنديون نظر اينديون. جيڪي ڏينهن جو اونڌا لڙڪي ننڊون ڪن ۽ سج لهڻ سان ٻاهر پڃي وڃن. صبح ٿيڻ کان اڳ وري سمهڻ لاءِ هتي موٽي اچن. ايترن سارن چمڙن جي هنگڻ مٽڻ ڪري رکي رکي سخت تکي ۽ سڙيل ڌپ اچي ٿي_ خاص ڪري غارن ۾ گهڙڻ وقت. پر پوءِ نڪ سگهوئي عادي ٿي ان ڌپ سان بہ صلح نامو ڪري ڇڏي. ان چُرپر جي ڇت ۾ هڪ هنڌ تان جبل جو وچ ڦاٽل آهي. ان مان مٿي نهارڻ سان ائين لڳي ٿو ڄڻ ڪنهن اونهي کوھ جي تري مان مٿي نهارجي.

هر سال هندن جي مذهبي ڏينهن_ٿائيپوسام تي ماڻهن جو هتي وڏو ميلو لڳندو آهي. جنهن ۾ هندو پوڄاري پنهنجيون مرادون پوريون ٿيڻ تي لوهي تارون ۽ ڪوڪا جسم ۾ چڀي ديوتائن کي پيٽ ڏين لاءِ مٿي تي مختلف سامانن جا ٿالھ رکي پيرين پنڌ سڄي شهر جي سرگس ڪري هنن غارن ۾ پهچندا آهن. ساڻن گڏ ڪيترائي تماشبين پڻ هوندا آهن.

بهرحال ڪوالالمپور ۾ هڪ ڏينهن يا گهٽ ڏينهن لاءِ ٽورسٽ، هيءَ چُن Lime Stone جي جبلن جون غارون ڪنهن وقت بہ ڏسڻ پاڻ سان هتي جون ڪيتريون ئي يادون وطن کڻي وڃي سگهي ٿو: مٿي چڙهڻ لاءِ سوين ايا ڏاڪا، ڊگهي پڇ وارن پولڙن جو آزاد نموني سان ڊوڙڻ ڊڪڻ، دڪانن اڳيان ناريل کي پڃي کير ڪڍڻ، آيل زيارتين جو سبرانيم ديوتا اڳيان ادب سان جهڪڻ، ڏٺڻ مٿن نوجوان ٻاون جو ڪرڙي اک سان سهٽين چوڪرين ڏي نهارڻ، چمڙن جي آواز جي سنهي چر پر ۽ مُٺ جي تکي ڌپ، ڪليل جبل جي ڏر مان رکي رکي مينهن جا ڇاٽ ۽ ٿڌي هير جو اچڻ، يورپين جو وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ ۽ فوٽو گرافي ڪرڻ، ملئي چوڪرن جو ۽ چوڪرين جو مهل ۽ ماحول مان فائدو وٺي ڏاڪڻين ۽ ڪنڊ پاسن تي روح رهاڻيون ڪرڻ_وغيره وغيره.

باتو غارن ۾ يا گينٽنگ هاءِ لئنڊ تي پهچڻ ڪا ڏکي ڳالھ ناهي. بسون ٽئڪسيون جتان ڪٿان وينديون رهن ٿيون. پر جي توهان ڪنهن هوٽل ۾رهيل آهيو تہ ان جو عملو بہ توهان کي توهان جي کيسي موجب بهتر سواري ٻڌائي سگهي ٿو.

*______________________*________________*

ڪوالالمپور جو قومي ميوزيم (ميوزيم نگارا) کي ڏسڻ لاءِ هتي جا سرڪاري توڙي غير سرڪاري گائيڊ بڪ گهٽو ڪجھ لکن ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ تواريخ جي شاگردن يا ان ماڻهوءَ لاءِ جنهن جو ٿورو يا گهڻو تواريخ جو مطالعو هجي يا هن ملڪ جي ڪجھ ڄاڻ هجيس يا ڄاڻ رکڻ چاهيندو هجي تہ پوءِ هيءَ جڳھ بيحد دلچسپ آهي. نہ تہ پيو ڪو ماڻهو جيڪو گهران سنگاپور مان شاپنگ ڪرڻ جو سوچي نڪتو هجي ۽ پوءِ واٽ تي ڏينهن ڪن ساهي پٽڻ لاءِ ڪولالمپور ترسي پيو هجي اهڙي ماڻهوءَ لاءِ ميوزيم (عجائب گهر) ڪهڙي اهميت رکي ٿو. ۽ ان ۾ رکيل پراڻيون ٽڪر پتر ۽ لوھ جون پراڻيون شيون ڏسي تہ بور ئي ٿيندو ۽ پوءِ اهڙي وقت ۽ پاڙي وڃائڻ کان بهتر آهي تہ هو تنڪو عبدالرحمان روڊ تي هليو وڃي. جتي گلوب سينٽر، هينڊري، رايل جويلرس، ڏيالچند، يونيورسل ڪارپيٽ وغيره جهڙا ماڊرن ۽ وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور آهن تہ فوٽ پاٿ تي ڍهين ڊالرن جي شيءِ آخر ۾ سودو ۽ بحث ڪرن بعد ٽن ڊالرن ۾ ڏيڻ وارا هٽڙا پڻ_ جن تي ڳھ



www.sindhsalamat.com

ڳنا، ڪپڙا، قيمتي غاليچا، ريڊيو ٽيپ رڪارڊر، ڪتابن کان وٺي بوٽ گنجيون، جوراب، واچون اند پينون ۽ ٻيو ضرورت جو سامان ملي ٿو ۽ اگهه پڻ گهٽرائي سگهجي ٿو. جتي خريداري ڪندڙ ماڻهن جا چهرا، ڪپڙا، ڳالهائڻ جو ڍنگ/ نمونو ڏسي دل وندرائي سگهجي ٿي. بڪ لڳڻ تي مئڪڊونلڊ، ڪينٽڪي، هئمبرگر جا سستا دڪان آهن ته سنڪ، گجر، ساڻي ۽ ٻيون شيون اجان سستيون وڪڻڻ وارا گاڏير پڻ. وٽي ته ڪنهن دڪان تان ڪوڪا ڪولا، سيون اپ، گلاب جو شربت يا ڪف سيرپ جهڙو روٽ بيئر وٺي پيئو يا ڳني جي رس واري ڪان تيہ سينٽن جو آيرتيبو سان پريل گلاس. (روٽ بيئر ڪوڪا ڪول وانگر شربت جو قسم آهي ۽ نہ بيئر جو ڪو قسم ۽ آريتيبو ڪمند جي رس جو ملئي نالو آهي. آير معنيٰ پاڻي ۽ تيبو معنيٰ ڪمند_يعني ڪمند جو رس) ان ڪان علاوه ملائيشيا ۾ ڪينٽڪي، مئڪڊونالڊ يا ٻين آمريڪن يا ٻاهرن ڪاڏن جي دڪانن تي حلال گوشت هلي ٿو ۽ ان جي پڪ لاءِ هر دڪان ۽ هر شيءِ جي لفافي ٻاهران دتغگونگ حلال (Ditanggung Halal) لکيل نظر ايندو.

تنڪو عبدالرحمان روڊ تي ڪجهه انڊين ۽ پاڪستاني ريسٽورينٽ پڻ آهن جيئن بلال ريسٽورينٽ جي برياني مشهور آهي. شيراز هوٽل ڪاڏي ۽ رهائش ڪا مشهور آهي. ڪو اڪيلو آهي ۽ پنهنجي خرچ تي گهمي رهيو آهي ته پوءِ شيراز هوٽل جو تيهن دالرن م بنا ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمرو يا پنجونجاهه دالرن ۾ ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمرو ٻين مهنگين هوٽلن ۾ رهڻ ڪان بهتر آهي. شيراز هوٽل جا چڪن تڪا، نان ۽ ڪواب تمام مشهور آهن پر اهي شيون ان پاڪستانيءَ کي گهڻو مزو ڏئي سگهن ٿيون جيڪي ملائيشيا ۾ نوڪري يا واپار خاطر رهن ٿا ۽ ڪين پنهنجي وطن پاڪستان ڪان آئي گهڻو وقت ٿي ويو آهي. اهڙا ماڻهو هن هوٽل ۾ پنهنجي وطن جو سڪون پوريون ڪري سگهن ٿا. باقي هڪ اهڙو ٽورسٽ جيڪو هفتي يا پندرنهن ڏينهن لاءِ هنن ملڪن جي سير لاءِ آيو هجي ان لاءِ مئڪڊونلڊ يا هئمبرگر يا ڪينٽڪي فرائيڊ جي ڪڪڙ يا هتي جي هوٽل ساتي (ٻوٽي ڪواب)، روٽي (اڦراٽا)، مرتباڪ ( قيمي جا اڦراٽا) سستا، لذيذ ۽ نئين شيءِ آهي. چو جو شيراز، اڪبر بلال، عمر خيام جهڙين انڊين هوٽلن ۾ پنهنجي ملڪ جو ڪاڌو ته ملي ٿو پر تمام مهنگو پوي ٿو خاص ڪري ڪجهه ڏينهن گهمڻ لاءِ آيل همراهه لاءِ هنن هوٽلن جو ڪاڌو ايترو ڪو سستو ناهي جيئن چڪن تڪو پنجن ڊالرن جو_ يعني پنجتيهه رپيا ٿيا ۽ پنهنجي ملڪ ۾ نائين رپئي ملي ٿو. ڪڪڙ جو جيرو فراءِ ٿيل يا پوڙ رڌل، ڪواب جو چهه ڪن شيخون، ٻوٽي ڪواب يا قيمي جو پوڙ_ هر هڪ ايتري جو ئي آهي. في نان يا افراٽو ٻن ڊالرن جو_ يعني تيرهن رپئي جو ٿيو. ٽماٽا، ونگي ۽ بصر جو ڪچومر (سلاد) پڻ ايترن ئي ڊالرن جو آهي. ڳائي، ٻاڪري، ڪڪڙ يا ڪانگڻ جي برياني پڻ پنجتيهه رپين ڪن جي پليٽ آهي. بهرحال وري بہ ملائيشيا جون هي هوٽلون سستيون آهن. پر ان ڪان بهتر آهي ته ڪجهه ڏينهن لاءِ آيل پاڪستاني هن ملڪ جون مڻايون، ڪاڌا ۽ ميوا وٺي ڪائي ته اهي سستا بہ آهن ته هن لاءِ سٺو تجربو پڻ ٿيندو. پر جي ڪو شاهوڪار ماڻهو آهي_ پئسي وارو صاحب آهي ته پوءِ ان لاءِ دنيا جي ٻين وڏن شهرن وانگر ڪوالالمپور ۾ پڻ ڪيٽريون ئي اتم ۽ اعليٰ هوٽلون آهن جتي رڳو آمليٽ بيضو ئي چاليهه ڪان پنجيتاليهه رپئي ڪان شروع ٿئي ٿو ۽ سلاد جي ساسر بہ سٺ ستر رپيا آهي.

بئنڪاڪ ۽ سنگاپور وانگر ڪوالالمپور شهر جي پڻ اها خاصيت آهي ته ان ۾ گهٽ پئسي واري ماڻهوءَ لاءِ پڻ سستيون ۽ ساڳي وقت چڱيون هوٽلون آهن. ان ڪري ملائيشيا جي ٻين وڏن شهرن وانگر ڪوالالمپور پڻ هڪ غريب پرور شهر آهي ۽ ٽورسٽ، شاگرد ۽ ٿورن پئسن ۾ گهڻا ڏينهن گذراڻ واري لاءِ ڪوالالمپور هڪ آئيڊيل شهر آهي. ملائيشيا جي ٻين وڏن شهرن وانگر ڪوالالمپور ۾ پڻ هر شيءِ حلال ملڻ ڪان علاوه اها بہ خوبي آهي ته هتي ڪنهن بہ ڪاڌي ۾_ اٽي گيهه ڪان وٺي مرچن ۽ چانهه جي پتيءَ ۾ ملاوت ناهي. ان ڪري ڌاريون ٽورسٽ بي فڪر رهي ٿو ۽ ڪيس بيماريءَ جو ڊپ ڊاءُ نہ ٿو رهي.



www.sindhsalamat.com

رهائش لاءِ پڻ ڪوالالمپور ۾ شيراز امبسي هوٽل، ميڪسيڪو هوٽل ۽ ريلوي اسٽيشن جي هوٽل کان علاوه پيون ٻه ڪيٽريون ئي سستيون جايون آهن. خاص ڪري شاگردن ۽ گهٽ پئسي ۾ گهٽو گهمڻ واري همراهه لاءِ. هڪ ته برڪ فيلڊ واري روڊ تي واءِ ايم سي اي YMCA آهي جنهن ۾ گذريل مهيني منهنجو به رهڻ ٿيو هو. ينگ مين ڪرسچن ائسوسيئيشن جو هھڙيون ڪلب نما هوٽلون دنيا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ آهن: يوڪاهاما، هانگ ڪانگ کان وٺي ڪراچي ڪوالالمپور تائين. پوءِ ڪن ملڪن ۾ منجهن رهائش جو معيار سٺو آهي ته ڪن هنڌن جو سادو سودو. جيئن ته سنگاپور جي YMCA ته تمام سٺي آهي . پر ڪوالالمپور يا پينانگ شهر جي مڙيئي غنيمت آهي. بهرحال آهي تمام سستي. خاص ڪري شاگردن لاءِ يا انهن لاءِ جيڪي گهران تورا پئسا کڻي نڪرن ٿا. ڪار پارڪ ڪرڻ جو پڻ مفت بندوبست آهي. ڪمرن ۾ جيٽوٽيڪ چوويھ ڪلاڪ روم سروس ڪانهي پر تڏنهن به ڪوسو ۽ ٿڌو پاڻي وهنجڻ توڙي پيئڻ لاءِ موجود رهي ٿو. ٻه ٽوال، ٿرماس، ٽي وي، فون، گڏيل وهنجڻ جاءِ جو هر ڪمري سان بندوبست آهي. هن ٿماڙ عمارت واري واءِ ايم سي اي ۾ هيٺ ريسٽورينٽ آهي. جنهن جي ماني چڱي سٺي ۽ سستي آهي. ان کان علاوه ٻاهر روڊ جي ٻي پاسي پڻ ڪيٽريون ئي انڊين، ملئي ۽ چيني هوٽلون ۽ دڪان آهن. جن تي ڪائي پي سگهجي ٿو. ميڪسيڪو، ليڊو جهڙيون رهائشي هوٽلون پڻ آهن_جيڪي YMCA کان به سستيون آهن، پر اخلاقي طرح ڪريل چيون وڃن ٿيون جو انهن جي قطار ۾ اگهاڙا مساج (مالش) گهر آهن.

واءِ ايم سي اي ۾ رهائش لاءِ مختلف قسم جا ڪمرا آهن. هڪڙا چئن ماڻهن جا وڏا ڪمرا آهن. ان جي مسواڙ فقط ڏهه ڊالر في ماڻهو آهي_يعني سٺ رپيا ڪن ٿي. ٻيو سنگل روم آهي جنهن ۾ ماڻهو اڪيلي سر رهي سگهي ٿو. سنگل رومن ۾ جيڪي ايئر ڪنڊيشنڊ بنا ڪمرا آهن انهن جي مسواڙ ارڙهن ڊالر آهي باقي ايئر ڪنڊيشنڊ واري جي چاليهه ڊالر آهي. اهڙي طرح ڊبل بيڊ وارن ڪمرن جي پنجاهه ڊالر آهي. بهرحال هي 1984 ع ڌاري جون قيمتون آهن جڏنهن ملئي ڊالر (رنگٽ) ستين رپئي آهي ۽ آمريڪن ڊالر ويهين رپئي صرف. اڳتي هلي ڇا ٿيندو ان لاءِ چئي نه ٿو سگهجي.

هڪ رات واءِ ايم سي اي جي ريسٽورينٽ ۾ ماني کائي چانهه پيئڻ لاءِ ٻاهر هڪ مسلمان مدراسيءَ جي هوٽل ۾ اچي ويٺس جتي ٻيا به ڪيترا يورپين ويٺا هئا جيڪي مختلف ملڪن کان هتي گهمڻ لاءِ آيا هئا. منهنجي ٽيبل تي ٻه سئيٽزرلئنڊ جا ويهن پنجويهن سالن ڪن جا نوجوان ويٺل هئا. هو ڏهه ڏينهن کن بئنڪاڪ (ٿائليند) ۾ رهي پوءِ هتي آيا هئا. ڪوالالمپور ۾ سندن اجان پهريون ڏينهن هو. ڪانئن ڪوالالمپور جو حال پڇيم جنهن جي موسم ته بهتر ٿي لڳن. پر واءِ ايم سي اي جي رهائش مان مطمئن نه هئا. ”اسان سئٽزرلئنڊ ۾ جيڪو گائيڊ بوڪ پڙهيو هو“ هنن ٻڌايو، ”ان ۾ ته YMCA جي ڊارميٽري جي مسواڙ پنج ڊالر في ماڻهو لکيل هو ۽ هاڻ هي ڏهه ڊالر في ماڻهو پيا وٺن.“

”دراصل مهنگائي جتي ڪٿي وڌڻ ڪري هنن به پنهنجا اگهه وڌايا آهن.“ مون کين چيو”پر تڏنهن به يورپ ۽ آمريڪا جي ڀيٽ ۾ هيءَ سستي آهي.“

”ها پر اسان ته اجان به وڌيڪ سستائيءَ جو سوچي گهمڻ لاءِ نڪتا اهيون. هاڻ ايترو روز پريندا رهياسين ته اسان کي سوچيل ڏينهن کان اڳ موٽڻو پوندو.“

مٿين ڳالهه لکڻ جو مطلب فقط اهو آهي ته هي جو ماڻهو ولايتون گهمندا وتن ويندي پاڪستان ۾ به جيڪو يورپي آمريڪي نظر اچن ٿا سي ڪي سڀ پئسي وارا به ناهن. گهٽي پئسي سان ته هر ڪو گهمي سگهي ٿو پر ڪيترائي اهڙا به دنيا جي گولي تي گهمندا ڦرندا نظر اچن ٿا جيڪي توري پئسي مان گهڻي کان گهڻو ولائت گهمڻ ڪي ئي آرٽ سڏين ٿا.

سنڌ سلامت ڪام

**ملائيشيا_ ھڪ ماڊرن شھر**

ملائيشيا ملڪ جي گاديءَ جو ھنڌ_ڪوالالمپور ڪو ايڏو گھڻو پراڻو شھر ناھي . ملائيشيا ۾ جي ڪو پراڻوءَ تواريخي شھر سڏجي ته وري به ملاڪا چئي سگھجي ٿو جيڪو پڻ پيڪنگ، دھلي، ٺٽي ۽ لاھور جيان تمام پراڻو شھر ته نه آھي پر تڏنھن به چوڏھين پندرھين صديءَ کان چڱو دور دراز جي ملڪن ۾ مشھور ٿي ويو آھي. بلڪ اڳ زماني ۾ ته ملائيشيا (ملايا) به ملاڪا جي نالي سان ڄاتو سڃاتو ويندو ھو. اڄ کان ڇھ سئو سال کن اڳ پرميشوارا نالي سماترا جي ھڪ شھزادي ملاڪا تي قبضو ڪري سڄي ملايا کي پنھنجي ھٿ ۾ ڪيو. ان بعد 1511 ع ۾ پورچوگالين ملاڪا تي حملو ڪري ملاڪا ۾ حڪومت قائم ڪئي. ساڳي طرح ڊچن ۽ پين ڌارين حاڪمن ڪيو. انھن ڏينھن ۾ ڪوالالمپور شھر جو ته ڪو وجود ئي نه ھو. بلڪ نشانيءَ خاطر ڪا سر به رکيل نه ھئي.

ڪوالالمپور شھر جي ته شروعات ئي ڳڌريل سوا سئو کن سال اڳ کان ٿي آھي_ يعني ان حساب سان انگلينڊ جي ڪمپني ھينز ۽ منگي (چٽنيون آچار ٺاھڻ وارين) جا ڪارخانا پراڻا آھن ڪوڪا ڪولا ۽ گرائيپ واٽر ته اڃان به پراڻا آھن. بھرحال اھو آھي ته ڪوالالمپور ننڍڙي ڳوٺڙي مان لڳاتار ترقي ڪندو اڄ واري اوج تي وڃي رسيو آھي.ڪوالالمپور اڄڪلھ آزاد ملائيشيا جي گاديءَ جو ھنڌ آھي ۽ ڏينھون ڏينھن ماڊرن ٿيندو ٿو وڃي ۽ ھن پاسي سنگاپور کان پوءِ ڪوالالمپور شھر ئي آھي جنھن ۾ تڪائي سان نيون عمارتون ۽ رستا ٺھڻ ڪري سندس ھر سال روپ بدلجندو وڃي. پئسي ڏوڪڙ جي ريل پيل ڪري ھن شھر ۾ جنھن رفتار سان نين نين عمارتن، رستن ۽ موٽر ڪارن جو تعداد وڌندو وڃي ان جو مثال اوسي پاسي جي وڏن شھرن:بئنڪاڪ، جڪارتا، ڪولمبو، رنگون ۽ منيلا ۾ به نه ملندو. پراڻين مور عرب (Moors) ۽ گوٿڪ نموني جي عمارتن ۽ مسجدن منارن پر سان آسمان سان ڳالھيون ڪندڙ رڪ ۽ شيشي جو عمارتون، ساوا ۽ چانءِ رسائيندڙ وڻ ۽ چيرون، گل ٻوٽا ڏينھون ڏينھن ڪوالالمپور کي سھڻو بنائي رھيا آھن. ڪوالالمپور نئون ۽ پراڻو شھر سڏجي ٿو. مشرق ۽ مغرب جو ميلاپ چئي سگھجي ٿو_ جتي ڪنھن عرب خليفي جي محلات جھڙي پراڻي ريلوي اسٽيشن به آھي ته شانگريلا ۽ منگ (Ming) ھوٽلن جھڙيون اڄ جي دور جو جديد عمارتون پڻ آھن. راجا لائوت روڊ تي جتي الف ليلوي ڪھاڻين جي صفحن تي ڏٺل تصويرن جھڙيون عمارتون آھن اتي ائمپنگ روڊ تي ٺھيل شيشن جي لفٽن، شيشي جي پٽين ۽ سينٽرلي ايئر ڪنڊيشنڊ سسٽم سان ٺھيل گنزا، سانزلي ۽ ٽائيمس اسڪوائر جھڙيون بلڊنگون پڻ آھن. ڪوالالمپور شھر مختلف رنگن ۽ ماڻھن ۾ سنگاپور ۽ لنڊن جي ڪجھ حصن جھڙو لڳي ٿو. ھتي باجُو ڪورونگ ڊريس ۾ ھلندڙ ملئي ڇوڪريون، ساڙھين ۾ انڊين عورتون، پگ ٻڌل سک، سرونگ (گوڏ) ۽ سونگڪاڪ (ڪارين ٽوپين) ۾ ملئي مرد، چيانگسم وڳن ۾ سنھڙيون چيني عورتون، گيڙو وڳن ۾ ٺوڙھا ٻڌ ڀڪشو ۽ اڇن جبن ۾ عيسائي پاوا ۽ نن گھمندي ڦرندي نظر ايندا.

ڪوالالمپور ۾ نه فقط ڪپڙن جا رنگ ۽ نمونا جدا جدا نظر ايندا پر کاڌن جو خوشبوئون پڻ. ڪاڌي وارين بازارن مان لنگھندي ھڪ ئي وقت ملئي کاڌن جو پچڻ، ترڻ ۽ سڙڻ جو خوشبوئون ايندينون آھن ته انڊين ۽ چيني کاڌن جون پڻ. ساتي، بوھانا، ناسي لمہ، ناسي گورينگ، ريدانگ، پاڊانگ، سئمبل اڊانگ، مي، بي ھون، توڪئا، لڪسا وغيره انھن مان ڪجھ مٺاڻ ۽ ڪجھ ڇھر جو شيون آھن. ڪوالالمپور لفظ جي معنيٰ آھي ”گپ واري نديءَ جو منھن“ لمپور معنيٰ گپ ۽ ڪئالا معنيٰ نديءَ جو منھن. سوا سئو سال کن اڳ ڪوالالمپور اھوئي ڪجھ ھو. پوءِ به پھرين چار گھرڙا ۽ جھونپڙيون ٺھيون، انھن مان ڳوٺ ۽ پوءِ شھر. ڪلانگ ندي ۽ گئمباڪ نديءَ جي ڳانڍاپي وٽ ھي شھر آھي. ھتان کان پوءِ ھي نديون ھڪ ٿي سمنڊ ۾ وڃيو ڇوڙ ڪن.



www.sindhsalamat.com

هونءَ تاريخ جي ڏِگهي وهڪري ۾ سئو سال ڪو ڏِگهو عرصو ناهي. ان ڪري هن شهر کي پراڻو چئي نٿو سگهجي. ساڳي وقت هي شهر سرڪاري پروگرام موجب هڪدم بہ نہ ٺهيو جيئن ڪٺي چئجي تہ پاڪستان جو اسلام آباد، ترڪيءَ جو انقرہ، آسٽريليا جو ڪئنبرا يا برازيل جو براسيليا.

ڪوالالمپور جو شهر صحيح معنيٰ ۾ 1857ع کان ٽين (Tin) جون کاڻيون ملڻ ڪري اڏڻ ۽ وڌڻ شروع ٿي ويو هو. اهو سن جڏنهن هندوستان ۾ ماڻهن انگريزن خلاف بلوو ڪيو هو.

ملائيشيا ۾ هاڻ تہ ڪيترن ئي هنڌن تي ٽين جون کاڻيون آهن پر تن ڏينهن ۾ فقط هڪ اڌ کاڻ اتر ۾_پيراڪ جي ڪنٽا ماٿريءَ ۾ هئي. ۽ هي ڌنڌو آهستي آهستي مشهور ٿي رهيو هو. ماڻهو ان ڳولا ۾ هئا تہ ڪٿان نہ ڪٿان ٻئي هنڌان پڻ ٽين نڪري. انهن ڏينهن ۾ افواه عام ٿيا تہ ڪلانگ نديءَ جي چوڙ وٽ_جتي هاڻ جو ڪوالالمپور آهي ٽين جون تمام گهڻيون کاڻيون آهن. سو 1830ع ۾ سلانغور (Selangor) رياست جي راجا_سلطان محمود هن علائقي جي کوٽائي شروع ڪئي پر ناڪام رهيو. پر ان ناڪاميابيءَ هوندي بہ افواهہ جاري رهيا تہ ان علائقي ۾ ٽين تمام گهڻو آهي. پوءِ 1857ع ۾ انهيءَ راجا جي ڀائٽي راجا جمعت پنهنجن ٽن ساٿين سان گڏ ٽين جي کاڻين جي ڳولا وري شروع ڪرائي. راجا جمعت کان اڳ بہ اتراهن علائقن ۾ ٽين جي کوٽائي ۽ ڪاروبار مان چڱي ڪمائي ۽ تجربو حاصل ڪري چڪو هو. هن پنهنجي ساٿين ۾ هڪ تہ پنهنجو ڀاءُ راجا عبدالله شامل ڪيو ۽ وڏيڪ ناڻي ۽ خرچ پکي جي مدد لاءِ ملاڪا جا بہ چيني واپاري: چي_يم_چئان ۽ لم_سي_هو شامل ڪيو. انهن ڏينهن ۾ هي سڄو علائقو جهنگل هو. ۽ جهنگل بہ اهڙو گهاٽو جنهن مان ماڻهو هلي سگهي ۽ مٽان ڪو اس جو ترورو پوي. پر هنن کاڻين جي ڳولا ۽ کوٽائيءَ لاءِ هنن ستاسي (87) چيني مزور هٿ ڪيا. جهنگ مان رستو ٺاهي اڳتي وڌڻ تہ مشڪل ڪم هو سو هو ٻيڙين رستي ڪلانگ نديءَ مان اڳتي وڌي ان هنڌ تي پهتا جتي اڄ جو ڪوالالمپور آهي جتي ڪلانگ نديءَ سان گمباڪ ندي ملي ٿي. اتي پهچي هي همراه ٻيڙين مان لٿا ۽ ٽين جي ڳولا ۾ گهاٽن جهنگلن ۽ ٻيلن ۾ گهڙي پيا. آخر ڪار هن هڪ هنڌ ٽين جا تمام وڏا ذخيرا ڳولي ورتا. اهو هنڌ ڪوالالمپور جو اڄ وارو ائمپنگ علائقو هو.

ٽين ملڻ جي خوشي تہ تمام گهڻي ٿي. پر اها يڪدم مايوسيءَ ۾ بدلجي ويئي. تن ڏينهن ۾ ملائيشيا جي جهنگلن ۾ ايڏا زهريلا مڇر هئا جو مهيني اندر سواءِ ويهارو کن ماڻهن جي باقي مزور هڪ هڪ ٿي مليريا وگهي مري ويا. راجا عبدالله دل نہ لاٿي ۽ ڏيڍ سئو مزورن جو ٻيو جٿو وٺي ساڳي هنڌ تي ٽين جي کوٽائي جو ڪم شروع ڪرايو. ۽ پوءِ ڪجهہ عرصي جي کوٽائيءَ بعد ٽين جي لڳاتار سپلاءِ کاڻين کان درياهہ جي ڪناري تائين ۽ پوءِ ٻيڙين جي رستي واپاري اڏن تي پهچڻ شروع ٿي ويئي.

1859ع ۾ ٽين جي خريداري ۽ وڪري لاءِ اتر کان بہ وڏا چيني واپاري:هيو_سيو ۽ آهہ_ذي_ڪيليبڪ هتي آيا. هيو سيو (Hiu-siew) تہ تمام هوشيار حرفتي هو ۽ راجا عبدالله سان ايڏي دوستي ٿي ويس جو هن کيس ان وقت جي هن ننڍڙي ڳوٺڙي ڪوالالمپور جو وڏيرو/ اڳواڻ مقر ڪيو ۽”ڪئپٽن چينا“ لقب ڏنو. هن جي رهبري ۾ راڄ ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو. 1862ع ۾ ڪئپٽن چينا جي مرڻ تي سندس جاءِ هڪ ٻئي چيني ليو_نگم_ڪانگ والاري ۽ ان بعد يپ_آهہ ٿيو. يپ_آهہ جي ڪئپٽن چينا ٿيڻ تي ڪافي مخالفت ٿي جو هي ٻين چينين جي مقابلي ۾ ڏاريون هو ۽ ويجهڙائيءَ ۾ چين کان ملاڪا آيو هو ۽ 1854ع ۾ جڏنهن ملاڪا پهتو تہ بنا پئسي ڪوڏيءَ جي سترهن سالن جو ڇوڪرو هو ور ي ان بعد حرفتن، اٽڪلن ۽ ڏاهپ جي ڪري چوڏنهن سالن اندر هڪ طاقتور عهديدار ٿي ويو هو.

*____________*__________*



www.sindhsalamat.com

مغربي ملائيشيا ۾ ڪل يارنهن رياستون آهن. جهڙوڪ: پيراق، ڪيداح، ترنغانو، پهانگ وغيره. ڪوالالمپور جو شهر جنهن رياست ۾ اچي ٿو ان جو نالو سلانغور آهي. ڪوالالمپور شهر جي وجود کان اڳ صدين تائين سلانغور رياست جي گاديءَ جو هنڌ هو. هي شهر ڪوالالمپور کان پاويهه ميل کن پري آهي ۽ اڄ به بندرگاهه اتي ئي آهي. 1879ع ڌاري، ڪوالالمپور شهر جي ايرڻ ۽ اهم ٿيڻ ڪري سلانغور رياست جي گاديءَ جو هنڌ ڪلانگ مان بدلائي ڪوالالمپور رکڻ جو تياريون شروع ٿي ويون. 1880ع ۾ انگريز به پنهنجيون آفيسون ڪلانگ مان ڪٽائي ڪوالالمپور ۾ آيا. پينانگ، ملاڪا ۽ سنگاپور ۾ ته انگريز ڪڏهوڪو ڄمايو ويٺا هئا ۽ اهي شهر ته سڄا سارا سندن ٿي چڪا هئا. پر سلانغور جهڙين رياستن ۾ به انهن جي حاڪمن/ سلطانن سان معاهدا ڪري پنهنجا ماڻهو ۽ آفيسون رکي ويٺا هئا. 1890ع ۾ هن پاسي جي انگريز گورنر سي فريڊرڪ ويلڊ ڪوالالمپور جو پهريون دورو ڪيو. ڪيس ڪوالالمپور جي هي وجود ۾ آيل نئون شهر بيحد پسند آيو ۽ سنگاپور مان هڪ انگريز آفيسر مسٽر فرئينڪ سويٽن هام کي برطانيا طرفان ريزيڊنٽ مقرر ڪري ڪوالالمپور ۾ رکيو. (هي اهو انگريز آهي جنهن جو نالو پوءِ ڪلانگ شهر ۽ بندرگاهه تي رکيو ويو ۽ انگريزن جي حڪومت تائين پورٽ ڪلانگ کي پورٽ سويٽن هام سڏيو ويو ٿي. پر پوءِ ملائيشيا کي آزادي ملڻ تي سندس وري ساڳيو نالو پورٽ ڪلانگ رکيو ويو.) سندس نالي سان روڊ پڻ هو جنهن جو هاڻ نالو جالان تن اسماعيل رکيو ويو آهي. ساڳي طرح هاڻ وارو جالان راجا چولان انگريزن جي ڏينهن ۾ ويلڊ روڊ هو.

ڪوالالمپور ۾ پهرين سڀ ڪچا گهر ۽ ڪکاٺان گهر هئا. پر پوءِ انگريزن جي اچڻ تي هُنن ماڻهن کي اهي گهر سرن، چُن ۽ گاري ۽ گچ جا اڏڻ جي ترغيب ڏني. 1887ع تائين اهڙا پنج سئو کن پڪا سرن وارا گهر ٿي ويا ۽ سڄي ڪوالالمپور جي آدم شماري پڻ وڌي چار هزار وڃي ٿي. شهر پڻ ڪجهه وڏيڪ وٿندڙ ۽ صحت مند ڏسڻ ۾ لڳو. ڪجهه ڪجهه ڪورا ۽ ڪارخانا پڻ وجود ۾ آيا جن ۾ڪاٺين جي ڪوٽائيءَ جا اوزار تيار ٿيندا هئا. 1884ع ۾ ڪوالالمپور جي گهٽين ۾ فانوس لڳايا ويا جن ۾ روز شام جو گاسليٽ وجهي ٻاريو ويندو هو. ۽ 1888ع ۾ ڪوالالمپور شهر ۾ پهرين ٻاڦ تي هلندڙ ٻاهه وسائڻ جي انجڻ آئي. ۽ پندرهين سيپٽمبر 1886ع تي ڪلانگ شهر کان ڪوالالمپور تائين پهرين ريل گاڏي هلڻ شروع ٿي.

ربڙ جا وڻ (Herea Brashliensis)، سن 1876ع ۽ 1877ع ۾، ملائيشيا ۾ انگريزن متعارف ڪرايا ۽ 1897ع تائين ملائيشيا جي اٺن رياستن ۾ اهي عام ٿي ويا. 1884ع ڌاري ڪوالالمپور جي ٻهراڙيءَ واري علائقي ۾ ڪافيءَ جي پوک پڻ شروع ڪئي ويئي هئي جيڪا تمام گهٽي ڪامياب ٿي. پر سن 1900ع ۾ پوک کي ڪيڙا لڳڻ ۽ اڳهه ڪرڻ ڪري جو اها بس ٿي وئي ته وري ساڳي اوج تي نه اچي سگهي آهي. هاڻ اها بس ذري گهٽ نه برابر آهي.

ڪوالالمپور جي تواريخ ۾ سال 1890ع يادگار سال چيو وڃي ٿو جنهن ۾ سيام (ٿائلنڊ) جي بادشاهه ڪوالالمپور جو دورو ڪيو ۽ پهريون انگريزي اسڪول کليو. هن ئي سال سنيٽري بورڊ پڻ قائم ڪيو ويو جنهن جو ڪم شهر جي وڌندڙ حالتن کي ڏيان ۾ رکي ان موجب صفائي، سٿائي ۽ روشنيءَ ڏي خيال ڏيڻو هو. 1893ع ۾ سڀ کان وڏو انگريزي اسڪول Victoria institution کليو ۽ 1896ع ۾ ملايا جي ٻين رياستن جي گاديءَ جو هنڌ پڻ ڪوالالمپور ڪيو ويو. انهيءَ سال اپريل ۾ ائمپنگ ۾ پاڻيءَ جي وڏي ٽانڪي ٺاهي ويئي جنهن مان پائيپن رستي ڪوالالمپور شهر جي گهرن کي پاڻي پهچائڻ جو ڪم شروع ٿيو. ڪوالالمپور شهر جي وچ ۾ جيڪو پودو جيل آهي اهو پڻ ان سال ٺهي راس ٿيو هو. ان جي ٺهڻ تي انهن ڏينهن ۾ سوا ٽي لک ڊالر خرچ آيو هو ۽ ان ۾ پنج سئو ويهه قيدين جي رهائش رکي ويئي. ملائيشيا جي انگريزي اخبار ملئي ميل (Malay Mail) پهرين روزاني اخبار هئي جيڪا 1896ع ۾ ڪوالالمپور مان جاري ٿي ۽ اڄ ڏينهن تائين هلندي اچي. هن اخبار جو شروعات ۾ فقط ٻه سئو ڪاپيون روز نڪرنديون هيون.



www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪام

1910ع ڌاري ڪوالالمپور جي آدمشماري اڌ لک کن تائين اچي ٿي. ڪوالالمپور جي ريلوي اسٽيشن ان ئي سال ٺھي راس ٿي ھئي. انھيءَ نموني جي عمارت جھڙيون ريلوي اسٽيشنون انگريز ڪولمبو، ڪراچي، لاھور، دھلي، ڍاڪا، سنگاپور، ڪولون (ھانگ ڪانگ) ۽ ٻين ڪيترن آفريڪي ۽ ايشيائي ملڪن ۾ ٺھرايون تہ سھي پر ملائيشيا ئي اھڙو ملڪ آھي جنھن جي حڪومت اڃان تائين ڪوالالمپور جي اسٽيشن جي عمارت ۽ ان جو شان قائم رکندي اچي. سنڌس ونگن وارا وڏا در ۽ مسجد جھڙا منارا، لوھي وڏو گيٽ ۽ مٿاھيون ڇتيون ڏسي اڄ بہ ماڻھو ستر اسي سال اڳ جي تواريخ ۾ وڃيو نڪري جڏنھن انگريز حاڪم ۽ سندن قريبي چمچا خاڪي ٽوپلا ۽ اڇا اجرا ڪپڙا پائي، ڳچيءَ ۾ ٽاءِ يا بو لڳائي، صدريءَ جي کيسي ۾ زنجيري واري ناس جي ڊٻليءَ جيڏي واچ ۽ ھٿ ۾ ڪمند جي ڳرين جھڙي ڏنڊي کڻي ريل جي انتظار ۾ پسار ڪندا ھئا.

ڪوالالمپور جي سڄي ريلوي اسٽيشن دھلي ۽ ڪلڪتي جي ريلوي اسٽيشن جيان ڍڪيل آھي. ھيٺ ويٽنگ روم ۽ ريسٽورينٽ اٿس ۽ مٿان رھائش لاءِ ھوٽل آھي. ڪيترا دفعا دل ۾ آيو تہ ان ھوٽل کي ڏسجي جنھن جي مسواڙ شھر جي ٻين ھوٽلن کان چڱي واجبي آھي. ڪجھ ڏينھن اڳ ڪم سانگي ڪوالالمپور ۾ رھيل ھوس. ھڪ ڏينھن شام جو جالان سلطان محمد ڏي ويندي وقت ريلوي اسٽيشن جي اڳيان ڪار بيھاري اندر اسٽيشن ۾ گھڙي ويس. مدراسي ٽڪيٽ چيڪر بابوءَ مون کي بنا ٽڪيٽ پليٽ فارم وڃڻ جي موڪل ڏني. سو ھڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين مسافرن، ريل جي پٽن، پٽن جي وچ ۾ وڇايل ڪاٺ جي سليپرن ۽ پٿرن، گاڏي وارن، پيديءَ وارن ۽ قلين کي ڏسي پوءِ ھوٽل ڏسڻ لاءِ لفٽ ۾ گھڙيس جو ھوٽل جو استقبال وارو ھنڌ ٽي ماڙ تي ھو. سک لفٽ مئن ھن پراڻي زماني جي لفٽ جو لوھي سيخن ۽ گھرڪڻ وارو دروازو بند ڪري اندر لڳل ھئنڊل کي ڦيرائي ڪنھن انگ يا نشاني تي ھٽ رکيو ۽ لفٽ گٽل نار وانگر ڳڙگڙ ڪندي ڏرتيءَ جي ڪشش کي آڱوٺا ڏيکاريندي مٿي سرڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي. رب جا شڪرانا ۽ سک جا ٿورا مڃي لفٽ مان ٻاھر نڪتس. رسيپشن تي ويٺل ملئي مومل کان خالي ڪمري ڏسڻ جي موڪل گھريم. ھن ميڪ اپ درست ڪري ڪنھن خالي ڪمري جي چاٻي ڪڍي ۽ ڪمرو ڏيکارڻ لاءِ دخل کان ٻاھر نڪري مونسان گڏ ھلڻ لڳي. پر پوءِ خبر ناھي ڇا سوچي، ھڪدم بيھي رھي ۽ پويان ويٺل ھڪ ٻئي سک ڪلارڪ کي ڪمرو ڏيکارڻ لاءِ چيو. اھا ڳالھ جيتوڻيڪ مون پہ ٽڪا دل ۾ ڪئي ۽ اھو معلوم ڪرڻ لاءِ تہ آيا آئون انگريسوَ لڳي رھيو آھيان ڇا، مون پٽ ۾ لڳل ماڻھوءَ جي قد جيڏي آرسيءَ ۾ پاڻ کي ڏٺو. تيسين سک ڪلارڪ ڪمري جي ڪنجين کي ڇڻڪائيندو سامھون واري ڏگھي ۽ سانتيڪي ورانڊي ۾ وڃي ڇڪو ھو. جيڪو ڪمرو ھن کي ڏيکارڻو ھوسو بلڪل پوڇڙ وارو ھو.

ڪمرو ڪافي ڪشادو ۽ وڏي ڇت وارو ھو. ايڏو وڏو ڪمرو ڪنھن ھوٽل جو مون يورپ، چين آفريڪاآمريڪا ۾ بہ نہ ڏٺو ھو ۽ ورانڊي واري ڀت ۾ لڳل ڪاٺ جون وڏيون دريون_ جيڪي پاڪستان ۾ پڻ ريسٽ ھائوسن ۾ ھونديون آھن؛ مڙيئي ڪليل ھيون. انھن جي پويان ٺھيل ورانڊو چڱو ويڪرو ھو. ورانڊي جي ڪنڊ تي گڏيل ڪاڪوس _ وھنجڻ جاءِ ھئي ۽ ٻاھران تيل ڦٽي ۽ ٽاءِ ٽوپلو درست ڪرڻ لاءِ روايتي نموني جو بيضوي آرسي ۽ ھڪ خاني واري ڪاٺ جي ٽيبل رکيل ھئي. اھڙي ٽيبل_ "انگريزن جي دور جي نشاني" ھالا ۾ مختيار ڪار آفيس ۾ پڻ ڪنھن زماني ۾ ھوندي ھئي جڏنھن لاشاري صاحب (ھاٽوڪي سيڪريٽري قاسم لاشاري جو والد صاحب) سن 1963_64ع ۾ ھالا جو مختيار ڪار ھو. ان کي ويھ سال کن اچي ٿيا آھن. ھاڻ تہ شايد پڇي، پري شھيد ٿي يا ٻري ڪپي ويئي ھجي.

ھيڏي وڏي ڪمري ۾ جتي والي بال راند تہ آرام سان ٿي سگھي، ڇھ ٻاءِ ٿي فٽ جا رکيل ٻہ پلنگ ڄامڙا لڳي رھيا ھئا. پلنگن جي وچ ۾ ٽيبل ھو جنھن مٿان ٽيبل لئمپ. انھن سيني شين ۽ سھوليتن ڪري ھيءَ ڪا اھڙي خراب ھوٽل نہ ٿي لڳي جنھن جي مسواڙ ايتري گھٽ رکيل آھي. ٿي سگھي ٿو ڪمرا ايئر ڪنديشنڊ نہ ھجن.



www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪام

”سردار جي هي ڪمرو ايئر ڪنڊيشنڊ آهي يا نہ_؟“ مون اڙدوءَ ۾ پڇيو.

”بلڪل سرڪار. ايئر ڪنڊيشنڊ آهي. هتان هلي ڏسو.“ هن پنجابي ۾ جواب ڏيئي ايئر ڪنڊيشنر جو سئچ هيٺ ڪيو. ڏکڻي ڪمري جي ڏکڻي پٽ ۾ ڪنهن هنڌ تي لڳل اڌائي ڊن ٽن جو ايئر ڪنڊيشنر ڪنهن پلوڙ پراڻي رانديگر وانگر پهرين زور سان ۽ پوءِ چين چين ۾ پٽ پٽ ڪري آهستي آهستي ڪڙڪي ڪڙڪي ڪرڻ لڳو. مون سندس سئچ واپس مٿي ڪيو. ايئرڪنڊيشنر هڪ وڏو آواز ڪري فل حال ماٺ ٿي ويو. ڄڻ رانديگر ڪاپي ويو. سردار جيءَ کي ٻڌايم تہ هن وقت ڪو رهڻ لاءِ نہ آيو آهيان. بس هن هوٽل جي اڳين ئي ڪمرو ڏسڻ آيو آهيان. ٿي سگهي ٿو ٻي دفعي ڪوالالمپور اچان تہ هن ئي هوٽل ۾ اچي رهان. ”ٻلا ريل جي اچڻ وقت تہ هنن ڪمرن ۾ گوڙ ٿيندو هوندو_“ سردار جيءَ کان پڇيم.

”بلڪل نہ ٿو اچي.“ هن وراڻيو. ۽ مون بہ محسوس ڪيو تہ هيٺين ٿلهين پٽين هوندي آواز ٻلا ڪيئن ٿو اچي سگهي. آخر ۾ موڪلائي هيٺ گرائونڊ فلور تي ڪوالالمپور ريلوي اسٽيشن جي ريسٽورنٽ ۾ چانهہ پيئڻ لاءِ اچي ويٺس. اسي سال کن اڳ جي ٺهيل ۽ رکي رکي مرامت ڪرايل هيءَ ريسٽورنٽ، اڄ بہ وڏي شان واري لڳي رهي هئي. سيني ٽيبلن تي چاڪليٽي رنگ جا پوش چڙهيل هئا ۽ ساڳي ساڳي رنگ جون نئپڪنون پڻ رکيل هيون. ڪراڪري ۽ ڪٽلري بہ پراڻي زماني جي پر اوچي هئي. چونجهي روشنيءَ ۾ جيئوٽيڪ ماحول چڱو خاصو رومانٽڪ هو پر ڇت ۾ ويٺل چمڙن جي پولڙين جي ڏپ ٻاهر ٻاري ڏني. ڳاڏي اچڻ ۾ اڃان دير هئي يا اچي هلي ويئي هئي جو ماڻهن جي گهٽي هل هلان_ٻاهر توڙي اندر جهڪي ٿي چڪي هئي. ويهہ کن ٽيبلن مان فقط ٽي ڀريل هئا. سامهون پري واري هڪ ٽيبل تي ڪارو تامل نوجوان بيئر بہ پي رهيو هو تہ اخبار بہ پڙهي رهيو هو. ڪنهن سرڪاري ڪاتي جو ڪامورو لڳو ٿي. موڪل ڪاٽي نوڪري واري شهر ڏي وڃي رهيو هوندو يا ايندڙ ڪنهن اعليٰ آفيسر جو انتظار ڪري رهيو هوندو. ڪاٻي پاسي پنج کن چيني عورتون ۽ مرد ماني کائي رهيا هئا. سڀيئي ڪنهن هڪ ئي آفيس جا لڳا ٿي يا هڪ ئي فئملي جا. ڪائڻ سان گڏ ٽڪي آواز ۾ ڳالهائي ۽ کلي رهيا هئا. ساڄي پاسي واري ٽيبل تي هڪ ملئي همراهہ ٽيهہ پنجٽيهہ سالن جي ڄمار جو پنهنجي تازي شادي ڪيل ڪنوار سان گڏ ويٺو هو. يا ٿي سگهي ٿو زال نہ هجيس پر گرل فرينڊ هجيس. ڇوڪريءَ جي عمر ارڙهن ويهہ سال کن ٿيندي. سڄو وقت شرمائيندي رهي يا رٽل هئي. همراهہ ڪيس آخر تائين پرچائيندو/ ريجهائيندو رهيو. ڪجهہ ڪاڏائين بہ نہ. اٽڻ مهل آئس ڪريم بہ جيئن جو تيئن ڇڏي اٿي ۽ آرينج جوس جي گلاس مان بہ ڪو ڍڪ ۾ مس ڀريائين.

مون ڪوپ ۾ هتي جي لوڪل چانهہ Boh جون ٻہ ٽيلهيون وجهي ڪڙڪ چانهہ ٺاهي پيئڻ شروع ڪئي. ۽ هال جو چوڌاري جائزو ورتو. جنهن جي ڪمانن وارن دروازن جي پر ۾ ننڍا جارا پڻ ٺهيل هئا_لڳو ٿي تہ ڪنهن زماني ۾ اليڪٽرسٽي نہ هجڻ ڪري انهن تي شمعون يا ڏيئا رکيا ويندا هئا. ڪوالالمپور جي هن ستر سال پراڻي هوٽل جي رهائش جي مسواڙ ڪٿي چو نہ گهٽ هجي پر پنهنجي خرچ تي ٻين مهنگين هوٽلن ۾ رهڻ کان تہ هيءَ بهتر آهي. خاص ڪري جي ڪوالالمپور کان ريل رستي اتر طرف اپوح، پينانگ، ٻٽنڪاڪ ۽ ڏکڻ طرف سريمبان، تمپين، جوهور ٻارو ۽ سنگاپور وڃڻو هجي تہ پوءِ هڪ ڏارئين مسافر لاءِ ڪوالالمپور ريلوي اسٽيشن جي هيءَ هوٽل اهڙي خراب ناهي جنهن جي ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمري جي اڄڪلهہ مسواڙ فقط پنجاهہ ڊالر_يعني ٽي سئو رپيا آهي.

ڪوالالمپور ۾ ريلوي اسٽيشن ٺهڻ بعد سگهو ئي ريڊيو اسٽيشن بہ ٺهي ۽ 1929 ع کان ريڊيو ڪم شروع ڪيو. ٻي وڏي لڙائيءَ جو اثر هن شهر تي، 1941 ع ۾، ڪرسمس وارن ڏينهن ۾ ٿيو. بمباري بعد جنوري 1942 ع ڌاري جپانين سڄي شهر تي قبضو ڪري ورتو. جپانين جي ملائيشيا تي چار سال کن حڪومت رهي. ان بعد ٽيرهين سيپٽمبر 1945 ع تي جپانين انگريزن اڳيان آٽ مڃي.



www.sindhsalamat.com

جنگ ختم ٿيڻ بعد ڪيترائي ڳوٺاڻا ۽ پري جا نوڪرين ۽ روزگار ڪارڻ ڪوالالمپور لڏي آيا. 1952ع ڌاري ماڻهن جي وڌندڙ آدمشماري کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪوالالمپور جي پر ۾ هڪ ٻيو شهر_ پٽلانگ جيا نالي، اڏڻ جو پروگرام ٺيو_جيئن حيدرآباد جو لطيف آباد، راولپنڊي جو سيٽلائيٽ ٽائون يا ڪراچيءَ جو نارٿ ناظم آباد ۽ فيڊرل بي ٽائون وغيره آهي. اڄ پٽلانگ جايا هڪ مثالي شهر سمجهيو وڃي ٿو جو اهو شهر پلاننگ، سونهن ۽ صفائيءَ کان آرامده آهي. قطارن ۾ گهر، وڏا ويڪرا ۽ سڌا رستا. گندي پاڻيءَ جي نيڪاليءَ جو سٺو سسٽم، پاڻي ۽ بجلي جام. ٻارن جي کيڏڻ لاءِ جتي ڪٿي پارڪ، ميدان ۽ اسڪول اسپتالون، بس اسٽاپ، بسون ۽ ٽئڪسيون.

ڪوالالمپور ۾ هڪ وڏي باهه 1956ع ۾ گومباڪ ندي ۽ باتو روڊ (هاٽوڪو جالان تنڪو عبدالرحمان) جي وچ ۾ لڳي هئي جنهن ۾ هزارين بي گهر ٿي ويا هئا. هڪ ٻه ٻيون پڻ چڱيون وڏيون باهيون ڪوالامپور ۾ لڳيون جن ۾ بان_لي ربڙ فئڪٽري ۽ اوڊين سئنيما جهڙيون اهم عمارتون سڙي ڦلهير ٿي ويون هيون.

1956ع ۾ ڊيوڪ آف ايڊنبرو مليا (ملائيشيا) گهمڻ دوران ٻه ڏينهن ڪوالالمپور ۾ پڻ رهيو. 31_آگسٽ 1957ع تي ملايا کي انگريزن طرفان آزادي ڏني ويئي ۽ ان جو جشن پڻ ڪوالالمپور جي مرديڪا اسٽيڊيم ۾ چاليهه ملڪن جي نمائندگي اڳيان ٿيو. تنڪو عبدالرحمان پهريون پرائيم منسٽر مقرر ڪيو ويو. ساڳي سال کان ڪوالالمپور ۾ ”ملايا يونيورسٽي“ پڻ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اهڙي طرح سئو سال کن  اڳ جو ننڍڙو ڪچو ڳوٺ اڄ دنيا جي ماڊرن ۽ سهڻين شهرن ۾ شمار ٿئي ٿو. منجهس ڪيترن ذاتين، قومن، مذهبن، زبانن۽ رنگن جا ماڻهو پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي رهن ٿا.

### ”ملائيشيا_دنيا جو وڏو ٻيلو“

ملائيشيا ۾ قدم قدم تي وڻ ٽڻ ۽ گاهه پٽو ايڏو آهي جو هن ملڪ کي دنيا جو ٻيلو سڏيو وڃي ٿو. ۽ ٻيلي نما ملڪ ۾ انيڪ قسم جا پکي پکڻ ۽ جيت جانور ڏينهن توڙي رات جو گهمندي نظر اچي ٿا. ڪي ڪي پکي ته اهڙا سهڻا ۽ نوان نوان نظر اچن ٿا جو شايد ڪنهن چڙيا گهر يا آمريڪا نئشنل جاگرافڪ رسالي ۾ به نه ڏٺا هجن_خاص ڪري ڪنگ فشر، جنت جو پکي (Birds of paradise)، سياڳي ۽ ابابيل نموني جي پکين جا قسم.

منهنجي گهر جي ٻاهران ٽي چار سيتا ڦل جا وڻ آهن. ان جي پڪل ميوو کائڻ لاءِ ڳيري جيڏا پکي نظر ايندا آهن. نالو ته خبر ناهي چا اٿن پر رنگ چهرو زردو (سورج مکيءَ جي گلن جهڙو) هوندو اٿن. کين ڦاسائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي اٿم پر ويجهو پهچڻ سان پڇيو وڃن. دل ئي دل ۾ ڪو ڪوڙڪو ٺاهي کين ڦاسائڻ ۽ پاڪستان کڻي هلڻ جا پروگرام ٺاهيندو آهيان.

ٻيو پکي مينا جيڏو سڄو ڪارو آهي پر هر کنڀ جو آخري اڌ انچ کن کير جهڙو اڇو اٿس. کنين جو اهو حصو هڪ ٻئي تي ٺهڪي ڪاري کنيڙاٽيءَ تي هڪ اڇي رنگ جو ٿلهو پٽو ٺاهي ٿو. بهرحال هي پکي پڻ جهڙو سهڻو آهي اهڙو سندس مٺو آواز  آهي. روز صبح ساجهر، مون واري ڪمري جي دريءَ ٻاهران ڪپڙن سڪائڻ واري رسي تي اچي ويهندو آهي. ان ئي وقت فيروزي واڱڻائي ۽ ڳاڙهي رنگ جا ڪنگ فشر پڻ اُتي اچي ويهندا آهن. سمنڊ جي ڪناري تي اسان جو گهر هجڻ ڪري ڪنگ فشر ته سڀ کان گهڻا نظر اچن ٿا ۽ رکي رکي پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻي ڪا مڇي، گانگٽ ڦاسائي ڪپڙن جي ان رس تي اچي کائيندا آهن يا وري چيهر تي ڪينئن جي ڳولا ۾ هوندا آهن.

هڪ دفعي صبح جو نوڪر در دريون کولي آفيس کي صاف پئي ڪيو تہ ان ئي پکيءَ (ڪنگ فشر) جو هڪ ٻچو اندر گهڙي آيو. اسان واري ٽائيپسٽ سالميا ۽ ڪلارڪ ڇوڪري صباريا يڪدم در دريون بند ڪري ان کي جهلي ورتو. مون گهٽوئي غير سڌي طرح پڇيومان تہ هو ان کي ڇا ڪنديون يعني ٻين لفظن ۾ سندن ان پکيءَ ۾ دلچسپي نہ هجي تہ منهنجي حوالي ڪن.پر سالميا پکيءَ کي گلن جي خالي ٽوڪريءَ هيٺيان رکندي چيو تہ هوءَ ان کي گهر کڻي وڃي پاليندي. جيئوٽيڪ ٻن ٽن ڏينهن بعد جڏنهن سالميا کان ڪلر باڪس جي رنگن جهڙي ان پکيءَ جو پڇيم تہ وراڻيائين:

”ان کي مون اڏائي ڇڏيو.“

”ڇو_؟“ مون تعجب مان پڇيومانس.

”بابا چيو تہ توهان وٽ آفيس پرسان قبرستان آهي سو ٿي سگهي ٿو هن پکيءَ تي ڪنهن جن ڀوت جو پاڇو هجي.“ هن معصوميت سان ٻڌايو.

ممڪن آهي تہ ان ڪنگ فشر تي ڪنهن خراب روح جو پاڇو هجي پر ان کي سنڌ جا ڳوٺ ۽ گهٽيون ڏسڻ بدران آزادي ملڻي هئي سو آزاد ٿي ويو. پر آئون اجان ان چڪر ۾ آهيان تہ ٽن سالن جي مدي پوري ٿيڻ بعد جڏنهن وطن واپس ويندس تہ ٽي وي، ريڊيو واچ وٺي وڃڻ بدران هن قسم جا پکي ۽ ٻوٽن جو ڇڪيون ملائيشيا مان کڻي هلندس_ جيڪي اسان وٽ ناياب آهن. اها ٻي ڳالھ آهي تہ جيئري پکيءَ کي هڪ ملڪ کان ٻي ملڪ کڻي وڃڻ ۾ ڪجھ دشواريون بہ پيش اچن. جهڙوڪ ڪتي ٻلي وانگر هوائي جهاز وارا پکيءَ لاءِ ٻڻ ٽڪيٽ جا پئسا وٺن. ڪراچي هوائي اڏي تي لهڻ وقت واسطيدار ڪاتو انهن پکين جي صحتياب هجڻ لاءِ هيلٿ سرٽيفڪيٽ گهري. ڇو تہ ڪن جانورن ۽ پکين ۾ بيماريءَ جا جراثيم هجڻ ڪري ٻئي ملڪ ۾ پهچي اتي اهي بيماريون پکيڙي سگهن ٿا. ان ڪري پکيءَ جي تندرست هجڻ لاءِ ”ڊاڪٽر ڍور“ کان تپاس ڪرائڻ ۽ سرٽيفڪيٽ وٺڻ ضروري هوندو آهي.

اهي ڳالهيون وري بہ اهڙيون آهن جن جو پورائو ڪرڻ ڏکيو ڪٿي آهي پر نا ممڪن ڳالھ ناهي. پري ڪي ڪي پکي ۽ جانور اهڙا آهن جن جو تعداد ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ ڪري ان ملڪ جي حڪومت انهن کي قاسائڻ يا ٻئي ملڪ کڻي وڃڻ تي بندش وڌي آهي. ان صورت ۾ ظاهر آهي ڪير ڪجھ بہ نہ ٿو ڪري سگهي. پوءِ اهڙن پکين کي قاسائڻ بدران رڳو پري کان ويهي سيتاڦل ڪائيندي ڏسي سگهجي ٿو. ٻين لفظن ۾ سندن قسمت ۾ هالا جو داٽو پاٽي ناهي.

ڪي ڪي ملائيشيا جا پکي مٿي بيان ڪيل پکين کان بہ سهڻا ۽ ساڳي وقت قيمتي پڻ آهن. جهڙوڪ جنتي پکي يا وڏا طوطا (Cockatoos)_ جنهن کي هتي ڪاڪا_ٽئا سڏجي ٿو_معني وڏو طوطو. دراصل انگريزيءَ لفظ ”ڪاڪئٽو“ ان ملئي لفظ ڪاڪا_ٽئا مان نڪتو آهي. مختلف رنگن جا هي ڳرا ۽ وزني پکي ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ ئي گهٽا ٿين ٿا. هنن پکين جي آمريڪا ۽ يورپ ۾ ايتري گهرج آهي جو هتان سون وانگر سمگل ڪيا وڃن ٿا ۽ هي پکي اتي ڇوڏنهن پندرنهن هزار رپئي في داٽو وڪامي ٿو. هوائي جهاز جي پاڙي ۽ پوليس جي جانچ کان بچڻ خاطر سمگلر هنن پکين کي بيهوش ڪري گتي جي دٻن ۾ بند ڪري ٻئي سامان سان گڏ هوائي جهاز جي ڪارگو ڪمپارٽمينٽ ۾ رکرائيندا آهن. دٻي ۾ ننڍا ننڍا سوراخ ڪندا آهن جيئن هوا جو گذر ٿيندو رهي. ٻہ ٽي ڪلاڪ هوائي اڏي تي ۽ ست اٺ ڪلاڪ هوائي سفر جا ساري ان حساب سان ڪنهن قابل ڊڪٽر کان انهن پکين کي ايترو نشو ڪارايو ويندو آهي يا سئيءَ ذريعي بيهوش ڪيو ويندو آهي. پر ڪيترا تہ گهٽي نشي ڪري هميشہ لاءِ سمهي رهندا آهن يا گهٽ نشي ڪري جلدي سجاڳ ٿي، سوڙهي کوکي ۾ ڦٿڪي ڦٿڪي مري ويندا آهن.



www.sindhsalamat.com

ان ڪري ملائيشيا، آسٽريليا، پاپئانيوگني ۽ انڊونيشيا جهڙن ملڪن جي سرڪار پنهنجي ملڪ جا اڙدا سهڻا پکي ختم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڏينهون ڏينهن سخت قدم کڻي رهي آهي_جيئن سندن ملڪ اهڙن خوبصورت رنگن، پولين، شڪلين وارن پکين کان وانجهو نہ ٿي وڃي. وچ ۾ آسٽريليا جي هوائي اڏن تي انهن رنگين طوطن لاءِ لڳاتارا ڏاڍا ڇاپا لڳا. هزارن جي تعداد ۾ اهي پکي پيٽين، دٻن ۽ ڳوٿرن ۾ سمگل ٿيندي جهليا ويا ۽ ان کان بہ گهڻا ڪاميابيءَ سان ٻين ملڪن ۾ پهچي ويا. اهو لقاءُ ڏسي لڳندو هو تہ آسٽريليا انهن پکين کان خالي ٿي ويو. پر ويجهڙائيءَ ۾ هڪ خبر پڙهي ظاهر ٿيو تہ آسٽريليا جي حڪومت ان پکيءَ جو چڱو بچاءُ ڪري ورتو آهي ۽ تورا تورا تہ بہ هي پکي ايترا آهن جو ان خبر موجب وڻن ماڻهن دانهون ڪيون تہ زردي رنگ جي ڪلنگيءَ وارن هنن  طوطن جا ولر هڪ هڪ گهر تي حملو ڪري ان گهر جون سڀ ڪاٺ جون پٽيون، دريون، در، ڇت، ڪامون_سڀ ڪائي ڇٽ ڪري ويا آهن.

الفرڊ هچڪاڪ جي هڪ پوائتي فلم The Birds اڄ چڪي آهي جنهن ۾ ماڻهن کي پکي ڏيڇارين ٿا. سو هڪ آسٽريلين، ٽي ويءَ تي ان فلم جو حوالو ڏيندي ٻڌايو تہ هي طوطا بہ ائين ڪيڪون ڪندا سندن ڳوٺ ۾ اچن ٿا ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هر شيءِ کايو ڇٽ ڪيو ڇڏين.

چون ٿا تہ انهن طوطن جون آسٽريليا ۾ ٻهريون بہ ٻڌبيون هيون پر هن کان اڳ هي فقط ڳوٺن ۾ فصل کائي ويندا هئا. هي ٻهريون دفعو آهي جو سڊني جهڙي وڏي شهر ۾ موٽر لارين جي گوڙ کان بہ نہ ڊڄي، هنن سهڻن پکين ناحق ٻاري ڏنو آهي.

وورونورا علائقي جي رهواسين ٽي وي ۽ اخبار وارن کي اهو بہ ٻڌايو تہ پکين کي ڀڄائڻ لاءِ جيوٽيڪ هنن گهرن جي ڀتين ڇتين تي ڪڙي جٽلي جو ليپ بہ ڏنو ۽ ڪوڙا ڪانگ ٽاهي ڇت تي ٽنگي ڇڏيا پر هنن طوطن تي ڪنهن بہ شيءِ اثر نہ ڪيو. ان کان علاوه بندوقن سان هوائي فائر بہ ڪيا تہ جيئن ٺڪاءُ تي هو ڊڄن. مارڻ جي تہ ڪنهن کي اجازت ناهي جو پکي سرڪاري بچاءُ هيٺ آهي جيئن هنن جو نسل اجان بہ وڌي. هوڏانهن گهرن جي نقصان لاءِ ماڻهو جڏهن انشورنس ڪمپنين ڏي رجوع ٿيا تہ انهن اهو چئي نقصان ڀرڻ کان نابري ڪري ڇڏي تہ اهو Act of God يعني طوفان، ڪنوڻ، مينهن، زلزلي وانگر اها الاهي آفت آهي جنهن لاءِ هو ذميوار نہ آهن.

ملائيشيا ۾ ٻين پکين ۽ جانورن کان علاوه جنهن جانور کي ويجهڙائيءَ ۾ بچاءُ هيٺ آندو ويو آهي، اهو مڪاڪ (Macaque) پولڙو. ڏکڻي ٻڇ وارو هي پولڙو Macaque هتي ملائيشيا ۾ تمام گهڻو ٿئي ٿو.

ٻين ملڪن ۾ پولڙن جهڙا جانور فقط جانورون جي باغ ۾ ئي نظر ايندا آهن پر انڊيا ۽ ملائيشيا اهڙا ملڪ آهن جتي ڪيترن ئي شهرن، جهنگلن ٻيلن_ويندي پڪن رستن تي پولڙا عام جام گهمندي نظر ايندا_سائنس جي تجربن ۾ تمام گهڻو ڪم اچي ٿو. ان ڪري ڪيترن ئي ملڪن ۾ ان جو کپ آهي. ملائيشيا طرفان ان پولڙي جي وڪري ياپاهر موڪلڻ تي جهل پل نہ هئي. پر تازو هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ حڪومت ان کي ٻاهر اماڻڻ تي بندش وڌي آهي جو ڀهچندڙ رپورٽن موجب خبر پيئي تہ انهن پولڙن تي ٻين ملڪن ۾ سائنس جي نالي تي سخت ظلم ٿي رهيا آهن ۽ ڪن ڪيميائي ۽ بايولاجيڪل جنگي جيتن ۾ استعمال ڪيو پيو وڃي. نتيجي ۾ ملائيشيا جي حڪومت کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ ڪين ايڪسپورٽ ڪرڻ تي بندش وجهي ڇڏي.

حڪومت جي هن اوچتي جهل انهن واپارين کي سخت نقصان ۾ وجهي ڇڏيو آهي جيڪي پولڙا ٻاهر موڪلي ناڻو ڪمائڻ ڪارڻ هتي پولڙن جا فارم هلائي رهيا هئا_جن فارمن ۾ هن وقت هزارين پولڙا موجود آهن. هنن کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هاڻي انهن کي ڪيڏانهن ڪن. جي پاڻ وٽ رکن ٿا تہ ڪمائيءَ بدران انهن کي کارائڻ پيارڻ ۽ نگهبانيءَ تي خرچ



www.sindhsalamat.com

ڪرڙو تو پوين ۾ جي ڪين آزاد ڪري جهنگل ۾ ڇڏين ته پولڙن ۾ پين جانورن وانگر اهو افعال بنھ ناھي ته هڪدم پنهنجي کاڌي خوراڪ جي ڳولا ۾ لڳي وڃن. نتيجي ۾ پنهي صورتن ۾ هو اجايل بکيل مري ويندا.

**ڪوالالمپور ۾ ميلو ۽ گلدستو**

سکن جو راڄ برادريءَ ۽ پنچائت ڪميونٽي نه فقط سنگاپور ۾ آهي پر ملائيشيا جي پڻ ڪيترن ئي وڏن ۽ ننڍن شهرن ۾ موجود آهي. اها پنهنجي ماڻهن جي ڀلائي ۽ بهتريءَ لاءِ هر وقت سوچي ٿي. غمي ۽ خوشيءَ جي موقعي تي سڀ گڏجي مشڪل مسئلن کي منهن ڏين ٿا ۽ خوشين کي ونڊين ورهائين ٿا.

گذريل سال ڪوالالمپور ۾ سکن جو ميلو لڳو. هي ميلو 20 جنوري کان 23 جنوريءَ تائين ٽي ڏينهن هليو جنهن ۾ نمائش، ناچ گانا، ڪبڊيءَ جهڙيون رانديون، ننڍن وڏن جا مقابلا ۽ آخري ڏينهن هڪ ننڍڙو ڊرامو ۽ اسٽيج شو ”گلدستو“ پيش ڪيو.

مقابلن ۾ سڀ کان دلچسپ مقابلو مڇن جي ڊيگھه جو هو ته ڪهڙي سک جون سڀ کان ڊگهيون مڇون آهن. اها خبر فوٽن سميت ملائيشيا جي اخبارن ۾ پڻ آئي هئي.

”گلدستو “ نالي اسٽيج شو آخري رات ايم. سي اي آڊيٽوريم ڪوالالمپور ۾ ڏيکاريو ويو هو. اهو شام جو اٺين وڳي کان رات جو ٻارهين تائين هليو. شايد اڄان به وڌيڪ هلي ها پر جيئن ته اسان جهڙا ڌاريا مهمان توڙي سندن پنهنجا سک ملاڪا، ايوح، پينانگ، تمپين، موئر، سريمبان جهڙن ڏورانهن شهرن کان آيل هئا ۽ ٻي ڏينهن سڀني جون آفيسون هيون ان ڪري رات جو ئي گهرن ڏي موٽڻ ضروري هو.

گلدستو ۾ هڪ ته شيڪسپيئر جي The Seven Stages of Man نموني سان سک جي ڄمڻ کان وٺي پيريءَ تائين زندگيءَ جي مختلف ڏاڪا ڏيکاريل هئا ته سُک ديو سنگھه نالي ڄمي تو ته ڪيئن سندس ماءُ پنجابيءَ ۾ لوري ڏيئي سمهاري ٿي_وڏي عمر جي سکن پڪ پنهنجو ٻاروتڻ ياد ڪيو هوندو پر نوجوان سکن_وڏي عمر جي سکن_جن نئين دنيا ۾ ساھ کنيو آهي انهن لاءِ اها نئين ڳالهه هئي. نئون راڳ هو. ٻار کي سمهائڻ جو نرالو نمونو هو.

پوءِ هڪ ڏينهن ۾ ”سُک ديو“ وڏو ٿي ويو آهي ۽ ڪوالالمپور ۽ سنگاپور جي سک ٻارن وانگر سڄو ڏينهن آتاري (Atari) ۽ ٻيون وڊيو رانديون کيڏڻ بدران ڀاڻ جيڏن سان ڪبڊي، ڪيڪل، ڪوٽلا رانديون کيڏي ٿو_ جيڪي اڄ به سندن وڏن جي اباڻي وطن پنجاب ۾ عام کيڏيون وڃن ٿيون.

هڪ سين ۾ سک ديو ۽ ٻيا هڪ جيڏا ۽ جيڏيون ڀنگڙا ناچ نچن ٿيون. جهرمر ڪندڙ ڀڙڪيلن رنگن وارن ڪپڙن ۾ هي ڀڙڪيلو ناچ نه فقط سک ميزبانن ۽ مهمانن کي پسند آيو پر ملئي، چيني ۽ اسان جهڙن ڌارين ملڪن کان آيل مهمانن کي پڻ وڻيو.

هڪ ڏيک ۾ سگ ڳولهيندڙ ۽ مِٽي ڪرائيندڙ عورت کي ڪنوارين ۽ ڳهوٽين جي گهر ۾ وڃي بحث ۽ ٺاھ جوڙ ڪندي ڏيکاريو ويو.



www.sindhsalamat.com

”گلدستو“ جو هڪ دلچسپ حصو اهو به هو ته ڪيئن آمريڪا ۾ رهندڙ سکن جا پار اتي انگريزي لوڪ ڏنن ۽ گانن جا عادي هجڻ ڪري پنهنجو پنجابي گانو اصلي طرز بدران آمريڪي سازن تي ڳائين ٿا ۽ ساڳي وقت انگريزي ديسي سازن هارمونيم، طبلي، دڦ، چپڙين ۽ مَٽَ جي ٺاپ تي آلاپين ٿا.

آخر ۾ سڀ کان ڪلائينڊڙ ٽڪرو پوڙهي سک ۽ سندس زال جو هو. پنهنجن پٽن پوٽن کي گهر ۾ نه ڏسي هڪ ڏينهن ڪراڙي سک جي شرير ۾ جوانيءَ جي جوش جو ڪو پيڪو پيدا ٿئي ٿو ۽ هو پوڙهي ڏاڏيءَ_ يعني سندس زال ڏي وڌي ٿو_جيڪا هن عمر ۾ پنهنجي ڪراڙي مڙس جي هن هٽ چراند ۽ منٺ ميڙ کي بي حيائي ۽ بي شرمي سڏي نندي ٿي پر ”سردار جي“ باوجود قبر ۾ لٽون لڙڪائڻ واري عمر جي، پنهنجي خواهش تي حاوي اچي نفس کي مارڻ بدران ڏند پيڪل ۽ گهنجيل منهن واري ڪراڙي ڏرم پٽني ڏي وڌندو ئي رهي ٿو.

بيشڪ اهو مٺو پوندو ته جيترا ڏارين ماڻهن سکن تي چرچا ٺاهيا آهن انهن کان وڌيڪ هنن پنهنجو پاڻ تي به چاهيا آهن ۽ نه فقط ٺاهيا آهن پر هو انهن کي پيش ڪري لطف به وٺي چاڻن ٿا.

## ملائيشين جي ”انگلش لا“ (English-Lah)

ملائيشيا ۾ اچي پهرين ڏينهن نه ته پهرين هفتي ۾ ئي توهان محسوس ڪندا ملائيشيا جا رهاڪو_ملئي، چيني توڙي انڊين انگريزي ڳالهائڻ وقت رڪي رڪي جملي ۾ لا (Lah) لفظ جو واڌارو ڪن ٿا.

هوٽل جو بئرو ڪم لاهي گهر وڃڻ وقت چوندو:

“I am going-Lah”

يا فوٽ پاٿ تان لنگهڻ وقت سيون وڪڻندڙ گهوريئڙو توهان کي شيون وٺڻ لاءِ چوندو:

“Very Cheap-Lah”

۽ اهو ”لا“ جو استعمال نه فقط بئرو، دڪاندار يا ڪلارڪ ڪري ٿو پر پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو پڻ. اها بي ڳالهه آهي ته هڪ سئي انگريزي ڳالهائيندڙ گهٽي تعليم وارو ماڻهو اسان ڏارين سان انگريزي ڳالهائيندي وقت ايتري Lah-Lah نٿو ڪري، پر اهو به پنهنجن سان انگريزي ڳالهائيندي وقت لا_لا جو گهڻو استعمال ڪري ٿو.

ملائيشيا پهچي ڪيترا مهينا ته سمجهه ۾ نه آيو ته رڪي رڪي جملي ۾ لا جو پڇ هتي جا ماڻهو ڇو ٿا ڳنڍين. پر پوءِ آهستي آهستي محسوس ٿيو ته اهو ڪجهه ڪجهه ائين آهي جيئن انڊيا پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ هڪ جيڏو فري ٿي ڳالهائڻ مهل جملي جي شروع ۾ ڪڏهن ڪڏهن ”يار_يار“ جو لفظ ٽنبين ٿا. ويندي انگريزي ڳالهائڻ وقت پڻ چوندا:

“Yar, where were you Yesterdy”

پر ملائيشيا جي Lah سان نندي ڪند Yar جو ڪو مقابلو ڪري نه ٿو سگهجي. اهو لا ملائيشيا جي ماڻهن جا ڪيترائي مقصد پورا ڪري ٿو. هو لا وجهڻ سان جملي ۾ نهنائي پيدا ڪن ٿا. ان ڪري Shut-up ۽Shut-uo-Lah ۾ اهو فرق



www.sindhsalamat.com

ٿيو وڃي ته ڀريون دڙڪو آهي ۽ پيو عرض نما جملو. جيئن سنڌيءَ ۾ چئجي ”مات_ڪر“ ۽ ”ڏس مات ڪر نه.“ ”ڏس“ لفظ هٽڻ سان ڪجھ نرمي پيدا ٿئي ٿي.

هتي جا ماڻهو تعجب يا خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ پڻ لا جو جملي ۾ استعمال ڪن ٿا. مثال طورSo Big-Lah _معنيٰ مار ايڏو وڏو! يا Thanks-Lah معنيٰ وڏي ”وڏي مهرباني“. وغيره وغيره.

مزي جي ڳالھ ته ملائيشيا جا ماڻهو نه فقط انگريزي ڳالهائيندي وقت Lah جو استعمال ڪن ٿا پر سندن ٻولي ”ڀهاسا_ملائيشيا“ ڳالهائيندي وقت ته هيڪاندو گهڻو ڪن ٿا. بلڪ اهو لا نڪتو ئي ملئي زبان مان آهي. ملئي زبان ۾ تعجب، احسان، خوشي يا منت ميڙ جو اظهار ڪرڻ لاءِ ”لا“ جو استعمال ٿئي ٿو.

هڪ انگريز چيو ته ملئي زبان ڪهڙي نه عجيب آهي. ڳالهائڻ مهل لڳي ٿو ته چڻ وڙهن ٿا. اسان انگريز ڪنهن کي انگريزي ۾ ”جهٽ ڪر“ لاءِ هميشه چونداسين ته Please be quick يا Kindly come here_ هتي ”مهربان“ يا ”مهرباني ڪري“ ضرور چونداسين. پر هي ماڻهو پليز يا ڪائنڊلي ته چون ئي نه ٿا. ٺلهو چوندا: چپات_ ”جهٽ ڪر؛“ ماري سني_”هيڏانهن اچ“ تاق ماهو_ ”نه کپي.“ وغيره. ۽ اهو ڪيڏو رکو ۽ خراب ٿو لڳي.

ڪيس ٻڌايم ته هر مغربي ماڻهوءَ کي اسان جي مشرقي ٻولين سان اهو مسئلو درپيش اچي ٿو. پر حقيقت اها آهي ته اسان وٽ به پليز (مهرباني) يا Kindly (مهرباني ڪري) جهڙا لفظ آهن. جيئن ملئي زبان ۾ سيال، تولانگ، بوليح. پر اسان وٽ انهن لفظن جو گهڙيءَ گهڙيءَ استعمال ڪرڻ بدران جملي کي وڌيڪ جهيل سان ڳلهائڻ کي بهتر سمجهيو وڃي ٿو.

”مات ڪر.“ دڙڪو آهي يا عرض. اهو ٻڌندڙ ڳالهائڻ واري جي لهجي مان سمجهي سگهي ٿو. پر جي اجان به نهٺائي سان چوڻ آهي ته پوءِ اسان وٽ شڪارپوري ۽ ٺٽوي ”ني“ لفظ وڌيڪ نرمائيءَ سان چون ٿا: ”مات ڪر ني.“ اهڙي طرح ملائيشيا جا ماڻهو لا ڳنڍين ٿا. ان ڪري هو ٺلهو ”چپات“ چوڻ بدران ”چپات لا“ چون ٿا_ يعني ”جهٽ ڪر ني“_ ۽ ان کي ”پليز بي ڪئڪ“ ئي سمجهڻ کپي. ساڳي طرح ”تاق_ماهو“ بدران ”تاق ماهو لا“ چئي لفظ ”مهربان“ يا ”مهرباني ڪري“ جو پورائو ڪن ٿا.

ڪي ڪي ملئي مرد ۽ عورتون جيڪي تمام گهڻو نياز ۽ نئڙت سان ڳلهائڻ جا عادي آهن_ عنايت بلوچ جيان، سي ايڏا لا، لا ڪن ٿا جو جپان جي تڪئي ڪلام ”انوني“ يا سو_ديسڪا“ جي به جاءِ ناهي.



www.sindhsalamat.com



## ٻي جوءِ وٺيو پيو اچي...

ملائيشيا انهن ملڪن مان هڪ آهي جتي ڌارين لاءِ غير قانوني طرح اچڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. ملائيشيا ۾ پهچڻ جي اهم واٽ ٻيڙي، يا جهاز يا هوائي جهاز رستي آهي. ۽ ٻيو نمبر تي باءِ روڊ پاڙيسري ملڪن: سنگاپور، ٿائلنڊ کان. باربر توڙي هوائي اڏن ۽ بندرگاهن تي پوليس ۽ فوج جي سخت چوڪي هجڻ ڪري ڪو لڪي ڇپي اچي نه ٿو سگهي. گهمڻ خاطر پندرنهن ويهه ڏينهن يا مهيني سوا جي ويزا تي هر ڪو اچي سگهي ٿو. جنهن مان ملڪ کي فائدو آهي جو آيل ٽورسٽن مان ڪمائي ٿئي ٿي. جو ايل ٽوئرسٽن مان ڪمائي ٿئي ٿي. باقي گهمڻ جي بهاني، ڌارين ملڪن جا ماڻهو نوڪريون ڪندا رهندا هئا.

ملائيشيا جي هر هڪ ماڻهوءَ وٽ پنهنجو پنهنجو شناختي ڪارڊ آهي جيڪو هو هميشه پاڻ سان گڏ رکي ٿو. ۽ اهو هر مهل ڪيس ڏيکارڻو پوي ٿو. ڊرائيونگ لائسنس وٺڻو هجيس يا ڪنهن کاتي ۾ نوڪري. ريل يا هوائي جهاز جي ٽڪيٽ وٺڻي هجيس يا ڪنهن ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻي هجيس. هن کي اهو ڪارڊ ڏيکاري نمبر لکائڻو پوي ٿو. ۽ اهو ڪارڊ فقط ان کي ئي ملي ٿو جيڪو ملائيشيا جو واقعي رهاڪو آهي. ڌاريون ماڻهو چاهي ڪيڏو به زور لڳائي شناختي ڪارڊ حاصل نه ٿو ڪري سگهي. ۽ ڪارڊ بنا فقط گهمي ڦري سگهي ٿو باقي هتي رهي نوڪري، واپار يا پورهيو ڪري ٿٿو سگهي_چاهي ڪيڏو به قابل هجي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته ملائيشيا جون مالي ۽ سياسي حالتون مضبوط هجڻ ڪري پاسي وارن ملڪن جا: جهڙوڪ انڊونيشيا جا ماڻهو ٻيڙين رستي "ملاڪا_ڪچي سمنڊ" لتاڙي هن پاسي ملائيشيا ۾ ڪڏنهن ڪڏنهن داخل ٿيندا رهن ٿا پر هو فقط لڪ چوريءَ ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ سخت گرمي، رڳهه، جيت جڻين ۽ نانگ بلائن جي وچ ۾ سستي اگهه تي ئي ڪم حاصل ڪري سگهن ٿا سو به پڪڙجڻ تي ڪين جيل ۽ اهڙيون سزائون ملن ٿيون جو ٻئي لاءِ سبق ٿيو پوي، ۽ هر هڪ کي آئندي لاءِ اهڙي ڪنهن ڏوهه لاءِ همت نٿي ٿئي. جيئن ته جهنگلن ۾ پورهيو ڪرڻ ايڏو جوکائتو ڪم آهي ۽ پگهارو ايترو گهٽ جو ڪو پري جي ملڪ جو ماڻهو اهو جوکم نٿو کڻي. هي پاڙيسري انڊونيشي ئي اهو ڪم ڪري سگهن ٿا_جن جي ملڪ جون هڪ ته معاشي حالتون هيڪانديون خراب آهن ۽ ٻيو ته هو ان قسم جي پورهئي جا عادي به آهن.

اسان جي ننڍي کنڊ جا ماڻهو جيتوڻيڪ انگلنڊ، آمريڪا، يورپ ته ڇا اتر قطب وارن جابلو ۽ برفائتن ملڪن (ناروي، سئيڊن، ڊينمارڪ) ۾ ۽ گلف جي واريا‌سن گرم ملڪن ( ڪويت، دبئي، ابو ڌابي، مسقط) ۾ ڏکئي کان ڏکيو ڪم ڪن پيا پر ملائيشيا جي هننن ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ رهڻ ۽ پورهيو ڪرڻ اسان جي ملڪ جي ماڻهن جي وس جي ڳالهه ناهي ۽ ٻيو ته پورهئي توڙي نوڪري ۾ پگهار ايڏا وڏا ناهن. نتيجي ۾ هن پاسي ان قسم جي خبر ورلي پڙهبي ته ڪو پاڪستاني، هندوستاني، بنگلاديشي يا سلوني غير قانوني طرح ملائيشيا ۾ آيو يا غير قانوني طرح پورهيو ڪندي جهليو ويو_ جنهن قسم جون خبرون ڪجهه سال اڳ تائين انگلنڊ، جرمني ۽ عرب دنيا جي سيني ملڪن ۾ تمام گهڻي قدر هيون. پر هاڻ سيني ملڪن ۾ تمام گهڻي قدر هيون. پر هاڻ سخت پهري ۽ سخت سزائن ڪري انهن ملڪن ڏي پڻ تمام گهٽ ماڻهو ان قسم جي ڏوهه لاءِ آماده ٿين ٿا.

گذريل ٽن سالن ۾ جن ڌارين ملڪن جي ماڻهن جو غير قانوني طرح ملائيشيا ۾ گهڙڻ جو خبرون هتي جي اخبارن ۾ اينديون رهيون آهن سي هي آهن : بنگلاديش، ويتنام ۽ ٿائلنڊ.

آدمشماري بنھ گھٽ ۽ ملڪي حالتون سڪيون ستابيون ھجڻ ڪري ملائيشيا ۾ ڪو فقير/ پينو نظر نہ ٿو اچي. ڳوٺن ۽ ننڍين شھرن ۾ تہ بنھ ناھن باقي ڪوالالمپور شھر جي ھن ٽن ھنڌن_تنڪو عبدالرحمان روڊ، راجا لائوت روڊ، بڪت بنتانگ روڊ يا ائمپنگ روڊ تي ڪڏھن ڪڏھن ٽي چار عذر وارا فقير ڏسڻ ۾ ايندا. سي بہ پنڻ بدران ڪنڌ پاسي تي ويھي ميوزڪ وڄائيندا آھن_ راھ ويندڙ ھمدردي طور ڪين دل کولي خيرات ڏيندا آھن. نہ فقط مسلمان ملئي پر ھتي جا چيني ۽ انڊين پڻ. ڇو جو ھتي ھرڪو روزگار کي لڳل آھي ۽ ہيو تہ پنڻ سخت عيب سمجھيو وڃي ٿو. سو اھڙي حالت ۾ جيڪو خيرات لاءِ ويٺل آھي سو واقعي مجبور سمجھيو وڃي ٿو. ھي فقير ڪراچي جي پرنس/ ڪيپري سئنيما واري چوواٽي واري ڏھن منڊين پھريل فقير وانگر پرمننٽ نہ ھوندا آھن. جنھن جو ٽئڪسيون پيون ھلن ۽ گذريل ويھن سالن کان اھو ڌڳ جھليو پنڻ لاءِ بيٺو ھوندو آھي. ھتي جا فقير ڪجھ ڏينھن نظر اچي غائب ٿي ويندا آھن. ڏٺو وڃي تہ ھتي پنڻ مان تمام گھٽو ناڻو ڪمائين ٿا پر منجھن ايڏي غيرت آھي جو ھو پنھنجي ملڪ جي بدناميءَ جي ڊپ کان فقط ڪجھ ڏينھن پنن ٿا. ھتي اھڙن ھن ٽن ميوزڪ وڄائيندڙ فقيرن سان جڏھن خبر چار ڪيم تہ سيني اھو ٻڌايو تہ ھو سال جو مھينو ٻہ اھڙي نموني سان ڪوالالمپور ۾ ڪمائي باقي مھينا پنھنجي پنھنجي ڳوٺ ڪيداح، پينانگ، ترنگانو يا پيراڪ پيرلس وڃي آرام ڪندا آھن. وڏيڪ ھيچ جي ڪين نہ ضرورت آھي ۽ نہ وري پنڻ کي ڪو ھو سٺو سمجھن ٿا.

بيشڪ ھي ڪمائيءَ جو ذريعو آسان ڏسي_ جنھن ۾ تجربي جي ضرورت بنھ نہ ۽ ڪمائي ”بنا سِيڙپ“ جي تمام گھڻي آھي: اوسي پاسي جي ملڪن جا ماڻھو گھمڻ جو بھانو ڪري ڪوالالمپور جي رستن تي پنڻ لاءِ ويھي رھندا آھن. جتي پنھنجا پنڻ کي عيب سمجھي شرمائيندا رھندا آھن اتي ھي ڌاريان ايندڙ ويندڙ راھگير جي پتلون گوڏ کي چڪي زوريءَ خيرات گھرڻ لاءِ چتو ڪندا آھن. نيٺ پوليس ۽ اميگريشن کي شڪ پئجي ويندو آھي تہ ھي ھن ملڪ جا نہ پر ڪنھن ڌارين ملڪ جا آھن. پوءِ ڪانئن سناختي ڪارڊ جي پڇا ٿيندي آھي. پاسپورٽ جي پڇا ٿيندي آھي. ۽ طبي معائني بعد اھا ڄاڻ پوندي آھي تہ ھنن ۾ ڪو بہ انڌو منڊو لولو لنگڙو ناھي. سڀ مڪر پيا ڪن. پوءِ اخبارن ۾ خبر اچي ويندي آھي تہ ھيترا بنگلاديشي ملائيشيا ۾ غير قانوني طرح اچي ويا آھن. ان خبر ۾ پوءِ ڪيتري صداقت ھوندي آھي ان لاءِ چئي نہ ٿو سگھجي تہ اھي ھمراھ واقعي بنگلاديشي ھوندا يا ائين ئي امالڪ خبر هُلائي ويندي آھي. جيئن ڪنھن زماني ۾_ خاص ڪري 1960ع کان ستر پنجھتر واري سن ۾ ڪو بہ ننڍي ڪنڊ جو جڏھن انگلنڊ ۾ غير قانوني طرح پڪڙيو ويندو ھو تہ اتي جي اخبار ۽ ٽي ويءَ وارا بنا ڪنھن صداقت جي ھڪدم خبر ھلائي ڇڏيندا ھئا تہ ”پاڪستاني“ جھليو ويو. ۽ نہ فقط اخبار واري ملڪ جا ھئا (جيڪو پوءِ اڳتي ھلي ڪورٽ ۾ يا پوليس جي موچڙن سان سچي ڪندا ھئا) پر پھرين چوٽ ۾ چئي ڇڏيندا ھئا تہ : ”پاڪستاني آھيون“ يعني بدنام پاڪستان ٿي ويو. اخبارن وارا بہ وري ان خبر جي درستي نہ ڪندا ھئا جو اھا خبر ٽيسين پراڻي ٿيڻ ڪري ڇاپڻ لائق نہ سمجھي ويندي ھئي. جنھن ڪري انگلنڊ جي رھاڪن تي اھو اثر ويھندو ھو تہ انگلنڊ ۾ غير قانوني طور رڳو پاڪستاني اچن ٿا. ساڳي طرح ھتي بہ اھڙي اميج تي اثر پوي ٿو. پوءِ جيتوڻيڪ ان ئي وقت بنگلاديش جو سفارتخانو بيان جاري ڪندو آھي تہ اھي بنگلاديشي نہ آھن. ”جي ھو بنگالي ڳالھائين ٿا ۽ سڏائين ٿا تہ مغربي بنگال_ يعني انڊيا جا بہ ٿي سگھن ٿا ۽ ڪيترائي انڊين بنگالي ٿائلنڊ ۾ بہ رھن ٿا ۽ ھنن کي اتي جي قوميت آھي.“ وغيره وغيره.

اڳتي ھلي پوءِ ڇا ثابت ٿيندو ان ۾ ايڏي دير ٿي ويندي آھي جو پراڻي خبر سمجھي اخبار وارا ان کي ڇاپڻ جي تڪليف وٺندائي نہ آھن. ھاڻ مڙيئي ڪجھ اخبار وارا اھڙي نوعيت جي خبر ڏيڻ کان گريز ڪن ٿا ۽ ڪنھن بہ ملڪ جو نالو ڏيڻ بدران فقط ”پرپاسي وارو ملڪ“ لکن ٿا.

ويٽنام جا ماڻھو وري ٻيڙين رستي سڄو خليج سيام وارو سمنڊ لتاڙي ھتي اچي نڪرن ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناھي تہ ڪجھ سال اڳ ڪيترائي ويٽنامي يا ڪمپوچين پنھنجي ملڪ جي خراب معاشي حالتن توڙي سياسي، سماجي يا ظلم معاشري

ڪان بچڻ ڪارڻ راتوواھ پڇي نڪتا ھئا_ ۽ اڄان بہ ڪڏنھن ڪڏنھن پڇندا رھن ٿا. پوءِ جي ھو پڇندي وقت پنھنجي ملڪ جي سپاھين جي ئي ور چڙھن ٿا تہ کين ماريو وڃي ٿو يا جيل پريا وڃن ٿا. ڪي پنھنجي ملڪ پڇڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا تہ سندن ڪمزور ڪاٺ جون ٻيڙيون سمنڊ جي چٽين ڇولين جو تاب نہ جھلي سمنڊ ۾ غرق ٿيو وڃن. ان ڪري شروع ۾ ان واٽ کان ويندڙ جھازن کين بچايو ۽ جنھن ملڪ کان وچي نڪتا انھن کين سياسي پناھ بہ ڏني_ مثال طور آسٽريليا، انڊونيشيا، ملائيشيا، جاپان_ويندي سنگاپور جھڙي ننڍي ٻيٽ ۽ آمريڪا ڪئناڊا جھڙن ڏورانھن ملڪن پڻ. پر پوءِ اھو ڪم وڌڻ لڳو ۽ ٻيڙين وارا کين ٻين ملڪن ۾ پھچائڻ لاءِ ھزارين ڊالر وٺي ائين واپار ڪرڻ لڳا جيئن ڪنھن زماني ۾ پاڪستان ۽ ھندوستان ۾ ٻيڙين وارا ماڻھن کي دبئي وٺي ويندا ھلندا ھئا. ساڳي وقت ڌارين ملڪن بہ وڌيڪ ماڻھن کي پنھنجي ملڪ رکڻ کان انڪار ڪيو ڇو جو ھڪڙن کي رکن تہ اھي وري خط لکي پنھنجن ٻين مٽن مائٽن، دوستن کي لکن تہ ھليا اچو. مزو لڳو پيو آھي. ۽ پوءِ ٿيڻ ائين لڳو تہ شريف ماڻھن کان وڌيڪ لچ لوفر بدمعاش گھڻا اچڻ شروع ٿي ويا. جيڪي عام ڏنڌي پورھئي کان علاوہ لڪ چپ ۾ چوريون، جوائون ڪرڻ ۽ چڪلا ھلائڻ لڳا ۽ پناھ ڏيندڙ ملڪ جو خانو خراب ڪرڻ لڳا. نتيجي ۾ آسٽريليا، آمريڪا ۽ ڪئناڊا جھڙن ملڪن بہ کين رکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

ھڪ دفعي اسان جي جھاز بہ اھڙن ٻن ٽن ھمراھن کي ڏکڻ چيني سمنڊ مان بچايو. سندن ٻيڙي پرزا پرزا ٿي ويئي ھئي. ڪاٺ لاءِ ھنن وٽ ڪيترن ڏينھن کان ڪجھہ نہ بچيو ھو. ويچارا آخري پساھن ۾ ھئا. خير ٻن ٽن ڏينھن ۾ جھاز تي آرام، کاڌي ۽ دوا درمل سان تيار ٿي ويا. جھاز سنگاپور وڃي رھيو ھو جتي اسان کين لاھڻ جي ڪئي، پر سنگاپور اميگريشن ٺپ جواب ڏنو تہ ھو کين پنھنجي ملڪ ۾ ھرگز نہ رکندا ڀلي ھو سندن ذات ڀائي، ڌرم ڀائي ۽ زبان ڀائي چيني ڇو نہ ھجن.

اھڙيءَ طرح ٻين ملڪن بہ جواب ڏيئي ڇڏيو تہ کين سندن ملڪي ماڻھن جا ئي ڪي گھٽ مسئلا آھن جو ڌارين جو بہ مٿي جو سور ڪن. ان بعد آمريڪا ۽ ڪئناڊا ڏي Sail ڪري آياسين. جتي پڻ اھو ئي بحث ھلندو رھيو ۽ اسان لاءِ بہ وڏو مسئلو ٿي پيو تہ ڇا ڪجي جو جيسين ھمراھ جھاز تي آھن جوابداري اسان جي ٿي_ ۽ جھاز تي راشن، رھائش وغيرہ فقط مقرر وقت ۽ حساب سان رھي ٿو. بھرحال ان ڪان پوءِ ھو خبر ناھي ڪھڙي ملڪ ۾ لٿا يا ڪھڙي ملڪ کين قبول ڪيو. منھنجي انھيءَ دوران ٻئي جھاز تي بدلي ٿي ويئي ھئي ۽ ھوائي جھاز رستي آئون ٻي ملڪ ھليو ويس. پٺيان جي خبر ناھي تہ ڇا ٿيو. پر ان قسم جا مسئلا ڏکڻ چيني سمنڊ مان لنگھندڙ جھازن سان انھن ڏينھن ۾ ايترا تہ ٿي پيا جو ڪيترن جھازن ان بين الاقوامي قاعدي کان ئي اک ٻوٽ ڪري ڇڏي تہ سمنڊ ۾ ٻڏندڙ انسان کي ھر صورت ۾ بچائڻو آھي چاھي دشمن ملڪ جو ھجي.

آھستي آھستي ٿي ھاڻ اھي ٻيڙين ۾ پڇڻ وارا ھمراھ_جيڪي عام اصطلاح ۾ "بوٽ_مين" سڏجن ٿا، گھٽجي ويا آھن. پر ٽڏنھن بہ ڪڏنھن ويٽنام کان ھڪ اڌ ٻيڙي پنھنجي ملڪ کان پڇي، سڌي ملڪ ۽ سٺي روزگار جي ڳولا ۾ ملائيشيا ۾ پڻ اچي نڪرندي آھي ۽ في حال ملائيشيا جي اميگريشن کاتي لاءِ مسئلو پيدا ٿي ويندو آھي تہ انھن کي ڪيئن ۽ ڪيڏانھن ڪڍيو وڃي. پڇي آيل موچڙن جي ڊپ کان پنھنجي ملڪ موٽڻ نہ چاھيندا آھن ۽ ڌاريون ڪو ملڪ کين رکڻ لاءِ تيار نہ ھوندو آھي_جو اڄ جي دور ۾ ھرڪو ملڪ سمجھي ٿو تہ جيترا گھڻا ماڻھو اوترا گھڻا فڪر_خاص ڪري اھي ماڻھو ٻئي مذھب، زبان،ملڪ،تھذيب يا سوچ جا آھن تہ اصلي باشندن جو سک چين چٽ ٿي ويندو. کين جھٽ روزگار نہ ملڻ ڪري ھنن کي مجبور ٿي چوريون، بدمعاشيون ۽ ٻيا ڌنڌا شروع ڪرڻا پوندا جو "بک ٻڇڙو ٽول دانا ديوانا ڪري" ۽ ھر صورت ۾ ھو پناھ ڏيندڙ ملڪ ۽ سوسائٽيءَ لاءِ ھاڃيڪار ثابت ٿيندا.

ٽيون ملڪ جنھن جا ماڻھو غير قانوني طرح ملائيشيا ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪندا رھن ٿا اھو ٿائلنڊ آھي. ھو گھمڻ ٻھاني اچي نہ فقط غير قانوني طرح ڌنڌا نوڪريون ڪن ٿا پر ڪي ڪي اھڙا ڌنڌا بہ ڪن ٿا جيڪي ملائيشيا ۾



www.sindhsalamat.com

معيوب ليڪجن ٿا جهڙوڪ: هوٽل ۾ اگھاڙيون ڊانسون ڪرڻ، چڪلا هلائڻ، بئريگيري ٻهاني گراهڪن جو نفساني خواهشون پوريون ڪرڻ، سياحن جو ڪيسو/پاڪيٽ ڪترڻ، چرس ۽ ٻيو نشو وڪڻڻ وغيره وغيره.

ملائيشيا ملڪ اهڙي هنڌ تي آهي جو سنڌس چوڌاري سمنڊ آهي پر هڪ پاسي کان ٿائلنڊ سان ڪافي ڳنڍيل آهي سو ٿائلنڊ کان ٻاءِ روڊ ۽ ريل گاڏيءَ ذريعي قانوني طرح ته ماڻهو اچن وڃن ٿا پر ڪجھ ڪجھ ٿائي ماڻهو غير قانوني طرح پيلن جهنگلن مان لڪي لڪي پڻ اچن. پئسي جي معاملي ۾ ملائيشيا ٿائلنڊ کان وڌيڪ امير آهي ۽ پئسو ڪمائڻ لاءِ خاص ڪري ٿائي ڇوڪريون ٽولن جا ٽولا ٺاهي ملائيشيا گھمڻ لاءِ اچن ۽ پوءِ مختلف هوٽلن ۾ رهي انهن ئي هوٽلن ۾ نچن ڳائين ۽ گراهڪن کي ريجھائين. ڪجھ هوٽلن جا مالڪ ۽ ڳجھه ڳوهه ۾ ملائينڊڙ چڪلن وارا پڻ اهري ”سستي مزور ۽ ڪمائي جي ذريعي“ سان ساٿ ڏين. پوءِ رڪي رڪي پوليس ڇاپا هڻندي رهي ٿي ۽ اخبارن وارا سنسني خيز خبرون شايع ڪندا آهن ته ملائيشيا جي اپوح شهر ۾_ يا الور استار، ڪوالالمپور، پينانگ ۾ ڪجھ ٿائي ڇوڪريون گراهڪن اڳيان اگھاڙو ناچ ڪندي پڪڙيون ويون. يا فلاڻي هوٽل ۾ بئريگيري ۽ ٻيا پورهيا ڪندي پڪڙيون ويون. غير قانوني طرح آيل ماڻهو ڊپ کان هميشه سنو ۽ سستي اگھ تي پورهيو ڪري ٿو. ان ڪري هوٽلن، دڪانن، بارن، چڪلن وارا هميشه پر واري ٿائلنڊ ملڪ جي غير قانوني آيل ماڻهن جي آجيان ڪن ٿا بلڪ پاڻ سان وٺيو به اچن. ان کان علاوه ڪيترائي ملئي ۽ انڊين مرد ته هر دفعي ٽيپو ٿائلنڊ جي ويجھي شهر حاديا، سونگڪلا، پٽاني وغيره مان ڪنهن ٿائي ڇوڪري سان شادي ڪري پنهنجي ملڪ زال جي ناتي سان وٺيو اچن. جنهن مان هڪ طرف ته ملائيشيا حڪومت کي اميگريشن جو مسئلو پيدا ٿئي ٿو ٻئي طرف ملئي گھرن ۾ جهيڙو ۽ ملڪيت ۾ ڀائيواري جي پيدا ٿيل فڏي جو مسئلو پيدا ٿئي ٿو.

سو انهن مڙني مسئلن کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ ويجھڙائيءَ ۾ هتي جي حڪومت انهن جهڙ پٽ وارين شادين جي روڪٿام ۽ دل شڪنيءَ لاءِ اهو قانون پاس ڪيو آهي ته ڪو به ملائيشيا جو ماڻهو پنهنجي پهرين زال جي موڪل بنا ٻي شادي نٿو ڪري سگھي. ۽ شاديءَ بعد ٻنهي زالن سان برابر هلڻو پوندس. ٻيو ته ڌارئين ملڪ مان شادي ڪرڻ لاءِ هن کي اڳواٽ پنهنجي تڪ جي شريعت قاضيءَ کي درخواست ڏيڻي پوندي ته هو ٿائلنڊ خاص هن ڪم لاءِ پيو وڃي ۽ ان درخواست ۾ پنهنجا ۽ پنهنجي نئين ڪنوار جا تفصيل سان پار پتا ۽ گھرو احوال ڏيڻو پوندو. ان بعد اها شادي ملائيشيا ۾ رجسٽرڊ ٿي سگھي ٿي. ائين نه ته پهرين وانگر، جوءِ کي گھران ڇئي نڪري ته وڃان ٿو ٿائلنڊ ٻارن لاءِ ڪپڙا سبائڻ ۽ ٻي ڏينهن موٽي ته ٻارن جي ڪپڙن بدران ماڳھين پنهنجي لاءِ ٻي جوءِ وٺيو پيو اچي.

## انتوق ڪيريتا اندا

ملائيشيا ۾ ٽي قومون رهن ٿيون: ملئي، چيني ۽ انڊين. انڊين ۾ جيتوڻيڪ نندي ڪنڊ جا سڀ ماڻهو اچي وڃن ٿا پر انهن ۾ سڀ کان گھڻا ڏکڻ هندستان جا تامل آهن. هي اتر انڊيا جي دهلوي، لکنوي، گجراتين، ٻهارين ۽ پاڪستانين جي پنجابين، سنڌين، پٺاڻ کا رنگ ۾ وڌيڪ ڪارا ۽ جسم ۾ ڏٻرا آهن. ڏکڻ هندوستان ملائيشيا جي ويجھو آهي ان ڪري جن ڏينهن ۾ اچ وچ تي پابندي نه هئي ته ڏکڻ هندوستان جا ماڻهو روزگار توڙي واپار وڙي لاءِ هن پاسي گھڻو آيا. ٻيو ته انگريزن جي ڏينهن ۾ ملائيشيا ۾ ربڙ جي پوک جو ڪم وڌڻ ويجهڻ ڪري انهن ماڻهن جي ضرورت پيئي جيڪي گرميءَ توڙي جهڙ مينهن ۾ جهنگل ۾ رهي ڪم ڪري سگھن. ان لاءِ ڏکڻ هندوستان جي آبهوا توڙي ڪيت فصل ساڳيا ملائيشيا جهڙا آهن. مزوريءَ خاطر ملائيشيا ۾ انگريزن جي حڪومت دوران چين کان چيني به جام آيا جيڪي خاص ڪري هتي جي ٽين (Tin) جي کاڻين ۾ ڪم ڪرڻ آيا. پر پوءِ آهستي آهستي ٻين واپار وڙن تي به ڇانئجي ويا. هن وقت ملائيشيا جا چيني گھڻو سکيا ستابا آهن. انڊين ۾ هندو سنڌي، پنجابي سک ۽ پنجابي مسلمان، گجراتي پڻ چڱا مچيءَ مانيءَ وارا ۽ امير آهن پر



www.sindhsalamat.com

تامل نادو ۽ ڪيرالا پاسي جا ڏکڻ هندوستاني اجان تائين غريب آهن. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ همراه سرڪاري نوڪريءَ ۾ يا وڏي واپار ۾ هوندو نه ته گهڻائي اجان تائين ربڙ پام آئل ۽ ڪوڪا جي پوک ۾ ڪم ڪري ٿي ۽ ذري گهٽ ان ئي حال ۾ آهن جنهن ۾ صديون اڳ آيا هئا. ڪائڻ پيئڻ رهڻ توڙي ڏکڻ اوڍڻ ۾ بلڪل پراڻو. اڻ سڌريل ۽ ڪجهه ڪجهه جهنگ جي ماڻهن جهڙو نمونو اٿن. نتيجي ۾ ملائيشيا جي ماڻهن_ملئي توڙي چيني ماڻهن جو، ”انڊين“ لاءِ سٺو تاثر ناهي ۽ هنن لاءِ انڊين معنيٰ هي تامل همراهه_ربڙ جي پوک ۾ پورهيو مزوري ڪندڙ ڪجي ۽ ناريل جي وڻن مان تاڙي ۽ عرق ڪڍي ڪچو شراب پيئندڙ جوا، نشو پتو ۽ گهر ۾ پنهنجي زال ٻارن سان جهيڙو ڪندڙ اڻ پڙهيل، حرام حلال ۾ فرق نه ڄاڻندڙ صحت صفائيءَ جي اصولن مان نه ڄاڻندڙ وغيره سمجهيا وڃن ٿا.

اخبار ۾ اڪثر خبرون اينديون آهن ته فلاڻو انڊين فلاڻي جي جاگير ۾ گهڙيو، نشي جي حالت ۾ جهڳڙو ڪندي جهليو ويو. يا نشي جي حالت ۾ زال ۽ ٻارن کي مارينديءَ پڪڙيو ويو. يا فلاڻي ٻيلي ۾ڪم ڪندڙ هڪ انڊين عورت سان زوري زنا جي ڏوهه ۾ پوليس وٺي ويس. وغيره. پوءِ هنن ۾ جيڪي پڙهيل ڳڙهيل آهن اهي هي ڳالهيون ٻڌي شرمندگي محسوس ڪن ٿا.

هتي هڪ سانڊي جي شڪل جهڙو پر ان کان قد بت ۾ گهڻو گهڻو وڏو ۽ مڪروهه شڪل جو جانور ٿئي ٿو جيڪو گهرن اڳيان ۽ رستن تي عام جام نظر ايندو آهي. گند گوچر کان علاوه ڪڪڙين جا ٻچا، آنا ۽ وڻن مان ڪرندڙ پپيا کائيندو آهي. هڪ دفعي آفيس جي هڪ ملئي آفيسر کان ان جانور بابت پڇڻ تي هن ٻڌايو ته اهو هتي عام آهي ۽ بيحد ڍڄڻو ٿئي ٿو. ماڻهن کي نقصان نه ٿو پهچائي پر ننڍا ننڍا جيت جانور کيو وڃي. پر پوءِ ٻڌايائين ته انڊين هن کي کائيندا آهن. مون جڏهن تعجب ڏيکاريو ته پاڻ خاطريءَ سان وري چيائين:”هو نه فقط ان کي پر چمڙن کي به ڦاسائي کائيندا آهن.“ ان بعد مون سان گڏ ويٺل هڪ انڊين جهازي آفيسر کان پڇيائين: ”توهان کائيندا آهيو_“

تنهن تي هن چڙ مان وراڻيس: ”اسان اُهي انڊين نه آهيون جيڪي تون سمجهين ٿو ۽ جن جي تون ڳالهه ٻڌائي رهيو آهين. انڊيا تمام وڏو ملڪ آهي جنهن ۾ خبر ناهي ڪهڙيون ڪهڙيون ذاتيون ۽ قومون رهن ٿيون. هڪ ذات جيڪڏهن مئل جانور جو گوشت کائي ٿي ته سڀ انڊين اهڙا ٿيا ڇا؟_“

جيئن ته اها ڳالهه نه فقط ٻيا انڊين محسوس ڪن ٿا پر خود ڏکڻ هندوستاني پڻ ته هرويرو هنن کي ائين گهٽ ڇو ٿو سمجهيو وڃي جڏهن ته خود تاملن (ڏکڻ هندستانين) ۾ ڪيترائي پڙهيل ڳڙهيل، اعليٰ نوڪرين وارا، وڏا واپاري ۽ سڌريل آهن. پر تنهن هوندي به جاهليت، بيوقوفي ۽ نيچ پڻي جي علامت لاءِ ڏکڻ هندوستاني (انڊين) ظاهر ڪيو وڃي ٿو.

مثال طور هتي جي ٽي ويءَ تي هڪ سرڪاري اشتهار ”ملڪ کي صاف رکڻ“ لاءِ ڏيکاريو ويندو آهي جنهن ۾ جيتوڻيڪ چيني ۽ ملئي ماڻهن کي به ڏيکاريو اٿن ته ڪو چاڪليٽ کائي پنو پيو اڇلي، ڪو ڪسيءَ ۾ ڪچرو پيو اڇلي پر ”انڊين“ همراهه کي ڪجهه گهڻو ئي خوار ڪندو ڏيکاريو اٿن. هو بي افعالي نموني سان ڪيلو کائي سندس کل رستي جي وچ تي اڇلائي ٿو. (غريب کي کائڻ لاءِ وري ڪيلو به سائي رنگ جو ڏنو اٿن).

يا ٽي وي تان هڪ ٻيو اشتهار”هر شهر ۽گهٽي صاف رکڻ لاءِ کن ڪچرو ٻهر جي ڊبي ۾ اڇلائڻ کپي“ جي سلسلي ۾ ايندوآهي ته ان ۾ به هڪ انڊين_بيحد ٿلهو ، ڪارو، بي ڊولو بس اسٽاپ وٽ بچيل سگريٽ رستي تان واپس کڻي وسائي پوءِ ٻهر جي ڊبي ۾ وجهي ٿو ۽ ڇوڪريون تاڙيون وڄائي کيس ائين شاباس ڏين ٿيون جيئن کنهن چريئي مست کي ڏبي آهي. سو خراب ڪم ڊيٺ کان ڪرائڻ جو اهڙو جيئندو ڄاڳندو مثال ڏسي ڏکڻ هندوستانين جو ظاهر آهي اندر ڪامندو هوندو

تہ ھو بہ ھن ملڪ جا اصلوڪا باشندا آھن جھڙا ملئي ۽ چيني. ۽ پوءِ چو سٺي ڳالھ لاءِ ملئي ۽ چيني ساراھجن ۽ خراب مثال ڏيکار لاءِ ھي انڊين (تامل).

ٽي ويءَ تان ميڪ اپ، سونھن نئين ڊريس، ڪار، ٽي وي يا ايئر ڪنڊيشنر جو اشتھار ايندو تہ ان ۾ ملئي يا چيني عورتون ڏيکاريندا. وينڊي ڪير جي اشتھار، عورتون جي پڙڻ لاءِ ماھواري جي پيڊن، تيل پائوڊر يا گلوڪوس جي اشتھار ۾ بہ چيني يا ملئي عورتون ڏيکاريندا تہ ھو ڪارون ھلائي رھيون آھن. ڊوڙي رھيون آھن، پائوڊر ھڻ سان سندن اڌ اگھاڙي جسم مان گلاب جي گلن جي خوشبوءِ نڪري رھي آھي پر حرام جو ڪنھن تامل ڇوڪريءَ کي ڏيکارين_جيتوڻيڪ حق جي ڳالھ ھيءَ آھي تہ نڪ نقش ۾ توڙي ليمڪ ۾ ڪيترين ئي تامل (مدراسي) ڇوڪرين ملئي ۽ چينين کان تہ وري بہ پر ڪشش آھن_رنگ ۾ ڪٿي سانوليون ڪاريون آھن.

سو ظاھر آھي تہ ڏکڻ ھندوستانين کي اھا بي عزتي لڳي ٿي تہ ڪيترن ئي ملئي عورتن جو رنگ ھنن ئي جھڙو آھي ۽ جيتوڻيڪ انھن جا نقش بہ سٺا نہ آھن تہ بہ ڪين سونھن ۽ سوڀيا جي علامت طور ٽي ويءَ تي ڏيکاريو وڃي ٿو. چيني جيڪي ڪٿي رنگ ۾ اڇيرا آھن پر منجھن اھا ڪشش تہ نہ آھي تہ بہ ھنن کي ٽي ويءَ تي نخرو ڪندي ناز سان چورايو وڃي ٿو تہ "منھنجي حسن جو راز لڪس صابڻ" يا "منھنجي پسند جي ڪار ڏاھتسو" پر تامل ڇوڪريءَ کي ڇو نہ؟

ساڳي طرح مردن جي اشتھارن ۾ بہ چيني ۽ ملئي مردن کي Dunhill جو چشمو ۽ واچ پائي جاڳنگ ڪندي ۽ اوولٽين پي جبل تي چڙھندي، ڪئمل سگريٽ جو ڪش ھڻي ٻيڙي ھلائيندي تہ ڏيکاريو وڃي ٿو پر انڊين مرد کي ڇو نہ؟! ھا، بوميپترا بئنڪ برحد جي اشتھار ۾ ھن کي ضرور ڏيکاريو وڃي ٿو (جنھن بئنڪ جو نشان شينھن آھي)؛ تہ ھڪ عورت شينھن کي وٺي بئنڪ ۾ پيئي اچي ۽ رستي بيٺل ملئي ۽ چيني تہ ڇا پر انڊين ۾ سک ۽ گجراتي بہ ڏاڍي سڪون سان بيٺا آھن پر انھن جي وچ ۾ بيٺل مدراسي شينھن کي ڏسي جيڪو ڊيڄوڙي جو اظھار ڪري ٿو ان تي واقعي افسوس ٿو ٿئي تہ ٽي ويءَ وارا انڊين سان_خاص ڪري "ڏکڻ ھندوستانين" کي ڪيڏو ٻيائيءَ جي اک سان ڏسن ٿا.

ان سلسلي ۾ ڏکڻ ھندوستانين جي ڪيترائي خط اخبارن ۾ پڻ ايندا رھن ٿا تہ ائين ڇو آھي. اسان جون تامل عورتون بہ سھڻيون آھن. اھي بہ تہ پئسو خرچ ڪري ساڳين ميڪ اپ ڪمپنين جا عطر عنبير وٺن ٿيون.جيڪي ھنن مان ڪمائين ٿيون پوءِ پلا ڇو ڪنھن بہ اشتھار۾، ھو انڊين عورت يا مرد ھرگز نٿا ڏيکارين. "تہ ھڪ مدراسي عورت کي ڪار ھلائيندو ڏسي ماڻھو اھا ڪار وٺڻ ڇڏي ڏيندا؟"

"يا ماڊيس جو پيڊ پڏي بڪنيءَ ۾ ھڪ انڊين عورت کي ڊوڙندو ڏسي ماڻھو ھرڪڻ بدران بددل ٿيندا.؟"

اخبارن ۾ آيل ھڪ ٻن خطن ۾ تہ انڊين صاف صاف چڙ جواظھار ڪندي ٽي ويءَ وارن کي چتاءُ ڏنو تہ ياد رکو ٽي وي ٽئڪس ادا ڪريون ٿا ۽ ٽي وي ڪنھن ھڪ قوم جي نہ آھي پر سڄي ملڪ جي ماڻھن جي آھي. ۽ اسين بہ ان ملڪ جا ساڳيا شھري آھيون. ڪجھ ڏينھن اڳ جڏھن اھو بحث عروج تي ھو تہ انھن ڏينھن ۾ ملائيشيا جي ھڪ مشھور ڪارٽونسٽ لات (Lat) کي ڪٿي تي ڪٿي تنھن خبر ناھي ڇا سوچي ڪٿي ان بابت ڪارٽون ڏنو تہ انڊين ٽي ويءَ جي اشتھارن ۾ اچڻ چاھين ٿا. ۽ جيڪڏھن انھن کي آندو ويو تہ ڪجھ ھيئن لڳندا.

ان ڪارٽون تان ھيڪاندو ممڻ مچي ويو تہ ڇا ھو اھڙا ويل آھن جو ھنن تي ٽي وي ۽ اخبار وارا چٿرون ٿا ڪن. ان ڪارٽون ۾ ڏيکاريل ھو تہ ھڪ ٿلھي متاري مرد نما انڊين مدراسي عورت پنگياٽين جي اسٽائيل جي ساڙھي ٻڌي مٿي تي پنجويھ سير جو ڳرو ڏيو، ڪنھن تيل جو رکي ھيرو صاحب سان گڏجي نچي رھي آھي ۽ ھيرو صاحب کي ماٿيپي ۾ڏيکارڻ بدران چور وانگر ڳچيءَ ۾ رومال ۽ اکين تي ڪارو چشمو، ڪاري پينٽ تي گلن واري جھڳمڳ ڪندڙ ٽرڙي قميص

پارائي_ڪيس هيرو گهٽ پر ڪاسائي وڏيڪ ظاهر ڪيو ويو آهي. پاسي کان هڪ پوڙهو چيني مڪينڪ هٿ ۾ پانو جهلي کين وائڙن وانگر ڏسي رهيو آهي ته هي چريا سندس گئريج ۾ ڇا ڪري رهيا آهن.

جواب ۾ ملئيءَ ۾ لکيل آهي: ”توهان جي ڪار لاءِ_سپر انجن آئل“ “Super Engine Oil-Untok Kereta Anda” (ملئي زبان ۾ ڪار کي ڪيريٽا چون. انتوق معنيٰ لاءِ ۽ اندا معنيٰ توهان جي). پاسي کان انهن خطن جا ٽڪرا ڏنل آهن جيڪي اندين ان سلسلي ۾ اخبارن ڏيندا ٿا ته ڪين ٿي ويءَ تي اشتهار ۾ ڇو ٿتو آندو وڃي. ڇا اندين ڪئميرا کان گهٻرائين ٿا. ڇا اندين ڪنهن به مال جي وڪري لاءِ اشتهاربازي ٽتا ڪري سگهن... وغيره وغيره.



www.sindhsalamat.com

## ملائيشيا جو حڪومتي نظام

ملائيشيا ملڪ تيرهن رياستن جي هڪ جهڳٽي جو نالو آهي جنهن مان ٻه رياستون: صباح ۽ سرواڪ ته بلڪل پري_بورنيو ٻيٽ جي اتر ۾ آهن ۽ اهو مشرقي ملائيشيا سڏجي ٿو ۽ ٻيو مغربي ملائيشيا (Peninsular Malaysia)_ جيڪو ٿائلنڊ سان مليل آهي ان ۾ يارهن رياستون آهن: جوهور، پهانگ، ملاڪا، نگري سمبيلان، سلانگر، پيراق، پرلس، پينانگ، ڪيلنتان ۽ ٽرنگانو.

انهن رياستن مان ملاڪا ۽ پينانگ کي ڇڏي باقي سڀني رياستن جو پنهنجو پنهنجو والي (سلطان) آهي. (جيئن پاڻ وٽ خيرپور رياست، حيدرآباد دکن، بهاولپور ۽ ٻين رياستن ۾ پهرين هوندو هو) باقي ملاڪا ۽ پينانگ رياست انگريزن اٽڪل ڪري، رعب تاب سان، ڪيڏ/ چالبازي ۽ مڪاريءَ سان، جوا ۾، ڏن ۾، داداگيريءَ ۾، مڪاني ماڻهن کي ويڙهائي يا انهن جا صلح ناما ڪرائي اجوري ۾_ ڪنهن مڪاني ماڻهوءَ جون نه پر انگريزن جون ئي مليڪت سمجهيون وينديون هيون. 1895ع تائين ته هر رياست ڌار ڌار هئي_اها ٻي ڳالھ آهي ته سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح سڀني مٿان هلندي انگريز جي آهي جو هندوستان، سلون، برما، هنگ ڪانگ وانگر هي ملايا وارو علائقو، بورنيو ٻيٽ، سنگاپور وغيره جو اصلي حاڪم انگريز ٿي چڪو هو.

1895ع ۾ انهن مان چئن رياستن:پيراق، سلانگر، پهانگ ۽ نگري سيمبيلا گڏجي هڪ ڪانفيڊريشن ٺاهي جيئن اڳتي هلي فيڊرل حڪومت لاءِ رستو هموار ٿي سگهي. پر هن معاهدي کان علاوه ڪو ٻيو اهڙو وچ جو قانون (ليجسليچر) نه ٺاهيو ويو جيڪو چئني گڏ ٿيندڙ رياستن جو نظام هلائي سگهي. هر رياست کي قانون ٺاهڻ يا هلائڻ لاءِ پنهنجي رياستي قانون موجب هلڻو پيو ٿئي. تان جو 1909ع ۾ پارلياماني بنياد تي سينٽرل ليجسليچر سان گڏ فيڊرل ڪائونسل ٺاهي وئي. فيڊرل ڪائونسل تيرهن ڪنيل (ناميٽيڊ) ميمبرن جي اسيمبلي هئي جنهن ۾ چار ته رياستن جا والي (سلطان) اچي ٿي ويا، چار انگريز ريزيڊينٽ ۽ هڪ ريزيڊينٽ جنرل ۽ چار غير سرڪاري ماڻهو ميمبر ٿيندا هئا. جن کي ٽن ڏينهن جو هاءِ ڪمشنر سر فرئنڪ سويٽنهام مقرر ڪندو هو.

ارڙهن سالن کان پوءِ 1927ع ۾، فيڊرل ڪائونسل ۾ ڪجھ تبديليون آنديون ويون جن موجب رياستن جي سلطانن کي ڪڍي انهن جي جاءِ تي چار غير سرڪاري ميمبر رکيا ويا. ان کان پوءِ به وقت بوقت ميمبرن جي تعداد ۽ نوعيت ۾ تبديليون اينديون رهيون. پر ڪائونسل جا ميمبر نامينيشن ذريعي چونڊيا ويندا هئا. اهو سلسلو ٻي وڏي لڙائيءَ جي شروعات (ڊسمبر 1941ع) تائين رهيو.

1942ع ۾ سنگاپور سان گڏ ملايا به جپانين جي هٿ ۾ آيو ۽ آئين ٺهڻ جهڙا ڪم سڀ ٺپ ٿي ويا پر اهو آهي ته ان دور ۾ هتي جي ماڻهن ۾ سياسي سجاڳي ڏاڍي آئي.

جپانين جي آڻ مڃڻ ۽ انگريزن جي وري موٽڻ تي 1946ع ۾ انگريزن مٿين چئين ريساتن ۽ پنهنجن ٻن بيٺڪن (ملاڪا پينانگ) کي ملائي ائڊوائزري ڪميشن ٺاهي جنهن مطابق پنهنجي مرضيءَ سان قائدا قانون جاري ڪرڻ چاهيا ٿي. مرضي ته پهرين به سندن هلي رهي هئي پر هاڻ هنن مڪاني ماڻهن کي اهميت بنھ نٿي ڏيڻ چاهي.

اهي ڳالهيون هتي جي ماڻهن کي هاڻ نه وڻيون_خاص ڪري ملئي ماڻهن کي. ان ڪري هنن داتو آن جعفر جي اڳواڻيءَ ۾ انگريزن جي ٺاهيل آئين خلاف آواز اٿاريو. جنهن جي نتيجي ۾ 1948ع ۾ انگريزن جي ائڊوائيزري ڪائونسل بدران فيڊرل



www.sindhsalamat.com

ليجسليٽوَ ڪائونسل ڪي وجود ۾ آندو ويو. جنهن مطابق يارهن ئي رياستن (ملاڪا ۽ پينانگ سميت) مان ميمبر ڪنيا ويا ۽ کين مختلف ڪم (Portfolios) سوپيا ويا. هن ڪائونسل ۾ ٽن حصن مان هڪ حصا سرڪاري ميمبرن جا رکيا ويا.

اهڙي طرح هتي جي عوام ۾ آهستي آهستي سجاڳي ايندي وئي. 1955ع ۾ پهرين پارليماني اليڪشن ٿي جنهن ۾ اٺانوي ميمبر چونڊيا ويا. تنڪو عبدالرحمان پهريون چيف منسٽر ٿيو ۽ 1956ع کان هن ملايا جي آزاديءَ مهم هلائي ۽ 31 آگسٽ 1957ع تي ملايا آزاد هجڻ جو اعلان ڪيو ويو. تنڪو عبدالرحمان آزاد ملايا جو پهريون پرائيم منسٽر ٿيو. نگري سيمبيلان جو سلطان سڄي ملايا جو هيڊ آف اسٽيٽ_”راجا“ چونڊيو ويو. سندس نالو پڻ عبدالرحمان هو.

1959ع جي جنرل اليڪشن بعد بائڪئميرل پارليامينٽ ٺاهي وئي. بادشاه (راجا) کي ملڪ جو وڏو مڃيو ويو ۽ ميمبرن جا ٻه هائوس (ديوان) ٺاهيا ويا. ديوان رعيت (House of representatives) ۽ ديوان نگارا (سينيٽ). 1982ع کان ڇهين پارليامينٽ هلي رهي آهي. پرائيم منسٽر امنو (Umno) پارٽيءَ جو محمد مهاتر آهي ۽ ملڪ جو وڏو يعني بادشاهه جوهور رياست جو سلطان آهي. (هن کان اڳ پهانگ رياست جو سلطان، سڄي ملڪ جو راجا هو.) پنجن سالن لاءِ واري وٽيءَ تي هر هڪ رياست جو سلطان سڄي ملڪ جو والي / بادشاهه Yang di Pertuan Agong ٿيندو آهي. هو وزير اعليٰ ۽ ڪئبينيٽ جي صلاح مصلحت سان ڪم ڪندو آهي. فيڊرل ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن مقرري پاڻ ڪندو آهي.

ديوان رعيت ( ميمبرن جي اسيمبلي) ۾ 154 ميمبر ٿين. جن مان 114 اولهه ملائيشيا مان چونڊيا ويندا آهن ۽ چاليهه اوڀر ملائيشيا مان (چوويهه سراواڪ مان ۽ سورهن صباح مان). اسيمبليءَ جو مدو پنجن سالن جو ٿئي. ديوان نگارا (سينيٽ) ۾ اٺونجاهه ميمبر ٿين جن مان چويهه چونڊيا ويندا آهن ۽ پٽيهه ائين ئي ڪنيا ويندا آهن.

**”نون ديوتائن جي ولادت“**

ملائيشيا ۾ جيئن ته مختلف مذهبن جا ماڻهو رهن ٿا ان ڪري مذهبي ڏينهن پڻ ڪيترائي ملهايا وڃن ٿا. مسلمانن جي عيدن تي، هندن جي ڏياريءَ تي، ٻڌن جي يوم ويساڪ تي، عيسائن جي ڪرسمس ڊي تي، ۽ چينين جي نئين سال تي سڄي ملائيشيا ۾ سرڪاري طرح موڪل ٿئي ٿي.

انهن ڏينهن کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ڏينهن ننڍي پئماني تي ملهايا وڃن ٿا، جيڪي ڪنهن هڪ فرقي يا ملڪ جا ماڻهو ملهائين. مثال طور ”ڏياريءَ“ جو ڏينهن سڀ هندو ملهائين ٿا. ۽ ”ٿائپونگل“_جيڪو خوشيءَ جو ڏينهن چيو وڃي ٿو، اهو ته ڏکڻ هندستان جي هندن ۾ به فقط تامل ڳالهائيندڙ ملهائين.

اهڙي طرح ملائيشيا ۾ رهندڙ ٿائي رهاڪو اپريل جي مهيني ۾ ”سونگران“ ملهائين. عيسائي ڪرسمس کان علاوه گڊ فرائيڊي ۽ ايسٽر جا ڏينهن پڻ ملهائين. چينين جا ته ڪيترائي مذهبي ڏينهن آهن. مثال طور ”چينگ بينگ“_جيڪو مري ويل روحن جو ڏينهن سڏبو آهي ۽ هن ڏينهن تي چيني هن جهان مان لڏي ويل پنهنجن ابن ڏاڏن جي روحن جي عبادت ڪن ۽ اگربتيون، شمعون ۽ ڪاڳر ساڙين. اهڙي طرح رحمت ۽ ٻارن جي سار سنڀال لهڻ واري ديوي_”ڪو_آن_ين“ جي عبادت جو ڏينهن فقط ٻڌيون ڪائي ملهايو ويندو آهي. پر چينين جا ڪيترائي ڏينهن اهڙا آهن جن تي ٻار ۽ وڏا ٻئنڊ باجي سان، جلوس ٺاهي شهر جي عام رستن تان سرگس ڪن. اڳيان اڳيان شينهن ۽ اژدها (Dragon) بلا جو ناچ ڪن. گهنجيل



www.sindhsalamat.com



رنگين پني جي پنجاھ کن والن جي ڊگھي ٻلا ٿاهي، ان جي هيٺان ويھ کن همراھ پنهنجا مٿا وجهي هيٺ مٿي ٿي هلندا آهن. پري کان ۽ گھرن جي بالڪنين مان لڳندو آهي تہ ڄڻ نانگ سرندو وڃي.

شينهن جي ناچ ۾ وري هڪ همراه رنگين پني مان ٺهيل شينهن جو منهن چاڙهي ۽ پويان ٻيو همراھ شينهن جو باقي حصو مٿي تي رکي نچندو آهي. انهن جي پويان ويهارو کن يونيفارم پهريل ڇوڪرين جي ٻنٻ هوندي آهي. جنهن جي پٺيان ڇوڪرا ٽوٽاڙيون ۽ ٻيوگل وڄائيندا هلندا آهن. انهن کان پوءِ يڪدم ٽي چار ڪليل ٽرڪون هونديون آهن جن ۾ ٻارن ٻچن سميت ويٺل چيني ڳائيندا ۽ ڳالهائيندا ويندا آهن_جيئن ڪراچيءَ ۾ عيدن تي مڪراني يا پٺاڻ ٽرڪن ۾ چڙهي ڪلفٽن يا هل پارڪ جو سير ڪرڻ لاءِ نڪرندا آهن.

آهستي آهستي هلندڙ انهن ٽرڪن جي پويان اهڙن نانگن ۽ نغارن وڄائڻ وارا ٻيا بہ هوندا آهن ۽ ان جي پويان وري پيدل ماڻهن جا ميڙ. ڪن ڪن ٽرڪن ۾ دهل ۽ نغارا وڄائڻ وارا هوندا آهن ۽ ميوزڪ کان وڌيڪ هنيوچي گهٽي هوندي آهي. آخر ۾ وري ٽيهہ چاليهہ کن وردين ۾ نچندڙ ڇوڪريون ۽ اسڪول جا ٻار هوندا آهن. بس ميل کن جو جلوس هوندو آهي جيڪو آهستي آهستي هلندو، بيهندو، نچندو ڪڏندو شهر مان گذرندو آهي.

اهڙو جلوس شهر مان لنگهڻ وقت اسان بہ دلچسپيءَ سان ڏسندا آهيون. پر هڪ دفعي اهرو قاسي وياسين جو اهو اڄان تائين ياد ڪري کلندا آهيون. ٿيو هيئين جو پاڪستان کان ملاڪا پهچڻ تي اسان کي ٻڌايو ويو تہ ملائيشيا ۾ ڪار هلائڻ لاءِ اسان جو پاڪستاني ڊرائيونگ لائسنس قبول نہ ڪيو ويندو. ان لاءِ ملاڪا ۾ ڊرائيونگ جو امتحان ڏيڻو پوندو. پر جيئن تہ اهو امتحان ڪافي ڏکيو ٿئي ٿو سو ان لاءِ ٿورو گهڻو ڪنهن ڊرائيونگ اسڪول واري کان گاڏي هلائڻ سکڻي پئي ٿي _جيئن ملاڪا شهر جا رستا بہ ياد ٿيهن.

ان ڪم لاءِ چيف انجنيئر آصف غيور سان گڏ جڏهن پهريون دفعو ڊرائيونگ اسڪول پهتاسين تہ خبر پئي تہ ان لاءِ اڳواٽ وقت وٺڻ ضروري هو. جو مڙني ڊرائيونگ اسڪولن جو ڪارون اڳهين والاريل هيون. سو ٻئي دفعي لاءِ اڳواٽ جو پروگرام پڪو ٿاهي موٽياسين.

ملاڪا ۾ جتي اسان رهيل آهيون، اهو هنڌ ان اسڪول کان گهڻو پري آهي ۽ جيتوڻيڪ اسان گهڻو ئي اڳ نڪتاسين پر ڊرائيونگ اسڪول وچ شهر ۾ هجڻ ڪري پهچڻ ۾ اڌ ڪلاڪ کن وڌيڪ دير ويئي ۽ اسڪول جي استاد اسان کي غير حاضر سمجهي اسان جو پروگرام ڪئنسل ڪري ٻئي آيل گراهڪ/ شاگرد حوالي ڪري ڇڏي. نتيجي ۾ ان ڏينهن بہ بنا سکڻ جي موٽڻو پيو. اهڙي طرح هاڻ ٽئين دفعي وڌي احتياط سان گهڻو اڳ گهران نڪتاسين ۽ ٽائيم تي اسڪول پهچي ڪلاڪ لاءِ ياڙي تي ڪار ۽ سيڪاريندڙ استاد (ڊرائيور) ڪنيوسين. ڪلاڪ جي سکيا ۽ مسواڙ جا پنجويہ ڊالر (ڏيڍسئو رپيا) بہ قاعدي موجب اڳواٽ ڀيارياسين ۽ هاڻ پنهنجي پر ۾ خوش تي ڊرائيونگ اسڪول واري گهٽيءَ مان ڪارن کي ڪڍي مين روڊ تي چڙهڻ لاءِ چوواٽي تي پهتاسين تہ ساڄي پاسي کان چينين جو هي جلوس چوواٽو لتاڙي کاٻي وڃي رهيو هو. ٻين وانگر اسان بہ بريڪ هڻي جلوس جي لنگهڻ جو انتظار ڪيو.

پهريان پنج ڇهہ منٽ تہ دل پري نانگن جو ناچ ۽ مني اسڪرٽس ۾ چيني ڇوڪرين جا ڇهرا ۽ ٽنگون ڏسندا رهياسين پر پوءِ جيئن جيئن وقت گذرڻ لڳو (ڊگهي جلوس ختم ٿين جو پري تائين آسرو نظر نٿي آيو) تہ بيزاري محسوس ٿي. پڇڻ جي بہ هاڻ ڪا واهہ نہ هئي جو ڪيترين ئي گاڏيون هڪ ٻئي سان لڳي بيٺيون هيون. ساڄي کاٻي وارا رستا تہ جلوس سان ئي پريل هئا ۽ سامهون وڃڻ لاءِ جلوس کي چيرڻ ڏکيو ڪم هو. ڪار جي دريءَ مان رڙ ڪري منهنجي ڪار واري استاد کان ان سرگس بابت پڇيو تہ اها چاجي خوشيءَ ۾ آهي.



www.sindhsalamat.com

”اڄ چيني ديوتائن (Kew_Ong_Yeah) جي ڄمڻ جو ڏينهن آهي ان جي خوشيءَ ۾ هي جلوس بڪت_چينا (هڪ ٽڪري) ڏي وڃي رهيو آهي.“ ڊرائيور ٻڌايو.

آصف ٿڌو ساهه کڻي چپن ۾ پڙڪيو:”چيني ديوتائن کي به اڄ ئي ڄمڻو هو. مس مس ته پهريون دفعو ڪلاڪ کن ڪار سکڻ لاءِ مليو آهي.“

چيني ديومالائن موجب“ ڊرائيور ٻڌايو.”چين ۾ منچو گهراڻي جي حاڪمن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ منگ همراهن جي مدد لاءِ آسمان مان اڄ جي ڏينهن نوَ شهنشاهه ديوتا (Kew-Ong.Yeah) لٿا هئا. هن وقت ان ڏينهن جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ هي جلوس خوشي ملهائي رهيو آهي.“

بهرحال جڏنهن ان سڄي جلوس کي اسان اڳيان لنگهڻ ۾ منو ڪلاڪ کن لڳي ويو هو. ان بعد پنج منٽ کن اڳيان هلياسين ته ڊرائيور ٻڌايو ته ڪلاڪ پوري ٿيڻ ۾ باقي وڃي ڪي ست اٺ منٽ بچيا آهن سو مهرباني ڪري ڪارون هلي اسڪول ۾ واپس ڪريو جو ٻي ڪلاڪ وارا همراهه اوسيئڙي ۾ هوندا.

اهو ٻڌي اسان جو ته اندر ئي سڙي ويو ته پرديس ۾ غير ملڪي ناڻي جا ڏيڍ سئو رپيا هر هڪ خرچ ڪيا. وقت به ضايع ٿيو. گهران ايندي ويندي ٽئڪسيءَ جو ڀاڙو به کيسي ۾ پيو ۽ حاصل به ڪجهه نه ٿيو. هاڻ اندر هلڪو ڪرڻ لاءِ گاريون ڏيون ته ڪنهن کي ڏيون_؟

پنهنجو پاڻ کي. ڊرائيونگ اسڪول جي مالڪن کي. چيني ڊرائيور کي يا سندن نون ديوتائن کي جن کي بقول آصف غيور جي ته ڄمڻ لاءِ اڄ جو ئي ڏينهن مليو.

*____________*____________*

مٿي ذڪر ڪيل ڪجھ مشهور ڏينهن کان علاوه ملائيشيا ۾ پيا به ڪيترائي مذهبي ۽ رسمي ڏينهن ملهايا وڃن ٿا. مثال طور نومبر ۾ ڪيترائي مذهبي ۽ رسمي ڏينهن ملهايا وڃن ٿا. مثال طورنومبر ۾ گرونانڪ جي ڄمڻ جو ڏينهن آهي. گرونانڪ سکن جي ڌرم/ فلسفي جو باني آهي ۽ ملائيشيا ۾ ڪيترائي سک رهن ٿا جيڪي هي خوشيءَ جو ڏينهن وڏي ڌام ڌوم سان ملهائين ٿا. نومبر ۾ ئي عيسائي مذهبن جا ملائيشين All Souls day (روحن جو ڏينهن) ملهائين ٿا. هن ڏينهن تي عيسائي پنهنجن پنهنجن وڏن جي قبرن تي گل رکن ۽ شمعون ٻارين.

آگسٽ ۾ چيني ”ستن پينرن جو جشن“ ملهائين. چيني روايتن موجب شهنشاهه ”جيد“ (Jade) سزا خاطر پنهنجي ستون نمبر ڌيءَ کي حڪم ڪيو هو ته هوءَ سڄي سال ۾ مڙس سان فقط هڪ ڏينهن_هر سال جي ستين چنڊ جي رات تي ملي سگهي ٿي. اهو ڏينهن اڄ تائين ملهايو وڃي ٿو. هي جشن خاص ڪئنٽونين (چين جي ڪئنٽن علائقي کان هتي آيل چيني) ملهائين.

هن ئي مهيني ۾ چيني ”بکايل پوت“ جو ڏينهن پڻ ملهائين جيڪو سندن اعتقاد موجب سال جو اهو ڏينهن آهي جنهن تي دوزخ جا دروازا مهيني لاءِ کولي روحن کي آزاد ڪيو وڃي ٿو.

آگسٽ مهيني ۾ هندو شري ڪرشنا جيانتي جو ڏينهن ملهائين. هنن جي ديو ڪٿا موجب هن ڏينهن تي شري ڪرشنا اٺين اوتار وشنوءَ جي روپ ۾ لٿو هو. هي ڏينهن هندن جي خوشيءَ جو سمجهيو وڃي ٿو (شري ڪرشنا مها ڀارت واري وڏي قصي جو هيرو ٿي گذريو آهي.)



www.sindhsalamat.com

ڏکڻ هندوستان جا تامل نادو (يعني تامل زبان ڳالهائيندڙ)هندو ٿائيپونگل ملهائين ته ساڳي صوبي جي تيلگو ڳالهائيندڙ هندو مارچ مهيني ۾ ”اوهاڏيءَ“ جو ڏڻ ملهائين. هن ڏينهن تي هو ميڙ ٿاهي پنهنجن مندرن ۾ پوجا پاٺ لاءِ وڃن.

هندن جو هڪ ٻيو مشهور ڏينهن جيڪو ملائيشيا ۾ ملهايو وڃي ٿو سو آهي: ”مهاسواراترِي“. هي ڏينهن اڄڪلهه فيبروريءَ ۾ لارڊ شوا جي ياد ۾ ملهايو وڃي ٿو. هن ڏينهن تي سڄي رات مندر ۾ اوجاڳو ڪري پوڄا ڪبي آهي ۽ سڄو ڏينهن فقط ياڇي ڪاٺي پوندي آهي.

ڏٺو وڃي ته ان خيال کان ملائيشيا هڪ اهڙو ملڪ آهي جتي ڪيترن ئي مذهبن جا ماڻهو پنهنجا مذهبي ڏينهن وڏي ڌام ڌوم ۽ سڪون سان ملهائين ٿا.

## مشرق مغرب کي غلط سمجهي ٿو

ڪوالالمپور کان چاليهه پنجيتاليهه ميل کن پري ڏکڻ ۾ سريمبان نالي شهر آهي ۽ سريمبان کان پندرهن کن ميل پري پورٽ ڊڪشن شهر آهي. جيڪو سمنڊ جي ڪناري تي هجڻ ڪري ٻهارين ملڪن کان آيل مسافرن/ ٽورسٽن جي دلپسند جڳهه آهي. سمنڊ جي ڪناري تي ته ملائيشيا جا ڪيترائي شهر آهن. پر هي پورٽ ڊڪسن انهن شهرن مان آهي جنهن جي چوڏاري پکڙيل سمنڊ جو ڳپل حصو تانگهو ۽ صاف سٿرو آهي ۽ سمنڊ جا اهڙا ڪنارا (جنهن کي انگريزيءَ ۾ بيچ Beach سڏجي ٿو) ملڪ لاءِ تمام اهم آهن، جو ننڍو توڙي وڏو اهڙي سمنڊ ۾ بي ڊپو ٿي وهنجي/تري/ترڳي/هلي سگهي ٿو. ٻڏڻ جو يا سامونڊي ڇولي جي ڪٽي وڃڻ جو ذرو به ڊپ نٿو رهي.

پاڻ وٽ ڪراچي واري سمنڊ_ڪلفٽن توڙي سئنڊس پٽ کي، سٺي بيچ چئي نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ جو هڪ ته تورو ئي اڳتي گهڙڻ سان سمنڊ اونهو ٿيو وڃي ۽ ٻيو ته سانوڻيءَ وارا ڇهه مهينا ته سامونڊي ڇتيون ۽ طاقتور ڇوليون تارُن کي به اونهي ۾ ڇڪيو وڃن. تنهن کان سواءِ جهاز مان ڦٽو ڪيل يا ڪنار تي آيل ماڻهن جو اڇلايل تيل ۽ کن ڪچرو سڄو ڪنارو خراب ڪريو ڇڏي ۽ اهو کن ڪچرو صحت لاءِ سٺو ناهي ۽ ڪڏنهن ڪڏنهن جسم تي ڦٽ، ڦرڙيون يا خارش ٿيو پون.

ان خيال کان ملائيشيا ۾ پورٽ ڊڪسن جهڙا ڪيترائي شهر آهن. جن جا ڪنارا صاف سٿرا ۽ تانگها هجڻ ڪري، ٽڏن يورپي ۽ آمريڪي ملڪن جا ماڻهو، ڏاڍو اچن ٿا. سرڪار پڻ هھڙين جاين کي هيڪاندو سهڻو ۽ فارينرن جي ڏانءَ وٽان رکيو آهي. ملائيشيا توڙي ڌارين ملڪن کان آيل مسافرن جي رهائش لاءِ ڪيترين ئي وڏيون توڙي ننڍيون هوٽلون ٺهي ويون آهن. ۽ ”انهيءَ ڏينهن اچي وڃڻ وارن“ جي کاڌي خوراڪ لاءِ پڻ، سمنڊ جي ڪناري تي لڳو لڳ ڪيترين ئي هوٽلون ۽ کاڌي پيتي ۽ سوکڙين سوغاتن جا دڪان ٺهي ويا آهن. وٽناوَ ته اهڙي ڪنهن هوٽل ۾ ويهي ناسي ايام (چڪن برياني) ۽ ساتي (ٻوٽي ڪواب) کائو يا ائين ئي رڏل يا پڪل سنگ، گجر کائو يا وري ڪو ميوو:پپيتو، چڪون، اسٽار فروٽ، دورئن يا ڪٽل وٽي مٿان ڪوڪاڪولا يا گلاب جو شربت پي پيٽ ڀريو.

گهر موٽڻ وقت نشاني خاطر پورٽ ڊڪسن جي نالي واري قميص، گنجي، ٽوپلو يا ڪا ٻي ڪکن، ڪانن جي ٺهيل شيءِ وٺي نڪرو. ڪيترا ماڻهو_فئمليون ، دوست اسڪول جا شاگرد شاگرديائيون، مندر، مسجد يا گوردواري جا جماعتي ۽ ڪلبن جا ميمبر ٽولو ٺاهي هتي اچن ٿا. ڪي ڌار ڌار اڪيلا پڻ. ڪائڻ لاءِ پاڻ سان هڪ ديڳڙو يت جو ته ٻيو ياڇيءَ يا ڪنهن ٻوڙ جو پڻ ڪٽي اچن ٿا. وچ ۾ پاٽيءَ ۾ ترڻ لاءِ به پيا ويندا. جن کي ترڻ نه ايندو آهي اهي هوا ڀريل ربڙ جا ٽائر

دڪان تان مسواڙ تي وٺي ان جي مدد سان ترن. پورٽ ڊڪسن ۾ ڪجهه مسواڙي ”اسپيڊ بوٽون“ پڻ هلن ٿيون. ٻيڙين جا مالڪ سڄي ٻيڙيءَ جي مسواڙ ڏهه کن ڊالر وٺي پندهن ويهه منٽ پري پري تائين سمنڊ جو سير ڪرائين.

موڪل وارن ڏينهن تي ته پورٽ ڊڪسن ۾ ميلو متل هوندو آهي ۽ مغربي ملڪن جي مردن عورتن سان گڏ ملائيشيا ۾ رهندڙ ٽنهي قومن جا ماڻهو موجود هوندا آهن. هونءَ هتي جون چيني ڇوڪريون ته شهرن ۾ به جتي ڪٿي مني اسڪرٽ ۽ چڊيون پائي هلن. پر ملئي مسلمان ڇوڪريون جيڪي هونءَ اهڙي قسم جي ڊريس جي معاملي ۾ مڙيئي شرم کن ٿيون ۽ سڄي جسم کي ڍڪڻ لاءِ باجو ڪورونگ (چولي_ گوڏ) جهڙيون پوشاڪون پهرين سي به اهڙن هنڌن تي سئمنگ سوٽ/ سلپ ۾ بي هجاب فرنديون نظر اچن ٿيون. ڪنهن به ڪنڊ کان هتي جا ساموندي ڪنارا اسپين، ڏکڻ فرانس ۽ سائوٿ آفريڪا ساموندي ڪنارن کان گهٽ رنگارنگ ڏسڻ ۾ نه ايندا. جنهن رفتار سان ماڻهن ۾ هتي جي ڪنارن تي وندر جو گهڙيون گهارڻ جو شوق وڌي رهيو آهي ۽ هتي جي سرڪار پڻ ان لاءِ همت افزائي ڪري پيئي تنهن مان لڳي ٿو ته واپار وڙي ۽ قدرتي وسلين ۾ ته ملائيشيا يورپ کان زور تي ويو آهي، پر ٽوئرسٽ انڊسٽريءَ ۾ پڻ گوءِ ڪٽي ويندو.

ويجهڙائيءَ ۾ پورٽ ڊڪسن ۾ منهنجو هفتو کن رهڻ ٿيو. ساموندي ڪنارن تي آيل مسافرن جو تعداد هر روز وڌيل نظر آيو ٿي. جنهن هوٽل_”منگ“ ۾ رهيل هوس، ان کان وٺي ٻين ننڍين هوٽلن ، دڪانن ۽ پئدين تي، خوب وڪرو ڪمائي هلي رهي هئي. پڪي رستي تان لهي سمنڊ ڏي مڙڻ واري هنڌ تي بيٺل هڪ ڪوڪا ڪولا وڪڻندڙ همراهه ٻڌايو ته هر روز هو فقط ٻن ڪلاڪن ۾ سئو کن بوتلون وڪڻي ٿو جنهن مان هن جو سٺو گذر ٿئي ٿو ۽ سندس پوڙهي پيءُ ۽ ماءُ سمنڊ ڪناري تي پڪل سنگ ۽ رڌل سپون وڪڻي روز ٽيهه پنجتيهه ڊالر آرام سان ڪمايو وٺن. نه ته ٽي چار سال اڳ تائين جڏنهن اجان سرڪار هن شهر ۽ ساموندي ڪناري جي اشتهار بازي نه ڪرائي هئي، سندن ڪمائي مڇيون ڦاسائي وڪڻ مان فقط چند ڏوڪڙ ٿيندي هئي جو سمنڊ جي ڪناري تي رهندڙن جو ٻيو پلا ڪهڙو ڪمائيءَ جو ذريعو ٿي سگهي ٿو.

پورٽ ڊڪسن کان اسان جو شهر ملاڪا چاليهه کن ميل پري آهي ۽ اسان جي نيول اڪيڊميءَ جا ڪئڊٽ مختلف ساموندي راندين_جهڙوڪ Surfing لاءِ هتي پورٽ ڊڪسن اچن ٿا. هن دفعي ساڻن گڏ هفتي کن لاءِ مون کي اچڻو پيو هو، جو آخري ڏينهن تي سندن امتحان (Tests) وٺڻا هئا.

شروع وارا پنج ڇهه ڏينهن شاگردن کي پنهنجي منهن پرئڪٽس ڪرڻي هئي سو مون لاءِ نه ڪم هو نه ڪار. ائين واندن وانگر وقت گذارڻ ۾ پورو هوندو هوس. پهريان ٻه ڏينهن ته ٽي وي ڏسندو رهيس ۽ هوٽل جي سئمنگ پول ۾ تري پوءِ ڪجهه دير اخبارون رسالا اچي پڙهندو هوس. ويجهڙائيءَ ۾ ڪراچيءَ کان منير چانڊيو ملائيشيا جي ٽوئر تي آيو هو. تنهن ڪجهه ”ڊان“ ۽ ”بزنس رڪارڊر“ اخبارون آڻي ڏنيون هيون ۽ سنڌيونيورسٽيءَ واري خان محمد پنهور پڻ پنهنجي رسالي ”پارس“ جا ڪجهه پرچا موڪليا هئا_سي غور سان پڙهندو رهيس. ٽئي ڏينهن هوٽل کان ٻاهر نڪري پر واري سمنڊ جي ڪناري تي چڪر هنيم جتي ٻين ڏارين ماڻهن کان علاوه منگ هوٽل ۾ مون سان گڏ رهيل فارينرن جا چهرا پڻ نظر اچي رهيا هئا ۽ ڪن سان ته هوٽل جي ورانڊن ۾ ايترا دفعا ڏيٺ ويٺ ٿي چڪي هئي جو سامهون اچڻ تي رسمي عليڪ سليڪ يا مرڪ ۽ هيلو پڻ چوڻو پيو ٿي. پاڻ سان سئمنگ ڪاسٽيوم (ڪڇو) آندو هوم سو صبح شام ٽي چار ڪلاڪ سمنڊ ۾ ترڻ ۽ ٽاڪوڙڻ طور هليو ويندو هوس. اهڙن هنڌن تي نه فقط جسم جي پر اکين جي به ٽاڪوڙ ٿيو وڃي.

سمنڊ تي ڪڏنهن ته هر وقت ساڳيا ساڳيا چهرا نظر آيا ته ڪڏنهن نوان نوان. هڪ ئي وقت چيني، انگريزي، ملئي ۽ تامل ڳالهين جا آواز ۽ ٽهڪڙا فضا ۾ گونجيل رهيا ٿي. ۽ سمنڊ تي مختلف رنگن، ڊيزائينن جا ”سئمنگ_ڪاسٽيوم“ڪنول جي



www.sindhsalamat.com

گلن جيان ترندي نظر آيا ٿي. مون ڪڏهن ڪڏهن پري تائين پکڙيل سمنڊ، آسمان، وڻن ٽڻن ۽ ساوڪ کي ڏٺو ٿي ته ڪڏهن پر ۾ ويٺل همراهن جي جسمن جي بيهڪ ۽ نفسيات تي غور ڪيو ٿي. ڪي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ اچي خوشي محسوس ڪري رهيا هئا. ڪي پنهنجي اگهاڙي بي ڊولي جسم تي خود ئي شڪي ٿي احساس ڪمتري محسوس ڪري رهيا هئا. ڪي پنهنجي سونهن کان با خبر هجڻ ڪري فخر ڪري رهيا هئا ته هر اهو ماڻهو جيڪو کين ڏسندو رهي ٿو سو ظاهر آهي ته ان جي مجتا ۾ ووٽ ڏيئي رهيو آهي. ساڳيءَ طرح ننڍن ٻارن مان پڻ ڪي ته پاڻيءَ ۾ خوشيءَ سان ٽپ آيا ته ڪي ڊڄي ڪناري تي بيهي ٿي رهيا. پوءِ مائٽن جي منٿن تي جڏهن هڪ دفعو اندر اچي پاڻيءَ جو مزو چکيائون ٿي ته پوءِ وري ٻاهر نڪرڻ جو نالو نٿي ورتائون.

هونءَ ملائيشيا ۾ چوڏاري سمنڊ ۽ نديون هجڻ ڪري هن ملڪ جي هر باشندي ننڍي هوندي کان پڙهڻ، تيرهڻ يا گهوڙي سواريءَ جهڙا ڪم ڪٿي نه به ڪيا هجن پر ترڻ ضرور سکيو آهي. سو هيڏن هنڌن تي ويندي ننڍيون ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا، چوڏاري مڇين وانگر پاڻيءَ ۾ ترڳندي يا Float ڪندي نظر ايندا. انهن وچ ۾ ڪيترن مون کي هتي جو ئي اڻڊين سمجهي ڪو خاص ڌيان نه ٿي ڏنو. جن ڌاريون سمجهيو ٿي تن مان ڪن ٽپگل سٽگل انگريزيءَ ۾ ملڪ جو نالو پڇيو ٿي جنهن سان منهنجو تعلق آهي. کين تعجب ۾ وجهڻ لاءِ مون ملئي ۾ جواب ڏنو ٿي ته Saya Datang Daripada Pakistan (يعني آئون پاڪستان کان آيو آهيان) ۽ پوءِ خوشيءَ مان ڏند ڪڍي_خاص ڪري ملئي ماڻهن "باڳوس_باڳوس" (تمام سٺو، تمام سٺو) چيو ٿي ۽ ٻيڪ سوال ڪيا ٿي Boleh Cakap Melayu (ملئي ڳالهائي سگهين ٿو) ۽ جواب ۾ "يا. بوليح چڪپ ٻهاسا صديقت صديقت" چيو ٿي. ڪن ته اجان به ٻيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي ٿي ته هتي ڪيترن سالن کان آهيان، ڪٿي رهان ٿو، هي ملڪ ڪيئن ٿو لڳيم، ۽ ساڳي وقت مون به بابت حال احوال ورتا ٿي.

ائين پورٽ ڊڪسن ۾ رهڻ دوران_خاص ڪري آخري ٽن چئن ڏينهن ۾ ڪن_پل جون ملاقاتون ته ڪيترن سان ئي ٿيون. جن جو هن وقت تعداد ته ڇا پر پر سندن شڪليون به وسري ويون آهن_سواءِ ٻن ٽن همراهن_جيڪي شايد اجان ڪجهه عرصو ڌيان ۾ رهن. جن سان ڪجهه تفصيلي ملاقاتون ۽ ڳالهيون ٿيو_انهن مان ٻن ڇٽن جو احوال هتي نموني خاطر لکڻ هن ئي وقت بهتر ٿيندو جيئن اڳتي هلي وقت جو "ايريزنگ هيڊ" منهنجي دماغ جي يادگيري واري چرخيءَ تان ويساري نه ڇڏي. انهن ۾ هڪ زينا نالي ملئي نوجوان ليڊي ڊاڪٽر هئي ۽ ٻيو سينگ لم نالي هڪ چيني پوڙهو پبلشر.

زينا لاءِ پهريان ته ڏينهن ته مون اهو ئي سمجهيو ته هوءَ ان منگ هوٽل ۾، جنهن ۾ آئون به ٽڪيل هوس، ڪم ڪار اسٽيورڊس آهي يا ٻارن جي سار سنڀال لهڻ واري آيا. اهو ان ڪري نه ته ڪا هوءَ شڪل ۾ ڪوجهي هئي يا سندس لٽا ڪپڙا سادا هئا. هر گز نه. بلڪ مختصر ڊريس سهي پر هوءَ جيڪو روز نئون "باجو منديءِ" (سئمنگ ڪاسٽيوم) پائي ايندي هئي سوئي بيحد اوچو هو ۽ جيتوڻيڪ پهرين نظر ۾ ئي لڳو ٿي ته ملئي آهي پر عام ڇوڪرين کان گهڻو سهڻي ۽ سمارٽ هئي. رنگ ڪٿي ملئي ماڻهن جهڙو سانورو هوس پر سندس نقش پرڪشش هئا. سندس نهار ۾ ادا ۽ بي نيازي هئي جنهن جو نوٽس ڪيترائي مڪاني توري يورپي مرد به وٺي رهيا هئا. صبح توري شام جو جڏهن سمنڊ تي انيدي هئي ته فل ميڪ اپ ۾ هوندي هئي. ائين نه لڳندو هو ته ڪو وهنجڻ لاءِ آئي هجي پر ڄڻ دعوت ۾ آئي هجي. اها بي ڳالهه آهي ته ترڙي قسم جي ميڪ اپ بدران ڪيس هلڪي ميڪ اپ ڪرڻ جو آرٽ آيو ٿي. لپ اسٽڪ کان وٺي اکين جي شيڊ جي نموني رنگ جي چونڊ ۾ سلجهيل لڳي ٿي. ۽ لڳو ٿي ته هوءَ ڪا عام ڇوڪري ناهي. پر ان هوندي به ماڻهو_خاص ڪري فارينر هن کي آيا يا نوڪرياڻي ان ڪري سمجهي رهيا هئا، جو هوءَ اڪيلو اچڻ بدران هڪ ٽن سالن ڪن جي گوري (آمريڪن) ٻار کي پاڻ سان وٺي آئي ٿي جنهن کي هر وقت پنهنجي نگهبانيءَ ۾ ترڻ سيکاريائين ٿي. ان ڪري ڪيترن ضرور اهو سوچيو ٿي ته هوءَ ڪنهن امير آمريڪن فئمليءَ جي ٻار جي آيا يا ٻيبي سٽر آهي. پر حقيقت ۾ اهو ٻار (ڇوڪر) سندس ئي هو جيڪو هن مون کي ٻئي ڏينهن ٻڌايو. جيتوڻيڪ پهرين ڏينهن به ڪيترائي دفعا هڪ ٻئي جي پر ۾ تري



www.sindhsalamat.com

رهيا هئاسين يا رکي رکي ڪناري تي ٽهيل هڪ ملئي جي هوٽل ۾ گڏ ڪافي يا ڪوڪاڪولا پي رهيا هئاسين پر مرڪي فقط "هيلو" چوڻ کان وڌيڪ ڪا خبر چار نہ ڪئيسين. ۽ هن بہ سمجهيو تہ آئون هتي جو آهيان ۽ انهن مان آهيان جيڪي ڏينهنڪ اچي موٽي وڃن ٿا:

ٻئي ڏينهن تي صبح جو هوٽل ۾ نيرن بعد وهنجڻ وارو ڪچو پائي، هٿ ۾ ٽوال کڻي، گذريل ڏينهن واري سمنڊ جي حصي Blue Lagoon ڏي وڃڻ لاءِ هوٽل جي پوئين در کان نڪري رهيو هوس تہ هيءَ (ڊاڪٽر زينا) بہ ان وقت پنهنجي پٽ سان گلابي رنگ جي سنهڙي ڪڇي ۽ باڊيءَ ۾ اتي ملي. پاڻ ڪجهہ وڌيڪ ئي پر ڪشش لڳي رهي هئي جو سمنڊ جي چولين سندس ڇهري جي ميڪ اپ کي اجان ڌاتو نہ هو. پاڻ دستور موجب "هيلو" ڪري مرڪي ۽ مون بہ مرڪي هن ڏي تعجب مان ڏٺو جو تہ جنهن نموني جو هوءَ ڏيک ڏيئي رهي هئي ان مان لڳو ٿي تہ هوءَ هن هوٽل جي پورهيت ڇوڪري ناهي_جيتوڻيڪ هوءَ جسم ۽ عمر ۾ اهڙي هلڪي ڦلڪي ۽ ننڍي لڳي ٿي جهڙيون هن هوٽل جون ٻيون ملئي ۽ چيني ڇوڪريون. سندس هٿ جي ٻاچ ۾ پاتل ڊائمنڊ جي مهنگي منڊيءَ مون کي ويتر تجسس ۾ وڌو تہ هوءَ ڪير ٿي سگهي ٿي. ان ڏينهن جيئن ئي هن کيڪاريو تہ يڪدم هوٽل ڏي اشارو ڪري انگريزيءَ ۾ پڇيومانس: "ڊو يو ورڪ ديئر؟"

پاڻ انگريزي نہ سمجهڻ جو عذر ڏيڻ بدران هڪدم انگريزي ۾ ئي وراڻيائين تہ هوءَ ڪم ڪانہ ٿي ڪري پر ڪجهہ ڏينهن لاءِ موڪلون گذارڻ آئي آهي. اها بہ تعجب جي ڳالهہ هئي تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي خرچ تي منگ جهري فائيو اسٽار هوٽل ۾ اچي رهي سو ڪو عام اهڙو ٿهڙو تہ نہ هوندو.

جيئن تہ اسين ان وقت گڏوگڏ واڪ ڪري رهيا هئاسين سو ڳالهائڻ بهاني ڪائنس ٻار جو پڇيم.

"منهنجو ئي آهي" هن ايترو ڌيرج ۽ آرام سان چيو جڻ اها ڪا نئين ڳالهہ نہ هجي. آئون فلحال ماٺ تي ويس. پر ٽي ڏينهن اڳ تائين جيڪو ماڻهو منهنجي لاءِ ايترو اهم يا دلچسپ نہ هوتهن منهنجي ڇهين حواس کي هوشيار ڪيو تہ هي ضرور ڪا غير معمولي شخصيت آهي. اهو سوچي رهيو هوس تہ هينئر ڇيڙ تي ڪائنس پڇڻ بدران لنچ تي يا شام جو هوٽل ۾ ساٿس وڌيڪ خبرون چارون ڪيون وڃن تہ ايتري ۾ پاڻ مون ڏي ڇتائي ڏسي پڇيو:

ڪهڙي هنڌ تي سئمنگ ڪرڻ جو ارادو آهي؟"

"سڄو سمنڊ ساڳيو آهي" مون وراڻيو. "بس ائين ڪنارو ڏيو پيو وڃان. جتي موڊ آئي تہ سمنڊ اندر گهڙي ويندس."

"هتي جي اچين تہ موسٽ ويلڪم. آئون تہ هتي ئي ٿي وهنجان" هن چيو.

مون لاءِ تہ ڪو فرق نہ ٿو پوي. پاڻ تنهنجي ڪمپني رهندي. توکي انگريزي سٺي اچي ٿي ان ڪري خبرون چارون ڪري سگهندس."

ان بعد وڌيڪ واڪ ڪرڻ بدران اسان سمنڊ ۾ اندر گهڙي پياسين جتي اوسي پاسي کان ٻيا بہ ڪيترائي تري رهيا هئا. هن پنهنجي ٻار کي ٻانهن تي ربڙ جا هوا سان ڀريل ٽائر چاڙهي ڪيس هيڏانهن هوڏانهن ترڪڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. رکي رکي پاڻ بہ تري ٿي ۽ منهن تي ڇنڊا هنيا ٿي تہ مون سان بہ ڳالهين جو سلسلو جاري رکيائين ٿي.

"لوڪل آهين يا فارينر_؟" هن پڇيو.



www.sindhsalamat.com

”آهيان ته فارينر پر هتي رهئي ٻه ڏاڍ ٻه اڍائي سال ٿي ويا اٿم. ٽن سالن جي مدي/ پول تي هتي آيو آهيان. لڳي ٿو ته ٽن سالن جو هڪ پيو ٽرم ٻه هتي ئي ڪريان جو ملائيشيا مان اڃان بيزار نه ٿيو آهيان.“ مون وراڻيومانس.

”مهرباني جو تون اسان جي ملڪ کي پسند ڪرين ٿو.“ هن چيو.

”مسز زينا! توهان ڪٿي نوڪري ڪريو يا هائوس وائيف آهيو.“ مون ڪائنس پڇيو.

”پليز مون کي رڳو زينا چئو. چو جو ٿلهي نالي وٺڻ کي آئون وڌيڪ ترجيح ڏيان ٿي. ۽ هونءَ ٻه آئون مسز زينا نه رهي سگهي آهيان.“

”ائين ٻه صحيح آهي پر ڇا پڇي سگهان ٿو ته توهان جي مڙس جو ڪو حادثو ٿي پيو؟“

”نه. هو مون لاءِ جيئري ئي مري چڪو آهي.“

”گذر سفر لاءِ ڇا ڪريو؟“ مون پڇيومانس.

”نوڪري ڪندي آهيان. آئون ڊاڪٽر آهيان. ڪوالالمپور ۾ پنهنجي ڪلينڪ اٿم_فلاٽي روڊ تي.“

ايتري ۾ سندس پٽ سمنڊ جي ڇولين تي ڪجهه پريرو ٿي ويو هو تنهن کي پري وڃڻ کان منع ڪرڻ ۽ ويجهو اچڻ لاءِ رڙ ڪري ملئي زبان ۾ چيو: Jangan Perglah, Mari sini ۽ پوءِ وري مون سان مخاطب ٿي:

”منهنجو مڙس آمريڪن هو،“ هن ٿڌو ساهه کڻي ڳالهه ڪئي،

”ان ڪري منهنجي ڇوڪر جا مهاندا ان جهڙا آهن. ايم بي.بي.ايس هتان ڪوالالمپور مان ڪيم ۽ ان بعد سگهوئي ساڻس، هتي ئي ملاقات ٿي. هو هفتي کن لاءِ هتي ڪوالالمپور گهمڻ آيو هو. آئون پهرين ملاقات ۾ ئي منجهائنس ڏاڍو متاثر ٿيس. يا شايد آمريڪن جي نالي کان ننڍي لاڪون متاثر هيس_فلمون ڏسي ڏسي اهو سمجهڻ لڳي هيس ته هر آمريڪن مرد آئيڊيل ٿئي ٿو. ان کي اسان ماڻهن جي احساس ڪمتري ٻه چئي سگهون ٿا، جنهن ۾ مون جهڙيون ڪيتريون ئي ڇوڪريون اڄ ٻه مبتلا رهن ٿيون. هو اهو ئي سمجهن ٿيون ته هر آمريڪن سکيو ستابو، پئسي وارو ۽ سمجهدار ٿئي ٿو. آئون ٻه هن آمريڪن سان ايترو گهرو ٿي ويس جو يڪدم شاديءَ جو فيصلو ڪيم. پر شاديءَ بعد ترت ئي خبر پئي ته هو ته ڪو هپي، ناڪارو ۽ بيروزگار موالي هو ۽ هتي چرس ۽ عمل جي پٺيان اچي نڪتو هو ۽ سندس مون سان نه پر منهنجي پئسي سان پيار هو. اسان جا ملڪ جدا،مذهب جدا، تهذيبون جدا، زبانون جدا_ويندي سوچون ۽ خيال ٻه جدا جدا نڪتا. پر آئون ڪيس اهڙي حالت ۾ ٻه ڇاهڻ ۽ جوڙڻ جي ڪوشش ڪندي رهيس. ڪمائي ڪيس آڻي ٿي ڏنم پر هو مون کي هر وقت هڪ گهٽ ذات ايشين سمجهي گاريون ڏيندو رهيو. بهرحال مون کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ضرور ٿيو ۽ ڪيس ڇڏي ڏيڻ جو فيصلو ڪريان ان کان اڳ هو ڇڏي هليو ويو. هاڻ گذريل ساڍن ٽن سالن کان ساڳي اڪيلي زندگي گذاري رهي آهيان_زندگي جيڪا بي معنيٰ ۽ بي مقصدي لڳيم ٿي. هر ڳالهه هڪ دوکو ۽ چالبازي سمجهيم ٿي،“ هوءَ ٿورو غمگين ۽ اداس ٿي ويئي.

پر پوءِ شايد پاڻ ئي پنهنجي اداسي محسوس ڪري چپن تي ٿوري مرڪ آڻي چيو: ”سو دئٽ. اجهو زندگي اها آهي.“

”اها ته آهي،“ مون ڪيس چيو، ”پر لڳي ٿو ته تو هيڪاندو گهڻو اثر ورتو آهي.“



www.sindhsalamat.com

"شايد." هن فلمي ائڪٽريسن وانگر ڪلهي کي جهٽڪو ڏيندي غير يقينيءَ جو اظهار ڪيو.

"شايد نہ پر بلڪل. آئون تنو سمجهان تہ تو جهڙيءَ کي ايترو جهٽ زندگيءَ جي بازي ۾ هار مڃڻ کپي جڏهن تون پڙهيل ڳڙهيل آهين پئسي واري ڊاڪٽر آهين، سونهن سوڀيا ۽ ننڍي عمر واري آهين. يا تہ لڳي ٿو توکي خبر ئي ناهي تہ ماڻهن کي ڇا ڇا غم آهن. ۽ هو ايڏن غمن هوندي بہ خوش گذارين ٿا."

"خوش تہ آئون بہ گذارڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي. مريضن جي رڙين ۽ دوائن جي ڌپ کان پري نڪري هتي سڪون ۽ مزي جا چار ڏينهن گذارن اچان ٿي_ياشايد پنهنجو پاڻ کان پڄڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ کي دوکو ڏيان ٿي."

اهو چئي هوءَ کلڻ لڳي. ۽ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن جو ڳالهيون ڪندي رهي. خاص ڪري پنهنجي ڪلينڪ، ڪمپوزنگ (ڳوٺ) ۽ نوڪري واري شهر ڪوالالمپورجون. سندس زندگيءَ جو خواب ٽٽڻ ڪري ڪيس وڏو صدمو رسيل هو پر ان هوندي بہ هوءَ فطرتا کل مک لڳي ٿي جو رکي رکي چرچا پڻ ڪيائين ٿي. جڏهن مون ڪيس ٻڌايو تہ مون سندس گوري رنگ جو پار ڏسي چا سمجهيو هو تہ پاڻ يڪدم چيائين: "اها ڳالهہ هرڪو محسوس ڪري ٿو تہ هيءَ پازيٽيوَ ڪاپي نيگيٽو مان ڪيئن نڪتي. هاڻ پنهنجي يا ڇوڪري جي ڳچيءَ ۾ ونهنجي خانہ بربادي جو ڪهڙو بوربہ وجهي هلان."

آخري ڏينهن موڪلائڻ وقت چيائين: "تون پاڻ ئي ٻڌاءِ تہ مون کي ڇا ڪرڻ کپي. ڪي چون ٿا تہ شادي ڪرڻ گهرجي تہ ڪي ان کي خراب ٿا سمجهن."

"هڪدم ڪا صلاح ڏيڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي پر توکي ائين بنا_سڪان_جي_ٻيڙيءَ وانگر هيڏانهن هوڏانهن ترڻ بدران شادي ڪري سيبائتي زندگي گذارڻ کپي."

"اهو تہ صهيح آهي پر ڪير شادي ڪندو؟

"دنيا ڪا بس تہ نہ ٿي ويئي آهي. تو جهڙي سهڻي لاءِ ڪوڙ عاشق نڪري پوندا." مون کلندي چيومانس. هن بہ ٽهڪ ڏيندي چيو: "ڪو ملئي جهازي آفيسر منهنجي ڏانءُ جو ملئي تہ مون ڏي رجوع ڪجانس." مون ڪائنس کان بہ وڏيڪ ٽهڪ ڏيئي چيومانس: "زينا مون تنهنجي ملڪ جي نوجوانن کي جهاز جو انجنيئر بنائڻ جو ٺيڪو ڪنيو آهي نہ تو لاءِ مڙس ڳولڻ جو."

"يلا ڪو پاڪستاني_؟"

"هينئر ٺيہ ڪن ڊاڪٽر هتي آيا اٿئي. تون پاڻ ئي ڪا همت ڪري. شاديءَ جي دعوت تي مون کي بہ سڏجان."

ان بعد اسان جي موڪلائي ٿي.

*___________*___________*

ڊاڪٽر زينا کان علاوه پورٽ ڊڪسن ۾ ٻي جيڪا ياد رکڻ جهڙي شخصيت ملي اهو هڪ چيني همراهہ هو. سندس احوال پڻ اڃان تائين چٽيءَ طرح ياد اٿم. ۽ هتي ان ڪري بہ ڏيڻ مناسب سمجهان ٿو جيئن پڙهندڙن کي چينين جي زندگي جي ڄاڻ پوي تہ اهي ماڻهو جيڪي اڄڪلهہ سٺي پوشاڪ ۽ سٺي ڪار ۾ خوش پاش ۽ سکيا نظر اچن ٿا انهن ان اوج کي ماڻڻ لاءِ ڪيترا جهد پٽيا آهن ۽ ڪيڏي محنت ڪئي آهي. هو پنهنجو اباڻو وطن چين ڇڏڻ وقت ڪو امير نہ هئا. بلڪ چين ڇڏيائون ئي غربت جي ڪري. پوءِ سنگاپور ۽ ملائيشيا توڙي برما، ٿائيلنڊ_جتي بہ پهتا تہ ڏتڙيل حالتن ۾ ۽ پوءِ

پيٽ پرڻ ۽ پئسي حاصل ڪرڻ خاطر محنت ۾ لڳي ويا. ٻڪن ۾ ٻہ پڙھندا ۽ پورھيو ڪندا رھيا. گھٽ پگھار ۽ ٿوري نفعي تي ٻہ نوڪريون ۽ واپار ڪندا رھيا. جڏھن پئسو ھنن وٽ آيو تہ ان کي اجاين خرچن، رسمن رواجن، ڏيک ۽ شوبازيءَ ۾ وڃائڻ بدران پنھنجي اولاد، پنھنجن مائٽن، پنھنجي ڪميونٽي ۽ ڳوٺ ۾ رھندڙ پنھنجن ذات ڀائين کي سڌارڻ ۽ اڳتي وڌائڻ پٺيان استعمال ڪيائون ۽ ڪندا رھن ٿا.

سنگاپور يا ملائيشيا ۾ رھندڙ چينين مان پلي ڪي ٻہ ڏھہ سڪيا ستابا چيني چوندي ڪائڻ نٺديپڻ جو احوال وٺو. انھن ۾ ڪو ھڪ يا ٻہ اھڙو ڪٿي ھجي جنھن جا مائٽ مڇي مانيءَ وارا ھجن باقي اٺ ڪن ضرور اھڙا ھوندا جيڪي غربت ۾ ڄاوا نپنا ھوندا. پوءِ ھنن پڙھي نمبر ڪنيا ۽ پڙھڻ دوران پورھيا ڪيا. ٻٽيون ٽيون نوڪريون ڪيون. يا وري ڏٺائون تہ پڙھائيءَ مان ڪو فائدو نٿو ٿئي تہ ھنر سکيائون ۽ درزي، واڍا، مڪينڪ ٿي پئسو ڪمايائون. سڀ ڪان وڏي ڳالھہ تہ پئسو ڪمائي خرچڻ ۽ عيش ڪرڻ بدران ان کي اڃان ٻہ وڌي ڳالھہ ۾ لڳايائون. ڪو گئراج وارو ھو تہ ڪمائي ڪمائي فئڪٽري ورتي، فئڪٽريءَ بعد ٻيون فئڪٽريون جنھن ۾ پنھنجي ڪٽنب ۽ ڪميونٽيءَ جي ماڻھن کي نوڪريون ڏيئي خوشحال بنايائون. ۽ ھُنن وري ساڳي وقت ان جي بدلي ۾ تمام گھٽي محنت ڪري پاڻ ٻہ ڪمايو تہ ان مائٽ/ مالڪ کي ٻہ فائدو پھچايو.

اھو ئي سبب آھي جو چينين لاءِ مشھور آھي تہ ھو اڻ ورچ آھن ۽ تمام گھڻو پورھيو ۽ محنت ڪن ٿا. ان ڪري ملئي ۽ انڊين دڪاندار ٻہ چيني نوڪر/ پورھيت کي پاڻ وٽ رکندي عار محسوس نہ ڪندو. ٻيو تہ چينيءَ لاءِ مشھور آھي تہ محنت سان گڏ پئسي کي ايترو بچائي رکي ٿو جو چئن سالن اندر چيني نوڪر پرايو دڪان ڇڏي پنھنجو شين جو گاڏو ھلائي ٿو. ان بعد پيدي (ڪئبن) ۽ پوءِ دڪان. ۽ جيسين پٽن پوٽن وارو ٿئي ٿو تيسين ڊپارٽمينٽ اسٽور يا وڏي ڪارخاني جو مالڪ ٿيو وڃي. جنھن ۾ سندس پٽ پوٽا ڌھتا ٻہ روزگار ڪمائي سگھن ٿا.

چينين لاءِ اھو ٻہ مشھور آھي تہ خرچ صفا نہ ٿا ڪن. سڄي سال ۾ رڳو سال جا ٻہ ڏينھن موڪل ڪن ٿا جن ۾ چڱيءَ طرح ڪائين پيئن ۽ پھرين. باقي سڄو سال پورھيو ڪن. ٻا جا برٿ ڊي ڇا جون سڪائون، ڇا جا تحفا ڇا جو دعوتون. اھي ٻين ۾ پلي ھجن جيئن اھي دعوتن ۽ تحفن تي خرچ ڪرڻ ۽ شيون وٺڻ لاءِ سندن دڪانن تي اچن.

اھڙي طرح چيني ڪار يا موٽر سائيڪل وٺي اوطاق اڳيان بيھاري رڳو ٽئڪس نہ پيو ڀريندو آھي پر ان کي ڪمائيءَ جو ذريعو ٺاھي خوب استعمال ۾ آڻيندو ۽ ڪڏھن گھمڻ لاءِ ڪٿي نڪرندو تہ ٻہ چاھيندو تہ رستي تان پئسينجر ڪڻندو وڃان جيئن پيٽرول جا تہ پئسا نڪرن. ڪوشش ڪري ٻہ ٿي ڀائر يا دوست گڏجي ھڪ ڪار وٺندا جيئن ان کي سڀ چڱي طرح استعمال ڪن ۽ ھر ھڪ ڏار ڏار پئسو سيڙائي الڳ الڳ ڪار نہ وٺندو. ڇو جو ڪار اھڙي شئي آھي جيڪا چاھي گھٽ ھلي يا گھڻو، وڪڻڻ مھل پئسا ماڊل (سال) جي حساب سان ئي ملن ٿا. پوءِ ڇو نہ ان کي چڱيءَ طرح ڪم ۾ آڻي گسائجي. بھرحال چيني_جيڪي اڄڪلھہ جي خوشحال قوم ٿيندي وڃي، ڪنھن جادو يا سياست ڪري نہ، پر محنت، پورھئي ۽سادگيءَ ۾ رھڻ ڪري خوشحال آھن.

پورٽ ڊڪسن جي منگ ھوٽل ۾_جنھن ۾ آئون ٻہ رھيل ھوس، جيڪڏھن ڪو ھر وقت ڪتاب پڙھندي نظر آيو ٿي تہ اھو ھو پنجھٺ سالن ڪن جو ھڪ چيني ھمراھہ مسٽر سينگ لم. ساڻس پھرين ڏينھن کا ئي عليڪ سليڪ ٿي ويئي_۽ڪائنس سندس احوال دلچسپيءَ سان پڇندو ۽ ٻڌندو ھوس.

پاڻ 1920ع ۾ سنگاپور ۾ ڄائو ھو. سندس پيءُ 1910ع ۾ (سندس ڄمڻ کان ڏھہ سال ڪن اڳ) چين جي ڏاکڻي علائقي مان لڏي پيٽ گذر لاءِ سنگاپور ۾ آيو ھو. ان سال سندس اباڻي چيني شھر ۾ سخت ڏڪار پيو ھو جو کائڻ لاءِ ڪڻو ٻہ نہ



www.sindhsalamat.com

هو. سوچين وڏن جي ورثي ۾ مليل انڊي منڊي جاءِ وڪٽي ڀيڙيءَ جو ياڙو ڪري اچي سنگاپور کان نڪتو جتي انگريزن جي حڪومت هئي.

”بابي کي پگھار ايترو پورو پنو ملندو هو“ هن ٻڌايو، ”جو گھر جي ياتين جو هڪ وقت ٻه چڱي طرح پيٽ ڀرجي نه سگھندو هو. هر مهيني پوري ٽين تي گھر جي مسوڙ جا ڇهه ڊالر مالڪ کي ڏيڻ اسان لاءِ وڏو مسئلو هوندو هو. مون کي ياد آهي ته ان ڪري اسان کي ڪيترائي گھر بدلائڻا پيا. ڪو ٻه مالڪ وڏ ۾ وڏ ٻه مهينا ترسندو هو. ٽيون مهنو بنا مسواڙ جي پورو ٿيڻ تي سامان ڪڍي ٻاهر اڇلائيندو هو. ۽ پوءِ وري نئين گھر جي ڳولا ٿيندي هئي ۽ ڪنهن غريب علائقي ۾ هڪ يا ٻن ڪمرن وارو سستو گھر ملي ويندو هو جنهن ۾ پي ڪا سهوليت ڏسڻ اجائي سمجھي ويندي هئي بس اس ۽ مينهن کان مٿو ڍڪڻ لاءِ ڇت هجي.

هڪ گھر اسان وٽ ڪيترائي سال رهيو جنهن جو اڳيون حصو روڊ تي هجڻ ڪري دڪان طور ڪم اچي سگھيو ٿي. اهو نون ڊالرن جي مسواڙ تي مليو هو پر ان کي گھٽ ڪرڻ لاءِ اسان وري دڪان وارو حصو چئن ڊالرن ۾ مسواڙ تي ڏيئي ڇڏيو جنهن کي ڪوئلن جو واپاري گدام طور استعمال ڪندو هو ۽ ڪوئلن جون ڳوٿيون ۽ ڇٻيون هر وقت رکيل هونديون هيون. انهن ڳوٿين ۽ ڇٻين وچ ۾ آئون ٽڪار (ملئي تڏو) وڇائي رات جو سمهندو هوس. اهڙي طرح مون ڪوئلي جي ڌوڙ ۾ ڇهه سال گذاريا. شڪر ٿو ڪريان ته دماغ يا دل جي ڌڙڪي_يا ڪنهن ٻه اهڙي خطرناڪ بيماريءَ کان بچي ويس جيڪا چون ٿا ته ڪوئلي جي ڪارٽن واري ڌوڙ سنگھڻ سان ٿئي ٿي.

”منهنجو پيءُ انگريزي جي هڪ ڪاتي ۾ ٽيهٺ ڊالر پگھار تي ڪلارڪ هوندو هو. تن ڏينهن ۾ مائرن جو هڪڙو ڪم گھر جي صفائي هوندو هو ۽ ٻيو ٻار ڄڻڻ. ان ڪري هڙي هال ۾ ٻه امان سورهن ٻار ڄڻيا ۽ ان ڀهر ۾ منهنجو پنجون نمبر هو.

”ٻارن جي ڏڻ ۾ هر سال ويجهه ٿيڻ ڪري بابي لاءِ سيني جو پيٽ ڀرڻ مشڪل ٿي پيو. سو جيئڻ ئي ڪو ٻار مئنيوفيڪچر ٿي نڪرندو هو ته پالڻ لاءِ چاچن ماسين کي ورچ ۽ واري موجب پارسل ڪيو ويندو هو. پوري پني ڪاڏي نه ملڻ ڪري ڪن ٻارن تي سندن چاچي يا ماسيءَ جا هٿ پهچڻ کان اڳ نمونيا، مليريا، سائي يا وڏي ڪنگھ جا هٿ رسي ويندا هئا ۽ هو جتان ايندا هئا اوڏانهن ترت ئي روانا ٿي ويندا هئا.

”منهنجي ماءُ جي نظر ۾ هڪ ڪٽنب ۾ چار ٻار ڪافي هئا. منهنجو پنجون نمبر هو سو جڏنهن منهنجي آمد ٿي ته آئون ڀهريون پلونگڙو ثابت ٿيس جيڪو گھر ۾ رکڻ بدران ماسيءَ جي حوالي ڪيو ويس. خوشقسمتي يا بدقسمتيءَ سان منهنجي ماسيءَ جو مڙس انهن ڏينهن گھر جي اونداهي ڪمري ۾ ويٺو عمل ڏوڏي يا چرس جا ڪش هڻندو هو. ۽ ان جو دونهون ايڏو سخت ۽ طاقتور هوندو هو جو ڪمري ۾ ويٺي ويٺي مونتي ٻه خمار چڙهڻ لڳندو هو. تن ڏينهن ۾ آئون ٻار هوس. ڪنهن ٻه سٺائي يا خرابيءَ جي ڪا خبر نه هيم. ماسيءَ وارا مون تي ڪو ٻه ڌيان نه ڏيندا هئا. ڇهن سالن جو جڏنهن ٿيس ته ٻه منهنجن پالڻ وارن مون کي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏيڻ لاءِ ڪا چرپر نه ڪئي.

”منهنجي ماءُ کي جيئن ئي ان ڳالهه جي ڪڙڪ پيئي ته هوءَ هلي آئي ۽ ماسيءَ کان منهنجي ٻانهن واپس وٺي آئي نه ته آئون ٻه عمل ۽ چرس جو عادي ٿي وڃان ها ۽ پوءِ پڙهي يا ڪو هنر سکي وڏو ماڻهو ٿيڻ بدران رڪشا ڇڪڻ وارو ٿيان ها، يا ماڻهن جا ڪاڪوس ميڙڻ وارو يا وري رستي تي ويهي گورينگ سانگ (تريل ڪيلا) وڪڻان ها.

”۽ امان کي يقين هو ته آئون زندگيءَ ۾ ڪڏنهن ٻه ڪامياب ٿي نه سگھان ها جو ڪمزور جسم ۽ گھٽ طاقت جي ڪري رڪشا ڇڪڻ جو ڪم مون کان نه پڄي ها. ۽ نه وري گونهه جو ڍبو ڪلهي تي رکي ماڻهن جا ڪاڪوس

ميڙي سگهان ها جو ٿوري ڏپ سهڻ جي ٻه مون ۾ همت نه هئي ۽ هيچي وري اهڙو هوس جو ٽريل ڪيلا وڪڻڻ بدران هڙ ڪائي وڃان ها.

”اسان جي گهر ۾ ڪائڻ لاءِ ايترو گهٽ هوندو هو جو رات جو اڪثر ڪائڻ بنا سمهڻو پوندو هو. هڪ دفعي ته آئون ايڏو بکايل هوس جو پاڙي جي مائيءَ کان جڏنهن هڪ گجر ڪري پيو ته ڪيس پڌائڻ بدران لڪائي لڪائي گهر کڻي آيس ۽ رات جو جڏنهن سڀ سمهي رهيا ته ان کي ٻاهه ۾ وجهي پچائي ڪاڏو هوم. اهو ته ٿيو هڪ ڏينهن، هر روز ته ڪو ٻه پاڙيسري ائين گجر نٿو ڪيرائي.

”پر چوندا آهن ته مولا ڪنهن کي ٻه ڇڏي نٿو. جڏنهن مون کي امڙ اسڪول ۾ داخل ڪيو ته ڏاڍي خوشي ٿي. اسڪول ويندي وقت هڪ بسڪٽن جي فئڪٽريءَ وٽان لنگهڻ ٿيندو هو جيڪي گاسليٽن جي دٻن جا خالي ٽيل دٻا صفائيءَ لاءِ ٻاهر ڪڍي رکندا هئا. ٻي يا ٽي ڏينهن اسڪول ويندي منهنجي دل ۾ آيو ۽ همت ڪري ٽن چئن دٻن جا ڍڪ کولي ڏٺم ته هڪ ۾ بسڪيٽن جي ڪجھ پرڪٽ بچي پيئي هئي. ان بعد هرروز اسڪول ويندي ڏھ ٻارهن دٻن ۾ ليئا پائي ڏسندو هوس ۽ ٽن چئن دٻن مان ضرور بسڪٽن جا بچيل ٽڪرا ۽ پرڪٽ نڪري ايندي هئي. ان مال مان مڙيئي ڪيسو پرجي ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ اسڪول ويندڙ ڇوڪر لاءِ جنهن کي هميشه بکئي پيٽ تي رات جو سمهڻو پوندو هو، اها بسڪيٽن جي پرڪٽ وڏي دعوت هئي. ان ڳالھ کي پنجاھ سال گذري ويا آهن پر اڄ ٻه مون کي چڱي طرح ياد آهي ته ڪنهن بسڪيٽ جي ٽڪري مٿان مٺاڻ Icing لڳل ذرو ڏسي مون کي ڪيڏي نه خوشي ٿيندي هئي. پوءِ ڪنڌ پاسي ۾ ويهي پهرين بسڪيٽن جا ذرا ذرا کائيندو هوس ۽ پوءِ مٿائن لڳل اهو مٺاڻ جو ذرو. ننڍپڻ جي پيل اها عادت اڄ تائين مون ۾ موجود آهي. اڄ ٻه ڪا ٻه ماني تيسين مڪمل نه سمجهندس جيسين ان سان گڏ ڪجھ مٺاڻ ذرو نه هجي.“

مسٽر سينگ لم کي مغربي پريس توري فلمن ۽ ٽي وي پروگرامن سان سخت شڪايت هئي: هو هميشه مغرب کي گهڻو پڏائين ٿا ۽ مشرق کي هيٺاهون ڏيکارين ٿا. ڄڻ مشرق جا ماڻهو جاهل ڄٽ ۽ ڄسا هجن.

”انگريزي ادب توڙي تواريخ هميشه مغرب جي ڪاميابين کي وڌاءِ ۽ وڌاءَ سان لکيو آهي“، هن چيو، ”هنن پنهنجن بادشاهن ۽ حاڪمن ساراهيو آهي. آئون چوان ٿو ڇا ترڪن ۽ عربن ۾ ڪو هوشيار ليڊر هو ئي ڪونه ڇا. ائين جي نه هجي ها ته هو اسپين تي ست سئو سال حڪومت نه ڪري سگهن ها. رومانيا بلغاريا کان مصر تائين ڪيئن ڪاميابي حاصل ڪن ها. ويندي موجوده تواريخ ڏسو ته چرچل، آئزن هاور، مونٽيءَ کي گهڻو پڏايو ويو آهي ۽ ياماشيتا، نهروءَ ۽ مائوءَ کي هيٺاهون، بيوقوف ۽ گهٽ ڏيکاريو ويو آهي. ۽ اسان جو نوجوان ٻه پنهنجن کان ايترو واقف ناهي پر ڪنگ آرٿر ۽ سندس گول ميز، رابرٽ بروس ۽ ڪوريئڙي، آمريڪي خانه جنگي، مئگنا ڪارٽا، ڪولمبس، ڪڪ، ايلوس ۽ ويندي مائيڪل جئڪس کان چڱي طرح واقف آهي پر پنهنجن ايرانين، انڊين، عربن يا چيني حاڪمن ۽ سندن گهراڻن جي ٽڪي جي ٻه خبر نه اٿس. ۽ اسان چينين کي ته آمريڪن بنهه گهٽ ذات، چرسي، موالي، چور، ٺگ ۽ بي غيرت سمجهن ٿا. فلمن ۾ ٻه چينين تي چرچا ڪندا. ويندي جان وين جهڙي آمريڪن ايڪٽر ٻه ان معاملي ۾ پنهنجن آمريڪن کي ساراهيو آهي. The Green berets فلم ۾ هڪ ويٽنامي ڇوڪري کي ٻانهن کان جهلي سمجهائيس ٿو ته هو هن جي ڪارڻ ويٽنام ۾ جنگ جوٽيو ويٺا آهن. ان جنگ ۾ هو (آمريڪي) پنهنجي سر جون قربانيون ڏيئي رهيا آهن جيئن هو ڇوڪر امن امان جي دنيا ۾ وڏو ٿي سک جو ساھ کڻي سگهي.“

”ڄڻ ڇڱو جو ٻه سئو سال کن اڳ آمريڪا وجود ۾ آيو ۽ آمريڪن اسان کي اچي سيکاريو نه ته هزارين سال اڳ تائين اسان ڄڻ اونده ۾ ٿاڦوڙا پئي هنيا. بهرحال هاڻ اها ويٽنامي لڙائي ڪڏهوڪي ختم ٿي چڪي آهي. آمريڪن پڇ پٽيان وجهي جنهن نموني سان ويٽنام مان ڀڳا اهو سڄي دنيا ڏٺو ۽ ٻڌو. هاڻ ڪائڻ ڪير پڇي ته ڪير طاقتور ۽ عقلمند هو. پاڻ



www.sindhsalamat.com



آمريڪن يا اهي ويٽنامي جن کي هنن ڏيرو ۽ جاهل ٿي سمجهيو. ويٽنامين کي جيوٽيڪ ڪمزور، نستو، بي هٿيار، بي سرو سامان ۽ ڏٽڙيل بنايو ويو. ڪين ائين پيلي ختم ڪيو ويو جيئن مکڙ بيٺل فصل کي چٽ ڪري، سندن عورتن سان زوريءَ زنائون ڪيون ويون مردن جا هڏ گڏ ڀڳا ويا، سندن شهر ۽ وستيون تباهه ڪيون ويون ته به هنن ”گوري ماڻهوءَ“ جو خواب پورو ٿيڻ نه ڏنو. ۽ اهو خواب ڇا هو_؟ سندن خواب هو ته ايشيا کي هيڻاهون ڏيکاري مٿس پنهنجي هلايون. افسوس رڳو ان ڳالهه جو ٿئي ٿو ته ويٽنامين جي ايڏي فتحيابي بعد به اسان جي پنهنجن ايشيائي ملڪن ڪين داد نه ڏنو. آمريڪن رسالن ۾ انهن آمريڪن جا لکيل مضمون پڙهي اڄ به اسين ويٽنامين کي نيچ ۽ خطرناڪ سمجهون ٿا.

”اهڙي طرح هو وري ٽوڙهو ائڪٽر يول برينر ڏسو جنهن King and I فلم ۾ بادشاهه جو رول ڪري اهو تاثر ڏنو آهي ته ايشيا جي ملڪن جا هيڙا حاڪم ٿين ٿا. مطلب ته مغربي پريس توڙي فلم انڊسٽريءَ مشرق جو صحيح روپ ڏيکارڻ بدران غلط پيش ڪيو آهي. پيا ته ٿهيو پر اسان جو پر متڙيو نوجوان به ان معاملي ۾ پٽڪيل آهي جو هو مغرب جون ئي فلمون ڏسي ٿو ۽ ڪتاب پڙهي ٿو......“

مسٽر سينگ لم سان هوٽل جي ورانڊن ۾ ٻي ٽي دفعا ملاقات ٿي ۽ هو اڪثر گهٽي پيئڻ ڪري سرور ۾ رهندو هو. پنهنجيون پرايون ڳالهيون جيڪي اينديون هيس ڪندو ويندو هو. فقط آخري ڏينهن هو هوش ۾ هو ۽ موڪلائڻ وقت زينا وانگر فقط اهوئي چيائين ته سندس ڳالهيون پلي پنهنجي سفرنامي ۾ لکان پر نالو بدلائي. جنهن لاءِ نه فقط پنهي سان واعدو ڪيم پر عمل پڻ ڪري رهيو آهيان.

## ديلي چاپ ائڪٽر

چين دنيا جي وڏن ۽ پراڻن ملڪن مان هڪ آهي. سندس آدمشماري اڄ نه پر صدين کان پين ملڪن جي پيٽ ۾ گهٽي هئي ۽ صدين کان چين تي ڪيئين دور آيا. جتي چين سکيو ستابو ۽ سهٽو ملڪ پئي رهيو آهي اتي مختلف حڪومتن ۾ ۽ مختلف دورن ۾ عوام لاءِ ڏکيا ڏينهن پڻ ايندا رهيا ٿي. پوءِ بک، بيماري ۽ بيروزگاريءَ کان بچڻ لاءِ هنن پنهنجو ملڪ ڇڏي دنيا جي مختلف ملڪن ڏي تڏنهن وڃڻ شروع ڪيو جڏنهن اڃان پاسپورٽ ويزا جهڙي شيءِ جو پري پري تائين وجود نه هو. ڪمائيءَ ڪارڻ هو آمريڪا ۽ يورپ جهڙن ڏورانهن ملڪن کان به وڃي نڪتا ته ويجهن ملڪن سنگاپور، انڊونيشيا، فلپين، ٿائلنڊ، جپان، ڪوريا ۾ به. پوءِ جنهن جنهن ملڪ ۾ پهتا اتي ڪوشش ڪري پنهنجا محلا، پنهنجيون مارڪيٽون ۽ مندر اڏي هوبهو اباڻي وطن جهڙو ماحول ٺاهي رهڻ جي ڪوشش ڪيائون. جيئن اسان وٽ پٺاڻ پنهنجو صوبو ڇڏي جڏنهن ٻئي هنڌ ڪراچي، حيدرآباد، لاهور، سکر ۾ رهڻ لاءِ اچن ٿا ته گهڻو ڪري رهڻ لاءِ الڳ ڪالوني ٺاهين ٿا_ان لاءِ پلي ڪٿي ڪين شهر کان پري پٽ ملي. اتي پنهنجا دڪان ۽ هوٽلون ٺاهيندا جن ۾ هنن کي پنهنجي سواد جي ڏوڌ پتي چانهه، بالٽي گوشت، نان چپلي ڪواب جهڙيون شيون ملي سگهن. پر ۾ عبادت لاءِ هڪ عدد مسجد پڻ. تيئن چيني به ايامن کان دنيا جي جنهن جنهن شهر ۾ رهيا اتي پنهنجي اسٽائيل جي ڪالوني ٺاهي رهيا جنهن کي عام زبان ۾ ”چائنا ٽائون“ سڏجي ٿو. چائنا ٽائون توهان کي جپان جي يوڪوهاما ۽ ٽوڪيو جهڙن شهرن ۾ به ملندا ته دور دراز آمريڪا جي شهرن نيويارڪ، فلوريڊا، لاس انجلس، بالٽيمور وغيره ۾ به. ۽ اهڙي طرح انگلنڊ ۽ يورپ جي به انيڪ شهرن ۾ ملندا. ڪهڙي ملڪ جو نالو ڪٿي ڪهڙي جو ڪٿجي. دنيا ۾ سڀ کان گهڻي پکڙيل ۽ پنهنجي ملڪ کان ٻاهر نڪتل قوم ”چيني“ آهي.



www.sindhsalamat.com

سنگاپور ۽ ملائيشيا جي ته هڪ هڪ شهر ۾ ڪيترائي چائنا ٽائون ملندا جو اهي ملڪ ته چين ملڪ کي تمام ويجها آهن ۽ انهن جو حالتون چڱيون خاصيون سازگار ۽ سٺايون رهيون آهن. ڪوالالمپور جي ته اڌ کان وڌيڪ آدمشماري چيني ۽ سڄي واپار وڙي ۽ تجارت تي پڻ چيني چانيل هجڻ ڪري توهان کي هر هوٽل، دڪان، آفيس ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ملئي ۽ اندين کان علاوه باقي چيني نظر ايندا. پر ڪوالالمپور جا ڪجھ علائقا، محلا ۽ مارڪيٽون ته اهڙيون آهن جتي فقط ۽ فقط چيني نظر ايندا. دڪانن ۾ پڻ نج چينين جي ڏانءَ جو سامان، رونق ۽ نمونو هوندو. ۽ جيڪڏهن توهان ان قسم جو چائنا ٽائون جپان آمريڪا، سنگاپور يا انگلنڊ يورپ جي ڪنهن شهر ۾ نه ڏٺو آهي ته پوءِ آئيڊيا خاطر ڪوالالمپور ۾ جالان پيٽلانگ وارو چينا ٽائون ڏسڻ بهتر آهي. يا وري جالان هنگ ليڪر، جالان بندر، جالان سلطان وارو پڻ ڏسي سگهجي ٿو. (جالان ملئي لفظ آهي معنيٰ رستو، روڊ).

چينا ٽائون ۾ چائنيز ڪاڏا طرح طرح جا نظر ايندا_سڪل، رڌل،تريل،اوٻاريل،ٻچايل ۽ سنڌيل مڇيون، ڪيڪڙا، گانگٽ ۽ ويندي آڪٽوپس ۽ سوتون جهڙيون سامونڊي شيون. چيني جڙي ٻوٽين جا پسارڪا دڪان ۽ دواخانا_جتي مٽي جي سور لاءِ "ٽائيگر بام" ته پير مڙڻ جي سور ۽ سوڄ لاهڻ لاءِ "زينگ هو شوئي" جهڙيون مشهور دوائون، لوشن، بام، ڦڪيون، سلاجيت، ڪک ۽ ڪُشتا وڪامندي نظر ايندا. چائنا ٽائون ۾ اتي جو اتي موچيءَ کان پنهنجو چنل جوتو ٺاڪرايو ۽ پر ۾ ويٺل فال واري کان پنهنجي قسمت جو احوال پڇي، سندس قسمت ٺاهڻ لاءِ اجوري جا پنجاهه سينٽ ڏيوس. چائنا ٽائون ۾ ڪيترائي ميون، گلن، ڪپڙن چونئرن ڪاچن وارا گهوريئڙا ۽ هٽن وارا ڏسڻ ۾ ايندا.

جيئن جيئن سج لهي رات ٿيندي آهي تيئن تيئن چائنا ٽائون جي رونق ۽ فٽ پاٿي دڪان وڌندا آهن. پري پري جا واپاري وئگن گاڏين ۾ سامان کڻي هتي اچي نڪرندا آهن ۽ فوٽ پاٿن سان گڏوگڏ وچ رستي تي به ڪيترن ئي شين جا دڪان کلي ويندا آهن_جهڙوڪ واچن، بوٽن، بيلٽن، چمپلن، بليدن، تيلن، صابڻن، گنجين، ڪچن، رڪاردن، ڪئسٽن، گوڏين عطرن، ٽنگڻين، چابي جي چلن ۽ چٽين جا دڪان. ان سان گڏ رڌ پچاءُ جا دڪان پڻ اجان به وڌي ويندا آهن. ڪي شيون ٽانڊن تي پچي رهيون هونديون ته ڪي ڪٽڇين ۾ ترجي رهيون هونديون. ديسي ۽ ولائتي شربت، ڳنن ۽ ناريلن جا رس، مڪسڊ ميوا، سلاد ۽ آئرباتو چمپور (ڳنڊيا ڪلفيون) جتي ڪٿي نظر ايندين. ماٺهن جي پيهه پيهان، مينهن جي ڦڙ ڦڙ ۽ ٽيسٽنگ لاءِ وڄندڙ چيني ڪئسٽن جا ٺاٺ ڦاٺان هوندي به دل پيئي چوندي ته خريداري اتان ڪجي. چاهي هڪ قميص يا چمپل وٺڻ لاءِ اڌ ڪلاڪ سودي بازي ڪرڻي پوي يا اگهه گهٽائڻ لاءِ موٽي چڪر هڻڻا پون. سو اهو تي ٿو سگهي ته چائنا ٽائون ۾ توهان کي مزو نه اچي يا بنا ڪنهن خريداريءَ جي هٿين خالي موٽي اچو.

چينين جي چائنا ٽائون وانگر ڪوالالمپور ۾ ملئي نموني جو پڻ علائقو آهي جتي ماڻهو، ملئي نموني جا ڪاڏا ۽ گهر نظر ايندا. جيڪڏهن توهان کي وقت گهٽ آهي ۽ ڪوالالمپور کان پري پر وارن شهرن ڳوٺن ۾ وڃي نٿا سگهو ته ڪلاڪ ڏيڍ لاءِ تنڪو عبدالرحمان جي پر ۾ جالان راجا الانگ، راجا باط، چائو ڪٽ ۽ حاجي حسين واري هن علائقي ۾ چڪر هڻي نج ملئي ڳوٺ جي آئيڊيا وٺي سگهو ٿا، جنهن کي ڪمپونگ بارو (نئون ڳوٺ) سڏجي ٿو.

ان کان علاوه ڪوالالمپور ۾ ڏسڻ لاءِ پيون به ڪجھ شيون آهن جهڙوڪ Lake Garden باغيچي ۾ هتي جي پارليامينٽ بلڊنگ، نئشنل ميوزم ۽ قومي نشان آهي. ڪوالالمپور ڏينهنون ڏينهن مسجدن جو پڻ شهر ٿيندو وڃي ۽ ريلوي اسٽيشن پرسان مسجد نگارا، ٽُن پيراڪ روڊ تي (ڪلانگ ۽ گومباڪ ندين جي وچ ۾) مسجد جامي ۽ سنگاپور ايمبيسيءَ جي پر سان نئين مسجد ڏسڻ وٽان آهن. ڪوالالمپور انٽرنيشنل هوٽل جي پر ۾ هڪ مسجد "پاڪستان مسجد" جي نالي سان پڻ مشهور آهي.



www.sindhsalamat.com

شھر کان ٿورو ٻاھر پرو ھڪ ٽہ ٻاٽو غارون ۽ گنتنگ ھاءِ لئنڊس آھن. انھن کان علاوه ڪلانگ بندرگاھہ، ميمالئنڊ_جنھن ۾ ٻارن جي وندر جو پڻ ڪيترين ئي شيون آھن. جھڙوڪ:ٻيڙين جو سير، ٽيھ ڏالرن ۾ ھيليڪاپٽر جو سير، سئمنگ پول ۽ پينگھون وغيره آھن. ست اٺ ميل ڪن پري تمن ميلاوتي جي پر ۾ ھتي جو قومي چڙيا گھر پڻ آھي. جيڪڏنھن ڪوالالمپور ڪانپوءِ سنگاپور وڃنا آھيو تہ پوءِ ڪوالالمپور جو ھي چڙيا گھر ڏسڻ اجايو آھي. جو سنگاپور ۽ ڪولمبو وارا چڙيا گھر تمام وڏا آھن_۽ڏسڻ لائق پڻ.

۽ اھي مڙيئي شيون ڏسي ڏسي توھان جي ٿڪجي پيا آھيو ۽ ماڳھين ڪوالالمپور ۾ وقت گذارڻ لاءِ ڪا واھہ پيا ڳولھيو جو توھان ڏينھن ٻن بدران ھفتو ڀ ٽڪڻ لاءِ آيا آھيو تہ پوءِ مون وانگر ماٺ ڪري ڪنھن سئنيما ھال ۾ وڃي ڪا تامل فلم ڏسو چو جو آخر ڪار سئنيما پڻ انھن شين مان ھڪ ٿيندي پئي وڃي جنھن جي وجود جي ختم ٿيڻ جو انديشو تمام گھٽو آھي.

ھڪ دفعي ڪوالالمپور ۾ ھڪ اھڙي ھوٽل ۾ رھڻو پيو جنھن جي پر واري سئنيما ۾ تامل فلمون ڏسڻ جو ڪو ارادو نہ ھو، خاص ڪري ھن ۾ئي شو جو جنھن جو پھريون اڌ ھلي چڪو ھو.

پر جيئن ئي در وٽ پھچي اندر ليئو پاتم تہ گيٽ ڪيپر وڏي قرب سان اندر اچڻ لاءِ چيو ۽ آئون بہ ٽئنڪ يو ڪري بنا ٽڪيٽ جي، پوئين سيٽن مان ھڪ خاليءَ تي ويھي رھيس.

ڪو سالن بعد سئينيما ھال ۾ گھڙڻ ۽ فلم ڏسڻ جو وجھہ لڳوھو. جو اڄڪلھہ ٽي وي ۽ وي سي آر تي فلمون اھڙيون عام ٿيون آھن جو ماڻھن سئنيما ڏي وڃڻ جو رخ ڇڏي ڏنو آھي. ھيترن سالن بعد سئينيما ھال ۾ ويھي ماڻھوءَ جي قد ڪاٺ بہ وڏن فلمي اداڪارن کي پڙدي تي چٽو ۽ صاف چرندو پرندو ڏسي ڏاڍو مزو آيو. پنجن منٽن جي ارادي سان اندر گھڙي ماڳھين اڌ ڪلاڪ ڪن ويھي رھيس. ٽي ويءَ جي ننڍي پردي تي ٽروڙن ذريعي فلم ڏسڻ سان شايد ايترو نتو تي ٿئي. فلم جو تامل نالو "پنتم" ھو. جنھن ۾ (بقول گيٽ ڪيپر چوڪري جي) تامل فلمن جو قبل، پراڻو ۽ مشھور ائڪٽر سيواجي گنشيان ھو. چا ڪان مشھور آھي. چئي نتو سگھجي. يا شايد ڏھاڪو سال ڪن اڳ مشھور ھوندو. شڪل شبيھہ ۾ تہ مشھور ائڪٽرن جھرو نتي لڳو ۽ نہ وري تامل فلمن جو ڪو ٻيو ائڪٽر لڳندو آھي_چاھي اھو ھيرو ھجي.

ڪوالالمپور ۾ ڪا نئين سئينيما ڪلڻ جو تہ امڪان ڪونھي باقي پراڻين مان جيڪي وڃي بچيون آھن تن ۾ انگريزي ۽ چيني فلمون جام ھلن ٿيون. ٻئي نمبر تي ھي تامل ۽ ملئي. ڪڏھن ڪڏھن پنجابي، ھندي، مليالم ۽ تيلگو فلمون بہ ھلن تہ انڊونيشي بہ. جيئن اڄڪلھہ اميتاڀ بچن، زينت امان ۽ ٽينامنيم جي ھڪ فلم "پڪار" ھلي رھي آھي. تامل فلمون ۽ اڄ جا حالات ڏسي گڏگڏ ٿين ٿا. آرٽ، ڪھاڻي، فوٽوگرافي، ايڊيٽنگ، پشگي وغيره وغيره جي لحاظ کان ڪي ڪي تامل فلمون تمام سٺيون بہ چيون وڃن ٿيون. ڪي تہ ھندي فلمون تامل فلمن تان ڪاپي ٿيل ھونديون آھن جيئن راج ٻبر، سميتا پاٽل ۽ ارونا ايرانيءَ جي ھڪ ھندي فلم "پيٽ، پيار اور پاپ" دراصل ھڪ تامل فلم جو ھندي روپ آھي ۽ ان جي اصل تامل فلم کي بھترين انعام مليو ھو. پر افسوس رڳو اھو ھو تامل فلمن جا ائڪٽر ۽ ائڪٽريسون شڪل ۾ آلو نور آھن. جيڪي ھڪ اڌ سھڻا، سنھڙا ۽ سمارٽ اچن بہ ٿا تہ ھي ھڪدم ھندي فلمن ۾ ھليا وڃن ٿا (جھڙوڪ ريکا، سري ديوي، ڪملا حسن وغيره) ۽ تامل فلمن ۾ وري ساڳيا دٻلن جھڙا ائڪٽر وڃيو بچن جيڪي اھڙا آھن جو ٻين زبانن جي فلمن جا ولين بہ ڪي سڌريل ۽ ٺاھوڪا.

ھڪ دفعي پنھنجي دوست آصف کي چيم آئون واندڪائيءَ ۾ ٽي ويءَ تي ايندڙ تامل فلمون ڏسندو رھان ٿو. سندن ائڪٽر خبر ناھي چو بي سرا آھن.

هي مڃي ٿي نہ. ڇئي ائين نہ هوندو. ائين جي هجي ها تہ پوءِ تامل فلمون ايترو مقبول ڇو هجن ها.

ڇيومانس تہ ان مقبوليت جو سبب ڪهاڻيءَ، آرٽ ۽ تامل زبان ڳالهائيندڙن جي گهڻائي ٿي سگهي ٿي پر ائڪٽرن جي سونهن سوپيا هر گز نہ.

پر آصف کي يقين ئي نہ ٿي آيو. پوءِ انهن ئي ڏينهن ۾ ملاڪا جي هڪ فنڪشن ۾ پرائمري اسڪول جي هڪ تامل ماسترياڻيءَ سان عليڪ سليڪ ٿي تہ هن چوٽ ۾ ئي مون کي چيو: ”تنهنجي شڪل اسان جي تامل فلمن جي ائڪٽرن جهڙي لڳي ٿي“ ۽ پوءِ پرپاسي ۾ بيٺل ماءُ کي خوشيءَ مان سڏي: ”امان! الطاف تامل فلمن جي فلاڻي هيرو جهڙو لڳي ٿو نہ!“

ڇڱو جو آصف ان وقت منهنجي پر ۾ بيٺو هو ۽ سچو لقاءُ ڏسي رهيو هو. تنهن کي رڙ ڪري چيم:

”بس ادا هاڻ تہ ٿئي ئي پڪ تہ تامل فلمن ۾ ڪهڙن مهاندن وارا ائڪٽر آهن.“

## منهنجو فوٽو نہ ڪيندين ڇا؟

پاڪستان کان آئي اڃان مهينو کن ڪو مس ٿيو هو تہ هڪ ملئي آفيسر اسان کي شام جو سندس گهر ڪندوريءَ لاءِ سڏايو. هتي گهرن ۾ ياسين سڳوري پڙهائي ويندي آهي. ان بعد آيل مهمانن کي ماني کارائين. ان کي ملئي ماڻهو ”ڪندوري“ چون ٿا. ياسين مولويءَ سان گڏ پڙهي ويندي آهي. اسان بہ وياسين ۽ ڊرائنگ روم جو سامان_صوفا سيٽ ۽ ٽي وي وغيره هڪ ڪنڊ ۾ پاسي تي ڪري چڏيو هئائون. جڏهن سڀ اچي ويا تہ ياسين جون ڪتابڙيون سيني ۾ ورهايون ويون ۽ مولوي بسم الله ڪري پڙهڻ شروع ڪيو. اسان بہ سندس پٺيان پٺيان ڏاڍيان پڙهندا وياسين. پڙهائيندڙ مولوي پر واري مسجد جو ئي پيش امام هو. جيڪو جمع نماز بہ پڙهائيندو آهي. ياسين پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪجھ وقت ذڪر هليو ۽ پوءِ دعائون عربي ۽ ملئي ۾ گهريائين. اسان ٻڪ ڪٽي آمين ثم آمين چوندا رهياسين ۽ پوءِ جيئن آخري دعا ختم ٿي تہ ميزبان هڪل ڪري پنهنجن پٽن ۽ ياڻن کي ماني لڳائڻ لاءِ چيو. جيڪي سگريٽ پيئڻ جا عادي هئا تن پنهنجا سگريٽ ڪڍي دکايا. مولوي صاحب دعائن جا آنڊل ڪتاب مٿان رکي پوتڙيءَ ۾ ٻڌا. پٽڪو لاهي پاسي تي رکيو ۽ پڙهڻ جو چشمو لاهي ڪيس ۾ وڌو ۽ پري ڏسڻ جو چشمو صاف ڪري اکين تي چاڙهيو. ميزبان جو ننڍو پٽ ان وقت سندس اڳيان لنگهي رهيو هو انهن کي ٻانهن کان جهلي هڪل ڪري چيائين:

”بابا اها ٽي وي تہ آن ڪر. هفتيوار ڊرامي ”منگواني“ جي پنجين قسط شروع ٿيڻ واري هوندي.“

اهو ٻڌي آصف ۽ آئون ٿورو ڪلياسين ۽ تعجب بہ ڪاڏوسين پر ڏٺوسين تہ ٻئي ڪنهن ان ڳالھ جو ذرو بہ نوٽس نہ ورتو. آصف آهستي چيو: ”ملئي ماڻهو ان خيال کان بردبار لڳن ٿا. پاڻ وٽ ڪيترا همراھ اهڙا ملندا جيڪي خود هڪ وقت بہ نماز نہ پڙهندا پر ريڊيو ٽي وي ڏسڻ وارن تي ڪفر جو فتوائون ڏيندا وتندا. هي همراھ جيترو وقت پڙهي رهيا هئا اهو وقت ادب ساب عبادتن ۾ ئي رڌل هئا. ان بعد دنياداريءَ جي ڳالهين ۾ بہ ايتري ئي شوق سان لڳي ويا.

*_______________*_____________*

هڪ دفعي ملايا يونيورسٽيءَ جو هڪ نوجوان پروفيسر محمد عنيفي نالي، پنهنجي ڪار ۾ اسان کي ڪوالالمپور شهر جو چڪر ڏيارڻ لاءِ وٺي هليو. پاڻ آسٽريليا مان يا شايد انگلنڊ مان انجنيئرنگ جي ڊگري وٺي ويجهڙائي ۾ هتي آيو آهي. ڪپڙن ۽ ميوزڪ جو شوقين لڳو جو جيترو وقت سندس گاڏيءَ جا فيتا ڪوالالمپور جي رستن تي ڊوڙيا ٿي گاڏيءَ اندر

لڳل ٽيپ رڪارڊ جو ڪئسٽ پڻ هليو ٿي. انگريزي ميوزڪ جو هڪ ڪئسٽ ختم ٿيو ٿي ته ٻيو وڌائين ٿي. ميوزڪ سان گڏ سمورو وقت پاڻ به لڏندو رهيو ٿي. صبح ساڻ نيرن ڪري گھمڻ لاءِ نڪتا هئاسين. ڪڏنهن هيڏانهن ته ڪڏنهن هوڏانهن. ٻي بجي گهر ڏي موٽڻ وقت رستي تي هڪ گهٽيءَ مان مسجد وٽان لنگهندي هن گاڏيءَ کي يڪدم بريڪ هڻي بيهاريو.

”ظهر نماز جو وقت ٿو وڃي. ترسو ته پنجن منٽن ۾ پڙهي وٺان.“

ڏاڍي آرام سان هن اسان کي چيو ۽ اڳيان رکيل ٻن ڪتابن ۽ فائيلن جي وچ ۾ ويڙهيل گوڏ ڪڍي، اتي ئي ڪار وٽ لٽل پتلون کي ڪار جي ڊڪيءَ ۾ اڇلي، مسجد اندر گهڙي ويو.

اهو ڏسي اسان کي به شرم ٿيو ته سچو وقت جنهن کي ماڊرن، هپي، انگريز، ويسٽرنائيزڊ ـ ۽ الائي ڇا ڇا پئي سمجهيوسين اهو ته عابد نڪتو ۽ اسان پنهنجي پر ۾ مولوي ٿيو ويٺا هئاسين تن کي نماز جهڙو فرض به ياد ناهي. اهو سوچي اسان به ڪار مان لهي سندس پٺيان پٺيان مسجد ۾ گهڙياسين. جيسين بوٽن جا ڪشا لاهي وضو ڪيوسين ۽ پتلون ۾ روايتي نموني ڪجهندي ڪرڪندي نماز پڙهيسين تيسين هي همراهه نماز پوري ڪري، دعا به گهري، ساڳي مرڪندڙ چهري سان اهو پيو واپس وڃي. پوءِ جڏنهن اسين ڪار وٽ پهتاسين ته ڏسون ته وري ساڳي مزي سان ڪنڌ ڌوڻيو گانا ويٺو ٻڌي. اسان جي وهڻ تي گاڏي اسٽارٽ ڪري اسان سان ساڳي ڪل مشڪري شروع ڪري ڏنائين.

اسان کي هن جي اها آئيڊيا ڏاڍي وڻي ته هن نماز کي ڪا مصيبت ناهي نه رکيو آهي. هڪ گوڏ ڪتابن سان گڏ ڪنيو هلي جتي به نماز جو وقت اچي ٿو ته ٻن منٽن اندر بنا ڪشن وارو بوٽ (سليپر) لاهي گوڏ ٻڌي، پنهنجي پالڻهار کي سجدا ڪريو وٺي. هڪ اسان وٽ، ڪو صاحب نماز تي ويندو آهي ته ڄڻ ڪو جڳ تي ٽورو پيو ڪري. نماز بهاني آفيس کان غائب. ڪلارڪ پٽيوالي کان سندس ڪٿي پڇ ته ته چڙٻ ڏيئي اهڙي رخ سان ٻڌائيندا ته صاحب نماز تي ويو آهي ڄڻ پئي جي گهر جي ڪريل ڇت کي ٽيڪ ڏيڻ ويو هجي.

هتي پنهنجن ملئي شاگردن کي به ڏسندو آهيان ته ڪلاس روم ۾ پاڻ سان گڏ گوڏيون ڪٿي ايندا آهن. ظهر جي نماز لنچ ٽائيم ۾ پڙهندا يا ٻن پيريڊن جي وچ وارن ڏهن منٽن ۾. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن شاگرد دير سان اچڻ جو اهو بهانو نه ڏنو هوندو ته هن نماز پئي پڙهي ان ڪري هن ڪلاس ۾ دير ٿي ويئي.

پنهنجي ڪليگ چيف انجنيئر آصف غيور کي چيم ته يار ملئي ماڻهن جي مون کي اها ڳالهه ڏاڍي وڻي ٿي ته مذهب کي دنيا جي ڪمن، پنهنجن ڪوتاهين ۾ ڊيوٽيءَ کان پڇڻ يا گسائڻ ۾ ڪم نٿا آڻين.

آصف غيور جيڪو ڪويت، ابوڌابي، مصر ۽ ٻين عرب ۽ آفريڪا جي مسلمان ملڪن ۾ پڻ ڪافي رهيو آهي تنهن ٻڌايو ته هن کي اها ڳالهه مصرين ۽ ٻين عربن ۾ به نظر آئي. هو مذهب کي پنهنجي ذاتي زندگيءَ جو حصو ڪري سمجهن ٿا. نماز جي وقت آفيسر توڙي دڪاندار اتي جو اتي يا ڊوڙ پائي مسجد ۾ پڙهي وري هڪدم پنهنجي ڪم ۾ جنبي وڃي ٿو. اسان وٽ ڪي ڪي ماڻهو نماز لاءِ ايڏيون تياريون ڪندا ۽ ان جي نالي ۾ ايڏو وقت وڃائيندا جو ڄڻ وڏو ڪو معرڪو پيا سر انجام ڏين ۽ ڄڻ پنهنجو فرض پورو نه پيا ڪن پر ٻين تي احسان پيا ڪن. جي ڪو ڊاڪٽر، سرڪاري اسپتال ۾ آهي، پوسٽ آفيس يا ريلوي اسٽيشن جو آفيسر آهي يا ڪنهن ٻي اهڙي عوامي اداري جو ڪامورو آهي ته ويتر هن کي عوام جو احساس نه ٿيندو. ڀلي آيل مريض، ڪم ڪار وارا ۽ ضرورتمند پيا سڪن. جيڪڏهن ڪنهن ڪٿي پڙڪ ڪڍي ته ”ڊاڪٽر صاحب اڃان ڪونه ٿو اچي ڪلاڪ تي ويو آهي“ ته سندس چمچو ڪمپائونڊر مريضن کي چڙٻ ڏيئي چوندو: ”ميان خدا خدا ڪر. تون ته نماز نٿو پڙهين پر هڪ مسلمان کي به پڙهڻ نٿو ڏين.“

هاڻ ويچارو غريب ڪهڙو ويهي بحث ڪري ته نماز جي نالي ۾ ائين وقت برباد ڪرڻ ۽ ڊيوٽيءَ کان گسائڻ به ته ڪو نيڪ ڪم ناهي.

*________________________*__________________*

هڪ دفعي اسان جي مئري ٽائيم اڪيڊمي ملائيشيا جي پرنسپال_ڪئپٽن حمزي جي گهر ۾ مٿي بيان ڪيل ساڳي ڪندوري (دعوت) ٿي. هن پنهنجي ماءُ جي چاليهي تي دعا لاءِ سيني کي گهرايو هو. ان دفعي ڳوٺ جي مسجد جي مولويءَ بدران ڪوالالمپور کان هڪ وڏو مفتي آيو هو ۽ مهمانن ۾ ڪجهه ڊاريان آفيسر ۽ سياسي ماڻهو پڻ شامل هئا.

دعا درود بعد جڏهن مانيءَ تي سڀ ويٺا ته آيل فوٽوگرافر فوٽو ڪڍڻ شروع ڪيا. هو اسان جو سڃاڻو هو سو سان رکي رکي ڪيس فوٽن لاءِ پئي سڏيو. انهي دوران مون ڏٺو ته مولوي صاحب ماني پئي کاڌي ته لڳاتار فوٽوگرافر کي به چتائي ڏٺو. چهري مان ڪجهه خوش نه ٿي لڳو. مون آصف کي چيو ته فوٽو گرافر جو اڄ خير ناهي جو هي مولوي فوٽوءَ جي خلاف ٿو لڳي. پاڻ واري فوٽوگرافر هاڻ جي گهٽي ٽرڙپائي ڪئي ته سڏي دڙڪا ڏيندس.

ٿوري دير بعد فوٽوگرافر واندي کان وري ڪمري ڏي آيو ته مون اشاري سان سڏي کيس چيو ته هاڻ آخري فوٽو اسان جو ڪڍي هليو وڃ_ ۽ هي همراهه ڪئميرا بند ڪري وڃڻ وارو هو ته مولويءَ رڙ ڪري پاڻ ڏي سڏيس.

آصف چيو هاڻ ٿو سٽ سريون ٻڌائيس ۽ ڪفر جون فتوائون ڏئيس. يڪدم ماٺ ٿي ۽ تجسس مان سڀ مولوي ڏي ڏسڻ لڳا ته ڇا ٿو چويس. فوٽوگرافر جڏهن مولويءَ جي ويجهو پهتو ته مولوي چيس:

"منهنجو فوٽو نه ڪيندي ڇا_؟ رڳو ٻين جا فوٽو ڪڍيا اٿئي."

اهو ٻڌي اسان حيرت ۾ پئجي وياسين جو اهڙا جملا ته مولوين طرفان نه ٻڌاهئاسين. نه وري ڪنهن وڏي آفيسر ولايت پار کان آيل ميزڪ جي شوقين، هڪ ماڊرن نوجوان کي نماز جي وقت تي بنا ڪنهن هل هنگامي يا وقت ضايع ڪرڻ جي ماٺ مٺوڙي ۾ ڪوڊ ٻڌي نماز جهڙي فرض جو اڪلاءُ ڪندي ڏٺوهئوسين.

*________________________*__________________*

ملئي ماڻهو شافعي فرقي سان تعلق رکن ٿا. انهن جي هڪ ڳالهه اها به قابل بيان آهي ته هو عربستان جي وهابين وانگر جنازي کي جهٽ قبر حوالي ڪن ٿا ۽ قبر کي پڪو ڪرڻ يا ان مٿا قبا اڏڻ يا پڙ چاڙهڻ جي ٿا ڪن.

هڪ انگريڪلچر جي گرائجوئيٽ ان بابت چيو: "ڇا ضرورت آهي ان ڏيک جي جڏهن مري ويل کي فقط سندس اعمال ئي ڪم اچن ٿا. قبر کي پڪو ڪرڻ يا وڏا قبا اڏائڻ تي خرچ ڪرڻ بدران ته اهو پئسو مري ويل جي نالي غريبن ۽ ضرورتمند ۾ خيرات ڪجي ۽ ان جي حق ۾ دعائون گهرجن ته اهو سٺو. قبرن مٿان قبا اڏي، درگاهون ٺاهي ان کي هندن وانگر ديوتا ٺاهي پوڄڻ ۽ پنهنجي من جون مرادون ان کان گهرڻ هڪ خراب قسم جو شرڪ آهي جيڪو توهان جي ننڍي کنڊ ۾ ڪيترن هنڌن تي عام آهي پر اسان وٽ ملائيشيا ۾ نه آهي. جاهل ماڻهو اسان وٽ به آهن. هندو ڪلچر جو اسان جي ريجن تي به اثر آهي پر اسان وٽ ايتري سمجهه آهي ته اهي غير اسلامي ڳالهيون آهن ۽ شرڪ سڀ ۾ خراب شيءِ آهي."



www.sindhsalamat.com



## رستن تي چڪر...

تنڪو عبدالرحمان روڊ تي چڪر هڻڻ بعد جالان (شاهراه) بڪت بنتانگ ۽ جالان سلطان اسماعيل جهڙن رست تي پڻ ڦيرو پائڻ انوکي دنيا ڏسڻ ۽ وقت گذاري لاءِ سٺي وندر آهي. بڪت بنتانگ روڊ تي فيدرل هوٽل، ملائيشيا هوٽل، سنگائي هوٽلون آهن ۽ ساڳي روڊ تي سنگ وانگ پلازا، امبي پلازه ۽ بڪت بنتانگ پلازه تمام وڏا شاپنگ سينٽر آهن. سلطان اسماعيل روڊ تي پڻ هتي جون تمام وڏيون هوٽلون، هڪبئي پٺيان آهن. جهڙوڪ: مرلين، ريجنٽ، هلٽن، ايڪيوٽريل، امپيريل، مندارن، هاليڊي ان ۽ ٽورو اڳيان پلازه هوٽل_جن جي فقط عام روم جي هڪ رات لاءِ مسواڙ ڏيڍ سئو کان ٻہ سئو کن ڈالر آهي.

پرواهہ ناهي پاڻ رهيل ڪٿي ڪنهن سستي هوٽل ۾ آهيون پر هي وڏيون هوٽلون مفت ۾ ڏسي تہ سگهجن ٿيون. اندر سندن رسيپشن هال، لائونج ۽ شاپنگ آرڪيڊ وارا حصا_۽ انهن ۾ پٽ تي وڇايل ٿلهي ٻُر وارا غاليچا، ڇت ۾ ٽنگيل بلبن جا ڇٽ (Chandelier)، وهڻ لاءِ اوچي ڪاٺ، عاج ۽ گاديلن جا صوفا سيٽ ۽ خدمت لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندڙ سنهڙيون ۽ سمارٽ چيني ۽ ٿلهيون صحت مند ملئي ڇوڪريون.

پلا پيو ڪجهہ نہ تہ انهن هوٽلن جو باٿ روم تہ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ٿڪُ ڀڃڻ لاءِ رسيپشن تي رکيل ڪوچن تي ڪجهہ دير ويهي هوٽل وارن کي منجهائڻ لاءِ ڏيک ڏيئي سگهجي ٿو تہ هوٽل ۾ رهندڙ ڪنهن همراهہ جي اچي ملڻ لاءِ توهان انتظار ڪري رهيا آهيو.

پر جي توهان سرڪاري يا پنهنجي آفيس جي خرچ تي يا ڪنهن دولت مند واپاريءَ جي خرچ تي، سرڪاري دوري، ميٽنگ، سيمينار يا واپاري وزٽ تي انهن وڏين هوٽلن مان ڪنهن هڪ ۾ رهيل آهيو تہ پوءِ چئينج خاطر انهن وڏين هوٽلن کي ڇڏي پر وارن رستن تي ڪنهن عام پر گراهڪن سان ڀريل چيني، ملئي يا انڊين جي ننڍي هوٽل ۾ ماني کائي سگهو ٿا.

هڪ دفعي ”يونيورسٽي ٽيڪنالاجي ملائيشيا“ جي سيمينار ۾ پيپير پڙهڻ لاءِ سندن ئي فل خرچ پکي ۽ دعوت تي فيدرل هوٽل ۾ رهيو هوس. هڪ ڏينهن شام جو وقت گذارڻ ۽ ڪوالالمپور شهر جي رستن جائزو وٺڻ لاءِ پر واري رستي ”بڪت بنتانگ روڊ“ جي هڪ هڪ دڪان، هوٽل، ريسٽورينٽ، مساج گهر، ڊسڪوٿي ڪلب، سوشل ايسڪورٽ روم مان ليئو پائيندو، مختلف ڏيون (ڪٿي چيني رڌپچاءَ جون، ڪٿي ملئي ساٿي گوشت ترڄڻ جون، ڪٿي رنڊين نما مساج گرلس جي سستي ۽ ردي ميڪ اپ جون تہ ڪٿي چيني دوائون ۽ دورئين ميوي جون) سونگهيندو ۽ انهن ئي هنڌن تي بتين جي روشني (ڪٿي هلڪي رونامنٽڪ، ڪٿي جنگ جي قيدي کي چريو بنائڻ جهڙي پنج سئو واٽن جي بلبن جي، ڪٿي ڳاڙهي چڪلي جي ڏيک جي تہ ڪٿي جهرمٽ ڪندڙ رنگين مرچن جي) ڏسندو بڪت بنتانگ روڊ جي پوڇڙ وٽ جتي سلطان اسماعيل روڊ ڪراس ٿو ڪري، ”ملڪ_ريسٽورانٽ) نالي هڪ هوٽل ۾ اچي ماني کاڌم. هيءَ هوٽل حيدرآباد جي اسٽيشن روڊ ۽ اسٽيشن واري علائقي وارين هوٽل جهڙي، هڪ مسلمان ملباريءَ جي هئي. در وٽ ئي روايتي دخل هو جنهن مٿان قران شريف جون آيتون ۽ ان پويان هوٽل جي مالڪ حاجي سليمان طرفان رکيل، وڏي ڏاڙهيءَ وارو مئنيجر حاجي عمر گراهڪن کان کاڌي جا پئسا اوڳاڙي رهيو هو. ڪنڌ تي رکيل جپاني ڪمپني سانيو جو ٽئبل فئن، فل اسپيڊ سان، سندس مٿي ۽ ڏاڙهيءَ جا وار ايئن اڏائي رهيو هو جيئن هالي ووڊ جي فلمن ۾ بيابانن يا سمنڊ تي لڳل طوفانن جو Effect ڏيکاريندا آهن. لائوڊ اسپيڪر تي فل آواز تي تامل گانو:”انانڪاٽنواريڪرين نان_نورپرين“ هلي رهيو هو. دخل اڳيان، گراهڪن جي ڏند کوٽڻ لاءِ نغارن تي وچت وارن ڏونڪن جهڙيون Tooth-Picks رکيل هيون. انهن مان هڪ ٽوٽ پڪ سان هڪ ٿلهو متارو تامل ڏندن مان ڦاٿل ڪڪڙ يا ڍڳي جي گوشت جا ريشا بہ ڪڍي رهيو هو تہ پر ۾ رکيل ڍَمَ سينٽ وجهي ڳالهائڻ



www.sindhsalamat.com

واري پبلڪ فون تان زور زور سان ڳالهائي رهيو هو. جيتوڻيڪ هو لائوڊ اسپيڪر واري ڳاني کان به وڌيڪ زور سان ڳالهائي رهيو هو پر مون لاءِ اهو ڄاڻڻ مشڪل هو ته آيا هو تامل ۾ پيو ڳالهائي يا مليالم ۾. يا ٿي سگهيو ٿي ڏکڻ هندوستان جي اجان به ڪا ٽين ٻولي ڳالهائي رهيو هجي. سندس رڙين سان وارو وڌائيندڙ رڙيون ٻڌڻ جون هيون جيڪي رکي رکي آيل گراهڪن جي پسند جو ڊش پريان ڪنڊ ۾ بيٺل بورچيءَ کي ٻڌائي رهيا هئا.

هوٽل جي مالڪ/مئنيجر کان گهڻو ئي چاهيم ته انٽرويو وٺان پر ٻاهر وينديءَ ٽاڻي به هي گوڙ شور برقرار هو. ۽ اهو گوڙ شور ئي ان وقت مون لاءِ هڪ نواڻ هو. فيڊرل هوٽل جي پر سڪون ۽ خاموش ماحول بعد هن ”ريستوران ملڪ“ ( Restoran Malek) جي هنيوچيءَ سچ ته ڏاڍو مزو پئي ڏنو ۽ بيحد هوملي محسوس پئي ڪرايو. ويتر جڏهن ٻئي پوڙ مانيءَ سان گڏ سٽين هٿن سان پاٽيءَ جا ٻه گلاس اچي اڳيان ٽيبل تي هنيا ته واقعي لڳو ته بنا ٽڪيٽ جي ان رات حيدرآباد جي حبيب هوٽل، زميندار هوٽل، سلطان هوٽل، نعمت ڪدم، ڪراچي هوٽل، جارج هوٽل_يا تلڪ چاڙهيءَ ۽ سول اسپتال جي آسپاس واري ڪنهن اوپن ايئر هوٽل ۾ پهچي ويو هجان. پيٽ ڀري ماني کاڌم پر جنهن ڳالهه لاءِ اندر گهڙيس ته هن هوٽل هلائيندڙ سان ڳالهه ٻولهه ڪريان، اهو پيٽ جو سور نه لهي سگهيو. مئنيجر کان وٺي بورچي ٻئرا فقط تامل، مليالم ۽ ملباري زبانون ڳالهائي ٿي سگهيا. اڙدو/ هندي يا انگريزي هنن لاءِ فارين لئنگيئج هئي.

اها سا خبر پيئي ته ڪوالالمپور ۾ هن هوٽل جون ٽي شاخون آهن. ٻه ته ان ئي روڊ تي ۽ ٽين سلطان اسماعيل روڊ تي. هن هوٽل جي خاص ورائٽي (ماني)_ برياني، پوڙ ۽ ماني آهي_ جيڪا مون کي تمام گهڻو وڻي_شايد بک ڪري يا وطن کان گهڻو عرصو پري رهڻ ڪري. يا شايد ٿهيل ئي ڪا سٺي هئي. اگهه پڻ مناسب هئس. شيراز ۽ اڪبر جهڙين هوٽلن کان به سستي هئي_شايد ايئر ڪنڊيشنڊ نه هجڻ ڪري لائيٽ جي بل ۾ بچت ٿيندي هجين. پر آيل گراهڪن کي ”اناڪاٽتواريڪرين نانور پرين“ ڳانو ٻڌائڻ لاءِ لائوڊ اسپيڪرن تي ڪجهه ته لائيٽ جو خرچ ضرور ٿيندو هوندن.

اتان نڪري ساڄي ڪاٻي وهندڙ رستي جو ڪاٻو پاسو ورتم جيڪو سلطان اسماعيل روڊ آهي. جنهن تي ان وقت وڏا اسٽور ۽ دڪان رات جو بند هجڻ ڪري، ماڻهن جي رش گهٽ هئي ۽ مانيءَ بعد واڪ ڪرڻ لاءِ غنيمت هو. ان وقت رات جا ڏهه ٿي رهيا هئا. سڄي ڏاينهن جي ٿڪ ڪري ننڊ به ڏاڍي پئي آئي. سڄو ڏينهن ڪا ڪوڏر نه هنئي هيمپر يونيورسٽي جي ليڪچر هال ۾ مختلف شهرن ۽ ادارن کان آيل مهمان انجنيئرن جا پيپر ٻڌا هيم ۽ پنهنجو پڙهيو هوم. جنهن جو عنوان هو ”ملائيشيا جا جهاز سازيءَ جا ڪارخانا“. مضمون ڪو خاص دلجوئي يا سچائي سان نه لکي سگهيو هوس. جنهن جو احساس هوم. ڪنهن ٻئي جي ملڪ ۾ رهي ان جي ڪنهن نازڪ مسئلي بابت لکڻ ۾ ڪيترين ئي ڳالهيون گول مول ڪرڻيون پون ٿيون جيئن متان ڪا ٽڪرَ ۾ لکيل ڪساري حقيقيت ڪنهن کي ڏکوئي وجهي. يا وري گهڻو ئي تعريف ٿيڻ ڪري ان کي ڪو ڇمچاگيري سمجهي. گذريل ڏينهن جون اهي ڳالهيون سوچيندي سوچيندي ڪافي اڳتي نڪري ويس. رستي جي ٻئي پاسي جهاز جي شڪل جهڙي هڪ بار نما ريسٽورينٽ هئي. جهاز به پورٽ ڪلانگ ايندو هو ته ڪيترائي خفتي اچي هتان نڪرندا هئا. خاص ڪري يورپي جهازين جي هيءَ دلپسند جڳهه هوندي هئي. هن وقت اها منهنجي سامهون هئي.

رستو ٽپي هوٽل اڳيان اچي بيٺس جنهن جي ٻاهرين پٽ مان ڪاٺ جي جهاز جو اڳيون حصو (فاڪسل) ٻاهر نڪتل هو جنهن جي ٻنهي پاسي پٽل جو پالش ٿيل لنگر لڙڪي رهيو هو. جنهن به ان اسٽائيل جي هوٽل ٺهرائي آهي، ان جي آئيڊيا تعريف جوڳي آهي.



www.sindhsalamat.com

ريسٽورينٽ جي مٿان ڪا آفيس آهي، جو هڪ ٻه چوڪريون ٽپ ٽاپ ڊريس ۾ اندر وڃي رهيون هيون ۽ اهڙي هڪ ڇٽي ڪنهن انگريز سان گڏ ٻاهر نڪري رهي هئي. ان تي سوچڻ بجاءِ پٽل جي لنگر کي غور سان ڏسڻ لاءِ ويجهو تي ويٺس. ايتري ۾ هڪ پريل جسم جو قداور همراهه منهنجي پرسان اچي بيٺو. هڪ ئي نظر سان سمجهي ويس ته تامل ته نه آهي جو هڪ ته قداور آهي ۽ ٻيو ته رنگ ۾ بنهه ڪارو ناهي. هو مون سان بلڪل لڳي بيٺو. مون کي لڳو ته هو مٿان لٿو آهي سو ڪجهه ڳالهائڻ خاطر انگريزيءَ ۾ پڇيومانس ته مٿي اهو ڇا آهي: آفيس يا ڪو مساج گهر.

”نه سر. Escort ايجنسي آهي. ساٿ ڏيڻ ۽ گڏ گهمڻ ڦرڻ لاءِ مسواڙ تي چوڪريون آهن. تمام مهنگيون. في ڪلاڪ جا ٽيهه ڊالر مسواڙ. ڪيسو ان کان علاوه ٽيون ڪتين.“ هن سچي ڳالهه انگريزيءَ ۾ ٻڌائي پوءِ اڙدوءَ ۾ پڇيو:

”هندي آتي هي؟“

”آتي هي.“ وراڻيومانس.

”ٽئڪسي گهرجي_؟“ هاڻ اسان اڙدو/ هنديءَ ۾ ڳالهائڻ لڳاسين. بلڪ هن جي هنديءَ مان لڳو ٿي ته پنجاب يا هريانا صوبي جو آهي.

”نه. تون ٽئڪسي ڊرائيور آهين ڇا_؟ مون پڇيومانس.

”ها، فرسٽ ڪلاس ڇڪهين جي خبر اٿم.“ هن ٺهه پهه وراڻيو.

هيترا سال جهازن تي رهي پوءِ ٻه ٻاڻ کي ان حد تائين اڻ ڄاڻ ۽ اپوجهه سمجهڻ اجائي ڳالهه هئي. سمجهي ويس ته ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي (يعني پڙوو آهي) ۽ سيني ۾ ڪهڙي مارئي پيو ڳائي. (هن چوڪريون سپلاءِ ڪرڻ جو ڪم ڪيو ٿي).

ڪائنس سندس نئشنلٽي (ملڪ) پڇيم ته ڪوڙ ٻڌايائين ته هو”پاڪستان جو آهي“. اهو ان ڪري جو ڳالهائڻ ۾ جيتوٽيڪ هندي ۽ اڙدو هڪ جهڙيون ٻوليون آهن پر تڏهن به ڪي ڪي لفظ اهڙا آهن جي فقط اڙدوءَ ۾ آهن يا هنديءَ ۾. سو جيئن آئون ڪيس سمجهي ويس ته هو پنجابي انڊين آهي تيئن هو به منهنجي ڳالهائڻ مان سمجهي ويو ته آئون هندي نه پر اڙدو پيو ڳالهايان ۽ ظاهر آهي پاڪستاني هوندس. مون کي اعتماد ۾ سوگهو ڪرڻ لاءِ هن جي اها اٽڪل سٺي هئي ته هو پاڻ کي منهنجي ئي ملڪ جو سڏائي. مون کي راضي ڪرڻ لاءِ هو منٿون ڪرڻ لڳو ته آئون هن سان هڪ واريءَ هلي چوڪريون ضرور ڏسان ۽ پنهنجي سستي هجڻ جو ثبوت ڏيڻ لڳو ته ٻه سئو ڊالر تمام گهٽ اگهه آهي.

هن ڪان اونداهي دنيا جون ڪيترين ئي ڳالهيون پڇي سگهجن ها پر هڪ ته ٽڪل هوس پيو هو مون ڪان سگهارو هو. سوال جواب ڪرڻ جا ٻه چوي ها ته ڇڏاءِ پنجاهه ڊالر ۽ آئون پوڙ ماني ڪائڻ ۽ چانهه پيئڻ بعد ڪيسي ۾ باقي بچايل ٻه ڊالر ستر سينٽ ڪٽي ڪهڙيون ليلائون سرچائي تي سگهيس ۽ ڪهڙي ريسرچ يا ٿيسز مڪمل ڪرٽي هيم جنهن لاءِ هرو پرو سوال ويهي ڪريانس ها. جان ڇڏائڻ لاءِ چيومانس:

آئون پنهنجي دوست کي ڏسڻ لاءِ هيڏانهن اچي نڪتو آهيان. آئون ڪو ڌاريون پرديسي، جهازي يا ٽوئرسٽ نه آهيان. آئون هتي ئي رهان ٿو. ”Saya Tinggal Di Sini“. ڪيس پڪ ڏيارڻ لاءِ آخر ۾ ملئيءَ زبان ۾ ٻڌايومانس. ان بعد لڳو ته هو ڪجهه ڍرو ٿيو. ڪيس ٻڌتر ۾ مبتلا رکي آئون ان بار نما ريسٽورينٽ ”Ship“ ۾ اندر گهڙڻ وارو هوس ته هن تجسس پيدا ڪرڻ لاءِ آخري ڪوڙڪو استعمال ڪيو.



www.sindhsalamat.com

”مسٽر! هڪ پاڪستاني ڇوڪري بہ سچاٽان، واهہ جي آهي. يقين ڪريو هڪ دفعو هلي ڏسو تہ سهي. يا ڪجھ دير ترسو اچڻ واري هوندي.“

مون هن ڏي ٽوڪ واري نموني ڏسي مرڪيو. هن ان جو مطلب چا سمجهيو_نٿو چئي سگهان. يا ٿي سگهي ٿو تہ هن بہ اهو ئي سمجهيو تہ آئون چئي رهيو هجانس تہ ”گسا پيو هٽين.“

ڪيس ٻاهر ڇڏي آءُ اندر بار ۾ گهڙيس. اندر گهڙڻ سان سگريٽن جي دونهين ۽ بار گرلس آڌر ياءُ ڪيو. چوڌاري ٽيبلون سپ پريل هيون جن تي ملڪ ملڪ جا اسان جا جهازي پائر ويٺل هئا. ڪن ڪن ٽيبلن تي هتي جو چيني ڇوڪريون پيئڻ ۾ سندن ساٿ ڏيئي رهيون هيون. اڌ ڪان وڌيڪ جهازي يورپ ۽ آمريڪا جا گورا هئا. ڪجھ اتر آفريڪي ملڪن يا گلف جي رياستن جا عرب لڳي رهيا هئا.

ايئر ڪنڊيشنڊ هوٽل جي ٺڏڪار پَسي دل اتي ئي ٻيهي ٿوري دير ٽڪ پيچڻ لاءِ چيو. ٻاهر مينهن وسڻ ڪان اڳ واري گهٽ ۽ گرمي هئي. هڪ ٽيبل تي ويهي ڪوڪا ڪولا جو آرڊر ڏنم ۽ ساڳي وقت کيسي ۾ هٿ وجهي پڪ ڪيم تہ ٻہ ڊالر ستر سينٽ تہ موجود آهي يا ٻاهر واري شاهينگ ڳالهين ڪندي کيسو ڪٽي ورتو.

اوسي پاسي جي ٽيبلن تي ويٺل چار ڇوڪريون اکين مان منهنجي ٽيبل تي اچڻ لاءِ لامارا هڻڻ لڳيون پر جيئن ئي ٻئري وسڪيءَ جي پئگ بدران ٺونٺ جيڏي ڪوڪا ڪولا جي بوتل منهنجي اڳيان آڻي رکي تہ انهن ۽ پين نهارڻ بہ ڇڏي ڏنو. ظاهر آهي بار ۾ ويهي مهنگي شراب بدران ڊالر يا سوا ڊالر جي ڪوڪا ڪولا پيئڻ معنيٰ پنهنجي ڪنگلپڻي جو کليو کلايو اعلان ڪرڻو ٿيو جيڪا ڳالهہ نہ هوٽل جي مالڪ کي وڻي سگهي ٿي نہ ئي سندس رکيل ڪم ڪار ڪندڙ ڇوڪرين کي. بهرحال هنن کي ڪهڙي خبر تہ جنهن ماڻهوءَ جي پنهنجي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بار ئي ٻيا کڻيو پيا هلن اهو پين جو چا ڪٽي سگهندو. پنهنجي خرچ تي ”ملڪ هوٽل“ ۾ ڊنر ۽ هتي ڪوڪا ڪولا پي اهو ئي وڏو ڪم ڪيم جو چاهيان ها تہ اهي پئسا بہ بچائي رهائش واري هوٽل ۾ دعوت مطابق، پنهنجي ميزبان يونيورسٽي ملائيشيا جي ڪنڌي ۾ رات جي ماني بہ اتي کائي وٺان ها.

خير سائين، بڪت بنتانگ ۽ سلطان اسماعيل روڊن تي گذريل ٻن ٽن ڪلاڪن جي هلچل بعد هن هوٽل جي ائر ڪنڊيشنڊ هال ۾ فرحت وندي مزو اچي رهيو هو. ان هال کي صحيح معنيٰ ۾ تہ ايئر ڪنڊيشنڊ چئي نٿو سگهجي جو اسان جي ٽيڪنيڪل ٻوليءَ موجب ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمرو معنيٰ اهو ڪمرو جنهن ۾ مشين ذريعي هوا کي بهتر ۽ دل وڻان ڪيو وڃي يعني ٻاهر جي گهٽي ٿڌ هجي تہ هوا کي گرم، جي گرمي هجي تہ ان کي ٿڌو ڪري نہ فقط وڻندڙ Pleasant ٽيمپريچر تي آندو وڃي پر هوا مان دز، دونهون ۽ ٻيون اڻ گهربل شيون ڇاڻي صاف ڪيو وڃي. ۽انڪان علاوه هوا ۾ موجود گهم (Humidity) کي گهٽائي يا وڌائي هڪ اهڙي مقرر حد تي آڻجي جيڪا صحت لاءِ بهتر هجي. سو ان حساب سان هن بار نما هوٽل کي فقط ٿڌو Cool چئي سگهياسين ٿي جو دز ۽ سگريٽن جو دونهون ايڏو هو جو هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ بار گرلس کي خبر ناهي هيستائين ٽي بي لڳي چڪي هئي يا پڪ لڳڻ واري هوندي.

ٻہ چار ڍڪ ڪوڪاڪولا جا پي ٻاهر مليل پڙوي تي سوچڻ لڳس تہ ڪيڏو استاد آهي. ملائيشيا هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن ۾ پاڪستاني تمام ٿورا ۽ ڳڻيل چونڊيل رهن ٿا جن جي باعزت ڏنڌي ڪان هر ڪو واقف آهي. پر اها تہ ٿي مون کي يا ان کي خبر جيڪي هتي ڪافي عرصي ڪان لڳاتار رهيل آهن. باقي گهمڻ لاءِ ڏينهن اڌ لاءِ آيل پاڪستاني تہ تجسس ۾ پئجي ويندو. جيئن گهڻو اڳ يورپي ۽ آمريڪي جهازي چوندا هئا تہ ڪراچيءَ ۾ هر مشهور اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي ڇوڪري جسم جو سودو ڪري ٿي. ٽيندو چا هو جو استاد پڙوا ڪراچيءَ جي هوائي اڏي ۽ بندراگاهہ تي



www.sindhsalamat.com

آيل گورن ٽوئرسٽن کي ھرڪائڻ لاءِ سندن وڏن وڏن انگريزي اسڪولن جا نالا وٺي انھن جون ڇوڪريون آڻڻ لاءِ چوندا ھئا ۽ پوءِ ڇڪلي مان نڪتل رنڊين کي ان اسڪول/ڪاليج جو يونيفارم پارائي پيش ڪندا ھئا. ان سلسلي ۾ جھازن تي ھڪ قصو مشھور پڻ ھو. ھڪ پيري گوري (انگريز) جڏھن دلال سان اعتراض ڪيو تہ ھيءَ ڪھڙي ڪانوينٽ اسڪول جي ڇوڪري آندي اٿئي جنھن لاءِ تو تہ چيو ھو تہ سينئر ڪئمبرج ۾ آھي پر ڇاني تہ انگريزيءَ جو ھڪ لفظ بہ ڪانہ ٿي. تہ پڙوي انگريز گراھڪ کي ٽڏو ڪندي چيو ھو: ”سر چا ڪجي ڪانوينٽ اسڪولن جي تعليمي زبان ( medium of Instruction) پنجابي ٿي ويئي آھي.“

اھڙي ئي قسم جو ھڪ اسڪينڊل گذريل مھيني ھتي ملائيشيا جي اخبارن جي پھرين صفحن جي سرخي ھڪ آسٽريليا جي شھر ڪينبرا لاءِ اشتھارن ۽ خبرن ذريعي مشھور ٿي ھو تہ اتي Girls-Escort جي نالي ۾ ھلندڙ ھڪ ڇڪلو پنھنجي گراھڪن لاءِ دنيا جي ھوائي ڪمپنين جون ميزبان ڇوڪريون (ايئر ھوسٽسون) مھيا ڪري ٿو جنھن ۾ ملائيشيا جي ھوائي ڪمپني ايم.اي.ايس پڻ اچي وڃي ٿي.

ظاھر آھي تہ ان ھوائي ڪمپنيءَ جا واسطيدار اھو ٻڌي تعجب ۾ پئجي ويا تہ ھيڏي ڊسپلن، پگھار، سھولتن ۽ نيڪنامي ھوندي اھو ڪيئن ٿي سگھي ٿو تہ ملائيشيا جون ايئر ھوسٽسون پاڻ کي بدنام ڪن. ان سلسلي جي جانچ ۽ تفصيل حاصل ڪرڻ لاءِ ھتي جي اخبار پنھنجو ھڪ نمائندو ڪوالالمپور کان ڪينبرا امنيو. جتي پھچي ھڪ وڏي ھوٽل مان ان ڇوڪريون مھيا ڪندڙ ايجنسي کي فون ڪيو جن واقعي جي تصديق ڪئي تہ ھو ملائيشيا جي ايئر ڪمپنيءَ جو ايئر ھوسٽسون پڻ سپلاءِ ڪن ٿا. ھڪ اھڙي ايئر ھوسٽس سان رات گذارڻ لاءِ جڏھن پڇيو تہ ھنن ڪيس ھائوڪار ڪندي چيو تہ شام ڌاري ڪوالالمپور کان ايندڙ ايم. اي. ايس جي اڏام اچڻي آھي ۽ ڏھين بجي ڌاري ان جي ايئر ھوسٽس سندس ڪمري ۾ پھچي ويندي.

”پوري ڏھين بجي“ اخبار جي نمائندي بعد ۾ اھو احوال اخبار ۾ ڏنو.”ملائيشيا جي ھوائي ڪمپنيءَ جو يونيفارم پھريل ايئر ھوسٽس ڏسي مون کي ڏاڍو تعجب لڳو جو شام تائين آئون خاطري ڪري ڇڪو ھوس تہ نہ ان ڏينھن ۽ نہ وري ٻہ ڏينھن اڳ تائين ملائيشيا جي اڏام ڪينبرا اچڻي ھئي. بھرحال فئسني ڊريس ۾ ان ايئر ھوسٽس پھرين سوال جي جواب ۾ اھو ضرور ٻڌايو تہ ھوءَ ڪوالالمپور جي رھاڪو آھي پر جڏھن ڪائنس ڪوالالمپور بابت ٻہ چار سوال پڇيم تہ خبر پيئي تہ ھن کي ڪوالالمپور جي اھم رستن ۽ عمارتن جي تہ خبر ناھي پر اھا بہ خبر نہ اٿس تہ ڪوالالمپور جي ھوائي اڏي جو نالو ڇا آھي ۽ اھو ڪٿي آھي.“

سو ان مٿئين ڪھاڻيءَ وانگر ٻاھر مليل ھمراھہ جي ڪھاڻي بہ فراڊ لڳي رھي ھئي. پر تنھن ھوندي بہ خاطريءَ سان اھو چوڻ صحيح نہ ھو تہ آيا ھو سچ ٿي چوي يا ڪوڙ.

ڪوڪاڪولا پي ڪجھ دير بعد ٻاھر نڪتس تہ ساڳيو ھمراھہ وري اچي منھن پيو ۽ مال جو اگھہ گھٽائڻ ڪان علاوہ مون کي ترسڻ لاءِ چوڻ لڳو جو ان پاڪستاني ڇوڪريءَ جي اچڻ جو وقت ٿي چڪو ھگ. جان ڇڏائڻ لاءِ آئون سائس ائين ڳالھائڻ لڳس ڄڻ اندران گھٽو پي اچڻ ڪري سندس پھرين جون ڳالھيون ياد نہ ھجن. بندر روڊ جھڙي ڊبل وھندڙ رستي جي ٻئي پاسي کان رستو ٽپڻ وارن ماڻھن جي ميڙ ۾ ھڪ ڪمزور سنھي ڇوڪري، ڪاري رنگ جي سوڙھي پجامي ۽ چريل ڪڙتي ۾ موٽرن لارين جي پيھہ گھٽجڻ جو انتظار ڪري رھي ھئي. مون ان ڏي نھاريو. ان ئي وقت ھن قداور ۽ صحت مند دلال جي نگاھہ پڻ ھن تي پيئي. ھڪدم پنھنجا ھئڊا ڏند ڪڍي خوشيءَ مان چيائين: ”اھا پيئي اچي پاڪستاني ڇوڪري.“ ۽ پوءِ ھٿ جي اشاري سان ھن کي سڏيو ۽ پنھنجي موجودگيءَ جو ٻڌايو. ھوءَ رستو ٽپي اسان ڏي اچي



www.sindhsalamat.com

ان کان اڳ آئون جان ڇڏرائي، پنھنجي ھوٽل ۾ وڃڻ لاءِ اھوئي رستو ٽپي ھن پاسي کان وڃي نڪتس. ان ڇوڪريءَ وٽان لنگھڻ مھل ”ھيلو“ ڪري اڙدوءَ ۾ پڇيومانس:

”آپ ڪا نام ڪيا ھي؟“

”رجني ڪور.“

”آپ پاڪستان ڪي ھين؟“

”نھين تو. جيپور ڪي.“

ايتري ۾ ٽرئفڪ وري گھٽ ٿي. ھوءَ پنھنجي نہل ۽ زماني جي ستايل جسم کي ڪوالالمپور جي ھن روڊ تان گھلي ٻئي پاسي کان وڃي نڪتي. مون ھمراھہ ڏي ڦِٽيان مڙي ھڪ نگاھہ وڌي. ھو خارن مان مون کي ڏسي رھيو ھو. ڇڻ سندس ڪا چوري پڪڙي ويئي ھجي. وس پڇيس ھا تہ جھيڙو ڪري ھا يا پري کان بيھي گارگند بہ ڪري ھا پر ان ئي وقت ھوٽل مان ھڪ بنگالي ھمراھہ نڪتو تنھن سان ڳالھائڻ ۾ لڳي ويو. پڪ ڪيس اھو چئي رھيو ھوندو تہ ھڪ بنگلاديش جي ڇوڪري آھي. اي ون. ٻہ سئو ڊالر رات جا...وغيره وغيره.

پورن ڇھن مھينن کان پوءِ ھڪ ڏينھن اخبار جي ننڍڙي خبرتي نظر پيئي: ”زال کان خراب ڌنڌو ڪرائيندڙ گرفتار.“ سريمتي رجنيءَ پنھنجي ظالم مڙس کي گرفتار ڪرايو. جنھن سان ھو گذريل سال انڊيا ۾ اھو چئي شادي ڪري آيو ھو تہ ھو ھتي ھڪ وڏي پگھار وارو آفيسر آھي. چيو وڃي ٿو تہ ستيش داس ھن کان اڳ بہ اھڙي دوکي بازيءَ سان انڊيا جي ڪيرالا ۽ بھار رياست مان ٻہ ڇوڪريون وٺي آيو ھو...“ وغيره وغيره. خبر جي آخر ۾ سندس فوٽو ڏنل ھو.



www.sindhsalamat.com

## ”ملئي ماڻهو مٺاين جا شوقين“

ملئي ماڻهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو کائڻ پيئڻ جا شوقين آهن. ملائيشيا ۾ چپي چپي تي ننڍن وڏين هوٽلن ۾ ملئي ماڻهو گوشت جا ايڏا شوقين ناهن جيترا عرب. ملئي ماڻهن جي شاديءَ ۾ بہ ايترو گوشت نظر نہ ايندو. چئن پنجن ماڻهن لاءِ هڪ ڪڪڙ جي فراءِ ٽنگ، ساسر ۾ ٿورو ڳائي جو ٻوڙ ان سان گڏ ڦڪو يت_پاڻيءَ ۾ رڌل، اناس جو مٺو ٻوڙ پاڻيءَ بدران شربت جو جڳ ۽ حد وڏيڪ مٺي جيليءَ جي ٿالهي پريل.

عرب بہ ملئي ماڻهن وانگر گهڻو ٿا کائين. پر عرب غربت جي ڏينهن ۾ بہ_اجان پئٽرول جو پئسو عام نہ ٿيو هو تہ، گوشت جام کائيندا هئا. پوءِ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اڄ وانگر سئيدش ۽ ڊئنش فروزن (ٿڌيون) ڪڪڙيون، آسٽريلين بيف (ڳائو) ۽ نيوزيلئنڊ جو رڍون ڪائي نہ سگهندا هئا تہ اٺ مان ئي وارا ڇمارا ڪندا هئا. اٺ جو ڪواب تہ اڄ بہ عرب دنيا ۾ جام هلي ٿو. ملئي ماڻهو مٺاڻ کي گهڻو پسند ڪن ٿا. ان ڪري جپان، ڪارن سان گڏ چاڪليٽ، ٽڪيون ۽ بسڪيٽ بہ ملائيشيا ايڪسپورٽ ڪري ٿو. آمريڪا ڪمپيوٽر سان گڏ مٺيون چٽڻيون، آچار ۽ ڊاٽيون بہ ملائيشيا موڪلي ٿو. گهڻي مٺاڻ، چانور ۽ بيضي مکڻ ڪري هتي جا ماڻهو قد بت کان وڏيڪ ٿلها ۽ ڦيڦا ٿي پيا آهن. ملئي ڪو بہ هٽ، ڪنڊ، اٽي، ناريل ۽ چانورن بنا نا مڪمل آهي. ڪيڪ، پيسٽريون، بسڪٽ، ڊونٽ، ڪوئيح يا ٻيون اهڙيون سيون جنهن ۾ اٽي، ناريل جي کير يا ڪاتر، بيضي، ڪنڊ ۽ يت جو واهپو گهڻو هجي، اها شيءِ ڪوالالمپور، ڪوالاترينگانو، ڪوٽا بارو، اپوح جهڙن شهرن جي گهٽين کان وٺي لبوڪ چينا، ڪُلائي، لنگي ۽ الور گاجا جهڙن ڳوٺن ۾ عام ملندي.

اٽي کي ملئي زبان ۾ تپنگ ٿا چون. ۽ تپنگ گندم (ڪٽڪ جي اٽي) کان علاوه تپنگ بيراس (چانورن جو اٽو) پڻ هتي جي مٺاين ۽ ڪاڌن ۾ استعمال ٿئي ٿو. هتي جا ماڻهو ڪوشش ڪري ناريل جو استعمال تہ هر شيءِ ۾ ڪن ٿا_ پوءِ ڪٽي مٺائي هجي يا ٻوڙ سيويون. ناريل هتي ٿئي بہ جام ۽ سستو ٿو. سڄي ملائيشيا ۾ جتي ڪٿي ناريل جا وڻ نظر ايندا. گهرن اڳيان، رستن تي، سمنڊ جي ڪناري تي، گهاٽن ٻيلن ۽ جهنگلن ۾. ناريل بنا ملئي ماڻهوءَ جي زندگي نا مڪمل آهي. پاڄي مارڪيٽن ۾ تہ ناريل جا ڍير نظر ايندا_ساوا ناريل کير لاءِ توري سڪل ناريل چُوري (ڪاتر) لاءِ. اوڙي پاڙي ۾ ڪو هڪڙو گهر يا دڪان ضرور هوندو جتي ناريل جي ڪاتر ڪرڻ جي مشين هوندي. جتان ڏھ سينٽ (اٺ آنا) ڏيئي ناريل جو چورو سيڪنڊن ۾ ڪرائي سگهجي ٿو. پڪل ناريل جو پاڻي تہ چڻ مفت آهي. باقي ڪچي ناريل جو کير يا پڪل ناريل جي چُوري کي نپوڙي ڪڍيل کير، رڌپچاءَ ۾ ڪم اچي خاص ڪري مٺاين ۽ ”ناسي_ليماڪ“_چانورن جي ڊش ۾ جيڪو اڪثر صبح جو نيرن تي کائين. سڪل ناريل_ڏونگهين جي ڪاتر پڻ مٺاين ۾ ڪم اڻين. بنگلاديش، ٿائلنڊ ۽ سريلنڪا وانگر هتي ملائيشيا ۾ بہ ناريل تمام سستو ملي. سٺي ۾ سٺو ناريل چاليھ سينٽن_يعني ٻي اڌائي رپين جو.

عام چانورن کان علاوه ساگو چانور (صابو ڏاڻا) پڻ مٺاين ۾ استعمال ٿين. صابو ڏاڻن ۽ ناريل جو مٺايون ڪيلي جي پنن ۾ ويڙهي وڪڻن. ملئي کاڌن ۽ ڪيڪن ۾ ڪيلو Pisang بہ گهڻو ڪم ٿو اچي. هتي ملائيشيا ۾ ڪيترن ئي قسمن جا ڪيلا ٿين ٿا. بندرا ۽ ڊگها، ساوا ۽ پيلا، ڪارن چٽن وارا ۽ گهٽي لِئہ وارا. ڪي چڱا لذيذ آهن. ڪي بنھ نہ. هتي جو ڪيلو رُکو کائڻ ۾ اهڙو سٺو ناهي جهڙو پاڻ وٽ سنڌ پنجاب ۾ ٿئي ٿو يا جهڙو بمبئي ڍاڪا ۾ آهي. ٿي سگهي ٿو هتي جي ماڻهن کي وري اهو اسان وارو ڪيلو نہ وڻي. هتي ڪيلو ميوي خاطر کائڻ بدران رڌپچاءَ ۾ گهڻو ڪم اچي ٿو. ڪيڪ پيسٽرين، ڪسٽرڊ پڊنگن ۾ ڪيلي کي ڪاتر ڪري وجهڻ کان علاوه ڪيلي جا پڪوڙا ۽ مٺايون پڻ ٺاهيون وڃن ٿيون. ڪيلي کي ٿانڊي تي رکي ڪواب جيان پچائي کائڻ پڻ هتي عام آهي. ڪيلي مٿان اٽي يا سڪل ڊبل روٽيءَ



www.sindhsalamat.com

جي چوري جو ليپ ڏيئي گيهه ۾ فراءِ ڪري پڻ کائين. ڪيلي ۾ ڪافي وٽامن ۽ ڪاربو هائيڊريٽ ٿين ٿا جي انسان جي مڪمل غذا آهن. بصر ٽماٽن وانگر سائو ڪيلو ۽ ڪچو اناناس سلاد ۾ پڻ ڪم اچن. رستالي، اِماس، برنگان، ابو، ايپاح ۽ تندوق هتي جي سٺن ۽ مشهور ڪيلن جا قسم آهن جيئن پاڻ وٽ سنڌڙي، لنگڙو، بيگن پلي، گلاب خاصو، سرولي انبن جا قسم آهن.

ملئي ماڻهو ڪيلي وانگر اناناس کي پڻ ڪيترن ئي ڪيڪن، بسڪٽن، ڪاڌن ۽ سلادن ۾ استعمال ڪن ٿا. اناناس کي ملئي (زبان) ۾ نيناس (Nenas) چون.

مٺائيءَ جو شوقين آئون ٻہ آهيان. سمنڊ تي ٻي ڪا مٺائي يا مٺي شيءَ نہ ملندي آهي تہ ڪٽڪ جي مانيءَ تي کنڊ رکي پولؤ (رول) ٻہ ٺاهي کايو وڃان پر ملئي ماڻهو مٺائي کائڻ ۾ مون کان ٻہ زور آهن. دنيا ۾ هڪ هي ئي ملڪ آهي جتي مٺاين جو ذڪر ناهي. شايد اهو ٻہ هڪ سبب آهي جو مون جهڙو ماڻهو ملائيشيا ۾ وڌيڪ ئي هوملي محسوس ڪري ٿو.

هتي جي مٺاين ۾ سڀ کان آسان_ٺاهڻ توڙي سامان جي خيال کان_کوپري جو مائو سمجهان ٿو. جنهن جي ٺاهڻ جي مختصر ترڪيب هتي لکڻ مناسب رهندي. ٿي سگهي ٿو پڙهندڙن لاءِ ڪارگر ثابت ٿئي جو اها اهڙي مٺائي آهي جنهن لاءِ هتي رهندڙ منهنجي هم وطني پاڪستانين ۽ ٻين ڌارين ملڪن جي ماڻهن جي اها راءِ آهي تہ اها کائڻ ۾ برفي، مائي يا حلوي کان گهٽ ڳري، سستي ۽ سٺي ۽ جلد هضم ٿيندڙ آهي. ٺهيو پڻ جهٽ پٽ وڃي ٿي. ان مٺائيءَ لاءِ هنن شين جي ضرورت آهي:

_ناريل جو سنهو چُورو_چار ڪوپ

_پائوڊر وارو کير_ٻہ ڪوپ

_کنڊ پيٺل_ڏيڍ ڪوپ

_پاڻي_ڏيڍ ڪوپ

خوشبوءِ لاءِ ٽي چار ڦوٽا يا اڌ چمچو ائسنس.

ٺاهڻ جي ترڪيب هن ريت آهي تہ ديگڙيءَ ۾ کنڊ، پاڻي ۽ ڦوٽا وجهي باهہ تي ملائجي جيسين کنڊ ملي وڃي ۽ پاڻي سڪي اڌ جيترو ٿئي. ان بعد کوپري جو چورو وجهي ڏوئي يا چمچي سان ملائجي. جڏهن ناريل جو چورو ۽ پاڻي ملي وڃي تہ ٻن ٽن منٽن بعد پائوڊر جو سڪل کير وجهي تکو تکو ملائجي جيئن کوپرو ۽ کير ملي هڪ ٿي وڃَي. ملي وڃڻ بعد ٻہ اٽڪل ڏهہ منٽ کن گهمائجي پوءِ اهو ڪيرٽيءَ جهڙو مائو ڪنهن وڏي ٿالهيءَ ۾ گيهہ جو مک ڏيئي ٺارڻ لاءِ رکجي. ٺرڻ بعد ڪپ سان برفيءَ وانگر چڪيون ڪجن. فرج جي مٿئين چئمبر ۾ وڌيڪ ٿڌو ڪري کائڻ ۾ وڌيڪ سٺو رهي ٿو.

اهڙي قسم جي هڪ ٻي مٺائي لاهوري گجرن مان ٺهيل پڻ هتي ڏٺم جيڪا بلڪل ڪيرٽيءَ جهڙي ٿئي ٿي. پاڻ وٽ لاهوري گجرن کي ٿانون تي پاڻيءَ ۾ رڌي پوءِ کير سان ڪاڙهو وڃي ٿو. پر هتي چا ڪن جو گجرن کي پاڻيءَ ۾ رڌين. صفا رجهي وڃڻ بعد کين ڇلهي مائي وانگر ڪن. پوءِ ڪجهہ وڌيڪ کير ۽ کوپري جو ٿورڙو چورو ملائي ڪيرٽي جهڙو ڪيو وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com



# ”ناريل_ملئي ماڻهن جي جيءَ جو جياپو“

هن ڪان اڳ ناريل جو ذڪر ڪيو اٿم ته ملائيشيا جا ماڻهو پين شين سان گڏ ناريل به تمام گهڻو استعمال ڪن ٿا.

گهڻا سال اڳ جي ڳالهه آهي، اسان جو جهاز جپان ڏي ويندي ايندي رستي تي ڪولمبو (سري لنڪا جي بندرگاهه) ۾ ڏينهن ٻن يا هفتي ڏيڍ لاءِ ضرور ترسندو هو. ڪولمبو ۾ سيني جا شوق ساڳيا هوندا هئا: سئينامائن ۾ هندي فلمون ڏسڻ، سمنڊ جي ڪناري تي واڪ ڪرڻ ۽ هوٽلن ۾ سامونڊي شيون:مڇي، گانگٽ ۽ ڪيڪڙا کائڻ ۽ ان بعد جهاز تي ورڻ وقت پاڻ سان اناس، پپيتو يا ڪيلو وٺي اچڻ. آخري ڏينهن تي وطن ڏي وٺي هلڻ لاءِ ڏونگهيون، ڏونگهين جو تيل، مسالو ۽ ڪاچا وٺندا هئاسين.

سريلنڪا ۾ ڪوپري (ڏونگهين) جي تيل ۾ رڌپچاءُ ڪن. ڪولبو ۾ دڪانن تي تازي ناريل يا ڏونگهين جي سنهي ڪاتر (چورو) پڻ وڪامي. جيڪو ڏسڻ ۾ ڪير جهڙو اڇو ۽ برف (Snow) جهڙو سنهو سهڻو ٿئي ٿو. سريلنڪا جي ماڻهن ڪي هر وقت اهو وٺندي ڏسي هڪ دفعي اسان به ڳوٺ لاءِ ان چُوري جون ٻه ٽي ٿيلهيون وٺي آياسين. پر ڳوٺ پهچي سمجهه ۾ نه آيو ته ان ڪي ڪهڙي ڪم ۾ آڻجي. ان کان اڳ ناريل جي اها ڪاتر فقط پان وارن کي استعمال ڪندي ڏٺي هئيسين. ان بعد اهو چورو هڪ پنجابي دوست کي ڏيئي آيس جنهن جي فئملي رڌپچاءَ جي ڪم ۾ پڙ آهي. پر افسوس جو انهن وٽ به اهو ناريل جو چورو Disacted-Coconut رکي رکي خراب ٿي ويو.

انهن ئي ڏينهن ۾ آمريڪا مان نڪرندڙ هڪ رسالي “U.S. Lady” ۾ ناريل تي هڪ مضمون پڙهيو هوم، (جيڪو مضمون پوءِ ريدرس ڊائجسٽ رسالي ۾ پڻ ڇپيو هو.) ان ليکڪ ناريل جي ڏاڍي تعريف ڪئي آهي ته هڪ دفعي هو فلپين ۾ ناريل جي وڻن هيٺان ٻيٺو هو ته هڪ باغائيءَ_جنهن پنهنجي سڄي ڄمار ناريل جي وڻن جي سار سنڀال ۾ گذاري هئي، تنهن مٿي آسمان ڏي آڱر سان اشارو ڪري کيس چيو: ”جيترا تون آسمان ۾ تارا ڏسين ٿو، اوترن گهڻن نمونن جا فائدا ۽ ڪاڏي پيتي جون شيون ناريل جي وڻ مان حاصل ٿي سگهن ٿيون.“

اهو پڙهي مون کي تعجب لڳو هو ته تعريف ئي ڪرڻي آهي ته ناريل کان وڌيڪ ان جو حقدار زيتون يا کيدوڙو ٿي سگهي ٿو. پر پوءِ هتي ملائيشيا اچي پنهنجو رايو بدلائڻو پيو. ٿورن ڏينهن ۾ اها پڪ ٿي وئي ته ناريل جو هتي جي ماڻهن جي زندگيءَ سان ايترو ڳانڍاپو اهي جيترو هوا، پاڻي يا ٻي اهڙي اهم شيءِ سان هر انسان جو.

ملائيشيا جي اتراهين رياست ڪيداح ۽ پيرلس کان ڏاکڻي رياست جوهور ۽ پهانگ ٽائين. يا صباح سراواڪ، بورنيو کان منيلا_فلپين ۽ ٿائلنڊ جي ڏاکڻين حصن ٽائين جتي ڪٿي ناريل ئي ناريل نظر اچي ٿو. ناريل بنا هتي جو سامونڊي ڪنارو اڻپورو آهي. ناريل بنا هتان جي شام جا رنگ اڌ ڳابراآهن. ناريل بنا هتان جا ڪاڏا نا مڪمل آهن. گهر گهٽي گهٽي، جهنگل ۾ ناريل جو راڄ آهي.

جيئن اسان جي ڳوٺن ۾ شام جي وقت غريب هارين جي ٻارن جي هٿ ۾ اٽو ۽ ڳاسليٽ جو شيشو هوندو آهي تيئن هتي جي ماڻهن جي هٿن ۾ اڪثر ناريل نظر ايندو. ڪو ڪچا ناريل_ پاڻي پيئڻ لاءِ دڪان کان گهر ڏي کنيو پيو ويندو ته ڪو پڪا ناريل گهران دڪان ڏي چورو ڪرائڻ لاءِ کنيو پيو ويندو. واندڪائيءَ ۾ عورتون پنهنجي گهرن اڳيان ناريل



www.sindhsalamat.com



ڪٽي انهن جا ٻُج (Coir) ويٺيون لاهينديون. جيئن ضرورت وقت باقي سخت کل جو پُڙ لاهي مشين ۾ اچو ناريل چورو ڪرائي وٺجي.

هتي ملائيشيا ۾ پهچڻ سان ئي ٻئي يا ٽي ڏينهن آفيس ۾ هڪ چانهه پارٽي ٿي جنهن ۾ بسڪٽ ۽ سنبوسن کان علاوه ڪيلي جي پنن ۾ سيري جهڙي شيءِ ويڙهيل هئي. هتي جي هڪ ملئي آفيسر مون کي اها کائڻ جي آڇ ڪندي چيو: ”هيءَ ناريل جي مٺائي آهي. تمام سٺي ٿي ٿئي. چکي ته ڏسو.“

سندس سواد ۽ نمونو حلوي ۽ مائي سان مليو ٿي. ان دعوت بعد سگهوئي نوٽ ڪيم ته صبح جو سوير آيل چوڪريون آفيس ۾ ويهي گهران آندل جيڪو پت Nasi-Lemak (ناسي ليما) (ڪ جو اچار گهُٽيل رهي) کائين ٿيون ان ۾ پڻ ناريل جو کير مليل ٿئي ٿو. بلڪ اهو پت رڌبو ناريل جي کير ۾ آهي. خاص ڪري نيرن تي اهو پت کائين.

وقت گذرڻ تي ڪيترن ئي دعوتن ۾ ڪيترن ئي قسمن، سوادن ۽ شڪلين جون ناريل جون مٺايون ڏسڻ/ چکڻ جو موقعو مليو. ان بعد ته پوءِ هوٽلن ۾، شهرن ۽ ڳوٺن جي دڪانن تي، بسن ۽ بس اسٽاپن تي، هتي جي ريل گاڏين ۽ هوائي اڏن تي ڪيترن ئي قسمن جا ڪاڏا ۽ مٺايون نظر آيون جيڪي ناريل مان ٺهن ٿيون.

ناريل رڌپچاءَ کان علاوه ٻين به ڪيترن ئي ڪمن ۾ اچي ٿو. ناريل جا مٿيان ٻُجَ (Coir) واڻ، ڏاڳن ۽ رسين ٺاهڻ لاءِ ڪم اچن ٿا ۽ ٻاهر وڃن (ايڪسپورٽ) لاءِ ملاڪا، پورٽ ڪلانگ ۽ پينانگ جهڙا بندرگاهه ان وکر سان پريا پيا آهن. ناريل جا اهي ٻُجَ ٻارڻ ۽ ڪوچن، گاديلن ڪي پري ٿلهو ۽ نرم ڪرڻ جي ڪم پڻ اچن ٿا. ناريل جا پيا به ڪيترائي ڪم ۽ فائدا آهن اهي ناريل جي ملڪن ۾ رهي ماڻهوءَ کي پروڙ پوي ٿي. لڪين ماڻهو ناريل جي وڻ کي زندگي ڏيڻ جو وڻ سڏين ٿا جيئن هندو ڳئون ماتا کي ۽ مصري نيل نديءَ کي سڏين ٿا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هي وڻ قدرت طرفان هن پاسي جي ماڻهن لاءِ اينئن وڏي نعمت آهي جيئن عربن لاءِ اٺ ۽ سنڌين لاءِ سنڌوندي.

هڪ هتي جي رهاڪو چينيءَ فخر مان چيو: ”ناريل کان علاوه ٻيو ڪهڙو وڻ آهي جيڪو نه فقط توهان کي گهر ٺاهڻ جو سامان مهيا ڪري ٿو پر گهر لاءِ فرنيچر پڻ: بسترا، گاديلا، ڪرسيون، گلما، ٻهارا، ڪوپ ساسرون_ويندي صابڻ ۽ ٽٿ برش تائين مهيا ڪري ٿو.“ هن سگريٽ جي فلٽر ڏي اشارو ڪري چيو، ”هي به ناريل جي ٻج مان ٺهيل آهي.“

ناريل جي وڻ جا پن يا ناريل جا ٻُج (وار) ٻاري گهر کي سياري ۾ ڪوسو رکي سگهجي ٿو ۽ اونهاري ۾ ان جي ڇانوَ يا ڇپر ۾ ويهي ٿڌڪار وٺي سگهجي ٿي ۽ پنن مان پڻ وڃڻو ٺاهي هوا هٽي سگهجي ٿي. ٻارڻ ۽ ٿڌڪار کان علاوه ناريل جو وڻ اسان کي روشني پڻ مهيا ڪري ٿو. ناريل جي اڌ خالي ڪوپي ۾ ناريل جو تيل (Coconut-Oil) وجهي، ناريل جي ڪوندي جي وٽ کي ٻاري گهر کي روشن ڪري سگهجي ٿو. واقعي ٻيو ڪهڙو وڻ آهي جيڪو سڄي ڪٽنب لاءِ ڪپڙا مهيا ڪري. جيڪو مهاڻن کي پنهنجيون ٻيڙيون ٺاهڻ لاءِ سمورو سامان ڏئي. نه فقط ٻيڙي ٺاهڻ لاءِ ڪاٺ پر سڙهه، ڪوها، رسا، مڇين ڦاسائڻ لاءِ ڄاريون ۽ ڏوريون پڻ. ناريل جو وڻ نه فقط توهان کي ڪاڏي پچائڻ ۾ ڪم اچي ٿو پر پچائڻ لاءِ ڪاڏو به ڏئي ٿو. پيئڻ لاءِ قسمين قسمين پاڻي/ کير_جنهن ۾ تمام گهڻي طاقت (وٽامن) موجود آهي. ناريل اهڙو وڻ آهي جنهن تي توهان سڄي ڄمار جيئرا رهي سگهو ٿا.

هوني ڪن ڪن جو اهو به چوڻ آهي ته ناريل جو وڻ صحيح معنيٰ ۾ وڻ جي ڪوڙي ۾ ٿو اچي جو هن کي ٻين وڻن وانگر نه ٽاريون آهن نه چوڏو. ٻين وڻن جو ٿڙ متي ويندي وقت سنهو ٿيندو آهي پر ناريل جو ٿڙ ذري گهٽ هڪ ئي گهير جو ٿئي



www.sindhsalamat.com

ٿو. بهرحال ٻين وڻن جي ٿڙ جي ٿهن کي ڳڻي سندن عمر ٻڌائي سگهجي ٿي پر ناريل جي عمر سندس ٿڙ تان ڇڻيل پنن جي نشانن مان لڳائي سگهجي ٿي. هڪ پن جو سنڌو هڪ مهيني برابر. ناريل جي ٿڙ تي اهڙا ٽيهه مهينا_ٽي سال پراڻو وڻ.

ناريل جو وڻ سال ۾ هڪ دفعو ڦر جهلي ٿو. پوءِ اهو چاهي ڪچو پڃي يا پچي وڃڻ بعد ڪجهه عرصي کان پوءِ سال تائين اهو ڦر وڻ ۾ لڪندو رهي ٿو. جڏهن وٽي ڇاڻي ڪائجي. يا سندس پاڻهي ڪرڻ جو انتظار ڪجي.

ناريل جو پاڻي ۽ گودو سنهي ۽ سخت گول کل اندر ٿئي ٿو. ان سخت کل مان سريلنڪا، ٿائلنڊ ۽ سنگاپور پاسي جا ماڻهو مختلف رانديڪا سووينر: ٻتين جا شيڊ، ائش ٽري ۽ ٻيو ڪٽ ورڪ جو سامان ٺاهي وڪڻن. ان کوپي کي پورو اڌ ڪرڻ سان ڪٽورو يا ڏنڊو ٻڌڻ سان ڏوئي ٺهيو وڃي. ڪيترن هنڌن تي ان کي گهڙي ۽ ڪتري چمچا ۽ ڪانٽا به ٺاهيا وڃن ٿا. هڪ ٻن هنڌن تي ان ٻاهرين سخت ناسي کوپي جو ڪٽليون به نظر آيون. گهڻو اڳ ڪولمبو مان ان کوپي جا ٺهيل ٻه سووينر (رانديڪا) ورتا هيم. هڪ ته موٽر سائيڪل هئي جنهن تي ٻئي کوپي مان ٺهيل رڇ ويٺو هو. ۽ ٻيو پولڙن جو هو جيڪي گڏ ويٺل هئا. اهو رانديڪو ٻن اهڙن ناريلن مان ٺهيل هو جيڪي قدرتي طرح هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هئا_جيئن پاڻ وٽ ڪيترائي ٻتا انب يا زيتون نظر ايندا. ان ناريل جي رانديڪي اندر پاڻي به موجود هو ۽ لوڏڻ مهل سندس آواز ٿيو ٿي. نه ته پاڻي اڪثر انجيڪشن (سئيءَ) ذريعي اندران ڪڍي وٺندا آهن. ان ٻٽي ناريل جا سڀ وار (ٻُج) پٽيل نه هئا. پولڙن جي مٿي تي وار ڇڏيل هئا ۽ لڳو ٿي ته ڄڻ پولڙن جا اصلي پورا وار هجن.

ناريل جي سخت کل مٿان جيڪي اهي وار ٿين ٿا تن جا ڪيترائي فائدا مٿي اچي ويا آهن. هڪ ٻيو هينئر ياد پيو اچي. هڪ دفعو چٽا گانگ ۽ چالنا بنگلاديش (تن ڏينهن ۾ اپرندو پاڪستان) مان ناريل جا اهي وار ۽ ڏيڏرن جو ٽنگون جهاز جي ٿڌن اسٽورن ۾ فريز ٿيڻ بعد بيلجم ۾ لاٽيوسين_جو اهي بيلجق ماڻهو شوق سان کائين ٿا. بلڪ کائڻ وارن جو چوڻ آهي ته ڏيڏرن جو ٽنگون تتر وانگر لذيذ آهن. ناريل جي وارن جون آنڊل ڪئين سَوَ ڳنڙيون جرمنيءَ ۾ کهڙي ڪم اچن ٿا. وراڻيائين ته انهن ڪرسين جي گاديلن ۾ وجهندا آهن. خاص ڪري واڪس وئگن ڪار وارا پنهنجن ڪارين جي سيٽن ۾ هي ٻج ۽ ربڙ (Latex) ملائي استعمال ڪن.

ناريل جي ناسي پوري مظبوط کوپي اندر ناريل جي عمر مطابق پهرين کير، پوءِ گودو، ۽ پوءِ پاڻي ۽ سخت اڇو ناريل ٿئي ٿو. پنجن مهينن جي ناريل اندران پاڻيءَ جا ٻه پريل گلاس نڪري سگهن ٿا. ناريل جو پاڻي صاف، شفاف ۽ ٿڌو ٿئي ٿو. ڪيمياگرن جو چوڻ آهي ته منجهس گهٽ ۾ گهٽ ٻه چمچا کنڊ جا مليل ٿين ٿا. ان کان علاوه منجهس وٽامن ۽ معدني شيون (Minerals) موجود آهن. ۽ اهو پاڻي بنا جراثيمن جي(Sterilized) ۽ نج ٿئي ٿو. ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ ٻنهي ڌرين_آمريڪن ۽ جپاني ملٽري ڊاڪٽرن گلوڪوس جي ٿيلهين جي کوٽ ڪري امرجنسيءَ ۾ ناريل جو پاڻي مريضن جي نسن ۾ ڊرپ طور استعمال ڪيو هو. ناريل کي وڻ ۾ ڇڏي ڏجي ته اهو اڳتي هلي جيليءَ جهڙو ٿيو پوي ۽ ٻارهن مهنن اندر هي لئه دار پاڻي ڄميو سخت ٿيو وڃي. جنهن کي توهان چڪ هڻي کائي سگهو ٿا. هتي ملائيشيا ۾_(۽ ٿائلنڊ ۾ پڻ) عورتون ان ناريل کي نپوڙي منجهائس ڏڌوري جهڙي نڪتل مال مان ڪيترن ئي قسمن جون چٽڻيون، سُرڪا ۽ مٺايون ٺاهين. ٽئي تي رکي باهه تي ڪاڙهڻ سان منجهائس رڌ پچاءُ جو تيل، ٻارڻ جو تيل، مختلف لوشن ٺهي سگهن ٿا يا ڦلهير سان ملائي صابڻ پڻ ٺاهي سگهجي ٿو. تجارتي استعمال لاءِ ناريل کي اڌ ڪري سڪائبو آهي. سڪل ناريل کي ڏونگهيون سڏجي ٿو. ڏونگهين جي ڪاتر ڪاڏن ۾ وجهبي آهي يا ان کي گهاڻي ۾ پيڙهي منجهائنس کوپري جو تيل ڪڍي سگهجي ٿو. اهو تيل خوشبوئن، گليسرين، دوائن ۽ ٻين ڪيترن ئي شين ۾ استعمال ٿئي ٿو. ڦٽ ڦرڙي، رهڙ رانبوٽي ۽ سردي کان ٿيل خشڪيءَ لاءِ به استعمال ٿئي ٿو ته شيونگ ڪريم، آئس ڪريم کان وٺي رنگ روغن ۾ پڻ ملايو وڃي ٿو. سڀ کان گهڻو ڏونگهين جو تيل هندوستان ۾ هندو استعمال ڪن ٿا_خاص ڪري ويجيٽرينين (ڀاڄيون کائيندڙ) هندو.



www.sindhsalamat.com

ڏوگهين ڪي پيڙي تيل ڪڍڻ بعد جيڪو ڪڙ بچي ٿو ان ۾ به تمام گهڻي پروٽين ۽ ڪنڊ ٿئي ٿي ۽ ان جو گهڻو استعمال ڪڪڙين ۽ جانورن جي کاڌي (Feed) ۾ ڪيو وڃي ٿو.

ڏنو وڃي ته ناريل جي وڻ جي ڇمار ماڻهوءَ جي وهيءَ سان گهڻو ملي ٿي. ناريل جو وڻ مرد وانگر ٻارهن تيرهن سالن جو ٿي پوءِ صحيح جوان ٿئي ٿو. ناريل ان کان اڳ جيتوڻيڪ ٿورو گهڻو ڦر ڏئي ٿو پر صحيح معنيٰ ۾ ٻارهن تيرهن سالن جو ٿي پوءِ ڏئي ٿو ۽ پري پري جهوليون ناريلن جون ڏئي ٿو تان جو جيسين سٺ سالن جو وڃي ٿئي. پوءِ پيري واسو ڪريو وڃينس ۽ آهستي آهستي ختم ٿيو وڃي. اسي يا نوي سالن تائين پهچڻ تي مريو وڃي.

ناريل جو اصلي گهر هي ڏيهه آهي_يعني ڏکڻ اوڀر ايشيا جا ملڪ: ملائيشيا، انڊونيشيا، ٿائلنڊ، فلپين وغيره. پر اڄڪلهه ناريل دنيا جي ڪيترن ئي سامونڊي ڪنارن ۽ ٻيٽن تي عام ٿي ويو آهي. جنهن ۾ نه فقط انسان ذات جو هٿ آهي جنهن ان جو ٻج هڪ هنڌان ڪٽي ٻي هنڌ پوکيو آهي، پر ان ۾ سمنڊ جو پڻ وڏو هٿ آهي. ڇو جو هڪ ڳالهه آهي ته ناريل جي وڻ کي سمنڊ سان ڏاڍي دل آهي. جيتوڻيڪ ناريل جي پوک لاءِ سمنڊ ضروري ناهي پر توهان ڏسندائو ته ناريل سمنڊ جي ڪنارن وارن ملڪن ۾ جام ٿئي ٿو. جيئن پنهنجي ملڪ ۾ ناريل جي پوکجي ته دادو، حيدرآباد ۾ به ٿي سگهي ٿو. پر گهڻو ٺٽي ڪراچيءَ ۾ نظر ايندو جتي سمنڊ آهي.

سامونڊي ڪنارن تي پوکيل ناريلن جو ڦر ڪڏهن سمنڊ ۾ ترندو وڃي ٻين ملڪن ۾ پهچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ناريل اڄڪلهه نه فقط ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن ۾ آهي پر ماريشش، مالا گاسي، ٽرينڊاڊ، ڪيوبا ٻين آفريڪي ٻيٽن ۽ ڪنارن کان وٺي برمودا، باهاما، فجي ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪئريبن سمنڊ جي ٻيٽن ۽ ڪنارن تي پڻ موجود آهي ۽ ڏينهون ڏينهن هن ميوي ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي.

## ”ٿائيپوسام ۽ پونگال“

آفيس جي ڪنهن ضروري ڪم سان هڪ دفعي ڪار رستي ملائيشيا کان سنگاپور پهتس. مون سمجهيو ڪلاڪ ڪن ۾ واندو ٿي پوءِ شهر مان ٻه ٽي چار پنهنجا ڪم به لاهي وٺندس. پر آفيس جي ڪم پٽيان هڪ بدران ٻه ٿي ڪلاڪ لڳي ويا ۽ آئون سوچيندو رهيس ته هاڻ مڙني ڪمن ۾ جيڪو هڪ اڌ ڪم اهم هجي اهوئي لاهيندو هلان. يا ته نارٿ برج روڊ ڏيئي هاءِ اسٽريٽ تان هلي ڪپڙا خريد ڪجن، يا سرنگون روڊ تائين هلي ڪنهن هوٽل تان ماني کائي پوءِ گووندا سواميءَ جي دڪان تان گهر لاءِ سيڌي جو سامان: پاڪستاني چانور، ڪابلي چڻا،هندستاني مصالو وٺي موٽجي. هي اهي شيون آهن جيڪي ملائيشيا ۾ نه ٿيون ملن يا مهانگيون آهن. يا اڃان به گهٽ وقت بچيو ته شهر ڏي وڃڻ بدران_ يعني هاءِ اسٽريٽ يا سرنگون روڊ ڏي وڃڻ بدران، پويان پير ڪجن ۽ رستي تي بڪت تيماح پلازا يا ووڊ لئنڊس مان ٿائي چانور يا ڪلڪتي وارا ڪجھ گهٽ اوچا چانور ۽ ٻيو سامان وٺي ملائيشيا موٽجي.

آفيس جو ڪم ختم ٿيڻ بعد ٻاهر روڊ تي نڪري جائزو وٺڻ لڳس. سامهون کان انڊين هڪ تامل مدراسي جوڙي کي بيهاري رستي جي پڪ ڪيم:

”معاف ڪجاءِ يار! هي ٽئنهلن روڊ اڳيان وڃي، ڪٿان ٿو نڪري؟“



www.sindhsalamat.com

”ساري! آئون هتي جو نہ آهيان. آئون سريلنڪا جو رهاڪو آهيان هيءَ منهنجي زال جيتوٽيڪ هتي جي سنگاپوري آهي پر رستن کان اڻڄاڻ آهي.“

جيئن ڪراچيءَ جي مڪرانين کي گهڻو تڻو فقط پنهنجو علائقو: چاڪيواڙو، بغدادي، لي مارڪيٽ، موسيٰ لين ۽ ان جا رستا ياد هوندا آهن اهڙي طرح سنگاپور جي مدراسين (ڏکڻ هندوستانين) کي بہ سنگاپور ۾ فقط پنهنجا ئي علائقا ياد آهن: سرنگون روڊ، ٽئنڪ روڊ، ڪربائو روڊ، بفلو روڊ وغيره_جتي جو جهڳٽن ۾ رهن ٿا، يا سندن مندر آهن. انهن کان علاوه پئي شهر جي رستن جي خبر ڪنهن ورلي کي هوندي آهي_جيتوٽيڪ هو پيڙهين کان شهر ۾ رهيا پيا آهن.

ٿوري دير ڪار جي پر ۾ بيهي پئي همراهہ جو انتظار ڪيم. جيڪو پڻ پهرين وانگر شڪل شبيهہ ۾ ڏکڻ هندستاني هو ۽ اهو بہ سنگاپور جو ئي رهاڪو ٿي سگهيو ٿي_جو تہ سنگاپور ۾ جيڪي چار قومون رهن ٿيون انهن ۾ تامل بہ هڪ آهن. پر هن دفعي پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيومانس:

“Are you from Sinapore?”

”ييس! مان توهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟ پئسا متائنا آهن_؟“ هن ڏاڍي نئڙت ۽ تحمل سان پڇيو. سنگاپور جي ماڻهن جي اها نئڙت واري ڳالهہ مون جهڙي هر پليل مسافر/ پرديسيءَ کي متاثر ڪري ٿي.

”اڳتي رستو ڪيڏانهن وڃي ٿو؟“

مون پڇيومانس.

”اڳتي جي تہ خبر ناهي تہ ڪٿي وڃيو دنگ ڪري پر هن کان پوءِ وارو رستو آرچرڊ روڊ آهي. هونءَ توهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟“ هن پڇيو.

”مون کي وڃڻو تہ واپس جوهور بارو (ملائيشيا) ڏي آهي. بڪت تيماح روڊ ڏيئي، پر جي آرچرڊ روڊ اتي ويجهو آهي تہ پوءِ اهو وٺي ڪجھ اڳتي براس بساح روڊ تان ڪجھ ڪتاب وٺڻ لاءِ وڃڻ ٿو چاهيان.“

هن ڪلي موڪلايو ۽ دل ئي دل ۾ مون ڪيس ٿئنڪ يو چيو ۽ سندس چيني پرائيم منسٽر لي ڪئان ييو کي پڻ_جنهن بين ماڻهن کي تہ ڇا، سنگاپور جي چينين کي بہ سڌاري ڇڏيو آهي ۽ ڪافي حد تائين نياز ۽ نئڙت سيکاري ڇڏي آهي.

براس بساح سنگاپور جو پراڻو ۽ مشهور روڊ آهي جنهن تي هن بيٽ کي ليڻ واري انگريز حاڪم_سر استلمئنفورڊ رائفلس جي نالي واري رئفلس هوٽل پڻ آهي. ان جي پر سان ئي براس بساح نالي ڪتابن جي ويهہ پنجويهہ کن دوڪانن جو ڪامپليڪس آهي. مون بيا ڪم پاسيرا ڪري ان تان ڪجھ ڪتاب وٺي جلدي موٽڻ چاهيو ٿي. پنهنجي پراڻي ڪار ۾ ويهي انجڻ کي اسٽارٽ ڪيم. ڇڱو جو بہ چار ڏينهن اڳ ملائي ٽيل پويان پئي ٽائر متائي نوان وجهرايا هئم نہ تہ سنگاپور جهڙي تيز رفتار شهر مان هلندي خوف رهڻ هڪ عام ڳالهہ آهي تہ متان ڪو ڦيٿو اوچتو ڦاٽي پوي تہ پويان انيدڙ سچي ٽرئفڪ جام ٿي ويندي. پنهنجي پراڻي ڪار جي انجڻ کان پڻ مطمئن هوس تہ دوکو نہ ڏيندي. جيتوٽيڪ پلگ ۽ سائلنسر صحيح نہ هجڻ ڪري ڪجھ دونهون ۽ آواز ڪري رهي هئي. پر جيسين جپان وانگر سنگاپور وارا دونهاٽيل ۽ گوڙ وارين گاڏين تي بندش ٿا هڻن تيسين منهنجي ڇهہ سال پراڻي ماڊل واري ڊاٽسن ڪار بنا ڪنهن ڊپ ڊاءِ جي بارڊر ٽپي ملائيشيا کان سنگاپور اچي وڃي سگهي ٿي. اها پي ڳالهہ آهي تہ هر دفعي سنگاپور جو بارڊر ٽپڻ وقت آرسيءَ ۾ ضرور ڏسندو



www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪام

آهيان ته ڪٿي پوليس وارو سڌ ڪري چئي ته تتو ته هن ڪار کي پنيان ملائيشيا ۾ ئي ڇڏي پوءِ باربر ٽپ جو سندس سهڻي ملڪ سهڻين گهٽين جو نظارو مون واري پراڻي ڪار خراب ٿي ڪري.

ٽنگلن روڊ تان سڌو ڊرائيو ڪندي مارڪو پولو هوٽل وٽ هڪ ويڪرو رستو ڪراس ڪري ٿو جنهن جي ساڄي پاسي وارو حصو گرينگ روڊ آهي ته کاٻي پاسي وارو نيپيئر روڊ_انگريزن جو اهو هيرو اسان جي سنڌ تي 1843 ع ۾ حملو ڪيو.

ٽنگلن روڊ ٿورو اڳيان وڃي وڃڻ تي ڪانٽيننٽل ۽ منگ ڪورٽ هوٽل وٽ ٽهيل سگنل کان پوءِ اهو رستو آرچرڊ روڊ سڏجي ٿو_جيڪو سهڻن ۽ وڏن ڊپارٽمينٽل اسٽورن ۽ هوٽلن کان مشهور آهي. سگنل کلڻ تي سنگاپور جي ٽرئفڪ وري درياهه وانگر وهڻ لڳي ٿي_بنا بيهڪ جي، لس ئي لس. هلٽن ۽ ڊانيسٽي هوٽلن، ٽنگ ۽ لڪي پلازا اسٽورن بعد ان ٽرئفڪ جي وهڪري ۾ اوچتو ئي اوچتو سستي اچي ويئي ۽ گاڏيون ٿورو چري وري بيهي ٿي رهيون ۽ نيٺ فونيڪل هوٽل وٽ سڄي ٽرئفڪ بيهي رهي پوءِ ٿوري ٿوري دير بعد رکي رکي گاڏيون جونءِ وانگر ٿورو رڙهي وري اتي جو اتي بيهي ٿي رهيون. سمجهه ۾ نه پئي آيو ته اڳيان ڇا ٿيو آهي جو گاڏين جو قطارون ٿهي ويون آهن. شايد پنهرن جي مانيءَ جو وقت (Lunch-Hour) آهي، ان ڪري. پر سنگاپور ۾ ته اهڙو بندوبست آهي جو صبح جو آفيس ٽائيم تي به ٽرئفڪ ايتري جئم نٿي ٿئي.

نيٺ جڏهن ڏهه پندرهن منٽ تي ويا پر اسان جو معمولي چرڻ به نه ٿيو ته پڪ ڄاتم ته اڳيان ڪو حادثو ٿيو آهي. پر سنگاپور ۾ ان ڳالهه لاءِ به اهڙا بندوبست ٿيل آهن جو هڪدم ڪرين يا ٽرڪ حادثي ٿيل گاڏيءَ کي رستي تان ڇڪيو وڃي جيئن ٻين لاءِ رستو هڪدم صاف ٿي وڃي. آرچرڊ روڊ ختم ڪري ڪار براس بساح روڊ مس مس پهتي ته خبر پيئي ته پري کان جلوس اچي رهيو آهي. جنهن ڪارڻ ٽرئفڪ جئم ٿي ويئي آهي.

ڪارا تامل (ڏکڻ هندوستاني) انگوڇا ٻڌي مٿي تي ڪجهه تابوت نما شيءِ کڻي اسان ڏي وڌي رهيا هئا. تابوتن مٿان سوين مور کنبي لڏي رهيا هئا. يڪدم سمجهه ۾ اچي ويو ته هي هندن جو ڏينهن ٿائيپوسام آهي_جيڪو گناهه بخشائڻ ۽ سڪائون پوريون ڪرڻ کان مشهور آهي. مرد مختلف بتن (ديوتائن) جون مورتيون يا ٻيو سامان ننڍڙن ڏولين ۾ مٿي تي رکي هلندا آهن جن کي ڪا واتي (Kavadi) سڏجي ٿو. ان ڪاواتيءَ کي تارن سان ٻڌي انهن جا پوچڙ سنوان سڌا، يا وري ڪنڊن يا سوئن ذريعي ڪاواتي ڪنڊڙ جي جسم ۾ ٽنبيا ويندا آهن. اهي سوئا ۽ ڪنڊا جسم ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ٽنبيل هوندا آهن_خاص ڪري ڇاتي ۽ پٺ ۾. ڪي ڪي ڪاواتي ڪنڊڙ ماٺهو ته اهي سوئا ڳلن، ڇپن ۽ وينڊي جي مان به آرپار لنگهائي هلندا آهن.

هن کان اڳ مون به رڳو پڙهيو هو ته هن پاسي ڏکڻ هندستان جا هندو (Thaipusam) وڏي زور شور سان ملهائين ٿا ۽ سنگاپور ۾ ان ڏينهن تي ڪاواتيون ڪنڊڙن جو جلوس سرنگون روڊ تي ٺهيل پيرونمل مندر کان نڪرندو آهي ۽ ٽئنڪ روڊ تي ٺهيل هڪ ٻئي مندر تي وڃي ختم ٿيندو آهي. پر ڏٺو ڪڏهن به نه هوم. هن دفعي اتفاق اهڙو ٿيو جو هڪ ڏينهن اڳ سرنگون روڊ تان هڪ مدراسيءَ جي دڪان تان مٺائي (لڏون، کير پڙا، ميسو پاڪ ۽ جليبيون) وٺندي اندين دڪاندار کان سامهون آچار واري دڪان جي بند هجڻ جو پڇيو هوم ته هن ٻڌايو هو: ”آچر جي ڏينهن جي موڪل ڪري اسين به دڪان بند رکندا آهيون. پر اڄ رڳو ان ڪري کوليو اٿم جو سڀان وري اسان جو مذهبي ڏينهن آهي جنهن ڪري سڀان به بند رکڻو پوندو.“

پر ان وقت به مون کي ياد نه رهيو ته ٻئي ڏينهن ٿائيپوسام آهي جيڪو سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾ ڏياري ۽ هوليءَ وانگر وڏي پيماني تي هندو ملهائين ٿا_خاص ڪري ٿائيپوسام جو جلوس ٽيڻ ڪري سڀ ڏسن ٿا. اهي ماڻهو مٿي تي ڪاواتيون



www.sindhsalamat.com

رکي هلندا آهن جن ۾ ڇگو بار هوندو آهي ۽ انهن جون رسيون لوهي سوئن سان جسم ۾ کهيڙي ٽتل رستن يا مينهوڳيءَ جي صورت ۾ گپ واران رست تان سچو سچو ڏينهن پيرين اگهاڙا هلندا آهن. وري ٻي سال ٿاپوسام لاءِ ساڳيا يا نوان ماڻهو ڪاواڙي ڪڻڻ جي سُکا ڪندا آهن. نہ فقط هندو پر ڪڏهن ڪڏهن هتي جا ڪي چيني يا ڏاريا پڻ. جيئڻ واپس ملائيشيا ۾ اچي خبر پيئي تہ ڪوالالمپور ۾ هڪ آسٽريلين همراهہ ڪارل بيلي، ان موقعي تي ماڻهن جي نظر جو مرڪز رهيو. هي همراهہ 1976ع کان 1979ع تائين ڪوالالمپور ۾ آسٽريليا جي هاءِ ڪميشن ۾ هو. اُتي هڪ دفعي ماڻهن کي باٽو_چُرن (Batu-Caves) ڏي همت ۽ صبر سان اهي ڪاواڙيون کڻي ويندو ڏسي پاڻ بہ ڪا سُکا ڪيائين تہ اها پوري ٿئي تہ پنجن سالن لاءِ هر ٿائيپوسام واري ڏينهن اچي ڪاواڙي ڪڻندو. سو اڄ ڪلهہ آسٽريليا کان خاص هلي ملي ملائيشيا ۾ اچڻ جو سندس اهو ئي سبب هو. هتي جا غريب ڏکڻ هندستاني هندو_جسم ۾ سڪل ۽ رنگ ۾ ڪارا، پنهنجي وچ ۾ هڪ ٿلهي متاري قداور ۽ ڳاڙهي اچي رنگ جي ولائتي ماڻهوءَ کي ڏسي خوشيءَ مان ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيا. ڪنهن چرچي ۾ چيو: ”ڏاڍو سٺو ٿيو. لارڊ موروگا يا ديوتا سبرانيم_جنهن کي ريجهائڻ لاءِ هي ڪشٽ ڪشالا سَٺا وڃن ٿا، اهو ريجهي يا نہ پر هي آسٽريلين راڻو تہ سرچي، ڳاڙهو تلڪ هٽي انگوچو پائي، پير اگهاڙا ڪري، منجهائن هڪ ٿيو پيو هلي.“

متي تي ڪاواڙي رکي هلڻ کان علاوه ننڍڙا_منجيءَ جيڏا گاڏا (Chariot) پڻ ڇڪيا ويندا آهن. سنگاپور ۾ ان وقت براس بساح روڊ تي هڪ همراهہ هڪ اهڙو گاڏو ڇڪيو پئي ويو جنهن تي سندن گنيش ديوتا ويٺل هو. اهو گاڏو هٿن سان نہ پر ڪاواڙيءَ وانگر سنهين لوهي تارن سان ڇڪبو آهي جن تارن جو هڪڙو پاسو تہ ان گاڏي ۾ ٻڌل هوندو آهي ۽ ٻيو ڇڪيندڙ جي پٺيءَ جي کل ۽ گوشت ۾ ڪنڊين ذريعي ڦاٿل هوندو آهي. اهڙا گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ ڪن مڙيل ڪنڊيا ان ڇڪيندڙ همراهہ جي پٺيءَ ۾ ٽنبيل هئا ۽ منهن مٿو سڄو پيوت ٽيل_چڻ، ميٽ يا ڪنهن ٻئي پوري مان. سندس اڳيان پويان ويهہ پنجويهہ پيرين اگهاڙا ڪفنين ۾ مرد ۽ ٽڪن رنگن جي ڪاٽن جي ساڙهين ۾ عورتون هيون. سخت گرميءَ کان پگهر سندن جسم تان ٽمي رهيو هو_۽ پان جي پڪ چپن جي پاسن کان. پر ”ويل“ ”ويل“_مرحبا، مرحبا جا نعرا هڻندا ڪاواڙي ڪڻندڙن کي همٿائي ايڏانهن ساڄي پاسي_آرمينين اسٽريٽ يا پينانگ روڊ ڏي مڙيا پئي. هڪ ميڙ جي پويان ٻيو ۽ ٻئي پويان ٽيون ميڙ هو.

ائين جسم ۾ تارون ٽنبي ڪاواڙيون يا گاڏا ڪڻڻ وارا هڪ نہ ٻہ نہ پر ڪيترائي هوندا آهن. سڀ کان گهٽا (ٻئي ڏينهن اخبار ۾ آيو تہ) ڪوالالمپور ۾ هئا. اتي اٽڪل ٻہ هزار کن ماڻهن بدن ۾ اهڙيون تارون ٽنبي باٽو چرن ۾ ٿهيل شري موروگا مندر ۾ آيا هئا. هر هڪ ڪاواڙي ڪڻندڙ سان گڏ سندس مائٽ، دوست هوندا آهن. انهن ۾ جوڪريون ديوتا سندرامنيم کي آڇڻ لاءِ کير يا ماکي، کنڊ، ڳني جي رس، ۽ ڏونگهين سان پريل لوٽا ۽ ٿالهہ کڻي هلنديون آهن. آسٽريلين همراهہ ڪارل بيليءَ سان گڏ سندس ڏيءَ ۽ زال کير جو لوٽو کڻي هلي رهيون هيون_جنهن کي پڻ ڪاواڙي سڏين.

ملائيشيا جي هڪ ٻئي وڏي شهر اپوح (Ipoh) ۾ اٺ سئو کن ماڻهن، پنهنجيون سکائون پوريون ڪرڻ لاءِ اهي ڪاواڙيون کنيون. ان شهر ۾ اهو جلوس جالان (شاهراهہ) سنگائي پاري تي ٿهيل مندر مارياماني تان شروع ٿيو ۽ پنجن ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئي ڪري جالان راجا تان شروع ٿيو ۽ پنجن ڪلوميٽرن جو مفاصلو طئي ڪري جالان راجا موسيٰ عزيز (پراڻو ائنڊرسن روڊ) تي سبرانيم مندر تي ڇوڙ ڪيو.

انهن جلوسن ۾ نہ فقط عام ماڻهو پر وڏا وڏا ماڻهو پڻ_مذهب يا مشهوري کان اچيو نڪرن. ڪوالالمپور واري جلوس ۾ ملائيشيا جو ورڪس منسٽر_مسٽر سئمي ويلو پڻ هو جيڪو اصل تہ ڏکڻ هندستاني جو تامل هندو آهي پر سندس ابا ڏاڏا سالن کان ملائيشيا ۾ اچي رهيا ان ڪري هاڻ هو ملائيشيا جي قوميت رکي ٿو ۽ ملائيشيا جو انڊين سڏجي ٿو. ان کان



www.sindhsalamat.com

علاوه هائوسنگ ۽ لوڪل گورنمينٽ جو ڊپٽي وزير ايس. سبرانيم، صحت جو ڊپٽي وزير داتڪ.ڪي پائمانابان ۽ ٻيا ڪيترائي ڏسڻ وارا ۽ فوٽو گرافر هئا_خاص ڪري يورپ، آمريڪا پاسي کان آيل همراهه تماشو ڏسڻ لاءِ قطارن ۾ بيٺل هئا. آءُ به جڏهن هڪ ٻن اهڙن ڪاواڙي (Kavadi) کڻڻ وارن جي ويجهو لنگهيس ته ڪار کي بيهاري ڪين چتائي ڏسڻ لڳس. سوئا ۽ تارون سندن ڇاتي ۽ پٺيءَ جي کل ۽ گوشت مان ائين ٽي لنگهيا جيئن مڇيءَ جي وات مان ڪنڊيو آر پار لنگهي. پر اهو واقعي صحيح آهي ته انهن هنڌن تان رت بنهه ٿو نڪري_يا اڳهين ان کي سڪايو وڃي ٿو. يا ڪي اهڙيون دوائون ۽ ديسي نسخا استعمال ڪيا وڃن ٿا. ملاڪا جي ملٽري اسپتال جي ڊينٽل سرجن_ميجر داس سان ان بابت ڳالهه ٿي ته هن ٻڌايو:”سمجھ ۾ نٿو اچي. ميڊيڪل سائنس ۾ ته اهڙي ڳالهه نا ممڪن آهي ته ڪنهن جي جسم ۾ ڪپه، ڪانٽو يا ڪنڊيو چيڀجي پر رت نه نڪري. پر اها ڳالهه آهي جو جيڪي ماڻهو ٿائيپوسام واري ڏينهن تي ڪاواڙي کڻن ٿا، اهي ان ڏينهن جي تياري مهينو کن اڳ کان ڪن ٿا. پوءِ انهن کي Diet _ بک تي رکيو وڃي ٿو، يا فقط ڀاڄيون ڪارايون وڃن ٿيون ۽ ڪجھ جڙيون ٻوٽيون ۽ گلن ٻوٽن جو تت پڻ. آئون ته ڪرسچن آهيان پر منهنجي ماءُ هندو آهي ۽ هن پڻ ڪا سُڪا پوري ٽين تي چار سال اڳ ڪاواڙي کنئي هئي، پر بدن مان رت ڦڙو به نه نڪتو هوس.“

آئون سنگاپور جي ان مشغول روڊ تان جلوس کي پر سان ڏسڻ لاءِ گهٽي دير ترسي نه سگهيس جو جيئن ئي اڳيان جاءِ خالي ٿي ته رستي تي بيٺل سنگاپور جي چيني، سک، تامل ۽ ملئي ٽرئفڪ پوليس وارن سيٽي وڄائي ڪارن، لارين کي اڳيان رڙهڻ لاءِ اشارو ڪيو ٿي. ۽ هونءَ به آئون براس بساح روڊ جي منهن وٽ ته پهچي چڪو هوس جتان بيڪولين اسٽريٽ شروع ٿئي ٿي. ٿوروئي اڳيان واٽرلو اسٽريٽ ۽ Queen اسٽريٽ اچڻ بعد چوٿون نمبر گهٽي وڪٽوريا اسٽريٽ آئي جنهن ۾ ڪاٻي پاسي مڙي تائي_پان هوٽل جي هيٺيان پهري ۾ ٺهيل ڪنگس پارڪنگ ۾ ڪلاڪ کن لاءِ گاڏي پارڪ ڪري شاپنگ وڃي ڪيم. پارڪنگ جي گهڙڻ واري لنگهه وٽ انچارج ملئي ڇوڪري ڪنن تي واڪ مين ٽيپ رڪارڊ لڳائي چيغم به ڪائي رهي هئي ته ڳاني جي ڌن تي لڏي به رهي هئي.

”بوليح سايا ليتاڪ ڪيريتا سايا ڊي سيني_“ (ڪار ڀلي هتي پارڪ ڪريان؟) مون ملئي زبان ۾ پڇيومانس.

”بوليح“ (ڀلي) هن مرڪي جهيل مان وراڻيو ۽ ڪار کي اندر ڪرڻ جو وقت لکي ڏنو جيئن ٻاهر نڪرڻ وقت ٽائيم پيٽي پئسن جو حساب ڪري سگهي.

سنگاپور ۾ اسان جي ملڪ وانگر ڪٿي به رستي يا دڪان هوٽل اڳيان ڪار بيهاري ٿي سگهجي. پارڪنگ لاءِ وڏين هوٽلن يا ڊپارٽمينٽ اسٽورن ۾ هيٺ (انڊر گرائونڊ) تي يا مٿين ماڙين تي خاص جايون ٺهيل ٿين جتي ڪارون بيهي سگهن ٿيون. هر هڪ هنڌ جي جدا جدا پارڪنگ في آهي. مثال طور تائي_پان هوٽل جي هيٺيان واري ڪنگس پارڪنگ جي في ٻه ڊالر (پندرهن رپيا کن) ڪلاڪ جا آهن جو هيءَ شهر جي وچ واري جڳهه ايئن آهي جيئن ڪراچيءَ جي مشغول هنڌن: بوهري بازار، طارق روڊ يا وڪٽوريا روڊ واري. شهر کان ٻاهريرو هنڌن تي مسواڙ ڪجھ گهٽ آهي ۽ شام جو پنجين کان وٺي صبح تائين انهن سيني هنڌن تي في فقط هڪ ڊالر آهي. انهن پرائيويٽ پارڪنگ وارين جڳهن کان علاوه جتي جتي به خالي پٽ آهي اتي بيهارڻ تي سرڪار پئسا وٺي ٿي جنهن لاءِ پارڪنگ جون سرڪاري ٽڪيٽون استعمال ڪبيون آهن جيڪي ڇهن ڊالرن ۾ ڏهه ملن ٿيون ۽ ڪلاڪ کن بيهارڻ لاءِ هڪ ٽڪيٽ رکي آهي.

ڪار پارڪ ڪري ٻاهر نڪتس ته وري ساڳي ملئي ڇوڪريءَ مرڪيو ۽ ائين تڪلف طور پڇيو: ”ڊي مانا اوڳڪ داتنغ_“ ڪٿان توهان اچو پيا.



www.sindhsalamat.com

(Dari Mana Awak Datang?)

”درپادا نگارا اواڪ“. (تنھنجي ئي ملڪ مان).

”آئون ملائيشيا جي نہ آھيان. ملئي ضرور آھيان پر منھنجي قوميت (Nationality) سنگاپوري آھي.“ ھن درستگي ڪئي. ۽ مون بہ ڪلندي پڇيومانس:

”سنگاپور جو ماڻھو ٿي رھڻ سٺو يا ملائيشيا جو_؟“

”سنگاپور جو.“ ھن وڏي پروسي سان وراڻيو.

”ڇو ڀلا_؟“ مون پڇيومانس.

”بس ائين ئي. ھتي مزو آھي. سنگاپور ملائيشيا ڪان وڌيڪ ماڊرن آھي. آئون گھٽو پڙھيل نہ آھيان تہ بہ ھھڙيون نوڪريون ڪري ھن عمر ۾ بہ ڪمائي سگھان ٿي. ھتي گھمڻ ڦرڻ جا بہ گھڻا مزا آھن.“

”اھو تہ آھي پر سڄي عمر ھن نوڪريءَ تي تہ ڀاڙي نٿو سگھجي.“

وڌيڪ بہ پڙھڻ ڪپي يا تہ ڪو ھنر سکڻ ڪپي. ھن قسم جي چوڪيداري/ رکوالي ٽائيپ نوڪري تہ سست ٻڌايو ڇڏي.“ مون شايد ھن ملڪ ۾ رھندڙ سندن ڀي قوم_چينين ڪان متاثر ٿي ڪيس نصيحت ڪئي. جيڪي ماڻھو پڙھائيءَ توڙي ھنر ۽ پورھئي ۾ اھڙا مڙس ماڻھو آھن جو سڄي ملڪ جي ايڪانامي سندن ھٿن ۾ اچي ويئي آھي. ۽ ملئي ماڻھو ڪٿي چئجي تہ وڌيڪ توڪلي ھجڻ ڪري_يا ڪن جي چواڻي، ٿوري ۾ ئي شڪر ڪري، خوش رھڻ ڪري_يا سستيءَ سبب يا وڌيڪ محنت ڪان لنوائڻ ڪري ان قسم جو ھيٺيون نوڪريون ئي ڪن ٿا ۽ جيڪي ڪجھ ڪمائين بہ ٿا تہ اھو چينين وٽ ئي اچيو خرچ ڪن ٿا. نتيجي ۾ ڏٺو وڃي تہ چيني خوشحال ٿيندا وڃن_محنت، جفاڪشي، پورھئي ۽ خيال سان خرچ ھلائڻ ڪري ۽ ھي ملئي جيڪي ھن ڌرتيءَ جا اصل باشندا آھن، اھي، سست، ھٿ ڦاڙ ھجڻ ڪري، رسم رواجن جي خرچن ڪي ھرويرو پورو ڪرڻ، منھن مٿي رکڻ جي چڪر ۽ ٻاھريون ڏيک برقرار رکڻ ڪري معاشي توڙي علمي ۽ ھنري طرح ھھڙي دور ۾ بہ پٺتي پوندا وڃن. ڪين ائين پٺتي رکڻ ۾ ٿي سگھي ٿو چينين جو بہ ھٿ ھجي.

ھڪ دفعي ملاڪا جو ڪڪڙيون وڪڻندڙ ھڪ ھمراھ ٻڌائي رھيو ھو تہ ھو سنگاپور مان ڇو لڏي ملائيشيا آيو. ”جيتوڻيڪ مون سنگاپور مان مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪئي“ ھن ٻڌايو. ”پر سنگاپور جي حڪومت جيڪا چينين جي ھٿ ۾ آھي، اھي نٿا چاھين تہ اسين سنگاپور وارا ملئي ماڻھو بہ مٿيرا ٿيون. ان ڪري سنگاپور ۾ اسان گھڻا ٽا ملئي ھيٺاھان ڌنڌا ڪن ٿا، جھڙوڪ: ڪلارڪ، نوڪر، چوڪيدار، چانھ وغيره وغيره. ان ڪري ٻين جي نظر ۾ ھر ملئي ماڻھو_چاھي وڏي نوڪريءَ ۾ ھجي_نيچ لڳي ٿو. ان ڪري پڙھيل ڳڙھيل ملئي ڪي تہ اھو گھٽتائيءَ وارا احساس ھيڪاندو تڙپائي ٿو. ان ڪري مون سوچيو تہ سنگاپور جي اھڙي آفيسريءَ ڪان ملائيشيا ۾ عزت جو ڌنڌو سٺو آھي_جتي ڀيا بہ منھنجا ياڙ گھڻا آھن.“

بھرحال اھي ڳالھيون تازيون ٻڌل ھيون ان ڪري ھن پارڪنگ واري جاءِ جو انچارج پٽو_يا چوڪيداري، ھڪ ملئيءَ ڪي ڪندو ڏسي ڏيان ۾ اچي ويون.



www.sindhsalamat.com

متي ڏنل پيرومل مندر جو ذڪر ڪيو اٿم. اهو سرنگون روڊ تي اڳيان وڃڻ تي ڪجهه سنهين گهٽين: بفئلو روڊ، ڪربائو روڊ، هندو روڊ، ويرسوامي روڊ، برما رود بعد هڪ پڪو رستو: ڪچنر روڊ اچي ٿو. ان بعد پيرومل روڊ آهي. جنهن جي ڪنڊ تي اهو مندر آهي. هن مندر جي اصل بلڊنگ ته 1855ع ۾ ٺهي هئي پر پوءِ وقت جي طوفانن ۾ اها ڍهندي ڍهندي پٽ تي ويئي. ان بعد ساڳي نموني جي نئين عمارت هن پاسي جي مشهور ۽ امير انڊين واپاريءَ مسٽر گووندا سواميءَ ٺهرائي. ان مندر جو فقط اڳيون دروازو جنهن تي ڪئين هندو ديوتا ۽ ديويون ٺهيل آهن_جنهن کي راجا گوپو رام تو سڏجي، ان تي پنج لک ڊالر خرچ آيو هو. گووندا سوامي پلائيءَ جي اولاد جو اڄ ڪلهه تائين واپار سنگاپور ۽ ملائيشيا جي شهرن ۾ پکڙيل آهي جيڪو سندس پوٽا پڙپوٽا هلائين پيا_خاص ڪري گووندا سواميءَ جا سيڏي ۽ پسارڪي شين جا هٽ.

ٿائيپوسام کان علاوه هتي هڪ ٻيو به هنن جو تهوار پونگال نالي ملهايو وڃي ٿو جيڪو هولي، ڏياري يا ٿائيپوسام کان ننڍي پئماني تي ٿئي ٿو. خاص ڪري سائوٿ آفريڪا، ٽرنيڊا، ممباسا، انگلنڊ يا ٻين اهڙن هنڌن تي جتي انڊيا جا هندو رهن ٿا. ٿي سگهي ٿوهي تهوار به ٿائيپوسام وانگر سڄي هندستان:تامل نادو ۽ ملائيشيا ۾ جيڪي هندو رهن ٿا انهن ۾ نوي سيڪڙو ڏکڻ هندستان جي هنڌن جي هندن جو آهي سو پونگال هتي پڻ ملائيشيا جي ڪن شهرن_خاص ڪري پينانگ ۽ ايپوح ۾ ملهايو وڃي ٿو. هي جشن سٺي فصل لهڻ جي خوشيءَ ۾ هوندو آهي. هن جشن ۾ هڪ متاري ڍڳي کي هار ڪنٺيون پائي، گلن سان سينگاري، پاڙي جا ڀريا مڙس رنگين رسين سان وٺي شهر جو گشت ڪندا آهن. پنيان پنيان ڪنوارين توڙي پرڻيل زالون مٺائي ۽ گلن جا ٿالهه کڻي هلنديون آهن. هي راڳ روپ ۽ ڪاڏا پيتا سانده ٽي ڏينهن پيا هلندا آهن.

## ڪوه اچي چتي تي آهين...

پاڪستان، دبئي، دوحا، بنگلاديش جهڙن ملڪن جيان ملائيشيا جي ماڻهن کي به هندي فلمن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق آهي. بلڪ ڏينهون ڏينهن وڌندو وڃي. مثال طور ٻه سال کن اڳ جڏهن اسان هتي ملاڪا آيا هئاسين ته پر واري هڪ ننڍي ڳوٺ مسجد تاناح ۾ هندي فلمن جي ڪئسٽ جو هڪ به دڪان نه هو. پوءِ پهرين هڪ گجراتي فرنيچر پاري پنهنجي دڪان تي ڪجهه ڪئسٽ رکيا جيڪي هو ڪوالالمپور کان پنهنجي پاءِ جي وڏي دڪان تان گهرائيندو هو. پاڻ به ڏسندو هو ته مسواڙ تي ڏيئي پئسا به ڪمائيندو هو. هن هر هڪ ڪئسٽ جي ٻن ڏينهن لاءِ مسواڙ هڪ ڊالر_يعني ڇهه رپيا ورتا ٿي ۽ پوءِ ساڳئي مسواڙ ۾ ڏينهن جو مدو ٻن مان هڪ هفتو ڪيائين ان بعد هڪ سيڏي جي دڪان واري جي زال ٿورا ٿورا ڪئسٽ، پنيان گهر ۾ رکي مسواڙ تي ڏيڻ لڳي. ان جا ڪئسٽ سٺي چاپي وارا هئا ان ڪري هن ڏيڍ ڊالر مسواڙ ڪئي. ان بعد هڪ تامل ۽ چيني دوڪاندار پڻ اهو ڌنڌو شروع ڪيو ۽ سال کن کان پوءِ هڪ ٻئي چيني همراهه ماڳهين نئون دوڪان کولي منجهس فقط ڪئسٽ رکيا. هن هندي ڪئسٽن کان علاوه تامل، چيني، ملئي، انڊونيشي ۽ انگريزي فلمن جا ڪئسٽ رکيا_جن زبانن جون فلمون هتي عام هلن ٿيون.

متي ذڪر ڪيل ملڪن ۾ ته اڙدو يا هندي سمجهڻ وارا تمام گهٽا رهن ٿا پر هتي اڙدو يا هندي ڳالهائڻ وارا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن. سڄي ملاڪا رياست ۾ جيڪا خيرپور ڊويزن جيتري مس ٿيندي، ڪل اسان پنج ڇهه (فئملين سميت) ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر پاڪستاني آهيون_جيڪي اڙدو/ هندي سمجهيون ۽ ڳالهايون ٿا ۽ اهڙيون هندستان جون پنجاهه کن فئمليون هندي ۽ پنجابي ڳالهائڻ واريون ۽ ٽي چار هندو سنڌي فئمليون آهن. باقي پنج ڇهه هزار انڊين فئمليون مدراس



www.sindhsalamat.com

۽ ڪيرالا پاسي (ڏکڻ هندستان) جون تامل، مليالم، ڪانادا ۽ تيلگو زبانون ڳالهائڻ واريون هتي رهن ٿيون جيڪي هندي فلمون ڏسڻ کان وڌيڪ پنهنجين زبانن جي فلمن کي ترجيح ڏين ٿيون. ملائيشيا ۽ سنگاپور جي ٽي وي ٽي به هندي فلمن کان وڌيڪ تامل فلمون اچن ٿيون يا مليالم ۽ تيلگو. ٽي وي ٽي مهيني ۾ چار پنج ڪن هندي فلمون اينديون ته ٻارهن ڪن تامل. هن سال پاڻ هندي فلمون ڪجھ وڌيڪ آيون ۽ ڪجھ آهستي آهستي جهڙوڪر وڌي رهيون آهن.

هڪ ڪئسٽ جي دوڪاندار کان پڇيم ته ڇا هندي فلمن جي ايڏي کپت آهي؟ وٺي ڪير ٿو؟

وراڻيائين: ”ملئي ماڻهن ۾ روز روز هندي فلمون ڏسڻ جو شوق وڌندو وڃي.“

واقعي ٽي وي تان هندي فلم هلڻ مهل گهٽين مان لنگهبو ته ويندي ڪاٺ جي ڳوٺاڻن (ڪمپونگ) گهرن مان به فل آواز ٽي هندي فلم جا ڊئلاگ پيا ايندا آهن ۽ ٽنهي تان هڪ کان هڪ سٺا پروگرام اچن ٿا ته به ماڻهو پيا پروگرام ڇڏي هندي فلمون وڌيڪ ڏسڻ لڳا آهن. حڪومت جي پاليسي موجب جڏهن هڪ چئنل تي هندي، تامل يا ڪوسٽو چيني پروگرام ايندو آهي ته باقي ٻين ٻن ملئي جا بهترين پروگرام رکيا ويندا آهن جيئن هتي جا اصل رهاڪو_يومي پترا (ڌرتي جا پٽڙا)_يعني ملئي ماڻهن لاءِ ڌارين جي زبان بدران پنهنجي ئي زبان جا پروگرام ڏسڻ لاءِ هجن. پر گذريل ٻن سالن ۾ انڊيا جي هندي فلمن ملئي ماڻهن جي دل چڱي جاءِ پيدا ڪري ورتي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ملئي ماڻهو هندي يا اردو سمجهن ٿا پر فلم دوران ملئي ۾ ايندڙ ترجمو پڙهي مطلب ڪڍيو وٺن. پر هنن جو مطلب سان به گهٽو واسطو ناهي. ڇو جو اها ڳالهه هجي ها ته پوءِ انڊيا جي ٻين زبانن جون فلمون_خاص ڪري تامل ۽ مليالم پڻ ڪين وٺن ها_ جن جو پڻ ترجمو اچي ٿو. ۽ پاڪستاني اردو ۽ پنجابي پڻ. پر هندي فلمن جي ڪهاڻين کان وڌيڪ انهن جا سيٽ، اداڪار، گانا، ناچ، ڪجھ ڪجھ اوگهڙ قدرتي نظارا وغيره ڪين ٻين فلمن کان وڌيڪ پسند آهن. ان ڪري هندي فلمن جي پرستار_ملئي ماڻهن جي وات تي اڪثر اميتاڀ، رشي، راج ببر جهڙن هيرن ۽ سميتا پاٽل، جياپرادا، رتي اگني هوتري ۽ ريکا جهڙين هيروئنن جا نالا آهن. گذريل سال ته خبر ناهي ڪهڙي حساب ۽ ليکي ۾ ديوانند جهڙو پوڙهو ۽ پبو اڪٽر هتي جي ملئي ماڻهن کي سڀ کان گهڻو وڻڻ لڳو هو جو هن جي فلمن جي واڪاڻ ۾ اخبارن ۾ خط اچڻ لڳا ته ديوانند جون گهڻي کان گهڻيون فلمون هلايون وڃن. ۽ واقعي هڪ ٻئي پويان لڳاتار چار مهينا ملائيشيا جي ٽي وي تان سندس ئي فلمون اينديون رهيون. نوجوان ڇوڪرا ديوانند وانگر قميص جي ڳلي جو آخري بٽڻ به لڳائي هلڻ لڳا.

ديوانند بعد ششي ڪپور ٽاپ تي هو. پوءِ ڪجھ عرصي لاءِ هتي جي ماڻهن کان رشيءَ جي به تعريف ٻڌيسين. ان بعد چار پنج مهينا راجيش کنا هتي جي ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندو رهيو. پر هاڻ اهو مانُ ۽ مرتبو اميتاڀ بچن کي مليل آهي جو آفيس جون ملئي ڇوڪريون به چانهه تي ان جو ذڪر ڪنديون آهن. اڄ صبح به آفيس ٽائيم تي جهڙو ڪارڊ پنچ ڪرڻ لاءِ ”ڪلاڪ_مشين“ وٽ گڏياسين ته اسسٽنٽ اڪائونٽنٽ آفيسرياڻي سيتي فاطما بنتي يونس ۽ ٽائيپسٽ ڇوڪري حاجا بصران (هتي حاجاڻيءَ کي حاجا چون ٿا) اخبار لوڏيندي خوشبري ٻڌائي ته اڄ ٽي وي تان ٻي چئنل تي اميتاڀ بچن جي هندي فلم ”قسمين وعدي“ اچي پيئي.

ڪئپٽن عرفان فاروقيءَ مون کي ڪن ۾ شوڪارو هڻندي چيو: ”حاجاڻين جا هي حال! باقي پنهنجي ملڪ ۾ ڪو دلپسند فلم اڪٽريس جو نالو ڪٺي ته هر ڪو مٿس آگر ڪٺي“. پوءِ ٿڌو ساهه کڻندي چيائين: ”اها ٻي ڳالهه آهي ته پنهنجي ته حسرت ئي رهجي ويئي ته ڪڏهن پنهنجي ملڪ جي سدا بهار فلم انڊسٽريءَ جي ڪا سدا بهار فلم اڪٽريس: آسيه، زمرد، انجمن، مسرت شاهين، سنگيتا_يا ڪا ٻي پٽاري ڪنهن اهري ٿهڙي فلم ۾ به سٺي ائڪٽنگ ڪري ته ڪيس ڪٺي ”فئورٽ اداڪارا“ سڏيون.



www.sindhsalamat.com

انهيءَ ئي ڏينهن شام جو هڪ پاڙيسري ملئي عورت مسز رابع بنتي بحرالدين ملي. پاڻ انشورنس ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪري ٿي. سنڌس مڙس اسان جي ئي آفيس ۾ ڊاڪٽر آهي. ڪيس پنجن سالن اندر هتي جي حساب موجب ٻارن جي فل ڪوٽا يعني پنج ٻار ڄمي چڪا آهن. هتي آدمشماري گهٽ هجڻ ڪري حڪومت پڻ ٻارن بدران پنجن ٻارن جي همٿ افزائي ڪري ٿي ۽ ايترن جي صحت ۽ پڙهائي وغيره جو ذمو پڻ کڻي ٿي. پاڻ به اخبار ۾ اميتاڀ جي فلم جو پڙهي آئي هئي ۽ گجراتي ڪئسٽن واري دوڪاندار جي پڻ پڪي گراهڪ آهي. خوشيءَ مان ڪڳيون هڻندي چيائين: ”اڄ اميتاڀ جي فلم پيئي اچي. مون کي اميتاڀ ايڏو تو وڻي جو مڙس کي چيم ته هڪ ڀيو به ٻار ڪريون. اميتاڀ جا فوٽو گهر ۾ هڻي ڇڏينديس جيئن ان کي ڏسڻ سان ان جهڙو ٻار ڄمي.“

”پوءِ مڙس ڇا چئي_؟“ ڪنهن پڇيس.

ڪلندي وراڻيائين: ”ڪوهه اچي چتي ٿي آهين.“

## سنڌي سئيڊن ۾

هڪ دفعي ڪئپٽن بشير وسطڙو سئيڊن کان هلي ملي ملائيشيا گهمڻ لاءِ مون وٽ آيو. پاڻ Fleet Management سبجيڪٽ ۾ سئيڊن جي شهر مالمو ۾ ورلڊ_مئري ٽائيم_يونيورسٽيءَ ۾ (M.Sc:) ايم ايس سي ڪري رهيو آهي. پاڻ پهريون پاڪستاني آهي جيڪو ان سبجيڪٽ ۾ پوسٽ گرئجوئيشن ڪندو.

سئيڊن جو اهو شهر گهڻو اتر ۾ آهي بلڪ اتر قطب جي ويجهو ئي سمجهڻ کپي جتي سال جا ڇهه مهينا ڏينهن رهي ٿو ته ڇهه مهينا رات. رات وارا ڇهه مهينا ته سخت سيءُ، جهڙ ۽ اوندهه انڌوڪار رهي ٿو. هن سال ته اهڙو سخت سي ٿيو آهي جو اتر قطب کان ڪجهه ڏورانهان ملڪ: انگلنڊ، فرانس، جرمنيءَ کان وٺي اٽلي، اسپين تائين جا ماڻهو به ڌانهون پيا ڪن. اهڙي سيءَ کان پڇي بشير موڪلون گذارڻ لاءِ هفتو کن هيڏانهن ملائيشيا ۾ هليو آيو_جتي ٻارهوئي هڪ جهڙي موسم آهي_نه اونهارو ٿئي نه سيارو. نه بهار نه سرءُ.

هڪ ڏينهن اسان جي اڪيڊميءَ جو پرنسپال ڪئپٽن حمزه بن نور کي چيائين ته توهان ملئي ماڻهو ڳالهه ٻولهه ڪيئن شروع ڪندا آهيو؟ هن وائڙو ٿي پڇيس: ”ڇو ڀلا_؟

”بس ائين ئي،“ ڪئپٽن بشير وراڻيو، ”اسان ته دوستي يار توڙي مٽ مائٽ جڏهن ملندا آهيون ته پهرين موسم جي ڳالهه ڪندا آهيون ته خيرپور کان پيو اچين موسم ڪيئن هئي. ڪراچيءَ ۾ ته رات گرمي نه هئي. حيدرآباد ۾ ڪالهه ڪافي سيءُ/ گرمي/ لڪ/ٿار/گهم هئي_ وغيره.“

ڪئپٽن حمزي يڪدم ڳالهه سمجهي کلي چيو: ها يار اها ڳالهه آهي. ملائيشيا جي ته ٻارهوئي هڪ جهڙي موسم آهي.“

ملائيشيا، سنگاپور ۽ انڊونيشيا پاسي جا ماڻهو ان معاملي ۾ اڻڄاڻ آهن ته مٿي اتراهن ملڪن ۾ يا هيٺ ڏاکڻ ملڪن: آسٽريليا، نيوزيلنڊ، سائوٿ آفريڪا وغيره ۾ موسم ڪيئن ڦرندي گرندي رهي ٿي.

بشير کي ملائيشيا جو ملڪ، ماڻهو ۽ موسم ڏاڍي وڻي_خاص ڪري هر وقت جهڙ مينهن. سنڌ ۾ مينهن گهٽ يا نه برابر وسڻ ڪري اسان مينهن جا هيڪاندا سڪڻا ٿي پيا آهيون.



www.sindhsalamat.com

”بشير ٻڌايو: ”يورپ پاسي جھڙ يا مينھن سٺي ڳالھ نٿي سمجھي وڃي جو اتي ھونءَ ئي ٿڌ آھي جھڙ ۾ مينھن ڪري، ويتر سخت سيءُ ۽ اونده انڌوڪار ٿيو وڃي جيڪو ماڻھن جي زندگي ۽ ڇرپر تي اثر انداز ٿئي ٿو. پر نئون نئون ھجڻ ڪري مون ڪي اتي جو مينھن به ڏاڍو وڻيو پئي. ايترقدر جو جن ڏينھن ۾ اتي پھتو ھوس اھي سياري جا سخت سرد ڏينھن ھئا ۽ سياري ۾ ته يورپي ماڻھن کي مينھن به بنھ نٿو وڻي پر اسان ماڻھو سنڌ جي سڪايل ۽ ٽوٽ زمين وانگر سياري جي مينھن مان به فرحت وٺندا رھياسين. ھفتي ڀن بعد ھڪ سئيڊن جي ھمراھ سان عليڪ سليڪ ٿي. پنھنجي ملڪ بابت مون کان پڇڻ لڳو ته سئيڊن ڪيئن ٿو لڳيم ته مون ھڪدم سنڌس ملڪ ۽ موسم جي تعريف ڪندي ٻڌايومانس ته ”ھتي جي موسم واھ جي آھي.“ اھو ٻڌي سئيڊش ھمراھ کان ڇرڪ نڪري ويو. منھنجو جملو ورجائي چوڻ لڳو: واھ جي آھي موسم! ھفتي کان جھڙ ۾ مينھن آھي جو بند ٿين جو نالو نٿو وٺي. تون ٿو چئين ته واھ جي آھي موسم.“

بشير ٻڌايو ته پوءِ کيس يڪدم خيال اچي ويو ته ھنن ماڻھن لاءِ ھي موسم ته مصيبت آھي. سو ڳالھ ڏاھي چيائين: ”ھا واقعي. ھتي جي موسم ڏاڍي خراب آھي. Nasty Weather _بيڪار موسم. خبر ناھي ڪڏھن ختم ٿيندي.“ جيتوڻيڪ ھن ٻڌايو ته ھو دل ئي دل ۾ مينھن جو دعائون گھرندو رھندو آھي.

## چيني_سياڻا واپاري

ھڪ ڏينھن ڪئپٽن حمزو مون کي ۽ بشير کي ملاڪا جي ھڪ ھوٽل رامادا_اِن (Ramada-Inn) ۾ ڊنر لاءِ وٺي ھليو. ھوٽل ۾ چيني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي نوڪري ڪندو ڏسي ھن ٻڌايو ته ھتي ملائيشيا ۾ واپار وڙو سڄو چينين جي ھٿ ۾ آھي. ڪو اڪو ڏڪو ملئي ماڻھن جي ھٽن ۾ ھوندو نه ته ڪو ملئي واپار ۾ ايترو ڪامياب ٿئو رھي جيترو چيني ماڻھو. ان جا ڪجھ سبب پڻ آھن. چينين جون جتي ڪٿي يونينون، ائسوسئيشنون ۽ ادارا ڦھليل آھن. پنھنجي اباڻي وطن چين جي صوبن مطابق ڪي ڪئنٽونيز آھن ته ڪي ٽيوچو، ڪي ھڪا آھن ته ڪي فوڪئين. ھر ھڪ چيني پنھنجي صوبائي جماعت سان ٻڌل ۽ وفادار رھي ٿو. مرڻ تائين ان جي ميمبر شپ ٿو ڇڏي. ڪو ننڍو واپاري ھجي يا وڏو_پنھنجي پٽ ۾ حيثيت آھر پنھنجي يونين ۾ مندر ۾ ڪمايل ملڪيت مان حصو ڏئي ٿو. پوءِ انھن مان ڪنھن جو به سرڪار يا ڪو ٻيو ڏاريون نالو وٺي ٿو ته ان جي سڄي يونين مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. ويندي ڪورٽن ۾ ڪيس ڪرڻ لاءِ به پھچيو وڃن. پوءِ چاھي ان تي ڪيترو به خرچ اچي وڃي_يونينون پنھنجي ھڙان ڏين.

چيني واپار ۾ ھڪٻئي جي ڪيئن مدد ڪن ٿا؟ مثال طور ڪو چيني_ٽيوچر واپار شروع ڪرڻ ٿو چاھي. ھن وٽ اڌ لک ڊالر آھن جن مان ھو سٺي طرح واپار ڪري ٿو سگھي. ان صورت ۾ ٽيوچر چينين جي يونين کيس پاڻ وٽان يا مندر مان لک ڏيڍ ڊالر ڪڍي ڏيندي ته ڪم ڀلي وڏي پئماني تي شروع ڪر پوءِ آھستي آھستي فائدي موجب اڌار پيو موٽائجانءِ. يا ڪو ھڪئين چيني آھي. ھن ڊبل روٽيءَ جو دڪان کوليو آھي. ٻيو ڪو وڻيس يا نه پر گھٽ ۾ گھٽ سندس شھر ۽ اوسي پاسي جا رھندڙ چيني پنھنجي گھرن ۽ ھوٽلن لاءِ سندس ئي ڊبل روٽي وٺندا. باقي چينين جو ڪو پنھنجو ڊبل روٽيءَ وارو نه ھوندو ته اھي به ڪوشش ڪري ان کان وٺندا. ملئي يا انڊين کان گھٽ وٺندا. نتيجي ۾ ڪو ملئي دڪان کولي به ٿو ته ھڪ ته ھن کي ڪو مالي مدد ڪرڻ وارو نه آھي ۽ ٻيو ته ان جي مال جي کپت به نٿي ٿئي.



www.sindhsalamat.com

# موت ڪانپوءِ ملاڪا ڪان مڇر

ملاڪا شهر جو هڪ رستو_جالان بنگاريا ٽيپي جالان منشي عبدالله تي پهتاسين تہ ڪنڌ وٺ نغارن ۽ ٻئنڊ وارن وڏن دهلن جا ڪن ڦاڙ آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ڪئپٽن حمزي ٻڌايو تہ جتي اهي دهل وڄي رهيا آهن اتي ڪو چيني مري ويو آهي. اهي دهل هاڻ سڄي رات وڄندا رهندا جيئن آيل ڪانڌي سڄي رات جاڳن ۽ ساڳي وقت هنن جو چوڻ آهي تہ ڍئوڪن جي آواز تي بدروح پڇي وڃن ٿا.

”پاڻ مسلمانن ۾“ حمزي ٻڌايو، ”دفن ڪفن جي رسم تمام سادي سودي آهي_خاص ڪري اسين ملائيشيا جا مسلمان_جيڪي شافعي فرقي جا آهيون، سعودي عرب جي وهابين وانگر ڪا پڪي قبر بہ نہ ٺاهيون ۽ نڪي تعريفي ۽ تواريخي ڪتبا قبر اڳيان رکون. پر اسان جي ملڪ ۾ رهندڙ چينين جي موتي فوتيءَ جي رسم ۽ خرچ پکو شاديءَ کان بہ وڌيڪ ٿئي ٿو. چينين جو اهو عقيدو آهي تہ مري ويل، جيئرو ۽ اجان اڻ ڄاول_ٽئي هڪ ئي فئملي جا ميمبر آهن_جيتوڻيڪ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ٽئي مختلف دنيائن ۾ رهن ٿا ۽ جيڪي ڪجھ جنازي اڳيان ڪيو وڃي ٿو ان مطابق ئي ڪيس ٻي دنيا نصيب ٿئي ٿو. ان ڪري دفن ڪرڻ وقت ڪاغزن جا ڪوڙا ڇپيل نوٽ ساڙيا ويندا آهن_جن تي هزار ڊالر کان ڪان لک لک_ويندي ملين ڊالرن جو انگيل هوندو آهي. جيئن مرڻ بعد ڪيس ايتري ملڪيت ملي ۽ جيئن هو ان سان سٺو گذر سفر ڪري سگهي. نہ فقط پئسا پر ان وقت ڪاغذن جون ٻيون بہ شيون ٺاهي ساڙين. مثال طور ڪاغذ جا ننڍا گهر، رانديڪن جيڏا ڪاغذ جا هنڌ بستر، ڪٽون، ڪرسيون ۽ ٻيو فرنيچر، ٽانوَ ٽپا ويندي سواريءَ لاءِ ڪار (خاص ڪري مرسيڊيز يا ولوو ڪار ٺاهين) ۽ ڪاغذ جو هيلي ڪاپٽر يا هوائي جهاز پڻ. دفن ڪرڻ کان اڳ جنازي اڳيان ساڙيا ويندا آهن ۽ اهي ڪاغذ جون مختلف شيون ملائيشيا، سنگاپور، هانگ ڪانگ توڙي دنيا جي ٻين شهرن جي چائنا ٽائون ۾ عام ملن ٿيون. اهي گهر گاڏيون ويندي پني جا نوڪر چاڪر سستي اگهہ کان وٺي اوچي ڪاغذن ۽ نموني جا ڳري اگهن وارا ملن. ڪي ڪي پنن جا گهر تہ اهڙا سهڻا ۽ مڪمل نموني جا ٺهيل هوندا آهن جو ويندي انهن ۾ ڇپر ۽ پينگهون، ننڍڙو ٻار ۽ مختلف براندن جي شراب جون پني جون بوتلون رکيل هونديون آهن. انهن شين جي سڙڻ سان مري ويل چيني همراهہ کي ٻئي جهان ۾ پهچي ڪو هڙ حاصل ٿئي يا نہ پر هن جهان ۾ ڪاغذ جي واپارين ۽ اهي شيون ٺاهي وڪڻندڙ جو چڱو ڀلو ٿئي ٿو. ڪنهن مند ۾ ماڻهو پنيان ماڻهو مري ٿو تہ ڪاغن جون اهي ساڙڻ واريون شيون وڪڻندڙن جا ڀاڳ کليو وڃن.

ان کان علاوه چينين جي جنازي تي روڄ راڙو پڻ چڱو ٿئي ٿو. ۽ جنازي جي هڪدم پٺيان وارين قطارن ۾ سنڌن ويجها مائٽ ڳوڻ جا چوغا پائي پار ڪڍي رئندا هلندا آهن. يا ان ڪم لاءِ ڀاڙي تي ”روئٽا“ پڻ ملن_جن جو ڪم روئڻ ۽ ڏک ظاهر ڪرڻ آهي_چاهي مرڻ وارو ڪير بہ هجي.

جنهن پيتيءَ ۾ چيني يا عورت جو جنازو کڄي دفنائڻ يا ساڙڻ لاءِ هلندو آهي اهي پڻ مختلف قسمن ۽ قيمتن جون ٿين. ڪي تمام اوچي ڪاٺ جون وڏ ٽڪ جي ڪم واريون ٿين ۽ شڪل صورت ۾ بہ نمونن نمونن جون ٿين. ڪي اهي ڪفن جو پيتيون ٻيڙيءَ جي شڪل جون ٿين. ڇو جو چيني پنهنجي اباڻي وطن چين کان سنگاپور، انڊونيشيا يا ملائيشيا آيا هئا تہ ٻيڙين ۾ چڙهي آيا هئا ۽ ڪين ٻيڙيءَ جهڙي پيتيءَ ۾ دفن ڪرڻ جو اهو مطلب آهي تہ متان مردو ٻئي جهان کان جيڪڏهن واپس وطن گهمڻ جي خواهش ظاهر ڪري تہ هو ان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي وڃي سگهي ٿو. ڇو جو پنهنجي وطن وڃڻ لاءِ هو فقط ان طريقي جي سواري ۽ سفر کان واقف هوندو جنهن ۾ آيو هوندو.“



www.sindhsalamat.com

ڪئپٽن همزي اهي ڳالهيون ٻڌڻ دوران بشير وسطڙي ڪي سنڌيءَ ۾ چيم تہ چڱو جو تون چيني نہ ٿئين نہ تہ توکي هتي دفن ڪرڻ لاءِ اسان ڪي هڪ تہ PIA جي هوائي جهازن جو ڪاغذي ماڊل ساڙڻو پوي ها جيڪو توکي_تنهجي روح يا جسم کي ڪراچيءَ تائين ڪٽي وڃي. ان بعد بس سروس جي هڪ ٽيپ رڪارڊر لڳل بس پنن جي ڪئسٽن سميت ساڙني پوي ها جيڪا ڪراچيءَ کان نوشهري فيروز تائين ڊوڙڻ ۾ مدد ڏئي ها. ۽ پوءِ اتان تنهنجي ڳوٺ مڇر رسائڻ لاءِ هڪ مرزيل ٽانگي جو ڪاغذي ماڊل ساڙڻو پوي ها.

اها ڳالهہ بشير ڪي نہ وڻي ۽ دل ۾ ڪندي چيو:”توکي ساڙ آهي تہ آئون ڳانن واري بس ۾ چو ٿو هلان. هالا مان وري ڪهڙا هندورا ٿا هلن. هن دور ۾ بہ هالا جي بس اسٽاپ تي جنازي ڪٽڻ جهڙيون ڪتارا بسون بيٺل هونديون آهن يا ٽتر ٽانگا. سچي واٽ تيڪون لاهيندا هلندا آهن.“

ڪئپٽن حمزي وچ ۾ بچ بچاءُ ڪندي وڏيڪ ٻڌايو تہ ڪيترن چينين جي جنازي تي پني جو ريڊيو، ٽي وي ۽ اڄڪلهہ وي سي ار ۽ ڪئلڪيوليٽر ۽ ڪمپيوٽر پڻ ساڙڻو پوي ٿو جيئن هو وندر توري واپار جون گهڙيون انهن ٽپڙن ذريعي آسائش ۽ سهولت ۾ گذاري سگهي. مرڻ بعد جنازي ڪي اِڪي ڏينهن گهر ۾ ئي رکيو ويندو آهي_يعني هڪ، ٽن يا پنجن ڏينهن تائين. جيئن فوتيءَ جا مائٽ سندس منهن ڏسڻ ۽ پنهنجو منهن مٿو پٽڻ لاءِ ايندا رهن ۽ اهو عرصو خوب ماني ٽڪي ۽ شراب هلندو ۽ اوچاڳا ڪيا ويندا آهن. زال هوندي اهي تہ مڙس ۽ مڙس هوندو آهي تہ زال اخبارن ۾ سندس فوتي سان گڏ اشتهار ڏيندي آهي تہ تون ٻئي جهان ۾ هليو وئين. پنهنجي ياد ڇڏي ويو آهين. ڏک ڪندڙن جي لسٽ ۾ پٽن، ڌيئرن، ننهن نائين، پوٽن پڙپوٽن، ڏهٽن پڙ ڏوهٽن جا نالا هوندا آهن.

ڪو همراهہ وڏي ڄمار جو پٽ، پوٽن، پرپوٽن وارو ٿي مرندو آهي تہ اهو خوشنصيب سمجهيو ويندو آهي ۽ ان تي گهڻو روڄ پٽڪو ڪرڻ ضروري نہ سمجهيو ويندو آهي جو هن جي ويجهو اچڻ تي ڪنهن بہ بدروح جي همت نہ ٿي ٿئي ۽ سڌو ساڙيل مرسيڊيز ڪار يا هوائي جهاز رستي جنت ۾ هليو وڃي يا ڪفن واري ڪاٺ جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پنهنجي اباڻي وطن: سئم ڪانگ، سنگ تائو، يا شنگهائي هليو وڃي. باقي ڪو ننڍي عمر ۾_ٿيهن ورهن جي ڄمار اندر مري ٿو تہ اها ڳالهہ هن لاءِ ۽ ڪٽنب لاءِ خراب سمجهي وڃي ٿي.

## موت ڪانپوءِ.....

خاص ماڻهن جي موت جي خبر فوتيءَ جا ويجها مائٽ، اسان جي ملڪ ۾ پڻ اخبارن ذريعي ڏيندا آهن ۽ ان سان گڏ دعا فاتحہ يا ٽيجهي جو اطلاع پڻ. پر ان قسم جون خبرون يا اطلاع اجا اشتهار ڪڏهن ڪڏهن ايندا آهن. پر هن پاسي_ملائيشيا توڙي سنگاپور جي اخبار ۾ هر رزوز ”فوتين جو ڪالم“ ائين هوندو آهي جيئن پاڻ وٽ گهرن جي خريد ۽ وڪري جو ڪالم. ان ۾ مري ويل جا مائٽ_خاص ڪري زال يا مڙس، مري ويل جي عمر سان گڏ سندس نالو نوڪري ۽ آخري رهائش جي ائڊريس ۽ اولاد جي ڊگهي لسٽ ڏيندا آهن تہ هو پنيان ڪيترا پٽ، پوٽا، پڙ پوٽا؛ ڌيئون، ڏهٽا، ڏهٽيون ۽ پڙ ڏهٽا، پڙ_هٽيون، نائي ننهون ڇڏي ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن جي نوڪرين جي لسٽ بہ هوندي آهي مثال طور ڪالهہ جي اخبار ۾ مئڊم سروجني ديويءَ جي موت جو اشتهار هو جيڪو سندس مڙس ڏنو هو. سروجني ديويءَ جي فوتي ۽ نالي هيٺيان سندس اولاد جي فهرست هن ريت هئي.

1_ويرا سنگام_انسپيڪٽر پوليس_باتو پاهت شهر

2_سرڳواسي پانو دورائي_رٽائرڊ اسسٽنٽ اسٽيشن ماسٽر_تمپين



www.sindhsalamat.com

3_شرميلا ڏيوي_ايس ايم ڪي، بي ايم (اهي شايد خطاب آهن جيڪي هتي جي ماڻهن کي مختلف رياستن جي سلطانن، ملڪ جي بادشاهه ۽ حڪومت طرفان وقت بوقت ملندا آهن.)

4_ڪائو ويري.

ننهون

1_ شيوا شووبيتا

2_ پونمالار.

3_ڏئين پٽ شادي نہ ڪئي

نائي:

1_ويلوپلائي

2_آنند راج_اسسٽنٽ مئينيجر پرويرا حبيب بئنڪ ملاڪا.

3_گنيش راجا سنگام_هيڊ ماستر اسڪول_باتو پاهت.

4_شري برهما سنگهام_ملائيشيا شپنگ ڪارپوريشن_ڪوالالمپور، پوٽا، پوٽيون، ڏهٽا، ڏهٽيون ۽ انهن جون زالون ۽ مڙس:

1_برهما سنگام

2_شيوا ڪمار.

3_ستيا سيلان.

4_وسندرا ديوي.

5_جايا پشاني.

6_ٿاواماني.

7_گونا سيهاران.

8_شيوا پرڪاش ۽ ٻيا جملي ٻتيهہ. ۽ ان بعد وري انهن جو اولاد يعني Grand-Grand چلڊرين_ تڙ پوٽا، تڙ ڏهٽا وغيره جي لسٽ آهي.

هتي ملائيشيا ۾ مسلمانن جي موت جو اشتهار ڪو ورلي اچي ته سو بہ پنهنجي ملڪ وانگر مختصر تہ فلاڻي ڏينهن فلاڻي فوتي کي ثواب بخشائڻ لاءِ دعا درود يا فاتحہ قل پڙهايا ويندا. ڇو جو سيني مسلمانن جو اهوئي عقيدو آهي تہ موت بعد مري



www.sindhsalamat.com

ويل سان گڏ فقط سندس اعمال ئي رهن ٿا. مائٽ مٽ، ننڍائي وڏائي يا غريبي اميريءَ جو پوءِ سانُس ڪو ڳانڍاپو نٿو رهي. ان ڪري ڪنهن مسلمان جي مري وڃڻ بعد سندس پويان اهو سوچي اخبارن ۾ اشتهارن ذريعي سِڪ جا شعر يا پيار جا غزل نہ ڏيندا آهن تہ متان مري ويل دل ۾ نہ ڪري تہ پوين وساري ڇڏيو. اها ڳالهہ مسلماني عقيدي، عقل ۽ اعتقاد کان پري سمجهي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ چينين جو اهو عقيدو آهي تہ مرڻ بعد سندن اهو مائٽ ساڻن گڏ رهي ٿو ۽ ويندي خوابن ذريعي ڪائنس هر وڏي ڳالهہ لاءِ صلاح مشورو ڪري سگهجي ٿو تہ واپار جي ڪاميابي لاءِ آشيروارڊ پڻ وٺي سگهجي ٿي. ان ڪري ڪيترا چيني پنهنجي ويجهن مائٽن جي ياد ۾ اخبار ۾ هر سال باقاعدگيءَ سان اشتهار ڏيندا آهن خاص ڪري زال لاءِ تہ اهم اهي تہ هوءَ اشتهار ذريعي اخبار ۾ ڇپائي تہ هوءَ اڄ بہ ڪيس (مڙس کي) ياد پيئي ڪري_پوءِ پلي جڏهن مڙس حيات هوس سڄو ڏينهن موڇڻ جي منهن ۾ هئي يا سڄو ڏينهن پورهئي ۾ دائي جي گڏهہ وانگر رڌل هئي. پر مري وڃڻ بعد زال توڙي مڙس پنهنجي مري ويل ساٿيءَ جي ياد ۾ عشقيہ شعر ڏيئي مري ويل جي روح کي سڪون پهچائيندا آهن تہ ڏهہ سال گذرڻ بعد بہ مان ساڳي/ ساڳيو آهيان ۽ اڄوڪي ڏينهن تي موت توکي مون کان ڌار ڪيو پر تنهنجي ياد گلاب جي تازن گلن وانگر شاداب آهي. تنهنجي غم ۾ اڃان بي حال آهيان وغيره_ ڇڻ ملائيشيا جي Strait-Times روزنامہ اخبارن صبح سان قبرستان ۾ مردہ بہ باقاعدگي سان پڙهندا هجن.

چينين کان پوءِ ٻئي نمبر تي هندن ۽ سڪن جا موت ناما فوٽن سميت هوندا آهن. هندن جي موت جي خبر مٿان گهڻو ڪري عنوان ”آتما شانتي پرارٿنا“ (Atma Shanti Prayers) هوندو آهي ۽ پوءِ فوتي بعد هيٺ سڄو احوال تہ مسٽ رامچند ناروﻻ (بي. اي پاس)، پي. جي.ڪي (بيون بہ دگريون، لقب ۽ خطاب) جاين جو وڪرو ۽ ويٽ ڪنڊڙ ۽ نيلام هلائيندڙ پاهتر سالن جي ڄمار ۾ ڪالهہ فلاڻي فلاڻي تاريخ تي فلاڻي وقت مري ويو. پنهنجي پويان زال_ مئدم رام پياري ڇڏي اٿس. ان کان علاوہ پٽ: رام ديو (لئنڊ آفيس تاپا ح)،ليفٽيننٽ ڪرنل (ڊاڪٽر) رميش ڪمار (ملاڪا)، ڌيءَ: آشا ديوي (صباح اسٽيٽ لئبريري):ننهون:روندا ديوي ۽ اوشا ڪماري، نائي:ڊاڪٽر انيل ڪمار ۽ پڙ پوٽا ڏهٽا: انيل ديو، واشديو، آرتي ديوي، عنوشا ۽ شائيلني.

سڄو خاندان انهن جو شڪر گذر آهي جن غم جا سنڌيشا ۽ گلن جا هار موڪليا آهن. پرارٿنا آڇر ڏينهن صبح جو نائين بجي رکي ويئي آهي جنهن بعد پوڄن اپوح شهر جي مندر سناتين ڌرم سيا ۾ ٿيندو.

ڪن ملائيشين اندين جا مائٽ اڃان تائين انڊيا ۾ بہ آهن. جن جي موت جي خبر سندن اولاد هتي جي اخبارن ۾ پڻ ڏئي ٿو. جيئن ان پيرسن جو ملائيشيا جي شهرن ۾ رهندڙ ڪجهہ اولاد پڻ خبر پڙهي سگهي. مثال طور هن فوٽڻ جو احوال جو پڙهو جيڪو سندس فوتي هيٺيان ڏنل آهي:

شريمتي لاجونتي ڌيءَ گوري شنڪر، ڳوٺ الاواليپور ضلع جالنڌر، عمر چوهتر سال، هتي ملائيشيا جي شهر باتو ڳاجا ۾ رات مري ويئي. سندس پويان هن پنهنجو مڙس:رام ساران پٽ نانڪ چند ڇڏيو آهي ۽ اولاد ۾ پٽ: اوهن لال، سرجيت لال ۽ ترسم لال، ننهن ۾: ڪمليش ڪماري، درشنا، گوپي ديوي، ڌيئن ۾: قول راڻي، ڪرشنا پياري، پريم لال ۽ ارماﻻ ۽ نائين ۾: رام گوپال باتا، گور درشن لال، جگجيت سنگهہ ۽ پوني لال کان علاوہ پوٽاڻ ۽ ڏهٽاڻ ۾ ايڪيهہ ڇٽا ۽ پڙ پوٽاڻ ۽ پڙ ڏهٽاڻ ۾ ڇڏيا اٿس. آتما شانتي پوڄا اپوح شهر جي مندر ڪرشنا ۾ نائين بجي کان ٻارهين تائين رکي ويئي آهي. ان بعد پرٿي پوڄن ٿيندو.

سڪن جي موت جي خبر مٿان عنوان پاٺ دا پوگ (Path Tha Bhog) لکيل هوندو آهي تہ فلاڻي گوردواري ۾ ٿيندو. جنهن بعد لنگر ورهايو ويندو. جيئن اڄ جي اخبار ۾ سردار جنگ سنگهہ ولد سردار لوپا سنگهہ جي وفات جو اشتهار آيو آهي. جيڪو



www.sindhsalamat.com

ملاڪا ۾ گذاري ويو. سندس اصل ڳوٺ مانڪ خانا هو جيڪو پنجاب جي فريد ڪوٽ ضلع جي هڪ شهر ڀاٽندا ۾ آهي. (۽ اهو سچو احوال پڻ ڏنل آهي) سندس اولاد جو ذڪر نه ڪيل آهي پر هڪ ٻي موت جي اشتهار ۾ اولاد جو تفصيل ڏنل آهي. هي هڪ سک عورت جو آهي. سندس فوتي بعد هيٺ لکيل آهي:

مئدم شامڪور سردار انوڪ سنگهه اصل ڳوٺ مرهانا، ضلع امرتسر، پنجاب، انڊيا. ڪالهه رات هوءَ هتي ملائيشيا جي شهر موئر ۾ گذاري ويئي. اڪنڊپاٺ جي رسم ہئي آچر تي موئر شهر جي سک گوردواري ۾ ٿيندي. پاڻ پٺيان هيٺيون غمزده اولاد ڇڏيو اٿس. (نالن اڳيان ۽ پويان سردار ۽ سنگهه (شينهن) ڪڍي مختصر ڪري تو لکان. ۽ عورتن جي نالن پٺيان ڪور (شينهڻ) جو خطاب پڻ ڪڍي ڇڏيو اٿم.)

ڀائر: سنتا ۽ ماتاب.

پٽ:اندر، گرچرن ۽ ڊاڪٽر سانڌو.

ڌيئون:سوارن، ويرن گرچرن (ساڳيو پٽ جهڙو نالو) ۽ گيان.

نُنهون: ناجار ٺاڪر ۽ ساراب جيت.

نائي: ناجار ٺاڪر ۽ سرجيت.

پوٽا ڏهٽا: بلوندر پال، رنبير، هرجيندر، ڪشميندر، ستوندر، سنيل، راجمندر، ستيش، جگديش، راجيو ۽ وڪرم.

پوٽيون ڏهٽيون: رنجيت، سرجيت (ساڳيانالا مردن جا به آهن پر مردن جي نالي پٺيان سنگهه آهي ۽ هنن جي پٺيان ڪوَر (Kaur)، هروندر، راشپال، منجيت، جاسوندر، پروين، ڪرن، مانيڪا، مانيڪا، سونيا ۽ راڻي.

پرپوٽاڻ ۽ ڏوهٽاڻ بلراج ۽ سمران.

چينين ۽ ڪرسچنن جا ڪي ڪي موتي (مرڻ جا) اشتهار زال مڙس طرفان پنهنجي مري ويل ساٿيءَ لاءِ هوندا آهن. انهن جي مٿان عنوان هن :In Loving Memory لکيل هوندو آهي. جيئن ته :

"پنهنجي پياري مڙس_الفنسو گومبز جي ياد ۾"

"I love and miss you, Darling, and we remember you, not just

Today but, everyday of our Lives."

Very, Very dearly loved and missed by wife.

ڪن ڪن ۾ ته باقاعدي شاعري ٿيل هوندي آهي. جيئن هڪ مري ويل عورت جي ياد ۾ هر سال اشتهار ڏنو آهي:

"اٺ سال گذري ويا آهن ته به تنهنجي ياد دل ۾ تازي آهي."

ان عنوان هيٺ شعر ڏنل آهي.

“Your sweet memories are treasured none can steal”

Our loss is heartache none can heal.

A longing sight a silent tear for one we love so dear.

_تنھنجو مڙس.

يا ھڪ ٻئي اھري ”موت“ جي اشتھاري ڪالم ۾ ھڪ زال پنھنجي مري ويل مڙس لاءِ ھي شعر ڏنو آھي:

“Timess rolls on, the shadows fall but love and rememberance out last all”.

يا ست سال اڳ مري ويل مڙس لاءِ سندس زال ۽ ٻارن جو ڏنل شعر:

We deeply love you in our Hearts,

God knows you are in our da7hily Thoughts.

Though you left us seven years ago,

We can not get over it you know.

The mysteries of our Future

Is not that easy to Gesture.

_تنھجي زال ۽ ٻار.

## سنگيتا، شاھين، چڪوري ۽ آسيہ ڪي جيئن وٽي تيئن ڪن

ملائيشيا ٽي وي جي ٽنھي چئنلن تان ٻين ملڪن ۽ زبانن جون فلمون پڻ ڏيکاريون وڃن ٿيون. خاص ڪري ھندي، تامل، مليالم ۽ تيلگو ۾ جيڪي ڏکڻ ھندوستان جون زبانون آھن ۽ فلمون اتي جون ٿيل ھجڻ ڪري انھن زبانن جون فلمون انڊين سڏجن ٿيون. رات ٽي وي تان پاڪستان جي اڙدو فلم ڏيکاري ويئي. فلم شروع ٿيڻ کان اڳ اعلان ۾ انائونسر ملئي چوڪريءَ پاڪستاني فلم چوڻ بدران ڀُل ۾ انڊين فلم چئي ويئي. اھو ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو ۽ سوچيم تہ اخبار ۾ خط ذريعي ٽي وي جي عملي ۽ ملائيشيا جي ماڻھن کي آگاھ ڪندس تہ اھا فلم انڊين نہ پر پاڪستاني ھئي. پر پوءِ خوشي بہ ٿي تہ اھڙي بيڪار فلم جنھن کي ماڻھو ڏسي بور ٿيا ۽ گاريون ڏنائون، چڱو جو اسان جي ملڪ جو نالو لڪي ويو.

مڃان ٿو تہ اھا فلم جڏھن پاڪستان ۾ ڏيکاري ويئي ھئي تہ ھٽ ھئي ۽ سيني واڪاڻ ڪئي ھئي_پر اڄ کان ويھہ سال اڳ. اڄ جڏھن دنيا جا فلم ساز فلم جي ھڪ ھڪ سيٽ لکيا رپيا خرچين ٿا ۽ ھڪ ھڪ اداڪار خوبصورت ۽ Talented آڻين ٿا اتي اسان جي فلم انڊسٽريءَ جون ھي پراڻيون فلمون_سو بہ ملائيشيا جھڙن ملڪن ۾ ڏيکارڻ، جتي اڳھين مقابلو سخت آھي نسورو ئي بي وقوفي ۽ ملڪ جو نالو مٽاھون ڪرڻ بدران ھيٺاھون ڪرڻ آھي.



www.sindhsalamat.com

حقيقت پسند ٽي ڏسجي ته اسان جي فلم انڊسٽريءَ جو معيار اڄڪلھ صفا ختم ٿيندو وڃي بلڪ ٿي ويو آهي جنهن جو اعتراف فلم انڊسٽري وارا پاڻ به ڪن ٿا ۽ ڪيترن فلمي اداڪارن ٽي وي ۽ اسٽيج ڊرامن ڏي ڪٽي رخ رکيو آهي. اڄ جون پاڪستاني فلمون_سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي، باقي ڪھڙي بين الاقوامي معيار جون آهن. ڪجھ هفتا اڳ هتي هڪ نئين پاڪستاني فلم به ڏيکاري ويئي هئي جنهن ۾ محمد علي صاحب هيرو هو. محمد علي اسان کان گهٽ ۾ گهٽ ڇھ ست سال وڏو هوندو. حيدرآباد ۾ فردوس سئنيما جي ساڄي پاسي وارو ٽڪرو جڏهن ميدان هوندو هو ته اتي ڪنهن زماني ۾ (1960ع جي آسپاس) والي بال هلندي هئي. فلم ائڪٽر محمد علي، اسان وارو مائٽ نجف علي مرزا، گل (اظهر) قاضيءَ جا يائر ۽ سوٽ، سراج ميمڻ جو ياءُ عبالحق ۽ ٻيا شام جو کيڏندا هئا. اسان سندن اڳيان ننڍا هجڻ ڪري ”لائين مئن“ ٿيندا هئاسين_يعني ڏر ڪٽڻ تي تاڙيون وڄائڻ علاوه پري ويل بال ڊوڙي ڪٽي يندا هئاسين. اسان ننڍا ته به هينئر (1984ع) عمر جون چاليهون سال ٽپڻ وارا آهيون يعني محمد علي ته پڪ هن وقت پنجاهه جي ويجهو پهچڻ وارو هوندو. پر پاڪستان ۾ لڳي ٿو ته فلمي هيرن جي ايڏي کوٽ آهي جو محمد علي اڃا تائين فلمن ۾ هيرو جا رول پيو ڪٽي. ڪو خاص اعتراض ناهي. پلي هيرو ٿئي. ڪن ڪن فلمن ۾ هيرو پوڙها به ٿيندا آهن. پر هن عمر ۾ هيرو ڪي فلم جي ڪنهن اسڪول جو شاگرد ڏيکارڻ سراسر نا انصافي آهي. محمد عليءَ جي نئين فلم جيڪا ويجهڙائيءَ ۾ ملائيشيا ٽي ويءَ تان ڏيکاري ويئي هئي تنهن ۾ محمدعليءَ جو ڪجھ اهڙو ئي پارٽ هو. اسڪول مان اچي پنهنجي منتظر ماءُ کي ياڪر پائي چوي ٿو:

”امي امي مين ڪلاس ۾ اول نمبر آيا هون.“_هاٽي سائين ڏيو منهن. يعني حد ٿي ويئي. ڇيو محمد عليءَ شرم اسان کي پئي آيو ته ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ لکها، پاڪستاني، هندوستاني، چيني ۽ ملئي ماڻهو اهو ڏسي ڇا پاڪستاني فلمن بابت اثر وٺندا.

گهٽ ۾ گهٽ اسان جي دلپسند همراهه محمد عليءَ کي ته عمر جي تقاضا موجب رول ڪٽڻ کپن. نيلو، سنگيتا، آسيه، شاهين، چڪوري ۽ زمرد جهڙين کي جيئن وٺي ٿيئن ڪن.

## ڪانگ_عاشقن جو فئوريٽ پکي.

وڏي پئماني تي ڪانگن جهرڪين يا ڪوئن ڪتن کي ته پهرين خبر انهي ڪهڙي ملڪ ۾ حڪومت ۽ عوام گڏجي مارڻ شروع ڪيو. پر اسان اهي لقاءُ پهرين پهرين چين ۾ ڏٺا_مائوزي تنگ جي ڏينهن ۾ ڪين مارڻ جو سبب: اهي پکي ۽ جانور گندگي ڪن ٿا. فصل کي نقصان رسائي ٿا. بيماريون پکيرين ٿا، وغيره. رول ڪتن کي ته پنهنجي ملڪ ۾ به ميونسپل ڪاتو ماريندو رهندو آهي_يا گهٽ ۾ گهٽ مارڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي.

گذريل سال هتي ملائيشيا ۾ ڪانگ مارڻ جي مهم هلائي ويئي. جنهن ۾ شهر جي ماڻهن هفتي اندر هزارين ڪانگ ڍيري ڪري ڇڏيا. اڄ کان پندرهن سال کن اڳ پڻ ملائيشيا جي ڪجھ شهرن ۾ ڪانگ ماريا ويا هئا ۽ نه فقط ڪوالالمپور واري علائقي ۾ ڪوڙڪن، بندوق ۽ گليلن سان ڏهه هزار کن جيترا توڙي مئل ڪانگ گڏ ڪري هڪ وڏي کڏ ۾ پوريا ويا هئا. ان بعد ڏهاڪو کن سال ڪانگن جو تعداد ان حد تائين نه وڌيو جو ماڻهو دانهون ڪوڪون ڪن. پر هاڻ ويجهڙائيءَ ۾ ڪانگن جو آزار ايترو وڌي ويو جو اخبارن ۾ ماڻهن جو رڙيون خطن ۽ خبرن وارن ڪالمن ۾ اچڻ لڳيون هيون.



www.sindhsalamat.com

ڪانگن ۾ سڀ کان گهڻو شايد پينانگ رياست جي ماڻهن کي تپايو جو اتي جي ماڻهن جون دانهون ڪجهه وڌيڪ ئي ٻڌڻ ۾ آيون ٿي.

”ڪانگ ڀلا توهان کي ڪهڙي تڪليف رسائين ٿا؟“ انهن ئي ڏينهن ۾ آئون پينانگ ۾ هوس سو هوٽل جي هڪ بئري کان پڇيم.

”ڪانگ ٽي وي جي انٽينائن تي ويهي، انهن کي نقصان رسائين ٿا“. هن وراڻيو. ۽ دريءَ اڳيان لنگهندڙ هڪ ٽلهي متارو ڪانگ ڏي اشارو ڪندي چيو: ”انٽينا کي ڪيرائڻ لاءِ هھڙا ۾ ڪانگ ڪافي آهن. اسان جي گهر جي انٽينا کي پڻ ڪيترائي ڀيرا ڇهو ڪري چڪا آهن.“

ملائيشيا م گهڻي مينهن وسڻ ڪري گهرن جون ڇتيون پاسيريون ٿاهيون وڃن ٿيون جيئن پاڻي گڏ ٿي ناري مان وهڻ بدران سنئون سڌو هيٺ ترڪندو وڃي. ڳوٺاڻ گهرن جو اهي پاسيريون ڇتيون ڪاٺ ۽ ڪک ڪانن جون ٿاهين ۽ شهري گهرن جي ڇتين مٿان گهڻو ڪري ڳاڙهي رنگ جون سنهيون سرون (ڪپريل) رکيون وينديون آهن جيڪي هلڪيون ۽ ٺاڪئون ٺين ٿيون. ڪانگن جي وهڻ ڪري اهي سرون پٽ تي ڪري نہ فقط ڀڄن ٿيون پر ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن ۽ موٽرن جي مٿان ڪري انهن کي پڻ نقصان رسائين ٿيون.

پينانگ بيٽ جي ٻئي پاسي بٽر ورٿ شهر ۾ هڪ پراڻي ملئي واقفڪار هاشم الدين جي گهر ويس. سندس پوڙهي ماءُ ڪانگن کي پٿون پاراتا ڏيندي مون کان پڇيو: ”ابا توهان جي ملڪ ۾ بہ ڪانگ آهن يا اها باهه رڳو هتي ملائيشيا ۾ پيئي ٻريئي“

ڪلي چيومانس:”ماچي! (ملئي زبان ۾ ماسيءَ کي ماچي چون) ڪانگ اسان جي ملڪ ۾ ڏنگايون ڪن ٿا پر اسان سنڌين اڳيان ڪانگ جي ڳالا سوچي سمجهي ڪجانءِ. هو ڪارو آهي، ڪوجهو آهي پر اسان لاءِ بيحد پيارو آهي. هو سڪ جو سنديشو ڪٺي اچي ٿو. اسان جي پاسي هو عاشقن جو فئوريٽ پکي آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڪانگ ڪيانتو ڏيئي انهن مهمانن جي آمد جو پڻ اطلاع ڪندو آهي جن آئي من سرهو ٿئي. اسان جي ملڪ ۾ ڪانگ پيار جو قاصد سمجهيو ويندو آهي جنهن قرب پري ڪانگل کي اڏائڻ بدران اسان وٽ آڌر ڀاءُ ڪيو ويندو آهي. آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ مون سان مون پرين جي. جيسين انگريزن ٽپال ۽ تار ڪاتو شروع نہ ڪيو هو تيسين موملون_خاص ڪري ڪڇ ۾ ڄ، جوڏ مڪران جون، نياپا موڪلڻ لاءِ ڪاڪ جا ڪانگ اڏائيندئون هيون ۽ سدا سهڻا راڻا پنهنجي دل، جگر جا ٽڪرا ۽ آخري نشانيون موڪلڻ لاءِ ڪانگ Hire ڪندا هئا. جن کي توهان هينئر Fire ڪرڻ جي موڊ ۾ آهيو.

آءُ ڪانگا تو ڏيان ڪيي جان جگر جيرو،

تہ وڃي ڪاءُ ولايت ۾ جتي محبوبن جو ديرو،

تہ من پچن هڪ ڀيرو، تہ هيءَ قرباني ڪنهن ڏني.

هاشم جي پوڙهي ماءُ کي منهنجيون ڳالهيون بنهہ نہ وڻيون. پوڙهي ماڻهوءَ جي ڳالهہ کي هونءَ بہ رد ڪيد ڏي تہ هڪدم چڙي پوندو آهي. سو ڪانگ جي ايڏي تعريف ٻڌڻ تہ نياپا ڪٺي ايندو آهي، ڪائنس بنهہ سٺو نہ ٿيو. چڙ مان مٿي تي هٿ هڻي چيائين:



www.sindhsalamat.com

”اهو توهان وٽ عشق جا نياپا ڪٽي ايندو هوندو. هتي ملائيشيا ۾ ته ڪانگ سڄي پاڙي جو ٻهر ۽ مئل ڪوئن ڪکڙن جا هڏائان پچرا ڪٽيو تو اچي پوءِ يا گهر گونهہ ڪندو آهي يا ڇت تي ڦتا ڪري ويندو آهي جن جي ڌپ هفتو پيئي هلندي آهي.. سندس اهو موڊ ڏسي ماٺ تي ويس نه ته اجان ٻڌائڻ وارو هوس ته ڪانگ نه فقط سنڌ پر سڄي هند ۾ پڻ ڳايو وڃي ٿو:

”ڪاڳا سڀ تن کائيو،

چُڻ چُڻ کائيو ماس،

دو نينا مت کائيو،

انهين پيا ملن ڪي آس.

ملائيشيا جي يونيورسٽي آف سائنس جو پروفيسر جي_ڪي_چارلس ڪانگن تي مڃيل اٿارٽي آهي. هن سڄي ڄمار ڪانگن تي کوجنا ڪئي آهي. تنهن ٻڌايو ته ڪانگن جي وڌندڙ ڏنگاين لاءِ ماڻهن کي ئي ڏوهہ ڏيڻ کپي جيڪي گهر جو ٻهر ۽ ٻچيل سچيل کاڌو پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ بند ڪرڻ بدران ائين اڇليو ڇڏين. جن کي پوءِ ڪانگ ۽ ڪوئا هڪ طرف لوئي جيڏانهن ڪيڏانهن پکيڙين ٿا ته ٻئي طرف ان کي کائي ٿلها متارا ٿين ٿا.

پروفيسر صاحب ٻڌايو: ”ڪانگن کي بندوق سان مارڻ مان ڪو خاص فائدو ناهي. سٺو طريقو اهو آهي ته ماڻهو صفائيءَ تي زور ڏين. ڇاڪاڻ جو گندگيءَ ڪري ڪوئن ۽ ڪانگن جي ويجهہ ۾ واڌارو اچي ٿو. خاص ڪري ڪاڌي جي اوبر سوبر کي ٽانئيڪي هنڌ تي اڇلائڻ کپي جتان ميونسپالٽيءَ جي گاڏي هڪدم ميڙي وڃي.

”ڪانگن جي خاتمي جو هن ٻيو طريقو اهو ٻڌايو ته ته سندن آکيرا ڊاهي آنن يا ٻچن کي ناس ڪرڻ کپي. 1973ع ۾ پينانگ ٻيٽ تي ڪانگن جي آدمشماري ٻہ هزار کن مس هئي ۽ هاڻ ٻارهن سالن اندر ڇئوٽي پنجوٽي تي وڃي آهي. ملائيشيا ۾ ڪانگ جهڙو ڪنو پکي اصل ڪونه هو. هن صديءَ جي شروع ۾ ڪجهہ جهازي سريلنڪا کان ڪجهہ ڪانگ ڦاسائي هيڏانهن ڪري ٻيٽ تي ڪٽي آيا. (جيڪو ڪوالالمپور جي ويجهو آهي) ۽ پوءِ ڏسندي ڏسندي سڄي ڪوالالمپور ۽ اوسي پاسي جي شهرن ۾ ٽڙي پکڙي ويا. هاڻ ملائيشيا ۾ جتي ڪٿي ڪانگ نظر اچن ٿا.“

هتي جو ڪانگ سنڌي ڪانگ کان ٿلهو ۽ ڳچيءَ جي ڪنين سوڌو ڪارو ٿئي ٿو. اهڙا ڪانگ ڪوئيٽا ۽ ايران ۾ نظر اچن ٿا.

ڪانگن کان بيزاريءَ جو ذڪر ڪجهہ عرصو اخبارن ۾ ماڻهن جي وات تي جڏهن هليو ته سرڪار نيٺ سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو. مختلف ميونسپالٽين طرفان هن پکيءَ کي مارڻ لاءِ ڏينهن ۽ انعام مقرر ڪيو ويو ته ان ڏينهن تي صبح کان وٺي ڪانگن تي ٺا ٺا ٿي وڃي. ڪٿي ٻہ وهڻ نہ ڏجين. في پڇ جيئري يا مئل ڪانگ لاءِ ڏيڍ ڊالر (ڏهہ رپي کن) انعام. جيئن پاڻ وٽ ڍور ڍڳي ٻڪري رڍ جي ڳٽ لاءِ ”ڪن“ لفظ استعمال ٿيندو آهي تيئن ملئي زبان ۾ جانور توڙي پکيءَ لاءِ ”EKOR“ يعني ”پڇ. ڳٽبو آهي.

هن وقت منهنجي ٽيبل تي اهو دلچسپ پوسٽر پڻ رکيو آهي جيڪو ميونسپالٽيءَ وارن ڪانگن کي مارڻ لاءِ شهر جي ڀتين تي هنيو هو. پوسٽر تي هڪ ڪانگ صاحب جو رنگين ڪارٽون آهي. (يعني پاڻ ته ٽيو بلئڪ اينڊ وائيٽ باقي ڪپڙا ۽ بئڪ گرائونڊ جو ٻيون شيون رنگين ڏيکاريل اهن. همراهہ جيل جي لوهي تارن پويان پنهنجا ڪنب کولي بالمہ ٽيو بيٺو آهي.



پنيان ڦاهيءَ جي سرڪڻ ڦاهيءَ جي سرڪڻ لڏي رهي آهي. سندس ڳچيءَ ۾ هار وانگر پيل تختي تي سندس مرڻ جي تاريخ لکيل آهي. ڳاڙهي رنگ جو ڪوٽ ۽ مٿي تي ڪاسترو ٽائيپ ٽوپي رکيل آهي. آخري وقت تي ڪيس گارين سان گڏ گلدستو پيش ڪرڻ واري اها عزت افزائي خبر ناهي ميونسپالٽي وارن ڏني آهي يا آرٽسٽ پنهنجي طرفان. ڪانگ بهادر جو وات_يعني چهنب سڄي کليل آهي. عوام اڳيان شايد آخري تقرير رهيو هو. سندس ان تصوير مٿان وڏن اکرن ۾ لکيل آهي: HAPUSKAN GAGAK _ يعني ڪانگ کي ناس ڪريو. ملئي زبان ۾ ڪانگ کي گاگاق چئجي ٿو. ان اطلاع هيٺيان سندس سر جي قيمت لکيل آهيل

BAYARAN 1.50 DOLLARS SE EKOR

في پڇ ڪانگ جي قيمت ڏيڍ ڊالر. هتي جو ننڍڙڪو ڪانگ راءِ ڏياچ ته آهي ڪونه جنهن جي سر جي قيمت سونين گنين جو ٿالهه رکيو وڃي. هر وقت ٽڪ بجو ڪائيندڙ هن پکيءَ لاءِ هتي ڏيڍ ڊالر به گهڻو ٿيو.

پينانگ شهر جي ميونسپالٽيءَ جو سيڪريٽري سردار تعبير سنگهه نالي هڪ سک آهي جنهن جا ڏاڏا پڙڏاڏا امرتسر پنجاب کان لڏي هتي آيا هئا تنهن پنجابيءَ ڳاڙهڙ اڙدوءَ ۾ ٻڌايو:

"سرڪار هي پڪي ڪهڙو چڱو مڙس آهي. سندس ٻڻ ٻٽياد ته اسان به صفا چٽ ڪرڻ ٿا چاهيون. جو جو هن پکيءَ مان ڪجهه فائدا پڻ اهن. جهڙوڪ: ڪوئن کي کائي ناس ڪري ٿو. روزانو رستن تي مئل نانگ، ساندن، ڳوهن ۽ ڪڪڙين جي صفائي ڪري ٿو_جيئن هندستان پاڪستان ۾ اهو ڪم ڳجهون يا ڀنگياٽيون ڪن ٿيون. اسان ڪانگ جي فقط گهٽائي ختم ڪرڻ چاهيون ٿا. جو جو هاڻ هو ايترو وڌي ويا آهن جو راڄ ۾ رڙ پئجي ويئي آهي. وڻين جي ڊپ کان ماڻهن وڻن هيٺان ويهڻ ڇڏي ڏنو آهي. رسيس ۾ اسڪولي ٻار ڪا شئيءِ ٿا کائيو سگهن. ۽ ساڳي وقت هيليڪاپٽرن ۽ هوائي جهازن جي اڏام لاءِ پڻ مسئلو پيدا ڪيو اٿن...."

بهرحال مقرر تاريخ کان ملائيشيا ۾ ڪانگ جي خلاف مهم شروع ٿي ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سرڪار توڙي عوام پوري زور شور سان حصو ورتو ۽ ڪوالالمپور جهڙن شهرن ۾ ته پهرين ٻن ڏينهن ۾ ئي ٿي، اخباري اطلاع موجب، چوڏهن هزار ڪانگ ماريا ويا ۽ اهڙي طرح هفتي اندر ڪانگ جو تعداد ايترو گهٽ ڪيو ويو جو هاڻ آسمان تي ورلي ڪو ڪانگ نظر اچي ٿو.